# ملفوظات مالڪان
# المعروف گنجينۂ عرفان
# جو سنڌي ترجمو

جنيد وقت سيد العارفين حافظ الملت
حضرت حافظ محمد صديق ڀرچونڊوي
نوّر الله مرقده

مترجم
ڊاڪٽر عبدالوحيد انڊڙ

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# ملفوظات مالڪان

المعروف

# گنجينۂ عرفان

سيد العارفين جنيد وقت حافظ الملت حضرت

## حافظ محمد صديق پرچونڊوي نورالله مرقده

1234هه - 1308هه

**باني خانقاه پرچونڊي شريف جي ملفوظات جو سنڌي ترجمو**

(تعلق بالله، فڪر آخرت، عقيده توحيد، ردبدعات، اتباع سنت، علم دين جي ترغيب، ديني حميت و غيرت ۽ احياءِ اسلام متعلق معرفت جا موتي، ارشادات، سمجھاڻيون، نصيحتون ۽ هدايتون)

مترجم

**ڊاڪٽر عبدالوحيد انڍڙ**

پي ايچ ڊي

---

ناشر

**حافظ الملت اڪيڊمي خانقاه عاليہ پرچونڊي شريف**

ڏهرڪي ضلعو گھوٽڪي (سنڌ).

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

كتاب جا حق ۽ واسطا محفوظ


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | ملفوظات مالڪان يعني گنجينه عرفان |
| مترجم مؤلف: | ڊاڪٽر عبدالوحيد انڍڙ |
| ڇپائيندڙ: | حافظ الملت اڪيڊمي خانقاه عاليه |
| | پرچوندي شريف ڏهرڪي ضلعو گهوٽڪي سنڌ |
| | فون: 0723-641466, 0723-641566 |
| ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ: | آصف علي ماڪا |
| ڇپيندڙ: | پروفيشنل پرنٽرز حيدرآباد فون: 2619010 |
| ڇاپو: | پهريون، جون 2008ع |
| هديو: | 150 روپيا |

**MALFOOZAT MALIKAN (GANJINA IRFAN)**

| | |
|---|---|
| Translator: | Dr. Abdul Waheed Indhar |
| Published by: | Hafiz-ul-Millat Academy Khanqah Aaliyah<br>Bharchundi Sharif Daharki Distt: Ghotki<br>Phone: 0723-641466, 0723-641566 |
| Composing: | Asif Ali Maka |
| Printed by: | Professional Printers Hirabad Hyderabad.<br>Phone: 022-2619010 |
| Editon: | First, June 2008 |

**Price: Rs. 150/-**


www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# فهرست

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| ٻه اکر | 11 |
| پنهنجي پاران | 13 |
| مهاڳ: از قلم مير حسان الحيدري سهروردي | 25 |
| ڀاڱو پهريون | |
| سوانح عمري حضرت مالڪان | 37 |
| نام گرامي، القاب ۽ ولادت جي خوشخبري | 37 |
| حسب نسب | 40 |
| تعليم | 40 |
| خانقاه پرچوندي شريف جو قيام | 41 |
| حافظ الملت جا همعصر | 45 |
| وفات | 47 |
| ڀاڱو ٻيو | |
| ملفوظات مالڪان جو سنڌي ترجمو | 48 |
| معرفت 1: صورت پرستي | 49 |
| معرفت 2: صورت پرستي حرام آهي | 51 |
| معرفت 3: وارن کي خضاب لائڻ بابت | 51 |
| معرفت 4: دنيا لعنت ڪيل آهي | 52 |
| معرفت 5: اسان پنهنجو رب ظاهري صورت ۾ هٿ ڪيو آهي | 52 |
| معرفت 6: مجاز حقيقت جو ذريعو آهي | 52 |
| معرفت 7: ولين جو منڪر الله جو دشمن آهي | 53 |
| معرفت 8: شعيت ڪيئن شروع ٿي؟ | 53 |

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

| عنوان | | صفحو |
|---|---|---|
| معرفت 9: | شريعت، طريقت ۽ حقيقت ۾ فرق | 55 |
| معرفت 10: | عارف ڪامل پاڻ کي زماني جي ماڻهن منجهان ٻڌائي ٿو | 56 |
| معرفت 11: | هڪ عادل بادشاهه ۽ بي طمع حافظ | 57 |
| معرفت 12: | گنگا ۽ جمنا جون رسمون ڪتان شروع ٿيون | 58 |
| معرفت 13: | پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ | 59 |
| معرفت 14: | جمعي جو آخري خطبو | 60 |
| معرفت 15: | قبرن جي زيارت بابت | 61 |
| معرفت 16: | جمعي جي خطبي ۾ هدايت | 63 |
| معرفت 17: | شرڪ ڇا آهي | 64 |
| معرفت 18: | حضرت روضي ڌڻي رح جا خط | 65 |
| | چار عالم (چار جهان) | 68 |
| معرفت 19: | عالم جو غرور | 70 |
| معرفت 20: | ظاهري علم | 72 |
| معرفت 21: | الله جو ٻانهون ڪير آهي | 72 |
| معرفت 22: | نسبت جو احترام | 74 |
| معرفت 23: | دين اسلام جي تازگي | 74 |
| معرفت 24: | حضرت روضي ڌڻي ۽ مهاري شريف وارا | 75 |
| معرفت 25: | سفري نماز بابت | 75 |
| معرفت 26: | جهان جو نظام ۽ بندوبست | 76 |
| معرفت 27: | فقير شهاب الدين جو واقعو | 76 |
| معرفت 28: | ڪرامت ڇا آهي؟ | 77 |
| معرفت 29: | خلق جي خالق کي ياد ڪيو | 78 |
| معرفت 30: | دنيوي گفتگو | 78 |

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

| صفحو | عنوان |
|---|---|
| 79 | قلب سليم |
| 80 | معرفت 31: هڪ حديث شريف جي عجيب وضاحت |
| 81 | معرفت 32: اهل الله جي صحبت |
| 81 | معرفت 33: ڳاڙهن جو انن جو زمانو |
| 82 | معرفت 34: الله تعاليٰ جي محبت |
| 82 | معرفت 35: حضرت روضي ڌڻي رح جو مقام |
| 83 | معرفت 36: ڪنگ ويچارو ڪير جو رسي انهي رموز کي |
| 84 | معرفت 37: انڌن جو ٽولو ۽ هاٿي |
| 85 | معرفت 38: مرشد جي محبت |
| 86 | معرفت 39: ٻہ شڪاري |
| 86 | معرفت 40: جتي ٻہ خدا هٿ اچي اتي هليو وڃجي |
| 87 | معرفت 41: الله وارن جا دُڪان بند نہ ٿيندا |
| 87 | معرفت 42: عبادت اخلاص کان سواء بيڪار آهي |
| 88 | معرفت 43: امام جي نيت ڪافي آهي |
| 89 | معرفت 44: ڏيندڙ کي ڏسجي يا موڪليندڙ کي |
| 89 | معرفت 45: جماعت جي سنگت ۾ اهڙا فقير هجن |
| 90 | معرفت 46: فقير جي ملڪيت ڪا ٻہ نہ هوندي آهي |
| 91 | معرفت 47: نفعي ۽ نقصان جي اميد فقط الله ج ۾ رکجي |
| 92 | معرفت 48: قبلو هڪڙو ئي آهي |
| 92 | معرفت 49: خلق پلجي ويئي آهي |
| 93 | معرفت 50: اڻ گهريا موتي ملن |
| 93 | معرفت 51: امام جي عجيب تشريح |
| 94 | معرفت 52: پراون کي پنهنجو ڪري ڇڏيائون |

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| معرفت 53: پير سُهري جو واقعو | 94 |
| معرفت 54: حضرت جن جي جواني جو قصو | 96 |
| معرفت 55: الله وارن جا قدم رحمت آهن | 97 |
| معرفت 56: پلي ڪئي پوٽرن جي واس وٺڻ آيا | 98 |
| معرفت 57: فقير دريا خان ۽ خير محمد زنگيجي جي حاضري | 98 |
| معرفت 58: مجذوب بانگو | 99 |
| معرفت 59: دعوت جو حق ادا ٿي ويو | 100 |
| معرفت 60: تنهنجو ۽ اسان جو هار | 100 |
| معرفت 61: سادات جو احترام | 100 |
| معرفت 62: ظاهر منجهه حضور باطن وصال کان دور | 101 |
| معرفت 63: حرص ۽ هوس | 102 |
| معرفت 64: هتي ماني نه هوندي آهي فقط جوئر جي رٻ | 103 |
| معرفت 65: هر شيءِ جي مسڪينن لاءِ نيت ڪجي | 104 |
| معرفت 66: جماعت سان محبت | 105 |
| معرفت 67: ائن جي نگهباني جت تي هوندي آهي | 105 |
| معرفت 68: ماهوار پگهار | 106 |
| معرفت 69: مريد اولاد وانگر هوندا آهن | 107 |
| معرفت 70: فقير پاڻ ۾ اهڙي محبت رکن | 107 |
| معرفت 71: قرات سندن سجاڻ هئي | 108 |
| معرفت 72: خدا وارن جي پيرن جي مٽي رحمت آهي | 108 |
| معرفت 73: مرشد جي ڳوٺ جو احترام | 109 |
| معرفت 74: دنياوي لالچ کان سواءِ قرآن پاڪ پڙهڻ جو درجو | 110 |
| معرفت 75: اها مثنوي ٻي هئي جيڪا تون پڙهي | 110 |

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

| عنوان | صفحو |
| --- | --- |
| معرفت 76: حق گو فقير ۽ بردبار امير | 111 |
| معرفت 77: حيدرآبادي سيد جي حاضري | 112 |
| معرفت 78: انسان ظاهري ۽ انسان معنوي | 113 |
| معرفت 79: مولوين جي وستيءَ جي علماءَ جو بحث | 113 |
| معرفت 80: عجيب شڪاري | 114 |
| معرفت 81: هنج پکي | 115 |
| معرفت 82: جيڏانهن ڪرين نگاه تيڏانهن سڄڻ سامهون | 115 |
| معرفت 83: هڪ طريقت جي طالب تي مهرباني | 116 |
| معرفت 84: مرشد پنهنجي مريد جي حال کان واقف ٿئي سگهي ٿو | 117 |
| معرفت 85: مان گهران ٿو تہ اوهان جو مرتبو ٻين کان مٿاهون ٿئي. | 117 |
| معرفت 86: مائي جي گارين جو احوال تہ نہ ڏنو اٿئي | 118 |
| معرفت 87: دل جي روشني | 118 |
| معرفت 88: الله وارن جي نظرن کان نہ ڪرجي | 119 |
| معرفت 89: مريد تي مرشد جي نظر | 120 |
| معرفت 90: اصل شيءِ حڪم جي فرمانبرداري آهي | 121 |
| معرفت 91: ميرڻ مسخري جو واقعو | 122 |
| معرفت 92: خدا هر جاء تي موجود آهي پيرجي ڪهڙي ضرورت آهي؟ | 122 |
| معرفت 93: حياتي توڙي مماتي ۾ عبادت | 123 |
| معرفت 94: هلڻ ۽ ويهڻ جا ادب | 124 |
| معرفت 95: ٿورو پڙهيل بہ هن فقير وٽ مولوي آهي | 124 |
| معرفت 96: دُعاگهرڻ جا ادب | 124 |
| معرفت 97: يارهين بابت فرمان مبارڪ | 124 |
| معرفت 98: پاڻ فقيرن جي دعوت ڪيئن ڪندا هئا | 125 |


www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| معرفت 99: باهه جي چُلهي ۾ پاڻي نه هارجي | 125 |
| معرفت 100: پٽ جي دُعا ڪنهن ستن پٽن واري کان گهراءِ | 126 |
| معرفت 101: ڪال ڪٽيچي ڪري سڏيندا هئا | 126 |
| معرفت 102: ٽن ماڻهن کي بي شمار اجر ٿيندو | 126 |
| معرفت 103: الله تعاليٰ پنهنجي قدرت سان سڀ ڪجهه ڏنو | 127 |
| معرفت 104: نفساني خيالن جو علاج | 127 |
| معرفت 105: مريد کي ڪا ڏکيائي اچي ته ڇا ڪري | 128 |
| حضرت جيلاني جو عُقدو | 128 |
| معرفت 106: عارفن جا ڪن هر وقت کليل آهن | 129 |
| معرفت 107: خليفي محمود ڪڙيه واري جو خواب | 129 |
| معرفت 108: ڦيڻا ۽ ڦوڪ عام لاءِ آهن | 130 |
| معرفت 109: هر ڪو کلندو اچي ٿو ۽ کلندو وڃي ٿو | 130 |
| معرفت 110: اهو انگريز اسان جي اڳيان ڇا آهي؟ | 131 |
| معرفت 111: مٽي جا وار چڱا نه ٿيندا آهن | 131 |
| معرفت 112: نماز نه پڙهڻ وارن جي ماني بند ڪريو | 132 |
| معرفت 113: فقيرن جي جماعت تي اعتراض | 132 |
| معرفت 114: هت سڀ مفت ۾ کائن پين ٿا | 133 |
| معرفت 115: سڀ ڪجهه ان جي حڪم سان ٿئي ٿو | 133 |
| معرفت 116: دين الله وارن جي صحبت سان حاصل ٿيندو آهي | 134 |
| معرفت 117: فقير خير محمد جو واقعو | 134 |
| معرفت 118: مرشد جي زيارت جا ادب | 135 |
| معرفت 119: الله جل جلاله ته زنده آهي | 135 |
| معرفت 120: جماعت جو حال | 135 |


www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| معرفت 121: هي ٿانءُ خالي نہ آهي | 136 |
| معرفت 122: طالبان مولا روزو افطار ڪرن | 136 |
| معرفت 123: منهنجو عيب ظاهر نہ ڪيائون | 136 |
| معرفت 124: نبي الله جو نمائندو هوندو آهي | 137 |
| معرفت 125: پنهنجي هستي کي مٽائڻ اصل ايمان آهي | 137 |
| معرفت 126: هڪ مريد کي عجيب نصيحت | 138 |
| معرفت 127: پوري مزدوري ۾ محنت ادا ڪيائون | 138 |
| معرفت 128: ڪٽڪ جي ماني يا جور جي ماني ٻئي الله جي هٿ ۾ هيون | 138 |
| معرفت 129: طالب المولىٰ مذڪر (مرد) آهي | 139 |
| معرفت 130: پنيو خان ڏهر کي نصيحت | 140 |
| معرفت 131: مڙيئي شيون فقيرن جون آهن | 141 |
| معرفت 132: حضرت ابوبڪر صديق رضہ جو شان | 141 |
| معرفت 133: سوال جو حل ڏئي ويو | 142 |
| معرفت 134: ڪعبہ حڪمي کان ڪعبہ حقيقي ڏانهن منهن ڪرڻ | 143 |
| معرفت 135: وفات کان پوءِ مرشد جو فيض | 143 |
| معرفت 136: حق جي رضا صورت ۽ لباس سان نہ آهي | 144 |
| معرفت 137: جيئن تون ريجهل رهين پيارا | 145 |
| معرفت 138: مڙيئي زالن جا طالب آهن. | 145 |
| معرفت 139: ڪوڙن جو منهن ڪارو ٿيندو | 145 |
| معرفت 140: يا حضرت! مان نہ سمجهيو هو مونکي معاف ڪريو | 146 |
| معرفت 141: دين اسلام جو احياءُ | 146 |
| معرفت 142: ميت جي بخشش لاءِ خاص دُعا | 147 |
| معرفت 143: قبرن جي زيارت لاءِ دُعا | 147 |


www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| معرفت 144: شڪر ڪيوسي پير ڏئوسي | 148 |
| معرفت 145: شاهزادي جو زنده ٿيڻ | 148 |
| معرفت 146: ڪلام الله شريف تي پيرا نازل ٿيو | 148 |
| معرفت 147: حضور صلي الله عليہ وسلم حيات النبي آهن | 149 |
| معرفت 148: ٽن ماڻهن کان نفرت | 149 |
| معرفت 149: حضرت سانول سائين لاءِ خط | 149 |
| معرفت 150: ڪچا بہ قبول آيل آديسين جا | 150 |
| معرفت 151: اصل شيءِ توڪل آهي | 150 |
| معرفت 152: بُلي شاه جو مرشد | 151 |
| معرفت 153: قصن پڙهڻ جو ڪهڙو فائدو؟ | 152 |
| معرفت 154: همت ڪرنہ تہ رهجي وينديں | 152 |
| معرفت 155: سچي نيت رکي تعلق رکجي تہ خدا ڪافي آهي | 154 |
| معرفت 156: ڪامل جي ڳالهہ مڪمل حق آهي | 154 |
| معرفت 157: ڏاچي مون وٽ فريادي آئي هئي | 156 |
| معرفت 158: چورڪي توبہ جي تلقين | 156 |
| معرفت 159: حضرت جن جي غذا | 157 |
| معرفت 160: پرچونڊي شريف جي مسجد جي مشابهت | 157 |
| معرفت 161: پاڻ جانورن جي بہ داد رسي ڪندا هئا | 158 |
| معرفت 162: مولانا همايوني سان حضرت جن جي هڪ فقير جي ڳالهہ ٻولهہ | 158 |
| معرفت 163: هڪ راڳڻي کان بچي ويس | 160 |
| معرفت 164: قافلي جو سردار اهو آهي جيڪو ٻين جي خدمت ڪري | 160 |
| معرفت 165: بندي جي گناهن جو بارکڻو | 161 |
| معرفت 166: فقيرن جي ملڪيت | 161 |

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| معرفت 167: الله تعاليٰ ۾ اميد آهي تہ اسان کي حلال ڪارائيندو | 162 |
| معرفت 168: الله جو گهٽو ئي رزق آهي | 164 |
| معرفت 169: قبلي بابت سندن تحقيق | 165 |
| معرفت 170: نحوي ۽ محويءَ جو قصو | 166 |
| معرفت 171: حضرت مالڪان جو علمي مقام | 167 |
| معرفت 172: حضور ﷺ هڪ گهري درياءَ وانگر آهن | 168 |
| معرفت 173: مرشد جي صورت جو ڪرشمو | 168 |
| معرفت 174: ٻن لفظن جي معنيٰ نہ سمجهي اٿم | 169 |
| معرفت 175: هت هتي اوهان ئي آهيو | 169 |
| معرفت 176: ٻگ ۽ نانگ جو علاج | 170 |
| معرفت 177: دهل ۽ سازن خلاف ڪاملن جي حڪمت عملي | 171 |
| معرفت 178: جيڪڏهن دعوت قبول ڪندس تہ گهٽن جي روزي بند ٿي ويندي | 172 |
| مونکي هن ماڻهو جو منهن نہ ڏيکار | 172 |
| معرفت 179: حضرت علي رضہ ۽ هڪ بدوي | 172 |
| معرفت 180: ڪنهن کي ايذاءُ نہ ڏجي | 173 |
| معرفت 181: اوهان جو پنهنجو طريقو آهي اسان جو پنهنجو | 174 |
| معرفت 182: مولوي محمد عثمان جو علمي بحث | 174 |
| معرفت 183: مخدوم دين محمد جو بحث ۽ سندس شڪست | 175 |
| آخري ظهر جو جاري ٿيڻ | 176 |
| معرفت 184: حضرت مالڪان جون عطائون | 176 |
| معرفت 185: خليفي هارون الرشيد جا ٽي عُقدا ۽ ان جو حل | 179 |
| معرفت 186: صحابہ ڪرام رضہ جو حڪومت ڪرڻ جو طريقو | 182 |
| معرفت 187: مولوي ۽ فقير ٿيڻ آسان آهي | 185 |


www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| معرفت 188: حضرت امير حمزه رضہ جي قتل جو بدلو | 185 |
| معرفت 189: لال شهباز قلندر جو هڪ عالم دين جو استقبال | 187 |
| معرفت 190: شيخ الاسلام بهاؤ الدين زڪريا رح جو واقعو | 189 |
| معرفت 191: پاڻ رح غوث ۽ مغيث هئا | 190 |
| معرفت 192: مخدوم دين محمد جو واقعو | 190 |
| معرفت 193: قسمت ڪوشش سان حاصل ڪجي ٿي | 192 |
| معرفت 194: قرآن پاڪ مان ڳالهائيندڙ عورت | 192 |
| معرفت 195: چئن خليفن سان محبت جو اظهار | 196 |
| معرفت 196: پٽ ڪي هي ڪنگڻ تو وڏا آهن؟ | 196 |
| معرفت 197: الله تعاليٰ سان تعلق جو مٿاهون مقام | 197 |
| معرفت 198: مائي جوڙ جي هجي يا ڪٺڪ جي انهيءَ مالڪ الملڪ جي هٿ ۾ آهي | 197 |
| معرفت 199: حضرت امروٽي حضرت جن جي شفقت ۽ مهرباني تي قربان ٿيندو رهندو هو | 198 |
| معرفت 200: ترڪ دنيا ڇا آهي؟ ۽ تارڪ دنيا ڪير آهي؟ | 198 |
| معرفت 201: سُڄاڻ ان ڪي چئبو آهي | 199 |
| معرفت 202: غير شرعي رسمن کان نفرت | 200 |
| حروف عقيدت | |
| از قلم محمد حسن مشتاق انڙ | 201 |
| پاڳو ٽيون: بيت | 207 |


www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

بسم الله الرحمن الرحيم

# پہ اکر

## نحمده ونصلي ونسلم عليٰ رسوله الڪريم. اما بعد

راقم الحروف سڀ کان پهريون پنهنجي منڙي مالڪ الملڪ جو شڪر ادا ڪري ٿو جنهن ملفوظات مالڪان (فارسي) جو سنڌي ۾ ترجمي ڪرڻ جي توفيق بخشي ۽ ان سان گڏ پنهنجي والدين لاءِ دُعاگو آهيان، جن جي دُعائن جي بدولت لکڻ لائق ٿيس ۽ ان بزرگ عظيم هستي جو بہ احسان مند آهيان جنهن منهنجو ان عظيم ڪم ڪرڻ لاءِ انتخاب فرمايو. منهنجي مراد محب گراميقدر مخدوم العلماءِ والصلحاءِ فضيلت پناهه پير عبدالخالق قادري مدظلہ العالي (سجاده نشين خانقہ عاليہ پرچوندي شريف) جي ذات گرامي آهي. ان سان گڏ قادرالڪلام فصيح اللسان والبيان مير حسان الحيدري سهروردي جو بہ مشڪور و ممنون آهيان جنهن ملفوظات مالڪان لاءِ هڪ جامع ۽ ڪارائتو مهاڳ لکي منهنجي معاونت فرمائي. ان موقعي تي مان هڪ علم دوست صاحب سخا، استاد محمد حسن انڍڙ مشتاق صاحب کي بہ فراموش نہ ٿو ڪري سگهان جنهن ملفوظات مالڪان جي ترجمي ڪرڻ ۽ سنڌي بيتن کي رائج صورتخطي ۾ لکڻ ۾ منهنجي مدد فرمائي.

ملفوظات مالڪان قرآن، حديث، فقہ، تصوف ۽ ٻين اسلامي علوم جو خلاصو آهي جنهن جي پڙهڻ سان هڪ روحاني ڪيفيت طاري ٿي وڃي ٿي ۽ حضرت حافظ الملت جي عظيم شخصيت ۽ سندس علميت، مسلڪ، اهل دل درويشن سلوڪ جي طالبن، مريدن ۽ اهلِ علم لاءِ هڪ بي بها خزانو ۽ عظيم شاهڪار آهي. حضرت

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پير صاحب جن اڄ کان ٽي سال پهرين فارسي ملفوظات ترجمي ڪرڻ لاءِ منهنجي حوالي ڪئي ۽ ان سان گڏ ڪجهه ٻيا مسودا به ڏنا هئا جن ۾ بزرگان پرچوندي شريف بابت ڏندڪتاهون، روايتون ۽ حڪايتون لکيل هيون انهن جي تحقيق، ترتيب ۽ تدوين به جاري آهي ۽ ان سان گڏوگڏ "تذڪره مشائخ پرچوندي شريف" (اردو) به انشاالله تعاليٰ جلد منظرعام تي اچڻ وارو آهي. اصل ملفوظات جيڪا حضرت جن جي خليفي اجل مولانا سيد تاج محمود امروٽي سان زندگي پر گڏ هوندي هئي ۽ وفات وقت سيني مبارڪ تي هين ۽ وصيت ڪئي هئائون ته هيءَ ملفوظات مالڪن يعني حضرت حافظ صاحب رح جي پونئرن جي حوالي ٿي. ان کي پير صاحب جن وڏي محنت سان حاصل ڪيو. آئون ان کي آڏو رکي ۽ ان سان گڏ علامہ سيد پير فاروق القادري جي جام عرفان مان به استفادو ڪيو ويو آهي. ملفوظات جو سليس سنڌي ۾ عام فهم ترجمو وڏي محنت سان ڪيو ويو آهي ۽ موضوعن جي مطابق عنوان به ڏنا ويا آهن، جيئن هر پڙهندڙ آسانيءَ سان ان مان استفادو ڪري سگهي ۽ ان سان گڏ ملفوظات جي آخر ۾ آيل سنڌي قديم بيتن کي نئين صورتخطي ۾ لکي شايع ڪيو ويو آهي جيڪا سنڌي ادب جي هڪ وڏي خدمت آهي.

آخر ۾ هيءَ گذارش ته جيڪڏهن ڪٿي ڪا غلطي نظر اچي ته ان جي آگاهي ڏيندا ته جيئن ايندڙ طباعت ۾ ان جي اصلاح ڪئي وڃي.

خادم العلم
**ڊاڪٽر عبدالوحيد انڙ**

14 مئي 2008ع
حيدرآباد

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# پنهنجي پاران

حضرت حافظ الملت رحہ جي فارسي ملفوظات جا ملفوظ اٽڪل 145 صفحن تي لکيل آهن. جيڪي مولوي محمد شريف نالي سندن هڪ معتقد مريد ۽ خليفي جي پٽ مولوي عبيدالله مرحوم جمع ڪيا هئا. ملفوظات جي روايتين مان معلوم ٿئي ٿو تہ ملفوظات جمع ڪرڻ جو ڪم حضرت حافظ صاحب رحہ جي آخري دور ۾ شروع ٿيو هو ڇوتہ ڪتاب ۾ خانقاه شريف جي بنياد رکڻ ڪانپوءِ هند. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سندن تبليغي سفرن جو ذڪر گهٽو ڪيو ويو آهي. مولوي عبيدالله فقير ضلع جيڪب آباد شڪارپور لاڙڪاڻي جي پرپاسي جي ڳوٺ جو هيو. ڪتاب جي آخر ۾ اٽڪل240 سنڌي پارسي سرائڪي ۽ هندي بيت سنڌ جي ڪلاسيڪ صوفي شاعرن جا ڏنل آهن جن مان گهڻا بيت حضرت شاه عبدالطيف ڀٽائي رحہ جا آهن. هي اهي بيت آهن جيڪي حضرت حافظ صاحب رحہ پنهنجي علمي ادبي مجلسن ۾ پنهنجي درويشن ۽ فقيرن سان روح رهاڻ ڪندي موقع محل جي مناسبت سان ٻڌائيندا هئا. ملفوظات جي جامع مولوي عبيدالله فقير رحہ اهي بيت تبرڪ طور ملفوظات جي پڇاڙي ۾ لکي هميشہ لاءِ محفوظ ڪري ڇڏيا آهن. اهي بيت حضرت حافظ صاحب رحہ مختلف اوقات ۾ پاڻ اهل مجلس سان اوريندا هئا. هن ڳالهہ جو ثبوت هي آهي تہ جامع ملفوظات مولوي عبيدالله فقير بيت نقل ڪندي بيتن جي منڍ ۾ لکيو آهي تہ "ابيات کہ در حضور موفور السرور آنحضرت قبلہ عالم قدس الله سره العزيز باستماع رسيدند" (يعني تہ اهي بيت جيڪي آنحضرت قبلہ قدس الله سره العزيز جي انتهائي خوشي بخشيندڙ بارگاه ۾ ٻڌڻ ۾ آيا" انهن مان ٻہ ڳالهيون ثابت ٿين ٿيون هڪ تہ اها ڳالهہ جو

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

اهي بيت ملفوظات جي جمع ڪندڙ مولوي عبيدالله فقير رحہ پاڻ حضرت حافظ الملت جي مجلس ۾ ٻڌي نقل ڪيا تہ جيئن حافظ صاحب رحہ جي علمي ۽ روحاني مجلس جا اهي هيرا جواهرات ملفوظات سان گڏ هميشہ لاءِ محفوظ ٿي وڃن. مولوي عبيدالله فقير رحہ (جامع ملفوظات) حضرت حافظ رحہ جي وصال ڪانپوءِ بہ زنده هيو. ۽ ملفوظات جو هي نسخو بہ حضرت حافظ صاحب رح جي وصال کان پوءِ لکيو ويو آهي ڇوتہ انهن بيتن جي منڍ ۾ عبيدالله فقير جيڪو فارسيءَ ۾ نوٽ لکيو آهي، هن نوٽ ۾ مولوي عبيدالله حضرت حافظ صاحب جي نالي سان گڏ قدس الله سره لکيو آهي. ۽ اهو جملو وصال کان پوءِ لکيو ويندو آهي. ملفوظات جو هٿ آيل نسخو خود مصنف مولوي عبيدالله فقير جي هٿ جي لکت معلوم ٿئي ٿو، ڇوتہ ملفوظات جي پهرين صفحي (خطبہ افتتاحيہ واري صفحي) تي حاشيءَ جي ڪاٻي پاسي کان مٿي "بسم الله الرحمن الرحيم" جي پڇاڙي سان لاڳيتو مصنف مولوي عبيدالله فقير جي مهر لڳل آهي. مهرجا هي لفظ آهن (رحمت حق بر عبيدالله) ۽ مهر جي مٿان سندس خط ۾ لکيل آهي تہ "مالك الصحيفة المنوره صاحب الخاتمه" هن روشن(صخيفي) ملفوظات جو مالڪ هن مهر وارو آهي ۽ اهي اکر ملفوظات جي لکائي) سان بلڪل ملن ٿا. جڻ ساڳيو ئي خط آهي.

هي فارسي ملفوظات حضرت حافظ صاحب رحہ جي علمي ادبي ذوق، قرآني معلومات، علم حديث تي گهري نظر، فقہ ۽ تصوف جي مسائل تي اجتهادي دسترس، جي مظهر آهي. ملفوظات عاليہ مان سندن علمي ادبي بلند نظري جي ڄاڻ پوي ٿي. ملفوظات جي مطالعي مان واضح ٿئي ٿو تہ حافظ الملت رحہ رڳو مڪتبي علم نہ رکندا هئا بلڪ سندن مطالعو ايڏو تہ گهرو ۽ وسيع هيو جو تفسير، حديث فقہ، منطق ۽ معاني کان وٺي

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سلوڪ و تصوف ۽ شعر و ادب تائين پاڻ هر ميدان جا شهسوار هئا. سندن ملفوظات شريف ۾ قرآني آيات احاديث مبارڪ فقه ۽ تصوف جا اهڙا رموز و اسرار ملن ٿا جن جا مثال عام مشهور متداول ڪتابن ۾ بہ نظر نہ ٿا اچن.
حضرت حافظ صاحب رحہ جي زندگي جو هر لمحو احڪام الهي ۽ سنت رسول ﷺ جي اتباع ۽ احياءَ ۾ گذريو آهي. هي روايت ڪنهن بہ عالم يا جاڻ واري مسلمان ڪان ڳجهي ناهي تہ حديث ۽ سيرت جي ڪتابن مطابق سرور عالم ﷺ جي مديني ۾ تشريف آوري مهل انصار جي هڪ قبيلي (بنو نجار) جي معصوم ٻارڙين (نياڻين) جڏهن هيءُ استقبالي نغمو.

"طلع البدر علينا من ثنيات الوداع"

(وداع جي پهاڙين جي اوٽ مان اسان جي شهر يثرب تي اَڄ چوڏهين جو چنڊ طلوع ٿيو آهي) دف وڄائي وڄائي پئي ٻڌايو تہ پاڻ ڪريم ﷺ تاريخ جو پهريون نعتيہ لوڪ گيت ٻڌي ڪري ڏاڍا خوش ٿيا ۽ هيءَ حقيقت بہ "صحاح ستہ" جي احاديث ۾ واضح طور لکيل آهي تہ حضور پاڪ صاحب لولاڪ ﷺ دربادر رسالت جي مقبول ترين شاعر حضرت حسان بن ثابت الانصاري رضي الله تعاليٰ عنہ کي پنهنجي منبر مبارڪ تي وهاري ڪري مسجد نبوي ۾ ذوق ۽ شوق سان سندن نعتيہ ڪلام ٻڌندا ۽ خوشيءَ جو اظهار فرمائي کيس ظاهري انعام عطا فرمائيندا ۽ باطني انعام طور دعائون بہ ڏيندا هئا تہ پوءِ حضرت حافظ الملت رحہ جهڙو عاشق رسول ﷺ حضور سرور ڪائنات جي هن عادت مبارڪ ۽ سنت کي ڪيئن نظرانداز ڪري سگهندو هو. حافظ الملت رحہ درس تدريس مان فراغت ڪانپوءِ مسجد شريف عارفانہ ۾ يا پنهنجي حجري مبارڪ ۾ يا سندن هٿ راڏل باغ ۾ جماعت جي خاص فقراءِ ڪان مولود شريف، ڪافيون يا صوفيانہ ڪلام بنان سازن جي فقراءَ جي سوز ۽ درد واري هڪ خاص طرز ۽ سمع واري آهنگ ۾ ٻڌندا ۽ لطف حاصل فرمائيندا هئا. اهڙي ريت جمعتہ المبارڪ، يوم ولادت

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

رسول اللهﷺ، رجبي شريف، ليلة القدر ۽ عيدين جي موقعي تي ۽ خاص طور تي تبرڪات حرم پاڪ جي زيارت جي موقعي تي اهڙا ڪلام پڙهندي گريه فرمائيندا هئا. هن کان علاوه پنهنجي علمي محفلن ۾ نه رڳو صوفي ۽ سالڪ شاعرن جو عربي فارسي سنڌي هندي ڪلام موقعي محل جي مناسبت سان پڙهندا هئا بلڪ پاڻ به پڙهائيندا هئا. ۽ هن سان گڏ پاڻ به فارسي سنڌي ۽ هندي نما سرائڪي زبان ۾ شعر چوندا هئا.

هيءَ ملفوظات جيڪا فارسي زبان ۾ آهي حضرت پير ميان عبدالخالق دامت حياته ميان عبدالستار بائيجوي کان وڏي جدوجهد کان پوءِ حاصل ڪئي. ان جي اهميت ۽ افاديت کي سامهون رکندي پهرين پير فاروق القادري ان جو اردو ۾ ترجمو ڪيو جيڪو مقبول عام ٿيو. جماعت جا مريد متعلقين ۽ ٻيا اهل علم و قلم جيڪي اردو نٿا ڄاڻن انهن جي آسانيءَ لاءِ پير صاحب جن جي ڪوشش هئي ته ان ملفوظات جو سنڌي ۾ ترجمو ڪيو وڃي ان مقصد لاءِ پير صاحب جن جو انتخاب منهنجي لاءِ اعزاز ۽ عزت جو سبب بڻيو آءِ ڪوشش ڪري اصل ملفوظات کي سامهون رکي سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪيو آهي.

ملفوظات شريف ۾نقل 3،2،1 وغيره ڏنل هيو ان جي جاءِ تي معرفت 3،2،1 وغيره جو عنوان ڏنو ويو آهي. هن ملفوظات جي سنڌي ترجمي ۾ ڪو به نقل ۽ مواد نه رهايو ويو آهي جڏهن ته اردو ترجمي ۾ ڪجهه نقل رهجي ويا هئا. ان کان سواءِ فارسي واري ملفوظات جي آخر ۾ جيڪي 240 سنڌي بيت ڏنل هئا انهن کي موجوده مروج سنڌي صورتخطي ۾ لکيو ويو آهي. جيئن قارئين ڪرام انهن اهم بيتن کان به واقف ٿي سگهن. ائين سنڌي علم ۽ ادب ۾ هڪ نئون اضافو ٿئي.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

### ☆ حضرت حافظ صاحب رحہ جو شعري انتخاب:

حضرت حافظ صاحب رحہ جي ملفوظات واري قلمي نسخي جي آخر ۾ اٽڪل 240 ڪلاسيڪ بيت فارسي هندي، سنڌي ۽ سرائڪي جي مختلف صوفي شاعرن جا نقل ڪيا ويا آهن. انهن مان هر بيت، شعر ڏوهيڙي ۽ ڪافي ۾ درد ۽ سوز جو هڪ جهان آهي عشق ۽ محبت جي تڙپ سان معمور هڪ دنيا آهي. محبوب جي ڳولا ۽ تلاش وارا بيقراري اضطراب جي هڪ ڪائنات سمايل آهي. اهڙا پخته پايہ بلند ۽ اُچي ذوق جا حامل ابيات دوها ۽ ڪافيون ڪو بلند پايہ صاحب ذوق ئي پسند ڪري ۽ جهونگاري سگهي ٿو. انهن بيتن جو ڪاتب بہ ساڳيو آهي. جنهن فارسي ملفوظات ۾ ڏاڍي سهڻي نستعليق خط ۾ لکيا آهن. بيتن واري شروعاتي صفحي تي بسم الله جي پرسان پاسي ۾ متون متون لکيو اٿس تہ "ابيات ڪ در حضور موفور السرور آنحضرت قبله عالم قدس الله سره العزيز باستماع رسيداند" (هي بيت اهي آهن جيڪي قبلہ عالم قدس الله سره العزيز جي وڏي وڌ خوشي بخشيندڙ بارگاهہ (محفل) ۾ ٻڌڻ ۾ آيا) ملفوظات جي جامع ۽ ڪاتب مولوي عبيدالله فقير مرحوم جي هن فارسي نوٽ مان ثابت ٿيو تہ اهي بيت وقت بوقت حضرت حافظ صاحب رحہ پنهنجي زبان فيض ترجمان سان اهل محفل کي ٻڌائيندا رهندا هئا گويا هندي سنڌي ۽ فارسي جا اهي بيت خود حافظ صاحب رحہ جي پسند ۽ سندن پنهنجو انتخاب آهي. جنهن مان ادب عاليہ تي سندن گهري نظر ۽ ذوق لطيف جو پتو پوي ٿو حضرت حافظ صاحب رحہ جو بيتن جو وچور هن ريت آهي.

(1) قاضي قادن بہ (2) بيت.

(2) دادو ديال (ڀڳتي تحريڪ جو سرواڻ شاعر چار (4) بيت

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

(3) خير محمد فقير ( هڪ عدد سرائڪي ڏوهيڙو).

(4) فقير غلام حيدر (هڪ سنڌي بيت)

(5) محمد علي نالي جو ڪو قديم شاعر (هڪ سنڌي بيت).

(6) ميوو تخلص جو ڪو قديم شاعر يا سگهڙ (هڪ سنڌي بيت).

(7) هڪ هندي بيت بنا ڪنهن نالي جي آهي. شايد ڪبير يا دادو ديال جو هجي!

(8) ڦلو چيٽ نالي هڪ قديم سگهڙ يا شاعر (ٻه (2) بيت)

باقي اڪثريت بيت شاه عبداللطيف ڀٽائي رحه جا آهن جن لاءِ ڪاتب نوٽ لکي ٿو ته "ابيات متفرقه ازر سالہ شاه عبداللطيف صاحب قبلہ عالم رحہ"

(مطلب ته شاهه عبداللطيف رحہ جي ان رسالي جي ان نسخہ مان ڪي متفرق بيت ڏجن ٿا. جيڪو رسالو حضرت حافظ الملت رحہ جي مطالعي هيٺ رهيو آهي)

هن مان معلوم ٿئي ٿو ته حضرت حافظ رحہ جي مطالعي ۾ شاه عبداللطيف ڀٽائي رحہ جي رسالي جو خاص قلمي نسخو رهندو هيو. جنهن مان ڪي منتخب بيت پاڻ پنهنجن مجلس ۾ حاضرين مجلس کي ٻڌائيندا هئا. ۽ شاه جي رسالي جا اهي بيت ملفوظات جي پڇاڙي ۾ لکي ڪري مولوي عبيدالله فقير حضرت حافظ صاحب جي هن انتخاب کي اهل ذوق تي احسان ڪندي هميشہ لاءِ محفوظ ڪري ڇڏيو.

هن انتخاب جي جتي دادو ديال جهڙي پڳتي فقير جا اڻ لڀ سرائڪي لهجي واري هندي جا بيت ملن ٿا اتي سنڌ جي وسريل شاعرن ميوو محمد علي ۽ ڦلوچيٽ جي ڪلام جو انتخاب به ڏنو ويو آهي. جيڪو اجوڪي اديب ۽ محقق لاءِ هڪ تحفو آهي. ۽ سيو ڪان وڏيڪ خوشيءَ جي

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

هي ڳالهه آهي ته هن انتخاب ۾ جتي حضرت روضي ڌڻي سيد نا محمد راشد رحه جي ڪلام جو نمونو به پيش ڪيو ويو آهي. وري هڪ نئين ۽ عجب جهڙي هيءَ ڳالهه آهي ته حضرت حافظ صاحب رحه جي هن انتخاب ۾ سندن مرشد ڪريم حضرت تنبو ڌڻي رحه سيد حسن شاهه جيلاني رحه) جي ادبي ذوق جو به هڪ واقعو پيش ڪيو ويو آهي. حافظ صاحب رحه جي تصنيف ڪيل ملفوظات کان اڳ سندن نالي تي صرف هڪ بيت مشهور هيو. جيڪو هيءُ آهي.

لطف سڄڻ دمدم قهر سڄڻ گاهه گاهه
هينءَ به سڄڻ واهه واهه هونءَ به سڄڻ واهه واهه

مگر هن انتخاب ۾ ٻيا به سندن بيت دستياب ٿيا آهن. جيڪي جامع ملفوظات جي الفاظ ۾ پيش ڪجن ٿا. جامع ملفوظات لکي ٿو ته حضرت حافظ صاحب علم جي غرور ۽ گهمنڊ ۾ گرفتار ملن لاءِ اڪثر هي مقولو ٻڌائيندا هئا.

"پڙهين ڪا ن پچ پري. متان ڪائي وڃن تڙي ڪڙي"

پوءِ مٿون فرمائيندا هئا ته:

علم پڙهيو سون عربي نالو جنهن جو نيڪ
پڙهندي پڙهندي عمر گذري ڪونه آيو تنهن ڪئون سيڪ
جڏهن حرف پڙهيو سين هيڪ ته ورق سڀ وساريا

سرائڪي جي هڪ ڪافي جو ٿلهه بہ اڪثر پڑهندا هئا:

ناهي حاجت پڑهڻ پڑهائڻ دي
سک رمز وجود وسارڻ (وڃاوڻ) دي

جامع ملفوظات هڪ ٻئي جڳهه تي لکي ٿو ته مقوله آنحضرت از قبله عالم خود (مطلب ته هي بيت حضرت حافظ صاحب جو پنهنجو آهي).

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اسان لٽ لئي اسان لٽ لئي
اسان لٽندي چوڙيو ڪفر ۽ اسلام ڏونهين

پنهنجي هڪ ٻئي مقولي ۾ حضرت حافظ صاحب فرمائن ٿا ته:

فقير تنهن کي چئجي جنهن جو سڀ ري سري
گهردر وڃي ڪين ڪي گهرون ڪيئن گهري

هڪ ٻئي هنڌ پاڻ فرمائن ٿا ته:

مذهب و ملت عشق الهي
تقويٰ، طاعت وزهد، خرابي

انهيءَ بيت سان گڏ هي ڪافي به حضرت حافظ صاحب رحه جي يادگار آهي. جنهن جو ٿلهه حضرت سچل سرمست جي هڪ مشهور سنڌي ڪافي مان ورتل آهي. پر حافظ الملت رحه جي ڪافي جو "انترو" تبديل ٿيل آهي.

توٽي پني لڳي سارو جڳ تان پي چاتيو
حج پڙهي توٽي طاعت، ڪري سارو شب تا پي چا تيو

ياد رهي ته حضرت سچل سرمست جي ان ڪافي کان متاثر ٿي ڪري حضرت خواجه غلام فريد به هڪ بلند پايه سرائڪي ڪافي لکي آهي جنهن جو ٿلهه آهي.

ٿي تابع خلقت سڀ - تان وي ڪيا ٿي پيا
هٿي گر ٿيوڻ مطلب

سرائڪي جو هي بيت به حضرت حافظ صاحب رحه ڏانهن منسوب ڪندي جامع ملفوظات لکي ٿو و مقولہ ديگراز قبلہ عالم رحه:

ڪوڙ ماتا ڪوڙ پتا ڪوڙ ڪل سنسار
ڪوڙ سونا ڪوڙ رپا ڪوڙي پهرڻ هار

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ڪوڙ ڪوڙيان نينهن لاهي وسرڳين ڪلتار
جنهان نال لاوان دوستي سڀ جڳ چلڻ هار

هڪ هنڌ جامع ملفوظات لکي ٿو ته حضرت حافظ صاحب اهڙن پيرن جي باري ۾ جيڪي پيري جي فن ۾ ظاهري طور ته وڏا فنڪارنظر اچن ٿا پر علم معنوي جي فنون کان بالڪل خالي ۽ ڪورا هوندا آهن ڪڏهن انهن لاءِ ڪڏهن هي بيت فرمائيندا هئا.

پير پري ڪيا. شيخي وڏن شڪ
جاڏي آهي حق تاڏي منهن نه موڳن جو

وري متون پنهنجو هي مقولو ورجائيندا هئا ته

خلق خدا جي ملڻ مون
هڪڙن هيڪڙائي ٻين ٻيائي

بلامبالغه هن آخري بيت جي ٻئين مصرعي جي هن ”هڪڙن هيڪڙائي“ ۾ حضرت حافظ صاحب جي پنهنجي زندگي جو ڀرپور عڪس نظر اچي ٿو.

مولانا عبيدالله سنڌي رحه پرچونڊي شريف جي خانقاه ۽ مدرسي جي علمي افادات ۽ روحاني فيوضات مان مالا مال ٿي ڪري جڏهن مزيد علمي ۽ سياسي فتوحات جي سفر تي روانا ٿيڻ لڳا ته حضرت حافظ صاحب رحه الوداع مهل ڪيس دعا ڏيڻ بعد حضرت سچل سرمست رحه جو هڪ مصرعو زندگي جي نصب العين طور پيش ڪندي ڪيس تلقين فرمايو ته سچل جي هن قول کي پنهنجي علمي ۽ سياسي ۽ انقلابي زندگي لاءِ رهبر اصول بنائجاءِ ته ڪاميابي تنهنجا قدم چمندي.

چوڙ گمان گدائي والا
شمله چا ٻڌ شاهي دا

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

امام انقلاب (مولانا عبيدالله سنڌي رحہ) پاڻ لکي ٿو تہ مان هندوستان کان ڪابل، اتان روس پوءِ وري ايران ۽ ترڪي کان ٿيندي بالاخر سرزمين حجاز وڃي پهتس مان جتي بہ ويس حضرت امام العارفين جي زبان مان نڪتل سچل سرمست رحہ جو اهو مصرعو چڻ تہ منهنجي لاءِ روحاني طاقت، ظاهري قوت ۽ ديني شوڪت جو هڪ سرچشمو ثابت ٿيو. مان افغانستان جي بادشاه، زار روس جو تختو اونڌو ڪرڻ واري مرد آهن لينن ۽ اسٽالن جهڙن قاهر ۽ جابر حڪمرانن سان دوبدو مليس پر ڪنهن تي بہ منهنجي تڪ نہ پئي پئي. هر ڪنهن کي اکين ۾ اکيون وجهي برابري جي سطح تي ڳالهائيندو هيس. سموري زندگي پنهنجي مرشد امام العارفين رحہ جي ڏنل هن تمغہ شجاعت (شملہ چاپڌ شاهي دا) جي نتيجي ۾ ڪنهن جي بہ اڳيان نہ جهڪيس ۽ نہ ئي ڪنهن جي رعب ۾ آيس. ۽ نہ ڪنهن جي اڳيان هٿ ڦهلايم امام انقلاب جي ساري زندگي چڻ تہ

دارا ڪي لئے هي نہ سڪندر ڪي لئے هي
ڪونين ڪي هر چيز قلندر ڪي لئے هي

هن انتخاب ۾ حضرت حافظ صاحب رحہ جي حوالي سان هڪ سنڌي بيت حضرت روضي ڌڻي رحمة الله جو سيد تخلص سان آيل آهي.

مکڻ ڏجي ماڪرن کي کٽي ڏجي ڪوڙن
بسريون ڏجن تن کي جيڪي تعويذ لکن
رب نہ ڏجي تن کي جيڪي رب گهرن
سيد چوي مرُ تہ سڌ کي ساه ڏين

حضرت حافظ صاحب رحہ جي هن انتخاب ۾ سندن مرشد حضرت جيلاني بادشاه جو هڪ واقعو لکندي سندن هڪ مصرعو دهرايو ويو آهي. جامع ملفوظات لکي ٿو تہ ”وقتي امراه مستانہ راڪہ، از مستي اظهار اسرار

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نموده فرمودند"

**چيتو ڪر چري متان چني ڪني ڌار**

(مطلب ته هڪ دفعي ائين ٿيو جو هڪ مستاني مائي مستي ۾ اچي اسرار الهي ظاهر ڪرڻ لڳي ته حضرت تنبو ڏٽي رحه مائي کي چيو ته اي چري هوش ڪر! دوست جي ڳجهه جون ڳالهيون (اسرار الهي) عام ماڻهن کي نه ٻڌاءِ متان مالڪ ڪاوڙ جي توکان پنهنجي دوستي چني ڪري توکي الڳ ڪري ڇڏي. ۽ قرب جو ملڪ وڃائي ويهين) مائي حضرت جيلاني رحه بادشاهه اڳيان هي مصرعو وراڻيو ته:

جتي چني ڪندا ڌاري اتون گهري لذم گهير

مائي مستاني جي جواب جي شرح مولوي عبيدالله فقير رحه جا ملفوظات فارسي ۾ هن ريت لکي آهي. يعني "وقتيکه مرااز وحدت به کثرت خواهند آور داين بعينه مراد من است که از سوراخ کثرت ببا غيچه وحدت رسيده ام بازاز کثرت بوحدت خواهم رفت" مطلب ته مائي مستاني چيو ته اي جيلاني بادشاهه جنهن وقت مون کي تنهن جي چوڻ موجب پنهنجي ذات کان چني وحدت کان ڪثرت (عالم بالا کان هن دنيا جي قيد خاني) ۾ آڻيندا ته (مان ته خوش ٿيندس) چوته منهنجي پنهنجي خواهش ۽ مراد اها آهي چوته مان ڪثرت واري سوراخ (ماءُ جي وجود) مان نڪري پوءِ دنيا کي ترڪ ڪري وڃي وحدت واري باغيچي (عالم بالا اندر قرب خداوندي جي باغيچي) ۾ پهتي آهيان. هاڻي وري گهران ٿي ته ساڳئي وحدت واري مڪان ۾ موٽي وڃان. ملفوظات ۾ هڪ روايت آهي ته ڪنهن طالب حضرت جي بارگاهه ۾ محبت ۽ عقيدت مان اچي پير پيش ڪيان پاڻ ڪاٹڻ شروع ڪيا پر اجا ڪچا هئا طالب شرمسار ٿيڻ لڳو ته حضرت حافظ صاحب محسوس ڪندي هيءُ بيت چيو.

ڪچا پيي قبول آيل آديسين جا
آيا منجهه حضور لتا حق حساب جا

ملفوظات شريف ۾ اهڙا گهڻائي علمي ادبي لطائف ۽ نڪات سمايل آهن. حضرت حافظ صاحب رحہ جي ادبي ذوق علمي ۽ نڪتہ سنجي جي حوالي سان في الحال ايتري تي اڪتفا ڪجي ٿي.

مزيد قارئين ڪرام هن ملفوظات جي پڙهڻ مان حاصل ڪندا.

فقط و السلام

پروفيسر ڊاڪٽر عبدالوحيد انڍڙ

حيدرآباد

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# مهاڳ

ازقلم: مير حسان الحيدري سهروردي (باني صدر: حافظ الملت اڪيڊمي پرچونڊي شريف)

هيءَ هڪ حقيقت آهي جو اولياءَ الله جو گفتو بہ الله جو گفتو هوندو آهي. توڙي جو ظاهر ۾ اهو گفتو الله جي ٻانهي جي زبان مبارڪ مان نڪتل ۽ چيل هجي. اهوئي سبب آهي جو صحابہ ڪرام رضوان الله عليهم اجمعين جي پيروي ڪندي اولياءَ الله جا صحبتي بہ سندن عرفاني، ايماني، ايقاني، قرآن ۽ روحاني نڪتن ۽ گفتن کي ياد ڪندا، لکندا ۽ پوءِ سهيڙيندا هئا، سندن جمع ڪيل ۽ سهيڙيل نڪتن ۽ گفتن کي تصوف جي اصطلاح ۾ ملفوظات جو نالو ڏنو ويو. جيڪو اڄ تائين رواج پذير ۽ جاري ساري آهي. احاديث رسول الله ﷺ وانگر اولياءِ ڪرام جا گفتا ۽ ملفوظات سهيڙيندڙ حضرات بہ وڏ ۾ وڏ احتياط ڪندا هئا، عام طور تي اولياءِ ڪرم جا ملفوظات سندن اي مجلسن ۾ وهندڙ ڪو وڏو اهل علم صاحب عرفان خليفو يا مقرب عالم ۽ اهل قلم اتي جو اتي ٻڌندو لکندو رهندو هو، پوءِ ان مسودي کي صاف ڪري صاحب ملفوظات بزرگ جي نظر مان گذاريندو ۽ پوءِ صاف لکي ڪري محفوظ ۽ عام ڪندو هيو. مختلف سلسلن جي بزرگان ڪرام جي ملفوظات جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪي ملفوظ نگار بي احتياطي بہ ڪندا هئا ۽ ڪيترا ملفوظات جا مجموعا گهڻي عرصي کان بعد هٿ اچڻ وارن ماڻهن هٿ ٺوڪيا (جعلي) بہ لکيا آهن. جيئن تہ چشتي بزرگن جي وڏن مثلاً خواجہ بزرگ سلطان الهند خواجہ غريب نواز، خواجہ قطب الدين بختيار ڪاڪي ۽ حضرت فريد الدين گنج شڪر ڏانهن هي قول منسوب آهي تہ اسان نہ ملفوظات لکيا آهن نہ لکرايا آهن ۽ نہ يادگار ڇڏيا

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

آهن. پر انهيءَ هوندي بہ انهن تنهن بزرگن ڏانهن منسوب ملفوظات فارسي ۽ اردو ترجمي جي شڪل ۾ عام جام ملن ٿا. چشتي بزرگن جي اڪابرن مان رڳو حضرت الاولياءِ محبوب الهيٰ خواجہ نظام الدين اولياءِ دهلوي جا ملفوظات ئي معتبر ۽ مستند خليفن حضرت امير حسن علا سجزي ۽ حضرت امير خورد ڪرماني جن لکيا هئا امير حسن سجزي دهلوي فارسي زبان جا وڏا شاعر ۽ امير خسرو جا دوست هئا سندن لکيل ملفوظات شريف ”فوائدالفواد“ جي نالي سان عام ۽ مشهور آهن. فوائدالفواد جي مقبوليت جي باري ۾ رڳو امير خسرو جي هي روايت ڪافي آهي جو امير خسرو ڪيترائي دفعا حضرت حسن سجزي دهلوي کي عرض ڪيو تہ منهنجي تمام شاعري وٺي ڇڏ ۽ محض اهي ملفوظات (فوائد الفواد) منهنجي نالي تي ڪري ڇڏ. بهرحال منهنجو مقصد هيءُ آهي تہ صحيح معتبر ملفوظات سان گڏ اولياءِ ڪرام ڏانهن منسوب ملفوظات جي ڪي غلط مجموعا بہ ڇپجي عام ٿي چڪا آهن. تنهن ڪري رسول اڪرم ﷺ جي احاديث مبارڪ جيان اولياءِ الله ڏانهن منسوب ڪتابن، ملفوظن، خطن (مڪتوبات شريفن) ۽ رسالن جي لکڻ لکرائڻ ڇاپڻ ڇپرائڻ ۽ سندن ترجما ڪرڻ ۾ بہ اسان کي خاص احتياط، اهتمام، ۽ تحقيق ڪرڻ جي ضرورت آهي. جو تہ قرآن مجيد ۽ احاديث رسول ﷺ کانپوءِ تمام عام و خاص خوش عقيدا ماڻهو اولياءِ ڪرام جي لکيل ڪتابن يا انهن جي نالي ڏانهن منسوب ملفوظات، مڪتوبات ۽ رسائل تي ڪامل يقين ۽ ڀروسو ڪندا آهن.

ٻارهين صدي هجري جو دور ننڍي کنڊ جي مسلمانن لاءِ افراتفري، خانہ جنگي معاشي ۽ اقتصادي بدحالي جو دور هو. ننڍي کنڊ ۾ سنڌ کان مدارس ۽ خيبر کان دکن تائين مسلمانن اٽڪل هڪ هزار سال حڪومتون ڪيون پر بادشاهن جي بداعمالين، علماءِ سوءِ جي فتنہ انگيزين، پرتگالين ۽

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

انگريزن جي سياسي شاطرانه چالن، مرهٽن ۽ سکن جي شرارتن ۽ بغاوتن جي ڪري پوري ملڪ ۾ بدامني، قانون شڪني ۽ خانه جنگي جو دور رهيو. انهن حالتن پٽاندر فلسفه قرآن ۽ حڪمت ايمان جي هڪ عظيم ماهر علامه زمان حضرت شاهه ولي الله محدث دهلوي (جنهن جي ذريعي پهريون دفعو علم حديث ننڍي کنڊ جي مدارس ۾ رائج ٿيو) اسلامي غيرت رکندڙ هڪ فاتح بادشاهه احمد شاهه ابدالي کي هندو راجائن ۽ مرهٽن خلاف خط لکي جهاد جي دعوت ڏني. ان دور جي عالمن، فقيرن درويشن ۽ خدا دوست مجاهد صفت مسلمان حڪمرانن باطل قوتن ۽ ملڪي توڙي غير ملڪي وطن دشمنن ۽ اسلام مخالف قوتن خلاف جهاد جو جهنڊو بلند ڪيو. سالار سلسله عاليه نقشبنديه حضرت احمد فاروقي مجدد الف ثاني دين اڪبري خلاف قلمي ۽ علمي جهاد ڪيو. غرض ٻارهين صدي جي آخري دورکان وٺي تيرهين صدي پوري ۽ چوڏهين صدي جي اڌ تائين حق جا علمبردار باطل قوتن خلاف هر طرح سان جنگ جوٽيون آيا. ننڍي کنڊ جي سياسي سماجي، مذهبي ۽ روحاني تاريخ جي مصدرن ۽ ماخذن کي غور سان ڏٺو وڃي تي صاف معلوم ٿئي ٿو جو سنڌ ۽ هند جا مدرسا، مساجد، آستانا ۽ خانقاهون باطل قوتن، جابر حڪمرانن، ۽ غير ملڪي عيارن خلاف جنگ جا محاذ ۽ مورچا بڻيل هئا.

جيڪڏهن مدرسن جا سرفروش استاد ۽ شاگرد، حق پرست آستان ۽ خانقاهن جا مجاهد پير ۽ مريد ۽ مساجد جا حق گو امام ۽ خطيب ۽ مولوي پنهنجي جدوجهد کي گذريل ٻه سو سالن کان جاري نه رکيون اچن ها ته اڄ ٻه اسان غلام هجون ها. تاريخ جي وهڪري جو رخ موڙيندڙ انهن خانقاهن ۽ مدرسن مان هڪ خانقاه جو نالو "پرچوندي شريف" آهي.

تاريخ عالم ۾ هن ڳوٺڙي جو اهو مقام آهي جيڪو ايران عراق جي

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سرحد ويجهو واقع ٻن ڳوٺن گيلان ۽ سهرورد جو مقام آهي. "گيلان" حضرت پيران پير دستگير غوث الاعظم شيخ عبدالقادر جيلاني جو ڳوٺ هيو ۽ "سهرورد" سلسله سهرورديه جي باني شيخ الشيوخ حضرت شيخ شهاب الدين سهروردي جي ڳوٺ جو نالو آهي. اڄ اهي ڳوٺ موجود آهن يا الاءِ ڪونهن. پر انهن بابرڪت ڳوٺن جا نالا تاريخ جي هر ڪتاب جا روشن ۽ سنهري عنوان بڻجي ويا آهن. بالڪل ساڳيءَ ريت حضرت حافظ الملت جنيد زمانه اما العارفين حافظ محمد صديق قادري نقشبندي سهروردي جي نسبت جي ڪري پرچونڊي جي نالي کي بہ شريف جي نسبت ڏيئي ڪري پرچونڊي شريف لکيو ويندو آهي. تاريخ تصوف هجي يا تحريڪ آزادي وطن، جهاد پٽن منارو هجي يا خانقاهي نظام جي انقلاب جي تاريخ هر مقام تي پرچونڊي شريف جي امام وقت جو نالو اڳيرو نظر ايندو. موجوده پاڪستان جي تمام صوبن کان نڪري ڪري سندن فيض جون برڪت پريون نهرون ۽ نديون افغانستان، ايران، ترڪي، روس ۽ حرمين شريفين ۾ مقيم ماڻهن تائين وڃي پهتيون.

حافظ الملت جي ذات والا صفات مرجع الخلائق هئي سندن محبوب شخصيت کي هڪ اهم مرڪزي حيثيت حاصل ٿي چڪي هئي ۽ سندن هر خليفو پنهنجي جاءِ تي تحريڪ ۽ اداري جو ڪردار ادا ڪندي نظر اچي ٿو. ديوبند کي برصغير (ننڍي کنڊ) جي ديني مذهبي ۽ سياسي تحريڪن جو مرڪز ڪوٺيو ويندو آهي. پر تاريخ کان باخبر احباب ڄاڻيندا آهن تہ خود ديوبند کي بہ انگريز دشمني ۽ آزادي وطن لاءِ اڀارڻ واري شخصيت جو نالو "امام انقلاب مولانا عبدالله سنڌي" آهي. جيڪو حضرت حافظ الملت امام الاحرار حافظ محمد صديق القادري (پرچونڊي شريف جي فيضان جي صدقي سکہ مذهب ڇڏي مسلمان ٿيو ۽ پنجابي مسلمان

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

هوندي ته پنهنجي ذات کي مرشد جي ذات ۾ فنا ڪري هميشه پاڻ کي سنڌي سڏائيندو ۽ پنهنجي نالي جي پٺيان سنڌي لکندو هو. مولانا عبدالله سنڌي لاءِ حضرت حافظ الملت جو فرمان هو ته "اي عبيدالله! تون اسلام جي خاطر پنهنجا پيءُ ماءُ ڇڏيا آهن، هاڻي تنهنجا "پيءُ ماءُ" اسان آهيون". مولانا سنڌي حضرت مالڪان جي هن پيار ڀرئي جملي کي هميشه دهرائيند ورجائيندا ۽ هر ڪنهن کي ٻڌائي هن ڳالهه تي فخر ڪندا هئا.

مولانا سنڌي ابن الصديق ٻڻجي حضرت سيدنا سلمان فارسي وانگر هميشه هميشه لاءِ "ابن الا سلام" ٿي ويا. حافظ الملت حضرت مالڪان جو علمي ۽ روحاني فيض خليفه غلام محمد دين پوري، حضرت سيد تاج محمود امروٽي ۽ متڪلم اسلام حڪيم الامت امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌي جي واسطن سان اڪثر بيشتر علماءِ ڪرام ۽ فقراءِ کي حاصل ٿيو آهي. عربي زبان و ادب جي نابغه روزگار اديب، محقق تحريڪ اسلامي جي بين الاقوامي مبلغ مولانا ابو الحسن علي ندوي جي تحريرن موجب خليفه غلام محمد دينپوري جي ذريعي حافظ الملت حضرت مالڪان جو روحاني فيض شيخ الاسلام مولانا حسين احمد مدني بلڪ حضرت شيخ الشيخ عبدالقادر رائي پوري کي به حاصل ٿيو. جنهن جو ذڪر مولانا مدني پنهنجي آتم ڪهاڻي "نقش حيات" ۾ ۽ ابو الحسن علي ندوي پنهنجي تاريخي ڪتاب "پراني چراغ" ۾ ڪيو آهي. اهڙي ريت حافظ الملت حضرت مالڪن جو روحاني ۽ ديني فيض تاج المشائخ و العلماءِ مولانا تاج محمود امروٽي جي ذريعي هند، سنڌ، پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان جي هزارين ديوبندي، بريلوي ۽ اهل حديث علماءِ کي مليو. هيءُ ڳالهه ڪنهن به جاڻ واري کان لڪل ناهي ته شاه ولي الله محدث دهلوي جي فلسفه قرآن ۽ فلسفه حديث ۽ سنڌن علم الڪلام کي جيتري قدر حضرت مولانا عبيدالله

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سنڌي سمجهيو هو اوترو ڪوبہ ديوبندي يا غير ديوبندي عالم مفڪر ۽ محقق هرگز نہ سمجهي سگهيو هو. "حجت الله الباغہ" هجي يا لمعات سطعات ۽ همعات جا رسالا هجن انهن جي افهام تفهيم تفسير ۽ تشريح لاءِ سپ جا سپ مولانا سنڌي جا شاگرد ۽ پوئلڳ آهن ۽ مولانا سنڌي جي تمام فڪر فلسفي ۽ حڪمت و دانش جو ماخذ. مصدر ۽ مرڪز امام العارفين حافظ الملت حضرت حافظ محمد صديق (ڀرچونڊي شريف) جي ذات گرامي، سندن خانقاه عاليہ ۽ مدرسو آهي. شايد نہ بلڪ يقينا اهڙي ذات، اهڙي خانقاه اهڙي مدرسي ۽ مسجد لاءِ ئي حضرت مولانا جامي فرمايو آهي تہ خوشا مسجد و خانقاهي ڪہ باشد هميشہ در و قيل و قال محمد ﷺ. حضرت حافظ الملت جي خانقاه گذريل ڏيڍ صدي کان ڪان رشد و هدايت ۽ عرفان جو مرڪز بڻيل آهي ۽ اڄ سوڙو مخلوق خدا سندن مسجد مدرسي ۽ خانقاه شريف مان ديني مذهبي روحاني ۽ علمي فيض پرائي ٿي ۽ جيڪو بہ هن آستاني تي آيو آهي مالڪن جي پنڌار مان جهوليون ڀري ڪٺي ويو آهي خالي ڪوبہ نہ موٽيو آهي.

حضرت حافظ الملت رڳو ڪتابي بزرگ نہ هئا بلڪ ڪردار سازي ۽ تعمير سيرت جا وڏا ماهر ۽ استاد هئا. شايد اهوئي سبب آهي جو علوم ظاهري ۽ باطني جي مهارت جي باوجود انهن ڪتابن لکڻ بدران عظيم انسان ۽ اڪابر ماڻهو پيدا ڪيا. جن جي احوال و آثار ۽ افڪار و ڪردار تي اڄ يونيورسٽيون تحقيقي ڪم ڪن ٿيون. پر تنهن هوندي بہ حافظ الملت ڪتاب ۽ قلم کان بالڪل خالي ۽ وانجها نہ رهيا ۽ سهڻي سلوڻي سادي ۽ مٺڙي سنڌي شاعري ۾ "رسالو سلوڪ جو" لکي ڪري ڪيترن اديبن شاعرن ۽ محققن کان گوءِ کڻي ويا.

حضرت مالڪان (حافظ الملت) جا علمي ادبي ۽ تصنيفي ڪارنام

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

اٽڪل هڪ صدي کن تائين اهل علم و نظر بلڪ هر عام و خاص کان پوشيده رهيا ۽ اڄ کان اٽڪل پنجويهه سال اڳ محب مکرم، سجاده نشين، درگاهه عاليه پرچونڊي شريف کي معلوم ٿيو ته حضرت حافظ الملت جي "ملفوظات شريف" جو هڪ قلمي نسخو "بائجي شريف" جي سجاده نشين ميان عبدالستار وٽ آهي. پير صاحب آف پرچونڊي شريف جي تمام گهڻي ڪوشش ڪانپوءِ ملفوظات جو اهو قلمي نسخو ۽ هن سان گڏ "رسالو سلوڪ جو" قلمي نسخو حاصل ٿيو. ملفوظات شريف جو اردو ترجمو پرچونڊي شريف جي پهرين مورخ، تذڪره نگار استاذ العلماءِ مولانا سيد مغفور القادري مرحوم جي لائق فرزند ۽ سجاده نشين عزيزم پير سيد فاروق القادري (ايم-اي) جن وڏي محنت ۽ محبت سان ڪيو ۽ رسالو سلوڪ جي ترتيب و تدوين ۽ تشريح و تحقيق جو ڪم هن عاجز ۽ ناچيز خاڪسار جي حصي ۾ آيو. الحمدلله جو "رسالو سلوڪ جو" مقدمه ۽ شرح سان "حافظ الملت اڪيڊمي" پرچونڊي شريف پاران شائع ٿي چڪو آهي.

ملفوظات شريف ۽ رساله سلوڪ کان علاوه حضرت حافظ الملت جي قديمي ڪتب خاني مان هڪ مجموعو احاديث رسول اڪرم ﷺ به هٿ آيو آهي. هي مجموعو ڇاهٺ 66 حديثن تي مشتمل آهي ۽ هر حديث جو شرح، سهٽي، ساده ۽ سلوڻي فارسيءَ ۾ ترجمو به ٿيل آهي. حديثن جو اهو مجموعو حضرت حافظ الملت جي پنهنجي هٿ مبارڪ جو لکيل آهي هن خاڪسار هن مجموعي جو سنڌي ۾ ترجمو ڪيو آهي ۽ حديثن جي تشريح ۽ تخريج به ڪئي آهي.

سنڌ ۽ بلوچستان جا هزارين مريد، فقراءِ ۽ عقيدتمند سنڌي هجڻ جي ڪري ملفوظات شريف جي اردو ترجمي مان چڱي ريت فيض حاصل نه پيا ڪري سگهن. تنهن ڪري هي خاڪسارگذريل پنج ست سالن کان اعلان

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪندو رهيو آهي جو ملفوظات شريف جو سنڌي ترجمو ۽ ملفوظات شريف جا ڪي حصا ترجمو ڪري به چڪو هو. پر بزرگن جي فرمان موجب ع اين سعادت بزور بازو نيست! چناچه مونکي ڏاڍي خوشي ٿي. جڏهن منهنجي مهربان دوست ۽ عزيز ترين جماعتي ڊاڪٽر عبدالوحيد انڙ (ايڊيشنل ڊائريڪٽر ٽيچرس ٽريننگ انسٽيٽيوشن سنڌ. حيدرآباد) ٻڌايو ته هو صاحب حضرت حافظ الملت جي ملفوظات شريف جو سنڌي ترجمو مڪمل ڪري ڪمپوز به ڪرائي چڪو آهي. فجزاه الله احسن الجزاء! عزيزم ڊاڪٽر عبدالوحيد انڙ جي علم نوازي ۽ حسن ظن آهي جو هن پنهنجي ڪيل ترجمي جو مهاڳ لکڻ لاءِ مون جهڙي ناڪاره کي چونڊيو اٿس. بهرحال "حال پريان نال" مطابق اهي چند اکر ڊاڪٽر انڙ صاحب جي لاءِ لکيا اٿم. شل حضرت مالڪان جي صدقي اهي اکر بارگاهه الاهي ۾ قبول پون ۽ "ملفوظات مالڪان" جو هيءُ ترجمو اهل دل ۽ صاحب ذوق ماڻهن وٽ مقبوليت حاصل ڪري. آمين.

ڊاڪٽر عبدالوحيد انڙ سنڌ جي هڪ درويش صفت ۽ فقير دوست قوم انڙ جو نيڪ بخت سعادت مند ۽ باذوق صاحب علم و دانش آهي. هڪ نيڪ دل علم پرست ۽ علم پرور فقير جو قابل فخر فرزند آهي. انڙ قوم جو روحاني مسلڪ سهروردي آهي ۽ هي قوم گذريل ساڍا ست سو سالن کان حضرت غوث العالمين شيخ الاسلام شيخ بهاءُ الدين زڪريا ملتاني ۽ سندس سوٽ ۽ خليفي نواب الاولياءِ حضرت موسيٰ رح سنجرپور واري پانڌي هلي اچي ٿي. ضلع سکر ضلع گهوٽڪي ۽ ضلع شڪارپور جي مختلف ڳوٺن ۾ جيئن ته (1) ڳوٺ ميان صاحب. (2) قبا جامي. (3) ٻگا شيري چيچڙو شريف. (4) هاليجي شريف وغيره ۾ انڙ بزرگن درويشن ۽ فقيرن جون خانقاهون آستانا ۽ مدرسا اڄ سوڌا موجود ۽ آباد آهن. انڙ قوم

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

۾ ميان جامي عليه الرحمه، ميان محڪم الدين، ميان محمد مستقيم، ميان محمد مقيم، حضرت بگا شير ۽ انهن کان علاوه هن آخري دور ۾ حضرت ميان ابوبڪر، ميان فتح الدين، ميان زين العابدين، ميان محمد صابر جهڙا اهل دل درويش با صفا ۽ مولانا ميان حماد الله هاليجوي جهڙا برک عالم ۽ خانقاه نشين بہ قابل ذڪر انيڙ فقير ٿي گذريا آهن. انيڙ قوم تيرهين صدي جي بزرگ عالم ۽ باڪمال مجدد کي ڪڏهن بہ فراموش نہ ڪري سگهندي منهنجي مراد حضرت العلامه محدث ڪبير استاذ العلماءِ شيخ الحديث والتفسير مولانا نذر محمد انيڙ پنگوي جي ذات آهي. مولانا پنگوي جي ذات، رڳو با ڪمال نہ بلڪ جامع ڪمالات هئي. سنڌ، پنجاب ۽ بلوچستان، رياست بهاولپور جا ڪيترا برک عالم اهڙا گذريا آهن جن دارالعلوم ديوبند ۽ مدرسہ مظهر الاسلام بريلي شريف وغيره کان سند فراغت ۽ دستار فضيلت حاصل ڪرڻ کان پوءِ اچي مولانا نذر محمد انيڙ پنگ شريف واري وٽ تحصيل علم لاءِ گوڏا کوڙيا.

منهنجو مهربان دوست ۽ ملفوظات مالڪان يعني گنجينه عرفان جو مترجم ڊاڪٽر عبدالوحيد انيڙ بہ، انيڙ قوم جي انهن خوش قسمت قافلہ سالارن جي لڙي مان آهي جن جو بابرڪت ذڪر مان مٿي ٻڌايو اٿم. منهنجي لاءِ خوشيءَ جي ڳالهہ آهي جو مان ناچيز طالب العلم بہ انيڙ بزرگن مشائخن ۽ عالمن جي آخري نشاني شيخ القرآن والحديث علامة العصرُ حضرت مولانا نظر محمد پنگ واري جي ادنيٰ شاگردن مان آهيان، ڪنهن بزرگ سچ چيو آهي تہ ع "بلبل همي کہ قافيہ گل شود بس است" بلبل جي لاءِ اهو فخر بہ ڪافي آهي جو هو گل جي هم قافيہ آهي. ۽ هن خاڪسار جي لاءِ اها نسبت ڪافي آهي جو هيءُ عاجز انيڙ قوم جي نامور محدث مفسر علامہ زمان جو شاگرد بلڪ سندن شاگرد مولانا عبدالرزاق چشتي ڏهر

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پنگوي جو بہ شاگرد آهي. چوتہ سندن وصال مبارڪ ڪانپوءِ ساڳي مدرسي جامعہ مسجد پنگ شريف تعلقہ صادق آباد ۾ ئي تڪميل تعليم جا مرحلا طي ڪيا هئا. ڳالھ ڪاڏهون ڪان ڪاڏهي نڪري وئي ۽ "لذيذ بود حڪايات دراز ترگفتم" بهر حال ملفوظات مالڪان جو هيءُ ترجمو ڊاڪٽر عبدالوحيد انڍڙ صاحب وڏي محنت، احتياط ۽ خلوص سان ڪيو آهي! مان اميد ڪيان ٿو تہ جماعت ۾ قبول عام جو شرف حاصل ڪندو.

پرچونڊي شريف جي بزرگن مشائخن ، طالبن ۽ اڪابرخليفن جو ذڪر جڏهن بہ ٿيندو تہ تاج العلماءِ والفقراءِ مولانا تاج محمود امروٽي ، خليفہ غلام محمد دين پوري ۽ امام انقلاب حڪيم الامت شارح فلسفہ ولي الله مولانا عبد الله سنڌي جن جي ذڪر ڪان سواءِ ڳالھ هرگز نہ بٽبي پر خانقاه عاليہ پرچونڊي شريف جا گهڻا فقراءِ، طالب، علماءِ ۽ اهل فڪر مذڪوره تنهن خليفن جي ذڪر مذڪور ڪان گهٽو ڪري پاسيرا (پاسي پر) رهندا آهن، ۽ ڪي سخت مزاج دوست انهن ٽنهن بزرگن کي جماعت جو فرد ۽ رڪن ڪين سمجهندا آهن. حالانڪ اهو رويو حقيقت جي ابتڙ آهي. تاريخ واقعات شهادتون ۽ حقائق صاف ٻڌائن ٿا تہ اهي ٽي بزرگ حضرت مالڪان حافظ الملت عليہ الرحمہ جي اڪابر خلفاءِ مان شمار ٿيندا اچن ٿا ڪنهن بہ دور جي سجاده نشين انهن ٽنهي بزرگن کي حضرت مالڪان جي خلافت ۽ نيابت ڪان الڳ ۽ ڌار نہ ڪيو آهي جنهن جو سڀ ڪان وڏو ثبوت هي آهي جو خانقاه عاليہ پرچونڊي شريف جي پهرين تذڪره نگار ۽ مورخ استاذ العلماءِ سيد المشائخ علامہ مغفور القادري پنهنجي مستند مقبول مشهور تذڪره عباد الرحمان ۾ ٽنهن بزرگن جو ذڪر وڏي عقيدت ۽ محبت سان ڪيو آهي. ۽ سندن علمي ۽ روحاني مقام کي خراج عقيدت پيش ڪيو آهي. علامہ مغفور القادري جي صاحب سجاده ۽ صاحب فضل و ڪمال فرزند علامہ سيد

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

فاروق القادر سلمہ اللہ تعاليٰ بہ جام عرفان جي مقدمہ ۾ انهن ٽنهن بزرگ
کي زبردست خراج عقيدت پيش ڪندي سندن علمي روحاني تبليغ ۽ فنہ
مقام تي جامع تبصرو ڪيو آهي. الغرض خانقاه عاليہ پرچونڊي شريف
وابستہ تمام اڪابر اهل علم ۽ سجاڻ فقراءِ انهن بزرگن جو نہ صرف احتر
ڪندا هئا، بلڪ انهن کي جماعت پرچونڊي شريف جا نمائندا ۽ سجاڻ خلفاءِ
تسليم ڪندا هئا. ديوبند هجي يا هن اداري سان لاڳاپيل ٻيا علمي ۽ فقهي
ادارا هجن. انهن سڀن کان وڌ توحيد پرستي شرڪ ۽ بدعات کان بيزاري هر
قول ۽ فعل ۾ سنت رسول ﷺ جي پوءِ واري اوهان کي خانقاه عاليہ
پرچونڊي شريف ۾ نظر ايندي ۽ محسوس ٿيندي. ۽ ان جا اثرات مٿين
مرڪزن ۾ بہ موجود رهيا آهن.

مٿي ذڪر ڪيل ٽنهن خليفن جي سجاده نشين ۽ سندن جماعتن
جي اهل فڪر عالمن، اديبن ۽ دانشورن کي خانقاه عاليہ پرچونڊي شريف
جي پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ ۽ گڏجي ڪري حضرت حافظ الملت جي مشن
تحريڪ ۽ فڪر کي نہ رڳو ننڍي کنڊ (هند و پاڪستان) ۾ بلڪ پوري دنيا ۾
ڦهلائڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش وٺڻ ۽ هن تحريڪ کي هٿي ڏيڻ ۾ خانقاه عاليہ
پرچونڊي شريف جي موجوده سجاده نشين پير عبدالخالق صاحب قادري
مدظلہ العالي و دامت برڪاتهم جو وڏو ڪردار آهي.

پير صاحب جن گذريل ويهن سالن کان خانقاه عاليہ جي علمي
تعليمي روحاني ۽ تبليغي امور ۾ تمام گهڻي دلچسپي وٺن ٿا. اهل علم و
قلم سان هميشہ رابطي ۾ رهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ڊاڪٽر عبد
الوحيد انڍڙ کي بہ پنهنجي محبت جي ڄاري ۾ اهڙو ڦاسايو اٿن جو هاڻ خود
شڪار کي اها انتظاري رهندي آهي جو اهو ڏينهن ڪڏهن ايندو جو مان
وڃي شڪاري جي خدمت ۾ پاڻ کي پيش ڪيان. امير خسرو دهلوي هن

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مضمون کي ڪيڏو نہ سهڻي نموني پيش ڪيو آهي.

همه آهُو ان صحرا سَرِ خود نِهاده برکف.

بہ اميد آنڪ روزي بہ شڪار خواهي آمد.

صحراءِ تر جا تمام هرڻ پنهنجا سر هٿيلي تي کنيون بيٺا آهن.

(رڳو) هن اميد تي جو متان ڪڏهن اوهان هن ٻاسي شڪار لاءِ تشريف وٺي اچو!

حضرت مالڪان جي ذڪر خير جي لذت ۾ بہ اکر وڏي ڪري هڪ مضمون جي شڪل اختيار ڪري ويا آهن پر هاڻ قارئين ۽ ڪتاب جي وچ ۾ گهڻي رڪاوٽ بڻڻ نہ ٿو چاهيان دعا آهي تہ الله تبارڪ و تعاليٰ جيڪو لوح و قلم جو مالڪ آهي منهنجي عزيز دوست ڊاڪٽر عبدالوحيد انڍڙ ۽ مون گنهگار جي قلم مان نڪتل ۽ لکيل اهي چند اکر قبول فرمائي ۽ ملفوظات مالڪان کي شرف قبوليت جو رتبو عطا فرمائي.

اين دعا ازمن واز جمله جهان آمين باد!

چانديہ هائوس

اوٻاڙو (ضلعو گهوٽڪي)

4 اپريل 2008ع

هيچمدان:- مير حسان الحيدري سهروردي

باني صدر: حافظ الملت اڪيڊمي

درگاهہ عاليہ پيرچونڊي شريف.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# پاڳو پهريون

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

پاڱو پهريون

# سوانح عمري حضرت ملڪان رح

جنيد وقت سيد العارفين حضرت حافظ محمد صديق پرچونڊوي نور الله مرقده عليہ جن جي شخصيت ۽ سندن تعارف

☆**نامر گرامي:** اسم مبارڪ محمد صديق ۽ رسم و نشان ”مالڪان“،”خاڪ راه درد مندان طريق“

☆ **القاب:** حافظ الملت، امام العارفين، جنيد وقت، قطب الاقطاب، رئيس الاولياءُ امام السالڪين شيخ المشائخين وغيره.

☆ **ولادت:** حافظ الملت رحمہ جي عمر مبارڪ چوهتر سال آهي ۽ ڪا شيءَ جي هڪ سهڻي سرتي سندن تاريخ وصال 10 جمادي الثاني 1308 هجري لکيل آهي. هن حساب سان سندن ولادت جو سال پهرين رمضان المبارڪ بروز خميس سن 1234هجري ٿيندو.

## ☆ ولادت جي خوشخبري:

سندن والد ماجد جو نالو ميان محمد ملوڪ هو. سندن گذران پوک تي هيو. هڪ ڀيري هڪ بزرگ جو سندن زمين سان لاڳيتي بادشاهي سڙڪ جي ڪناري تان گذر ٿيو. جتي حضرت جن جو والد ماجد حضرت ميان محمد ملوڪ هَرُ ڪاهي پيو. اهو بزرگ گهوڙي تان لهي حضرت ميان صاحب سان ڏاڍي عزت ۽ مان سان مليو. ۽ وڏي شفقت ۽ محبت سان خير ۽ عافيت پڇيائين ۽ پوءِ وري ادب سان پوئين پير هلي ڪري وڃي پنهنجي گهوڙي تي سوار ٿيو. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ اهو ساڳيو بزرگ وري انهيءَ رستي سان

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

گذريو ته ميان صاحب هن ڏينهن به پنهنجي ٻني تي بيٺا هئا. هن دفعي ميان صاحب پاڻ هلي ڪري مسافر بزرگ کي وڃي مليا. پر بزرگ ڪو خاص توجه نه ڏنو رڳو رواجي طور هٿ ملايائين ۽ روانو ٿي ويو. بزرگ کي خادم عرض ڪيو ته سائين هڪ ئي شخص سان ملاقات ۾ ايڏو فرق ڇو. بزرگ فرمايو ته پهرين دفعي مان هن جي تعظيم انهيءَ لاءِ ڪئي هئي جو انهيءَ جي پيشانيءَ ۾ مرد ڪامل جو نور پئي چمڪيو پر اهو نور هاڻي ٻئي جاءِ امانت ۾ منتقل ٿي چڪو آهي.

ٻيو واقعو ساڳئي ريت بزرگ جو وري هن ريت آهي ته حضرت حافظ الملت رحه جڏهن احمد پور لمه (صادق آباد جي آباد ٿيڻ کان اڳ وارو تعلقو) جي هڪ مشهور ڳوٺ ماڙي جندو خان ڏهر ۾ پڙهندا هئا ته حضرت خواجه صاحب السير رحه جو هن وستي (ماڙي جندو خان) کان گذر ٿيو ته پاڻ خادم کي فرمايائون ته "مونکي هت هن مڪتب مان ڪنهن ڪامل جي خوشبو اچي ٿي". خادم عرض ڪيو ته سائين! هڪ ٿان ڪاڏي جي ڪپڙي جو وٺي ڪري شاگردن ۾ ورهائجي ته پاڻهي خبر پئجي ويندي. خادم ڪپڙا ڏيڻ جي لاءِ هڪ هڪ شاگرد کي گهرائي پيش ڪري ٿو. ۽ حضرت خواجه صاحب السير رحه پنهنجي پاڪ هٿن سان ڪنهن کي ڪرتي جو ڪپڙو ته ڪنهن کي وري چادر جو ڪپڙو عنايت فرمائي رهيا آهن. طالب علم دستور موجب هڪ ٻئي کان اڳ وڃڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. پر هڪڙو ٻار (طالب علم) هڪڙي ڪنڊ ۾ ويٺو پري کان نظر پچائي حضرت خواجه رحمة الله کي ڏسي رهيو آهي. جڏهن سمورا طالب علم فارغ ٿي ويا ته حضرت خواجه رحمة الله هن ٻار کي گهرائي چادر ڏيڻ جو ارادو فرمايو ٻار عرض ڪيو ته حضرت مان ته اهڙي چادر جوخواهشمند آهيان جيڪي نه پراڻي ٿئي ۽ نه تنگ ٿئي ۽ نه ڦاٽي. حضرت خواجه ٻار کي چادر عنايت ڪندي خادم کي فرمايو ته هيءُ اهو ٻار

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

آهي.....!

اهو سيراني بزرگ رحہ جنهن حافظ الملت رحہ جي جم کان اڳ آمد جي پيش گوئي ڪئي هئي. اهو ساڳيو ئي بزرگ آهي جنهن ماڙي جندو خان ڏهرجي مدرسي ۾ وقت جي قطب جي سڃاڻ ڪري هڪ قسم جو اعلان فرمايو تہ جنهن قطب تاري جي نور جو نظارو مان پرچوندي لڳ شاهي (بادشاهڻ) سڙڪ جي ڪناري ڳوٺ پرچوندي شريف جي پرسان ڪيو هو.

اهو هاڻي جندو خان جي ماڙي ۾. "اقرا باسم ربك الذى خلق" تي عمل ڪندي هت ظاهري علم پرائي ٿو. جڏهن حضرت خواجہ رحمتہ الله عليہ ماڙي جندو خان واري مدرسي ۾ حضرت حافظ الملت رحہ کي خرقہءِ روحاني طور پنهنجن هٿن مبارڪن سا ن چادر عنايت ڪئي تہ حافظ الملت رحہ جن جي عمر مبارڪ ان وقت ست 7 سال کن هئي جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ حضرت جن جي ولادت جو سال 1234ھ بالڪل درست آهي.

هي ٽيون واقعو حضرت حافظ الملت محمد صديق جن جي ولادت ۽ رمضان المبارڪ جي چنڊ ڏسڻ سان تعلق رکي ٿو. جماعت جي وڏن فقيرن ۽ خاندان جي بزرگن کان روايت آهي تہ حضرت حافظ الملت رحمة الله جي ولادت پهرين رمضان المبارڪ واري رات ۾ ٿي هئي هن رات شايد جهڙ ۽ مينهن جي ڪري چنڊ نظر نہ آيو. صبح جو ماڻهن ۾ روزي رکڻ جو چوهول ٿيو تہ حضرت حافظ الملت رحمة الله عليہ جي والده ماجده ٻڌايو تہ اڄ سحري جي وقت کان وٺي ٻار کير نہ پيتو آهي. اٿين ماڻهن انهيءَ شهادت تي روزو رکيو ۽ پوءِ ساري رمضان ۾ هن روزي جي وقت کير نہ پيتو.

هن واقعي کي سامهون رکندي جڏهن تقويم تاريخي (عبدالقدوس هاشمي) جو مطالعو ڪبوتہ 1234ھ ۾ پنجشنبہ (خميس) جو ڏينهن رمضان المبارڪجو پهريون روزو ٿيندو. انهيءَ حساب سان بہ سندس ولادت مبارڪ

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

1234ھ ۾ بلڪل درست ۽ صحيح نظر اچي ٿي.

☆ **سندن حسب نسب:**

حضرت حافظ الملت رحمة الله جن جو قوم قبيلو، ذات ۽ وطن متنازعہ رهيو آهي. عام طرح سان سندن ذات سميجو مشهور آهي. جيڪي سنڌ جي سماٽ قبيلن مان ليکجي ٿي. هڪ روايت مطابق سندن خاندان عرب کان ڪيچ (مڪران) جي رستي سنڌ ۾ داخل ٿيو ۽ پرچونڊي شريف کان اتر پاسي ٻن ٽن ميلن جي مفاصلي تي شاهي (بادشاهڻ) سڙڪ جي ڪپ تي آباد ٿي ويو.

☆ **تعليم:**

حضرت حافظ الملت رحہ ننڍي کنهن وڏاءُ جي ڄمندي ڄام هو. ۽ نيڪ بخت ۽ سعادت آثار طالب علم ڪي جڏهن قرآن مجيد جي قاعدي لاءِ پرچونڊي شريف جي هڪ ويجهڙي ڳوٺ ۾ سندن والده ماجده حافظ محمد موسيٰ پنهو رحہ وٽ ويهاري آئي تہ هڪ نيڪ بخت استاد ڪيس قاعدو پڙهائي قرآن مجيد ۾ روان ڪري والدين ڪي چيو تہ ٻارڪي ڪنهن وڏي درسگاه ۾ داخل ڪرايو تہ بهتر ٿيندو. ائين والده ڪيس وري راڃنپور (لڳ اٻاوڙي) جي مدرسي ۾ ويهاري آئي. مدرسي جي مهتمم ۽ مدرس ميان صاحب ميان محمد عثمان (وڏي) ٻار جي پيشاني ۾ جڏهن علم لدني روحانيت جا آثار ۽ نور ڏٺو تہ حيرت ۾ پئجي ويو. ۽ تمام ٿورڙي عرصي ۾ ڪيس هڪ اڌ سيپارو حفظ ڪرائي چيو تہ امڙ! هن ٻارڪي حضرت سيد حسن شاه جيلاني جي بابرڪت مدرسي سوئي شريف ۾ داخل ڪرايو ڇوتہ هن جي ظاهري توڙي باطني علوم جو حصو لوح محفوظ مطابق سوئي شريف ۾ ئي لکيل آهي. ائين ميان محمد عثمان رحہ (باني مدرسہ راڃنپور) جي صلاح مطابق کين سوئي شريف جي ديني روحاني مدرسي ۾ داخل ڪرايو ويو. بهرحال

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سوئي شريف جي مدرسي مان قرآن مجيد حفظ ڪرڻ، فن تجويد ۽ قرائت جي مڪمل سکيا حاصل ڪرڻ کانپوءِ ڪين حضرت جيلاني بادشاھ جي صلاح سان خانقاه عاليه پير موسيٰ نواب رحه (جيڪو حضرت غوث العالمين بهاءُالدين زڪريا جو خليفو ۽ پڻ سئوٽ هيو) جي هڪ عقيدتمند زميندار جند و خان ڏهرجي قائم ڪيل مدرسي ماڙي (جند و خان) ۾ داخل ڪرايو ويو. انهيءَ مدرسي ۾ ئي حضرت حافظ الملت جي لاءِ سلسله اويسيه جي نامور بزرگ حضرت خواجه عبدالخالق اويسي جي پهرين سجاده نشين حضرت سلطان بالا دين اول اويسي رحه فرمايو هيو ته هيءُ بار وقت جو قطب ٿيندو. معلوم ٿئي ٿو ته حضرت حافظ الملت رحه حصول علم جي تلاش ۾ ڪيترن ئي مدرسن ۾ وڃي پنهنجي علمي اُڃ اجهائڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا آهن. حضرت حافظ الملت رحه جي هڪ خليفي زادي ۽ مريد احمد سائين خانگڙهي رح جي سوانح نگار لکيو آهي ته حضرت احمد سائين رحه جي لکت موجب حضرت حافظ الملت رحمة الله عليه عربي جي تعليم پٽ (پاٽ) جي شهر ۾ وٺندا رهيا هئا. اتي قلندري فقير جيڪو عام ماڻهن کان لڪيل يعني مستور الحال هيو. تنهن سان بہ ملاقات ٿي هين.

مطلب تہ حضرت حافظ الملت رحمۃ الله عليه سنڌ ۽ سابق رياست بهاولپور جي هران مدرسي ۾ پهتا آهن. جنهن لاءِ ڪين خبر پوندي هئي تہ هت ڪو وڏو عالم يا ڪنهن خاص فن جو بهترين ماهر استاد آهي. سندن تعليم پرائڻ جي باري ۾ اهڙيون راويتون ۽ تحريري دستاويزهن غلط ڏند ڪتا جي بنہ ترديد ڪن ٿا، تہ حضرت حافظ الملت رحه رڳو حافظ قرآن هئا. ۽ ديني علوم يا قرآن حديث جي فهم کان ايترا باخبر يا وڏا عالم نہ هئا.

## ☆ خانقاه پرچونڊي شريف جو قيام:

حضرت حافظ الملت رحمۃ الله عليہ مختلف مدارس ۽ مڪاتب

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

مان ظاهري تعليم پرائي والده ماجده جي رهبري ۾ اٽڪل يارهن ورهن جي ڄمار ۾ وري ٻيهر وڃي سوئي شريف پهتا ۽ مرشد جيلاني رحہ جي خدمت اقدس ۾ سندن وصال گهڙي تائين حاضر رهي ڪري ظاهري ۽ باطني علم جي تڪميل ڪندا رهيا. 26 ذيقد 1254ھ ۾ حضرت جيلاني بادشاھ جو انتقال ٿيو. ان وقت حضرت حافظ صاحب جي عمر ويهہ ورهيہ هئي، هن لحاظ سان حضرت جن اٽڪل (نو) سال حضرت جيلاني رحہ جي مدرسي ۽ خانقاھ ۾ قيام پذير رهيا. انهن نون ورهين ۾ جيڪر پنج ڇهہ سال ڪن ظاهري علوم جي تڪميل ۾ گذاريا هونداڻون تہ اٽڪل ٽي چار سال ڪن وري باطني تعليمات، تزڪيہ نفس، ۽ تجليه روح ۾ بہ گهاريا هونداڻون. حضرت جيلاني بادشاھ جي وصال ڪانپوءِ حضرت حافظ صاحب رحہ ڪجهہ عرصو خانقاھ سوئي شريف ۾ ترسيا. پر پوءِ جلدي اچي پرچونڊي شريف ۾ قيام پذير ٿيا. سڀ کان پهريائين هڪ جامع مسجد جي تعمير جو آغاز فرماياڻون. جيڪا اڄ سوڏو پوري علائقي جي مسجدن مان تمام وڏي وسيع، خوبصورت مسجد ۽ سندن هڪ عظيم يادگار آهي. پرچونڊي شريف جي اها مسجد "لَمَسْجِدٌ اُسِّسَ عَلَى التَّقْوٰى" جو عظيم الشان مظهر آهي ڇوتہ سندس تعمير وقت هر سرتي فقير وضوءِ سان ڪلمي پاڪ جو ورد ڪندا هئا. ۽ حضرت حافظ صاحب رحہ بہ پاڻ سرون کڻڻ، گارو ناهڻ ۽ ٻين تعميراتي ڪمن ۾ فقيرن سان گڏ شامل رهندا هئا انهن سيني فقيرن ۽ خود حضرت حافظ الملت رحمتہ اللہ عليه تي حضور ﷺ جو هي فرمان مبارڪ صادق اچي ٿو تہ "من بنى لله مسجد ابنى الله له بيتا فى الجنة" مسجد جي تعمير کانپوءِ بہ گهريا اوطاق بنائڻ جو فڪر ڪونہ هيو. ڇوتہ مسجد شريف ئي سندن عبادت گاھ ، درسگاھ ذڪر و فڪر جو حجر و مهمان خانو هئي. هن مسجد شريف جي هڪڙي ڪنڊ ۾ خانقاھ پرچونڊي جو صاحب سجاده (هادي

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سائين رحہ) ذڪر و فڪر ۾ محو آهي تہ ٻئي پاسي خليفو دلمراد ڪوسو مراقبي ۾ مشغول آهي تہ ڪنهن پاسي وري خليفو عبدالغفار خانگڙهي ڇهن لطيفن جي مشق ۾ لڳو پيو آهي. هڪڙي گوشي ۾ سيد المجاهدين مولانا تاج محمود امروٽي رحہ مجاهدات روحاني ۽ جهاد با النفس جي مشقن ۾ رڌل آهي تہ سندس پرپاسي ۾ وري عبدالقادر رائيپوري رحہ ۽ شيخ الحديث مولانا حسين احمد مدني رحہ جو پيرو مرشد دينپور جو سجاده نشين خليفو غلام محمد علمي ۽ روحاني نڪتا حل ڪرڻ جي خيالات ۾ مگن، خاموش مراقبي ۾ ويٺو آهي. مسجد جي محراب جي ڪنڊ ۾ خليفو ابوالخير رحہ (ڪوئيٽه وارو) خليفو محمد عمر شاه عراقي رحہ ۽ ڪابل مان آيل خليفو عبدالرحمٰن ڪابلي رحہ ذڪر و فڪر جي مراقبن ۾ مشغول آهن تہ وري مسجد جي ٻاهرين دروازي واري حجرن مان ڪنهن حجري ۾ امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌي انقلابي پروگرام تي ويچار ڪرڻ ۾ مست ۽ محو نظر اچي ٿو. هن جي پر وارن حجرن ۾ وري خليفو شمس الدين احمد پور لموي ، خليفو رب ڏنو هڪڙو خليفو پير عمر جان نقشبندي (چشمه ڪوئيٽه وارو) خليفو عبدالعزيز (ڪالاباغ وارو) فقير غلام محمد سميجو ۽ خليفو غلام علي فقير خشڪ مولودن، نعتن ۽ سماع جي تند تنوار ۾ عارفانہ ڪلام جي زور تي پنهنجون محفلون گرم ڪيون. ايستائين ويٺا هوندا هئا جو تهجد جي اعلان جو وقت ٿي ويندو هو ۽ پوءِ اهي سڀ جا سڀ پنهنجي پيرو مرشد حضرت حافظ صاحب رحہ جي پيروي ڪندي نماز تهجد ۾ مشغول ٿي ويندا هئا. حضرت حافظ صاحب رحہ جڏهن پرچونڊي شريف کي پنهنجو مسڪن بنايو. ۽ مسجد تعمير ڪري ان ۾ ئي مدرسي جو بنياد وڌو ۽ باقائده خانقاه قائم ڪئي تہ هن ڳوٺ جي تقدير ئي تبديل ٿي وئي هن ڳوٺ ۾ رهندڙ يا ٻاهريان ايندڙ هندو، مسلم ”لا اله الا الله“ جي ذڪر جي

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ضربن جي تنوار ٻڌي پنهنجو پاڻ ذوق ۾ راڇي ويندا هئا. ۽ اهي پنهنجي گهرن ۾ انهيءَ ذڪر جي لذت ۽ ڪيفيت وسرور مان لطف اندوز ٿي ڪري اهي ڪلما جهونگاريندا هئا. مطلب تہ ڏسندي ئي ڏسندي خانقاه عاليه پرچونڊي شريف قرآن وحديث جي تعليمات ۽ روحانيت جو هڪ وڏو مرڪز بڻجي ويئي. سندس در و ديوار مان ”قال الله جل جلاله ۽ قال الرسول ﷺ“ جون صدائون بلند ٿيڻ لڳيون پرچونڊي شريف صرف هڪ روحاني خانقاه نہ هئي بلڪ هڪ عظيم الشان ديني علمي، ادبي ۽ تحقيقي ادارو بہ هئي پرچونڊي شريف جي گلشن علم و حڪمت ۽ مڪتب فڪرونظر جي روشني جا ڪرڻا سرزمين حجاز، افغانستان، ايران، ترڪي ۽ مصر کان ٿيندي وڃي ماسڪو جاپان ۽ يورپ تائين وڃي پهتا عام ماڻهن جو خيال آهي تہ حضرت حافظ الملت رحہ صرف قرآن مجيد جا حافظ هئا يا ٻين لفظن ۾ سندن مراد هي آهي تہ حضرت حافظ صاحب رحہ هڪ حافظ، ميانجي ۽ الله الله ڪندڙ درويش ۽ فقير هئا. باقي علوم قرآن و حديث ۽ فقہ و تصوف جا ماهر يا مجاهد، مجتهد ۽ روحاني انقلاب جا امام نہ هئا پر ائين نہ آهي. سندن ڪتبخاني جي وسعت ۽ قلمي ڪتابن جي موجودگي ٻڌائي ٿي تہ حضرت مالڪان رحہ صرف جيد عالم مفسر محدث فقيہ ئي نہ هئا بلڪ فقہ ۽ روحانيت جي اعمال واشغال ذڪر ۽ فڪر ۽ لطائف و مراقبات جي مسائل ۾ مجتهدا نہ نظر رکندا هئا. ماڻهو ڪا شرعي فتوي پڇڻ لاءِ حاضر ٿيندو هيو تہ حضرت حافظ صاحب سائلن کان مسئلي جي صورتحال پڇي ڪري جواب ۾ فتوي پهريان قرآن مجيد مان استدلال وري حديث شريف جي حوالي سان مسئلي جي تائيد ۽ پوءِ وري فقہ جي ڪتابن جي حوالي سان مسئلي کي واضح ڪندا هئا ان ڳالهہ ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ حضرت حافظ الملت رحہ جي ملفوظات ۾ جامع ملفوظات فقير مولوي عبيدالله مرحوم

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مختلف مقامات تي قرآن حديث فقہ ۽ تصوف جا ڪي اهڙا اسرار ۽ رموز مالڪن جي زبان مبارڪ مان نقل ڪيا آهن. جيڪي ڪنهن بہ مروج ۽ متداول تفسير فقہ يا تصوف جي ڪتابن ۾ نہ ٿا ملن. انهيءَ ڪري حضرت حافظ صاحب رحہ کي بلا مبالغہ پنهنجي وقت جو هڪ مجدد مجتهد، عالم سمجهڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو.

☆ حضرت حافظ الملت رحہ جا همعصر:

حضرت حافظ الملت رحہ جي وقت جا همعصر (1) عارف باالله حضرت سيد حزب الله شاه مسڪين رحہ روضي ڌڻي (پير پاڳارو) (2) سنڌي ڪافي جا برک شاعر ۽ وقت جا ولي الله حضرت سائين سيد اصغر (پير پاڳارو) (3) خواجہ فخر جهان چشتي نظامي رحہ (خواجہ فريد رحہ جو مرشد ۽ وڏو ڀاءُ ۽ فارسي جو بلند پايہ وحدت الوجودي شاعر) (4) وحدت الوجود جو علمبردار سرائڪي ڪافي جو بادشاه خواجہ فريد رحہ (5) عالم، فقيہ ۽ عاشق رسول ﷺ مولانا عبدالغفور همايوني رحہ (جنهن جي هڪ مشهور ۽ مقبول نعت ) "تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڌا زندان هزارين مان نہ رڳو" مقبول بارگاهہ رسول آهي. (6) صوفيا نہ ڪلام جو استاد شاعر خير محمد فقير هيسباڻي(7) مولانا عبدالقادر انيڙ پنهواري وارو استاد حضرت سيد تاج محمود امروٽي رح (8) حضرت فقير قادر بخش بيدل صوفي شاعر (9) عارفانہ ڪافين ۽ ڏوهيڙن جو بلند پايہ شاعر فقير دريا خان زنگيجو (10) سعدي سنڌ حضرت مولانا بهاءُ الدين بهائي وغيره جهڙن اهل ڪمال علماءَ، مشائخ ۽ سخنورن سان خلوص، محبت ۽ دوستي جا ناتا هئا. اهي سڀ حضرات حضرت حافظ الملت رحہ جي روحاني مقام، خانقاهي نظام ۾ سندن اجتهادي ڪارنامن جذبہ جهاد ديني مذهبي ۽ روحاني امور ۾ سندن بصيرت ۽ بلند نظري ۽ سندن پاڪيزه شعري ۽ ادبي ذوق جهڙي ڪمالات

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

جا دل جي گهراين سان معترف هئا. ننڍي ڪنڊ ۾ سلسله عاليه چشتيہ جا آخري شيخ الڪل حضرت خواجہ فخر جهان رحہ (ڪوٽ مٺڻ شريف وارا) حضرت حافظ صاحب جو تمام احترام ڪندا هئا. حضرت حافظ صاحب جو روحاني ۽ قلبي تعلق عارف باالله حضرت سيد حزب الله شاه مسڪين سان تمام گهٽو هو. پر هو بادشاهہ بہ حضرت حافظ صاحب جي ڏاڏي پير جو سجاده نشين هجڻ جي باوجود حضرت حافظ صاحب رحہ جي حد ڪان وڌيڪ عزت بلڪ ساڻن محبت ڪندا هئا. ديوان مسڪين (فارسي) جي مقدمي (مهاڳ) ۾ ديوان جي مرتب لکيو آهي تہ حضرت مسڪين رحہ جي علالت جي دوران حضرت حافظ صاحب سندن عيادت لاءِ حاضر ٿيا تہ حضرت مسڪين رحہ اطلاع ملڻ تي سندن اندر اچڻ ڪان اڳ سوڙ (رضائي) گهرائي تهہ در تهہ ڪري حضرت حافظ صاحب رحہ جي لاءِ وڇرائي پوءِ اندر گهرايائون ۽ گهڻي دير تائين ٻنهي جي وچ ۾ راز رموز ذوق ۽ عرفان ۽ محبت سان ڳالهيون ٿينديون رهيون: گفتگو جي دوران حضرت سيد حزب الله شاهہ مسڪين رحہ حضرت حافظ صاحب رحہ سان مخاطب ٿيندي لب ڪشا ٿيا. ۽ فرمايائون تہ حافظ! مثنوي مولانا روم ۾ اوليائن ۽ ڪاملن لاءِ جيڪي صفتون ٻڌايون ويون آهن مان ڏسان ٿو تہ اهي سموريون تو ۾ ليجن ٿيون. هڪ ٻئي موقعي تي پاڻ فرمايائون تہ حافظ محمد صديق رحہ جڏهن قرآن مجيد جي تلاوت ڪندو آهي تہ ائين محسوس ٿيندو آهي جڻ ڪلام رباني هينئر لوح محفوظ ڪان نازل ٿئي ٿو.

مولانا عبدالغفور همايوني رحہ جي جڏهن حضرت حافظ صاحب سان ملاقات ٿيندي هين تہ حد ڪان وڌيڪ احترام سان پيش ايندا هئا. بلڪ ”تصور شيخ“ جي مسئلي تي حضرت حافظ صاحب جي موقف جو سهڻي نموني تائيد ڪري سندن علمي ۽ روحاني فضيلت ۽ مقام جو اعتراف

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ڪيائين. سعدي سنڌ مولانا بهائي جي فارسي ڪليات ۾ قدم قدم تي حضرت حافظ صاحب رحہ جي منقبت ۽ تعريف ۾ فارسي غزل نظم قصيدا مثنوي ۽ رباعيات جا انبار ملن ٿا.

☆ **وفات**

تيرهين صدي ۾ مشرق و مغرب جي انقلابي صوفيا جي قافلي جو هي سرواڻ آخر "ڪُلُّ مَنۡ عَلَيۡهَا فَانٍ"جو جام پي 10 جمادي الثاني 1308ھ مطابق جنوري 1891ع تي وڃي پنهنجي مالڪ حقيقي جي قرب ۾ جاگزين ٿيا. (رحمة الله تعاليٰ).

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# پاڱو ٻيو

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

## پاڱو پهيو

# ملفوظات مالڪان (فارسي) جو سنڌي ترجمو

الله جي ضعيف ٻانهن مان هڪ ٻانهون فقير عبيدالله ملفوظات جي پڙهندڙن جي خدمت ۾ عرض رکي ٿو ته اسان جو پير ۽ مرشد، روشن ضير مفتاح انوارالحقائق، مصباح رموزالدقائق قدوة المحققين، عمدة المدققين، امام السالڪين شيخ المشائخ (حضرت حافظ محمد صديق پرچونڊوي رح) جي ذات با برڪت جي ڪيمياءِ صحبت جو اثر مريدن ۽ معتقدن جي دلين جي لاءِ اطمينان جو سبب هئي.

سنڌن بلند وبالا شخصيت فقيرن جي جماعت جي لاءِ هڪ بهارجي ڪکرو وانگر هئي جنهن مان هر وقت معرفت جي درياءَ جا موتي وڏ ڦڙي مينهن وانگر وسي رهيا هئا. جنهن مان هر هڪ پنهنجي وت آهر فيض ورتو. ڪجهه ماڻهون معرفت جي درياءَ ۾ ٽٻي هڻي اطمينان ۽ سڪون جي دولت سان مالا مال ٿيا. ڪجهه ماڻهون حق جي واٽ ۾ ورد وظائف ۾ مصروف ٿي ويا ۽ انهن مان هڪ جماعت حضرت جن جي محبت ۾ رهي گذاريل گهڙين جي رات ۽ ڏينهن لطف ۽ لذت جي فراق ۾ پنهنجو پاڻ کي مصروف رکيو.

قدرت جي ازلي فيصلي جي مطابق جڏهن پاڻ رح الله جي وعدي تي لبيڪ چئي هن فاني جهان مان پردو فرمايو ته ضرورت محسوس ٿي ته وقت بوقت سنڌن زبان مبارڪ مان نڪتل موتي تحريري صورت ۾ آندا وڃن جن سان الله تعاليٰ جو تعلق، خدا تعاليٰ جو خوف توڪل، صبر ۽ رضا

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

مندي جهڙا درجا سمجهڻ ۽ انهن تائين رسائي حاصل ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهي. مونکي حضرت جن جي صُحبت مبارڪ ۾ حاضري جون جيڪي گهڙيون مليون هيون. مان انهن کي قيمتي سامان سمجهي ڪري سندن جي هڪ هڪ ڳالهه پنهنجي دل ۾ محفوظ ڪري رکي هئي. بالآخر انهيءَ ضرورت کي محسوس ڪندي انهن الله جي ياد ڏيا ريندڙ محفلن کي رات ڏينهن هڪ ڪري لکڻ شروع ڪيو. تاڪ طريقت جي واٽ کي تلاش ڪندڙ ۽ حقيقت جي منزل جا طلبگار حضرت جن جي ملفوظات، سيرت ۽ ڪردار جي روشني ۾ سلوڪ ۽ معرفت جون منزلون طي ڪن ۽ انهن کي بہ ڪنهن بہ مقام تي ڪا ڏکيائي محسوس نہ ٿئي.

ان سان گڏ خليفي محمد حسين رح پنهنجي شيخ جي ملفوظات ۾ سندن هڪ مقولو لکيو آهي تہ پنهنجي مرشد جي زبان وحي ترجمان مان مريد جيڪو بہ ملفوظ پڙهي ان کي وحي سمجهي ڪري جلدي لکي وٺي جو انهن برڪت پري لفظن جي برڪت سان مريد کي وڏي نعمت حاصل ٿيندي. آخر ۾ طريقت وارن کي گذارش آهي تہ حضرت جن جي ملفوظات ۾ جيڪڏهن ڪا گهٽ وڌائي يا غلطي نظر اچي تہ ان کي مون ڏانهن منسوب ڪن.

## معرفت 1:

### صورت پرستي

هڪ پيري هيءُ غلام مالڪن سڳورن جي حضور ۾ ويٺل هو. پاڻ زبان گُوهر افشان سان فرمايائون تہ: اي مولوي! هڪ دفعي اسان صوبي بلوچستان جي شهر ملديان ۾ هئاسون. اتي هڪ شخص صورت پرستيءَ بابت تحريري سوال ڪيو. تنهنجو والد "مولوي محمد شريف" اسان سان گڏ ويٺو هو. ڪائونس سوال پڇيو ويو پر هن جاٽي واٽي پوشيده جواب ڏنو

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

واضح ۽ مناسب جواب نہ ڏنائين. پوءِ فرمايائون تہ اي مولوي! صورت پرستي بہ قسم آهي. هڪڙي حلال, اها صورت پرستي آهي عارف ڪامل جي صورت جيڪا اصل مطلب تہ پهچائي ٿي. ٻي حرام, اها صورت پرستي آهي "غير" جي صورت يعني اجنبي عورت جو حسن ۽ جمال.

هن ڪان پوءِ پاڻ هيءُ نقل فرمايائون تہ هڪ ڏينهن رسول مقبول عليه افضل الصلواة واڪمل التحيات جن جي اصحاب ڪرام منجهان هڪڙي صحابي سڳوري نماز باجماعت پڙهي, ٻين اصحاب ڪرام ڪان پهريون مسجد شريف مان ٻاهر نڪري ويو. اتفاق سان هڪڙي صورت صاحب جمال ۽ حسن باڪمال اچي اتان لانگهائو ٿي. صحابي سڳوري جي وات ويندي سندس منهن تي نظر پئجي ويئي. دل ئي دل ۾ چوڻ لڳو تہ: سبحان الله! الله تبارڪ وتعاليٰ هن غليظ منيءَ جي قطري ۾ پنهنجي قدرت ڪامله سان ڪهڙو نہ حسن و جمال ۽ ڪمال رکيو آهي. ڪهڙي نہ عجيب ڪاريگري پنهنجي ڪاريگري مان پيدا ڪئي اٿس. صحابي سڳوري ڪي اهو دل ۾ خيال تعجب جي ڪري آيو نہ ڪو خيال شهوت ۽ نفسانيت جي ڪري. نيٺ تہ صحابي جي نظر اهڙي تہ امن پري چهري جي صورت تي وڃي پئي جو سندس ٻئي اکيون پوري طرح ان ۾ کپي ويون. اوچتو سندس منهن مبارڪ وڃي هڪ ڍٿل پٽ جي ڪناري سان لڳو. ۽ ان جي ڏک سان بيهوش ٿي ڪري پيو. ايتري ۾ اتي هڪ ٻيو صحابي آيو جنهن هن جو هيءُ حال ڏسي وڃي ٻين صحابين سڳورن کي ٻڌايو. صحابي سڳورا ڊوڙندا ويا. ۽ يڪدم حضور ﷺ کي وڃي حقيقت عرض رکيائون. پاڻ ڪريمن فرمايو تہ هن تي پاڻي هاريو تہ جيئن هوش ۾ اچي. جڏهن هوش ۾ آيو تڏهن حضور مقبول ﷺ جن ڪائونس پڇيو تہ توسان هيءُ ڇاٿيو؟ صحابي پنهنجي پوري حقيقت بيان ڪئي. پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي زبان مبارڪ سان فرمايو تہ

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اي صحابي! هن صورت پرستي جو بدلوهن دنيا ۾ تون هن طرح چکيو ۽ ڏنو باقي آخرت ۾ خبر نہ آهي تہ ڇا ٿيندو.

## معرفت 2:

### صورت پرستي حرام آهي

حافظ عبدالرحيم چوي ٿو تہ: هڪڙي وقت حضرت مالڪان عاليشان قدس سره همايون شهر جي خليفي عبدالغفور صاحب جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا. صحبت هلندي مولوي رضا محمد، ميان عبدالغفور جي روبرو مالڪن سڳورن کي عرض ڪيو تہ يا حضرت! ڌارين عورتن جي سهڻي صورت ۽ سيرت تي عشق مجازي ۽ صورت پرستي جائز آهي يا نہ؟ زبان درافشان گوهر سنجان مان فرمايائون تہ اي مولوي! هيءَ صورت پرستي ظاهر ظهور حرام آهي. ميان عبدالغفور صاحب چيو تہ يا حضرت! جائز آهي حرام نہ آهي. ميان صاحب جي جواب جي مراد مشهور مقولو "المجاز قنطرة الحقيقة" هو مالڪن سڳورن فرمايو تہ ميان صاحب! هيءُ مجاز نہ اوهان جي لاءِ جائز آهي ۽ نہ ٻئي عوام جي لاءِ.

## معرفت 3:

### وارن کي خضاب لائڻ بابت

شيخ عبدالرحمان نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت "قبلة العارفين" مسجد شريف جي دروازي تي ويٺا هئا. فقير يار محمد افغان کي اشارو فرمايائون. اهو "دست بستہ" اچي حضور ۾ ويٺو ڪيس فرمايائون تہ اي يار محمد! وارن کي ڪيس (خضاب) لائڻ بابت غازي خان کي جيڪو ڳامون سڄار بيت ۾ جواب ڏنو هو اهو تہ ٻڌاءِ! يار محمد فقير عرض ڪيو تہ: وڃي آک انهين ڏڳي نون! ڪيس نہ لاءِ ٻگي نون! اڳي پيڇهي مرنا. منهن ڪالا ڪيون ڪرنا.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

**معرفت 4:**

## دنيا لعنت ڪيل آهي

ميان "محمد شريف" منهنجي والد ٻڌايو ته هڪ ڏينهن حضرت "قبلة العارفين" فرمايو ته خدا جي ياد کان سواءِ جيڪي به آهي، اها دنيا آهي. ۽ هيءُ ان حديث شريف جي موافق آهي. جيڪا حضرت ابو هريره رضه کان روايت آهي "قال قال رسول الله ﷺ الا ان الدنيا ملعونة وملعون ما فيها الا ذكر الله" رسول الله ﷺ جن فرمايو خبردار دنيا ۽ ان ۾ موجود شيون لعنت ڪيل آهن سواءِ الله جي ذڪر کان. صاحب مشڪواة هن حديث کي ترمذي ۽ ابن ماجه تان نقل ڪيو آهي.

**معرفت 5:**

## اسان پنهنجو رب ظاهري صورت ۾ هٿ ڪيو آهي

حافظ عبدالرحيم چوي ٿو ته هڪڙي وقت حضرت مالڪ سڳورا همايون مان اچي ميان جي ڳوٺ (ضلع شڪارپور) ۾ منزل انداز ٿيا. اتي پڻ صورت پرستيءَ جي باري ۾ ڳالهه نڪتي. هن مجمعي ۾ گهڻي مخلوق، علما ۽ سادات پڻ موجود هئا پاڻ سڳورن فرمايو ته: "اسان پنهنجو رب حق سبحانه و تعالىٰ هن پڌري صورت ۾ هٿ ڪيو آهي، ٻيو هر ڪو مرضي وارو آهي."

**معرفت 6:**

## مجاز حقيقت جو ذريعو آهي

هڪ ڏينهن هيءُ بندو حضور پر نور مالڪان عاليشان قدس سره جي مجلس ۾ ويٺل هو. مون سان مخاطب ٿي فرمايائون ته: اي مولوي! "المجاز قنطرة الحقيقة" جي معنيٰ هيءَ آهي. مجاز مان مراد تصور عارف ڪامل جي صورت جو آهي. نه غير جي صورت جو اي مولوي! جهڙيءَ طرح

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

صورت محمدي مظهر ذاتي آهي. اهڙيءَ طرح شيخ ڪامل جي صورت مڪمل مظهر صفاتي آهي.

## معرفت 7:

### ولين جو منڪر الله جو دشمن آهي

هڪ ڏينهن هيءُ غلام حضور ۾ حاضر هو. پاڻ سڳورا سانجهيءَ جي نماز پڙهي باغ ڏانهن هليا ويا. آءُ به نماز پڙهي سندن ڳولا ۾ نڪتس اوچتو منهنجي نظر مٿن پئجي ويئي. ڏٺم ته پاڻ سڳورا ڪٽ تي واگڻن جي واڙي ۾ آرام پذير آهن. آهسته آهسته وڃي ڪٽ جي پير ۾ هيٺ ٿي ويهي رهيم. موتين پري زبان سان فرمايائون ته: مولوي آهين؟ مان عرض ڪيو ته " دروازي جو غلام" فرمايائون ته اي مولوي! جيڪو به اهل الله جو منڪر ٿيندو اهو خدا جو دشمن آهي "اعاذنا الله منها اعاذا ڪبيرا" الله اسان کي پنهنجي پناهه ۾ رکي.

## معرفت 8:

### شيعيت ڪيئن شروع ٿي

هڪ ڀيري هيءُ بندو درگاهه عرش اشتباهه تي حضور ۾ حاضر هو صحبت هلندي سراپا رحمت هن ناڪاره بندي سان مخاطب ٿيا. فرمايائون ته اي مولوي! "رفض" (شيعيت) جي جاري ٿيڻ جو پهريون سبب ڪهڙو هو مان ماٺ ۾ هوس پاڻ نقل فرمايائون ته ڪتاب "خزانة الاعظم" ۾ سند طور آيل آهي ته: هڪ شخص هو (جنهن جو نالو ياد نٿو اچي) جيڪو ٻين خلفائي راشدين جي مقابلي ۾ حضرت علي ڪرم الله وجهه سان ڏاڍي محبت ۽ عقيدت رکندو هو.

جڏهن حضرت ابوبڪر صديق رضه کان پوءِ امير المومنين عمر فاروق رضه کي خلافت ملي تڏهن ان حضرت علي رضه کي چيو ته سائين

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

منهنجا! خلافت مناسب تہ اوهان جي لاءِ هئي پوءِ اوهان چونہ خليفا ٿيا؟ حضرت علي سائين جواب ڏنس تہ اي پليت! صبر ڪر: وري خلافت حضرت عمر سائين کان حضرت عثمان غني تائين پهتي. ان وقت بہ هن کي صبر نہ آيو ۽ ساڳو مشورو ورجايائين "حضرت علي سائين" ڏاڍي ڪاوڙ ۽ گرميءَ سان کيس چيو تہ اي پليت! جيڪڏهن اهي لفظ ٻيو ڀيرو ورجايوءَ تہ پوءِ تنهنجو سر تکي تلوار سان تنهنجي ڌڙ کان ڌار ڪندس. نيٺ خلافت حضرت علي سائين تي اچي پهتي ۽ اهو ماڻهو بہ سندس خدمت اقدس ۾ رهيو حضرت علي رضہ کان پوءِ امير معاويہ رضہ خليفو ٿيو. ان کان پوءِ امام جعفر صادق رضہ وٽ خلافت پهتي. هيءُ شخص امام صاحب جن جي خدمت ۾ بہ رهيو. سندن اڳيان شرعي احڪام جو پابند، دين محمدي جو پوءِ لڳ ۽ امام صاحب جن جي حڪم ۽ راءِ مطابق هلندو رهيو. ماڻهن ۾ بہ امام جعفر صادق رضہ جن جو مکيہ معتمد ۽ معتقد مشهور ٿي ويو. سندن وصال کان پوءِ نائب ۽ قائم مقام ٿيو. انهيءَ دور ۾ هن اهي اقوال ۽ خيال جوڙيا جيڪي هو ٽنهي خليفن جي مقابلي ۾ حضرت علي سائين سان وڌيڪ محبت ۽ اخلاص خاطر رکندو هو. اهي ڪتاب ڳجهيءَ طور امام صاحب جي ڪتبخاني ۾ داخل ڪري ڇڏيائين. ڪنهن کي هن بابت خبر ڪانہ رهي امام صاحب جي رحلت بعد ان وقت جي ماڻهن سندن ڪتابن جو معائنو ڪيو ۽ انهن تي عمل پڻ ڪري شرعي طريقي تي هليا يعني ڪتابن جي اقوال کي "حضورﷺ" ۽ صحابہ ڪرام جي افعال سان ڀيٽيندا رهيا، مخالف قول کي ڇڏي موافق تي عمل پيرا رهيا. ۽ ڪي وري رافضي طريقي تي هلي انهن ڪتابن جي قول کي حضور مقبول ﷺ جن جي ۽ اصحاب ڪرام جي افعال ۽ اقوال سان ڀيٽ نہ ڪيائون ۽ غير شرعي هلت تي هلي پيا. يعني حضرت علي سائين رضہ جي دوستي ۽ محبت کي خلفاءِ ثلاثہ

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

(ٽن خليفن) جي محبت تي مقدم رکيائون. پوءِ مالڪن سڳورن فرمايو تہ جيڪڏهن طالب جي دوستي پنهنجي "شيخ ڪامل" سان حد کان زياده ٿئي ٿي تہ پوءِ اها دوستي گهٽو ڪري طالب کي شريعت ۽ طريقت مان ڪڍي گمراهي ۾ اڇلائي ڇڏي ٿي.

## معرفت 9:

## شريعت، طريقت ۽ حقيقت ۾ فرق

هڪ ڀيري هيءُ غلام مالڪان عاليشان قدس سره جي خدمت اقدس ۾ حاضر هو صحبت هلندي رحمت ڀري زبان معارف سان فرمايائون تہ: شريعت، طريقت ۽ حقيقت جي وچ ۾ هيءُ فرق آهي. جو شريعت سرور ڪائنات صلي الله عليہ وسلم جي افعال مبارڪ کي چيو وڃي ٿو. ۽ طريقت حضور اڪرم ﷺ جن جي اقوال مبارڪ کي ۽ حقيقت جيڪي حضورﷺ جن ظاهر ظهور ڏنو معرفت ۽ حقيقت هڪجهڙائي رکندڙ آهن پوءِ پاڻ فرمايائون تہ: سرور ڪائنات ﷺ جن جي صورت مبارڪ تي نمونا هئي. هڪ بشري پوءِ جيڪو بہ حضورﷺ کي محمد بن عبدالله بن عبدالمطلب ۽پنهنجي جنس وانگر تصور ڪندو اهو مشرڪ ۽ ڪافر ٿي رهندو. جيئن قريش اهل مڪه ٻي صورت ملڪي. جيڪڏهن حضورﷺ جن کي رڳو جنس بشر منجهان نہ بلڪ ملائڪن کان بہ افضل سمجهو اهو ولايت جي درجي تي فائز ٿيو"ٽين صورت حقي" پوءِ جنهن سيد الڪونين کي نہ بشر نہ ملڪ بلڪ نور حق سمجهيو. ان اهو ڪجهہ ڏٺو جيڪي حضورﷺ جن ڏٺو پوءِ فرمايائون تہ جيڪڏهن حبيب خدا ﷺ جن صورت بشري منجهان نہ اچن ها. تہ ڪير انسان ساڻن صحبت اختيار ڪري ها ۽ معارف الاهي ۽ اڻ کٽ اسرار حاصل ڪري ها. ۽ ڪيئن هن طرح دين محمدي رونق پذير ٿئي ها ۽ ڪهڙي طرح مڪي وارا هيترا مشاهدا ۽ معجزا ڏسن ها.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سرور ڪائنات ﷺ جن جي مبارڪ صورت اها صورت آهي. جنهن جي اچڻ سان بت برباد ٿي ويا فقط ڪعبه الله شريف ۾ 360 بت هئا جن جي مڪي وارا پوڄا ڪندا هئا بيت الله پاڪ ٿي ويو ۽ حق سبحانه وتعاليٰ جو عبادت خانو بڻجي ويو. هن صورت مبارڪ جي زيارت لاءِ هر طرف کان ماڻهن جا ٽولا ٽولا گڏ ٿيندا ويا ۽ انهيءَ صورت جي برڪت سان مشرف با سلام ٿي مشرڪن ۽ ڪافرن سان جنگيون لڙندا رهيا.

## معرفت 10:

## عارف ڪامل پاڻ کي زماني جي ماڻهن منجهان بڻائي ٿو

هڪ ڀيري هيءُ بندو حضور ۾ حاضر هو. پنهنجي زبان مبارڪ سان فرمايائون ته: مهاڻن جي رسم آهي. جو دريائي پکين جي شڪار لاءِ دريائي پکين جي کل ڍڪي (جنهن کي موئرو چئجي ٿو) پاڻ کي پکين جي جنس منجهان بڻائي درياءَ ۾ ترندي شڪار جي ارادي سان پکين ڏانهن ويندا آهن ته پنهنجو آواز به انهن جهڙو بڻائي کين فريب ڏيندا آهن. پکي به سندن آواز تي ٺڳجي کين پاڻ جهڙو سمجهي وڃي انهن جي چوڌاري گڏ ٿيندا آهن. جڏهن سڀ پکي پهچي ويندا آهن تڏهن ملاح پاڻي ۾ اندران ئي اندران سندن ٽنگن ۾ ڦاهي وجهي کين چڪيندو آهي. ان مهل پکي سمجهندا آهن ته هيءُ پکي اسانجي جنس مان نه آهي. جيڪو اسان کي چڪيو ٿو وڃي. اهڙي طرح عارف ڪامل پاڻ زماني جي ماڻهن منجهان بڻائي پاڻ تي لباس بشري ڍڪي، هر ڪنهن سان محبت ۽ الفت رکي هر ڪنهن جي تعظيم ۽ تڪريم ڪندي انهن کي پنهنجي بشري پوش سان مفتون بڻائي سندن دلين کي مخفي طور محبت ۽ لذت جي صحبت جي رشتي ۾ ٻڌي ڇڏيندو آهي. نيٺ ته کين پنهنجو شڪار بڻائي سندن اصلي وطن ڏانهن

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

اتس ۽ ٻاهر نڪرڻ تي ”پنج لتر“ سندس مٿي تي هڻي ڪڍندا آهن. هر هڪ پادر هڻڻ جي بدلي ۾ پيسا به ڪاڻونس وٺندا آهن. ۽ چوندا رهندا اتس ته توبهه ڪر ٻيهر ته پاپ نه ڪندين. هو هر ڀيري چوندو آهي ته ”مان توبه ڪئي“ اهڙيءَ طرح ائين ڪرڻ جو تعداد مقرر آهي. ۽ اها رسم دهلي جي بادشاهه احمد شاهه کان وٺي مقرر ٿيل آهي. هن بادشاهه اسلام ۽ ڪفر ۾ فرق ڏيکارڻ لاءِ اها رسم جاري ڪئي ته جيئن ڪافر پوري طرح ذلالت ۽ خواري سان خوار ۽ شرمندا هجن. پاڻ رح فرمايائون ته گنگا جي پاڻي ۾ غوطا کائڻ مان ڇاتو حاصل ٿئي. گنگا ۽ سنڌو درياءُ جي پاڻي ۾ ڪوبه فرق ڪونه آهي. دل جي گنگا ۾ غوطا کائين ته جيئن شيطاني خطرن ۽ نفساني خواهشن کان پاڪ صاف ٿي پنهنجي انا جي هستيءَ کان آزاد ٿي پنهنجي اصلي مقصود ۽ حقيقي محبوب سان ملي ڪامياب ٿي وڃجي.

## معرفت 13:

### پنهنجو پاڻ سڃاڻ

هڪ ڏينهن حضرت مالڪان عاليشان قدس سره جن جي حضور ۾ حاضر هيس. صحبت هلندي فرمايائون ته هڪ ريڍار کي رڍون چارينديشينهن جو ٻچو هٿ آيو. انهيءَ کي هن رڍن جي کير تي پاليو نيٺ وڏو ٿيو. ۽ رڍن جي ڌڻ سان گڏ جهنگ ۾ به ويندو رهيو. جيئن رڍون گاهه کائن پيون تيئن هوبه گاهه کائڻ لڳو. اوچتو هڪ جهنگ جو شينهن شڪار جي خيال سان نڪري پيو ۽ رڍن جي پرسان لنگهندي ڏٺائين ته رڍن ۾ سندس جنس جو هڪ شينهن به بيٺو آهي پر رڍن سان گڏ گاهه به کائي ٿو. ڪاوڙ مان پنهنجي پڇهه کي ڦيرائي ڦيرائي ٺڪاءُ ڪيندو رهيو. ٺڪائن جو آواز پاليل شينهن جي ڪن تي پيو. منهن مٿي ڪري ڏٺائين ته سندس شڪل وانگي ۾ شڪل به بيٺي آهي. رنگ توڙي بت به سندس وانگر آهي. هيءُ اتان

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

هلي اچي جهنگلي شينهن جي پرسان بيٺو. جهنگلي شينهن ڏٺ مان هڪ ٿلهي رڍ چڪي چيري ڦاڙي ڪٽي سندس اڳيان اڇلائي ۽ چيائين ته تنهنجي غذا هيءَ آهي نه گاهه. گوشت کائڻ سان هنکي ڏاڍي لذت محسوس ٿي ۽ ان وقت کيس ياد آيو ته منهنجو اصلي ملڪ جهنگ آهي. ۽ منهنجا ساٿي سنگتي اهي شينهن ئي آهن. اهي منهنجا هم جنس آهن. ناحق غير جنس سان عمر خراب ڪئي اٿم. پوءِ فرمايائون ته: گهرو شينهن مان مراد حق جا طالب آهن. ۽ رڍون عام آدمي، جيڪي نفساني شهوات ۽ جسماني خواهشات واري گاهه تي لهي نفس ۽ خواهشات جي غذا تي رهيا آهن ۽ پنهنجو اصلي وطن وساري وينا آهن. اتفاقا جهنگلي شينهن جنهن مان مراد عارف ڪامل آهي. انهن سان سنگت ٿو ڪري ۽ کين سمجهائي ٿو ته اوهان جو اصلي ملڪ وحدت آهي. هيءَ فاني دنيا نه آهي. اوهان جي غذا ۽ قوت قلب مان آهي. جڏهن عارف ڪامل جي صحبت سان سندن اندر منجهان لذت جا شعلا ٻرن ٿا تڏهن سمجهن ٿا ته ناحق پنهنجي عمر کي هن طرح خراب ۽ ضايع ڪيوسين ۽ حقيقي دوست سان نه نڀاهيو سون.

**معرفت 14:**

## جمعي جو آخري خطبو

هڪ ڀيري هن غلام ماهه رمضان المبارڪ جا روزا درگاهه عرش اشتباهه (ڀرچونڊي شريف) ۾ پورا ڪيا. پاڻ سڳورن آخر جمعي جي خطبي کان پوءِ واعظ فرمايو ته: اي مؤمنو! جمعي جو خطبو عربي زبان ۾ هوندو آهي. عربي ٻولي بغير عربي پڙهيلن جي ٻيو ڪوبہ سمجهي نه سگهندو آهي. هن آخري جمعي واري خطبي ۾ بيان ٿيل آهي ته خدا واحد لاشريڪ آهي. ڪوبہ سندس شريڪ نه آهي. نه ذات ۾ نه صفات ۾ اها پاڪ ذات ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ آهي. اُن جو سميع هئڻ هن صفت سان آهي جو هر شيءَ ممڪنات،

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

موجودات ۽ مخلوقات منجهان (جنهن جون ارڙهن هزار جنسون آهن) پنهنجي ٻولي هندي، سنڌي پارسي پشتو خواه عربي ٻولي ۾ سوال ڪن (بغرض من الا غراض ولسان من الا لسنة المختلفة) ۽ هجن ٻه هڪ ڪشادي ميدان ۾ اڪ چنب ۾ سيئي گڏ جي الله تعاليٰ کان سوال ڪن خدا تعاليٰ هر ڪنهن جو سوال ۽ غرض هر ڪنهن جي زبان ۾ ٻڌي ٿو ۽ سندس ڏسڻ هن طرح آهي ته ڪاري ڪئلي ڪاري جبل هينيان انداري ڪاري رات ۾ گهمي ڦري ٿي. آهي ڪو جو هن ڪئلي کي ڏسي سگهي؟ پر الله تعاليٰ هن ڪئلي کي جبل هينيان رات ڪاري ۾ به ڏسي سگهي ٿو. پوءِ اهڙي رب سان ڪنهن کي به شريڪ نه ڪرڻ گهرجي. حديث قدسي ۾ آيو آهي ته حضور ﷺ جن فرمايو "جنهن ٻانهي زنا، شراب خوري ۽ چوري جهڙي گناهن منجهون ايترا گناهه ڪيا هجن جو زمين آسمان جو خلاءُ (وچ) ڀرجي وڃي. اهڙي ٻانهي کي قيامت جي ڏينهن رب تعاليٰ فرمائيندو ته اي بندا! پنهنجي گناهن ڏانهن نظر ڪر. جيڪڏهن تنهنجي گناهن ۾ ذرو به شرڪ گڏيل نه آهي ته پوءِ منهنجي رحمت منجهان نا اميد نه ٿيءُ مان پنهنجي فضل سان تنهنجا گناهه بخشيندس، پر جيڪڏهن پنهنجي گناهن ۾ ذرو به شرڪ اٿئي ته پوءِ منهنجي رحمت ۾ هرگز اميد نه رک چوته مان لا شريڪ ۽ غيرتمند آهيان".

## معرفت 15:

## قبرن جي زيارت بابت

هڪ ڀيري پاڻ فرمايائون ته هڪ شخص امام اعظم رحه کان پڇيو ته فلاڻي فوت ٿيل بزرگ کان ڪو سوال ڪريان ته ٻڌندو يا نه؟ امام صاحب جواب ڏنو ته: "اتسمع من فی القبور"(ڇا تون قبرن وارن کي ٻڌائي سگهي ٿو) وري ڪنهن امام ابو يوسف رحه کان پڇيو ته بزرگن جي قبرن تي وڃڻ جائز آهي يا نه؟ امام صاحب جواب ڏنو ته مون کان جائز ناجائز نه پڇ پر مون

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪان پڇ تہ ان شخص تي ڪيتري لعنت ٿي پوي جيڪو اهڙي رب ڪان جيڪو شه رڳ ڪان بہ ويجهو آهي. ان کي پٽي ڏنيون سندس پيدا ڪيل ۽ ٺاهيل مخلوق ڏانهن اچي ٿو.

پوءِ جيڪو پنهنجي زالن کي سينگاري زيور ۽ ڪپڙا پارائي تيل مساڳ هٽائي. منايون. طعام ڪٽائي يا ڪو جانور اُن مشائخ جي نالي تي ڪاهي دهل دماڪ سان آواز راڳ سهرا چوندي پنهنجي گهر مان نڪري هلي. اهڙي شخص ۽ مڙني زالن، پوري قبيلي جا جيڪي بہ ساٿن گڏ آهن سيني تي اُن بزرگ جي درگاهہ تي پهچڻ تائين لعنت وسندي رهي ٿي. درگاهہ ۾ پهچڻ تي الله تعاليٰ جي فضل سان ان بزرگ کي بہ هن جي اهڙي حال هلت جي خبر پوي ٿي. اهو بزرگ بہ هن تي لعنت ۽ ملامت ڪري ٿو. ۽ چوي ٿو تہ اي ڪمينا! مان حياتي ۾ پاڻ کي هر گناهہ ۽ نافرماني ڪان پري رکيو. هاڻي تون مون تي هيءَ تهمت چوٿو هٽين، توتي خدا تعاليٰ جي لعنت هجي. ان وقت سيئي قبرن وارا جيت جڙا، ستن آسمانن جا ملائڪ انهن تي متس لعنت ڪن ٿا. جيستائين هو وڃي پنهنجي گهر پهچن ٿا. جيڪڏهن ڪو غلط رسمن ڪان سواءِ خاص زيارت لاءِ وضو ڪري قرآن شريف جون سورتون پڙهي ان بزرگ کي بخشي ٿو اهو ولي ان تي راضي ٿي رب تعاليٰ کي عرض ڪري ٿو تہ اي الله! جهڙي طرح هن شخص مون کي راضي ڪيو آهي تون بہ هنکي راضي فرماءِ ۽ جيڪو نفعو مون کي ڏنو اٿئي اهڙو هن کي بہ ڏي.

زيارت ڪندڙ کي گهرجي تہ جنهن وقت بہ طالب صدق ۽ سچائي جو خالص ارادو رکي ٿو. رب ڪريم پنهنجي پاران ان بزرگ کي ڄاڻائي ٿو تہ فلاڻو شخص تنهنجي زيارت لاءِ اچي ٿو. اهو بزرگ ان آدمي جي استقبال لاءِ ٻاهر اچي ٿو ۽ سندس منتظر رهي ٿو. دعا گهرڻ ڪان پوءِ بہ زيارت ڪندڙ کي کپي تہ با ادب واپس ٿئي. ڇوتہ بزرگ تيستائين ان جو منتظر رهي ٿو. جيستائين

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هو ان قبرستان جي حد کان دعا گهري موڪلائي ۽ نڪري نٿو وڃي. قبرن تي وڃڻ عبرت وٺڻ لاءِ آهي نہ عيش عشرت ۽ براين کي جاري رکڻ لاءِ.

پوءِ فرمايائون تہ: هيءُ رمضان المبارڪ جو مهينو آهي. هاڻي موڪلائي رهيو آهي. افسوس ڪجي جو وري هن کي ملنداسين يا نہ؟ هن جي باقي ڏينهن ۾ ذڪر، فڪر، خير، خيرات جي ڪوشش ڪئي وڃي تہ جيئن وقت هٿان نہ وڃي. هي مبارڪ مهينو استغفار ۽ توبہ جو آهي.

## معرفت 16:

## جمعي جي خطبي ۾ هدايت

هڪ ڀيري رمضان المبارڪ جي عيد پاڻ سڳورن جي حضور ۾ درگاهہ عرش اشتباهہ (پرچونڊي شريف) تي ادا ڪيم خليفو مولانا تاج محمود (امروٽي) بہ گڏ هو. پاڻ ڪرسي تي ويهي فرمايائون تہ: اي مومنن جي جماعت خطبو عربي زبان ۾ آهي ۽ عربي ٻولي عربي ڄاڻو کان سواءِ ٻئي کي سمجهہ ۾ نہ ايندي آهي. هن خطبي ۾ بيان آهي تہ: خدا تعاليٰ لا شريڪ آهي ڪوبہ ان جو شريڪ نہ آهي نہ ذات ۾ نہ صفات ۾ جنهن کي نقدي مال ٻاونجاهہ روپيہ ضرب ڪلدار (ساڍا ٻاونجاهہ تولہ چاندي) يا ايترن پئسن جا زيور گهر ۾ آهن ان تي انهيءَ مال جي زڪواة لازم آهي. هڪ سوءِ ويهہ (120) ٻڪرين تي ٻي ٻڪريون ۽ ٽيهن مينهن، ڳئن تي هڪ سال وڇڙو لازمي آهي. نر ۽ مادي برابر آهن. فطرو ۽ اُضحيٰ ان تي لازمي آهي تہ جيڪڏهن ملڪيت سواءِ هٿيارن جي جمع ڪجي اها متين نصاب تي پڄهي پوءِ في ڪس ڀہ سير ڪٽڪ فطرو ڏي يا ان جي بها. فطرو انهيءَ ڪري لازمي آهي تہ روزي ۾ ٿي ويل هرگهٽ وڌائي جي تڪميل ٿي وڃي. اهڙو روزو زمين آسمان درميان ٽنگيل رهي ٿو جيستائين فطرو ادا نٿو ڪيو وڃي. ٻئي خطبي ۾ آيل آهي تہ مرڻ، ڄائڻ، شادي غمي ۾ جيڪي بہ رسول

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

خدا ﷺ ڪيو يا فرمايو هجي اهو ئي ڪرڻ گهرجي. جيئن غلط ۽ برين رسمن ۽ بدعتن جا قسم عام طور جهان ۾ هلندڙ آهن. اهي سيئي ڪافرن جي رسمن مان آهن، انهن کان پرهيز ڪرڻ گهرجي.

## معرفت 17:

### شرڪ ڇا آهي

هڪ ڀيري هن غلام عيد الاضحيٰ جي نماز مالڪان عاليشان جي حضور ۾ ادا ڪئي. نماز ۽ خطبي کان پوءِ ڪرسي مبارڪ تي ويهي فرمايائون ته:

اي مومنو! خطبو عربي زبان ۾ آهي ۽ عربي ڪلام سواءِ عربي پڙهيلن جي ٻئي ڪي سمجهه ۾ نه ايندو آهي. هن ۾ بيان آهي ته خدا تعاليٰ لاشريڪ آهي ڪوبه ان جي ذات ۾ نه صفات ۾ شريڪ آهي. ۽ شرڪ ڪفر کان به بدتر آهي. خدا تعاليٰ بندي جا سڀ گناهه بخشيندو مگر شرڪ نه بخشيندو ۽ شرڪ جي معنيٰ آهي نفعو نقصان جان توڙي مال جو غير خدا يعني پيرن، فقيرن، وڻن ۽ بتن کان سمجهڻ. ٻيو بيان هو ته مرڻ جمڻ شادي غميءَ توڙي ظهور ۾ اهو ڪجي جيڪو رسول خدا ﷺ ڪيو هجي. باقي رسمون ڪافرن جون آهن انهن کان بچڻ گهرجي. پنج وقت نماز پڙهڻ. رمضان جا روزا رکڻ هر مومن تي فرض آهن. زڪواة ۽ حج سرندي وارن تي آهي. زڪواة جي حقيقت هن طرح آهي ته جيڪڏهن ڪنهن وٽ نقدي مال يعني سادا ٻاونجاهه تولا چاندي يا سادا ست تولا سون يا ان جي قيمت جيترا روپيه يا ان مقدار جا زيور آهن ته مٿس اڍائي فيصد زڪواة لازم آهي. چاليهن ٻڪرين توڙي رڍن تي هڪ سالو ٻڪرو يا گهٽو لازم آهي. ٽيهن ڳئن مينهن تي هڪ سالو گابو يا وڇڙو نر هجي توڙي مادي. پنجن اٺن تي هڪ ٻڪري. ڏهن تي ٻه، پندرهن تي ٽي ٻڪريون. ويهن تي چار ۽ پنجويهه

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

انن تي هڪ سال توڙي چتيهن تي ٻه سال توڙي واجب آهي.

جنهن جو مال اسباب خانگي (ڪپڙن ۽ ٿانون کان سواءِ) گڏ ڪري سندس قيمت نصاب نقدي تي پهچي ته پوءِ ان تي زڪواة فطرو ۽ اضحيٰ لازم آهي. اضحيٰ ۾ هڪ ماڻهوءَ لاءِ هڪ ٻڪري ۽ ستن ماڻهن لاءِ هڪ ڳئون ڪافي آهي. بشرطيڪ نيت مڙني جي اضحيٰ جي هجي. اٺ ۾ به ست ڀاڱا ٿيندا آهن. اضحيٰ لاءِ مينهن ڳئون ٻه سال ۽ اٺ پنجن سالن جو هجڻ شرط آهي.

## معرفت 18:

## حضرت روضي ڌڻي رح جا خط

هڪ ڏينهن هيءُ فقير ۽ حافظ شيخ عبدالرحمان ممبر جي اڳيان صحن ۾ پاڻ سڳورن جي آڏو ويٺا هئاسون. پاڻ ڪريم لٺ مبارڪ تي ٽيڪ ڏنو ويٺا هئا. فرمايائون ته اي شيخ صاحب! ٻه خط درگاهه شريف (پيرڳوٺ) کان امانت طور هٿ آيا آهن. فلاڻو ڪتاب وڃي ڪتبخاني مان ڪڍي اچ ته جيئن ڪو پڙهي ۽ پاڻ ٻڌون. حافظ عبدالرحمان وڃي ڪتاب ڪڍي آيو پوءِ هن غلام ۽ شيخ صاحب گڏجي هنن خطن جو نقل ڪيو ته جيئن حق جي طالبن کي عام نفعو حاصل ٿئي ”مڪتوب از مڪتوبات حضرت روضي ڌڻي رحمه الله عليه خط نائون: مير مبارڪ خان ولد مير سهراب خان ٽالپر طرفان به جناب فيض ماب حضرت پير دستگير(قبله عالم سيد محمد راشد) ادام الله برڪاته هن رباعي جو بيان واضح طور عنايت فرمائيندا“.

من آن وقت بودم که آدم نبود☆ ذات وصفات خداهم نبود

من آن وقت کز دم خدا راسجود☆ که آدم نبود وخداهم نبود

بسم الله الرحمان الرحيم: جواب مڪتوب: اي جان من! هي ڳالهيون صاحب حال وارن لاءِ آهن. صاحب دل کانسواءِ عام کي هن جي ڄاڻ

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ڪانهي جيئن مولوي معنوي فرمايو آهي:

"سر من از نالئه من دور نيست
ليکن چشم وگوش رااين نور نيست"

يعني: (منهنجي دل جو راز منهنجي فرياد ۾ آهه ڪان پري نه آهي پر اکين ۽ ڪنن ۾ اهو نور (سمجهبو) نه آهي)

پوءِ صاحب حال کي بيان جي ضرورت ئي نه آهي. ۽ ٻئي کي سمجهڻ جي طاقت ڪانه آهي. پر علم ظاهري وارن جي نا فهمي تي فقراءِ ڪجهه چئي تا وجهن ۽ جيڪڏهن نه ته بس.

رباعي: سريست دراين سينه که گفتن نتوانيم
دريست درين بحر که سفتن نتوانيم
مشکل هم آنست که ما مشکل خودرا
گفتن نتوانيم نهفتن نتوانيم

يعني: هن سيني ۾ جيڪو راز سمايل آهي سو ٻڌائي به نٿو سگهان فقط اهڙو موتي هن درياهه ۾ آهي جنهن کي پوئي به نٿو سگهان مشڪل به اهڙي ته آهي جنهن مشڪل کي بيان به ڪري نٿو سگهان ۽ نه وري ان کي لڪائي به نٿو سگهان.

اي منجها پيارا! هيءُ ڪلام ان شخص جو آهي جيڪو توحيد شهودي ۾ آهي. جنهن پنهنجي وجود کي امڪان حقيقي جي شگاف مان ٻاهر آڻي. نور آفتاب حقيقيءَ ۾ گم ڪري يا قطري وانگر پاڻ کي بحر هويت يعني موجون هڻندڙ درياءَ ۾ اڇلائي "انالبحر وانا الشمس" (يعني مان درياهُ ۽ سج آهيان) ته چوي هن وقت منهنجي عبارت جو نقطو هتي عام آهي جهڙي طرح "شيخ منصور" چيو:

من نميگويم ڪه انا الحق يار ميگويد

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

چون نگويم مرا دلدار ميگويد بگو

يعني: منصور چوي ٿو ته مان ته ائين ڪونه ٿو چوان ته مان حق يعني خدا آهيان يار ٿو ائين چوين جڏهن مان نٿو چوان ته دلدار چوي ٿو ته چئو. اي جان من! آدم يعني مان وجود مطلق آهيان التوحيد اسقاط الا ضافات ان ڏانهن اشارو آهي. "من آن وقت بودم که آدم نبود" هي عبارت روح انساني کان آهي جنهن کي يقين چون ٿا.

۽ "آنچه گفته ڪه آدم نبود" جهڙي طرح حديث

لي مع الله وقت لايسعني فيه ملڪ مقرب ولا نبي مرسل

يعني منهنجي لاءِ الله وٽ هڪ اهڙو خاص وقت مقرر آهي جنهن ۾ نه ڪنهن مقرب ملائڪ کي نه ڪنهن نبي ۽ رسول جي لاءِ دخل اندازي جي گنجائش آهي. ۽ "ڪه ذات وصفات خدا هم نبود" عارف بيرنگي جي بحر ۾ اهڙو ته غوطو هنيو جو خدائي نه رهي. پوءِ بندگي جي ڪهڙي نسبت چئجي. جڏهن بندگي کان لنگهي حق ۾ اهڙيءَ طرح غرق ٿيو ته خداوند نه چئي سگهيو! چو ته التوحيد اسقاط الاضافات جيئن هڪ عارف چيو آهي.

ميگفت دربيابان رندی دهن دريده

عارف خدا نداند کو نيست آفريده

يعني عارف اهو خدا نه ٿو رکي جيڪو ان حقيقت کان سواءِ آهي. پوءِ حقيقت انسان جي کان سواءِ ڪوبه خدا ٻيو نه آهي.

"من آن وقت کردم خدا راسجود ڪه آدم نبود وخداهم نبود"

اي جان من! سجود مان مراد پنهنجو پاڻ کي سڃاڻڻ آهي. ان وقت پنهنجي خدا کي ڄاتم جڏهن آدم نه هو يعني بندو نه هو "ظهور خدا وندي به نه هو" چو ته خداوند ان وقت چئي سگهبو جڏهن ان جو بندو هوندو. جيڪو بندو نٿو رکي ان کي خداوند ڪيئن چئي سگهبو. بندو نه هو ته خداوند به نه



Scanned with CamScanner

هو. هيءَ هڪ رمز آهي جيڪا عارف ڪامل کان سواءِ ٻئي ڪي سمجهه ۾ نه ٿي اچي. يا وري ڪامل مرشد هدايت فرمائي ائين فهم ۾ آهي ۽ راز راز ۾ پوءِ جتي ڪو آدمي آهي ان کي هڪ حرف ئي بس آهي" اسلام عليڪم (هيءَ تحرير شيخ الشيوخ سيد السنڌ والهند پير محمد راشد عليه الرحمه جي آهي).

## چار عالم (جهان)

امانت ٻي هيءَ آهي: پوءِ چار عالم ( چئن جهانن) جو گفتگو هليو ته چار عالم ڇاڪي ٿو چيو وڃي. پنهنجي زبان مبارڪ سان فرمايائون ته اي فقير! سلوڪ جي واٽ ۾ جيڪو سالڪ هي چار عالم نٿو ڄاڻي اهو پاڻ درويش نه آهي. پاڻ کي ڪوڙ سان درويش ٿو ڪوٺائي شيخ الاسلام شيخ بهاوالدين ذڪريا قدس الله سره جي تحرير ۾ آهي ته اهي چار عالم هي آهن:

| | |
|---|---|
| (1) عالم ناسوت | (2) عالم ملڪوت |
| (3) عالم جبروت | (4) عالم لاهوت |

(1) عالم ناسوت حيوانات جو عالم آهي. ان جو ڪم هي حواس خمسه يعني هٿ لائڻ، چکڻ، سنگھڻ ڏسڻ ۽ ٻڌڻ آهي. جڏهن سالڪ رياضتن ۽ مجاهدن سان هي عالم ٽپي وڃي ٿو تڏهن هي مڙيئي صفتون ڇڏي ٻئي عالم ۾ پهچي ٿو. ۽ اهو (2) عالم ملڪوت آهي هيءُ عالم فرشتن جو آهي ۽ هن جو ڪم تسبيح، تهليل، رڪوع وسجود آهي. جڏهن سالڪ هن عالم مان ٽپي وڃي ٿو ۽ ٽئين عالم ۾ پهچي ٿو اهو (3) عالم جبروت آهي. هيءُ روح جو عالم آهي هن جو ڪم صفات مان لنگهي چوٿين عالم ۾ پهچي ٿو. ان کي (4) عالم لاهوت چون ٿا. ۽ هيءُ عالم بي نشان آهي. جڏهن سالڪ هتي پهچي ٿو تڏهن هو پاڻ کي ئي ڇڏي ڏئي ٿو.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

هن کي لامڪان چئجي ٿو. هت نہ گفتگو آهي نہ جستجو. الله تعاليٰ جو فرمان آهي. وَاِن اِليٰ رَبِکَ المنتهيٰ پوءِ پنهنجي زبان مبارڪ سان فرمايائون تہ اي درويش! عالم ناسوت نفس جي صفت آهي ۽ عالم ملڪوت دل جي صفت آهي ۽ عالم جبروت روح جي صفت آهي جڏهن تہ عالم لاهوت نظر رحمن ۽ عنايت خداوندي آهي. نفس جي صفت آهي جهان ڏانهن لاڙو جيڪا جاءِ شيطان جي آهي. پوءِ جيڪو نفس جي تابعداري ڪندو جهنم ۾ پوندو. دل جو لاڙو هميشہ واري بهشت ڏانهن آهي جيڪو دل جي تابعداري ڪندو جنت ۾ داخل ٿيندو ۽ روح جو لاڙو طلب رحمن ڏانهن آهي. پوءِ جيڪو روح جي تابعداري ڪندو اهو الله تعاليٰ جي ابدي ۽ قرب واري رحمت ۾ داخل ٿيندو هن ڪانپوءِ شيخ الاسلام والمسلمين شيخ شهاب الدين سهروردي رحہ جي هيءَ رباعي زبان تي آندائون.

"درراه تن روی مهيا نار است ۔ در راهه دل روی بهشت جاويدان هست
درراه جان روی جانان خواهی۔ قصه کليم که حاملش ديدار است"

پوءِ فرمايائون تہ هن جو مطلب آهي تہ نفس جي خواهشات جي پٺيان هلندين تہ دوزخ حاصل ٿيندءِ. دل جي منشا ۽ مراد سان راهہ وٺندي تہ هميشہ واري جنت ۾ رهندي جيڪڏهن روح جي پٺيان هلندي تہ محبوب حقيقي سان ملندين. جيئن وعظ ۽ نصيحت جو سلسلو پورو ٿيو تہ پاڻ نماز ۾ مصروف ٿئي ويا. بعد ۾ ان ئي جاءِ تي ارشاد فرمايائون سلطان المشائخ نظام الحق والملت والدين قدس الله سره ڪان بيان آهي تہ مشغولي لاءِ ست وقت آهن ٽي ڏينهن ۾ ۽ چار رات ۾ ہ صبح ڪان اشراق تائين، ٽي تهجد ڪان صبح ڪاذب تائين، چار صبح ڪاذب ڪان صبح صادق تائين: حضرت مالڪان رح فرمايائون تہ محبوب العاشقين ۾ لکيل آهي تہ مشغولي فارغ ان کي چئبو آهي تہ ظاهر ۽ باطن مشغول هجي ۽ غير حق ڪان فارغ هجي.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پوءِ فرمايائون اي درويش! شيخ الاسلام خواجه ابو يوسف رح پنهنجي رسالي ۾ لکيو آهي تہ: پنجن شين جي عادت هجڻ گهرجي تہ جيئن اندر جي صفائي حاصل ٿئي. پهريون: ڏندڻ ڏيڻ، ٻيو ڪلام الله شريف پڙهڻ، وڏيڪ نہ تہ ٻہ سورة اخلاص جيترو پڙهي ٽيون روزو رکڻ وڏيڪ نہ تہ ٻہ ايام بيض جا (فرضي روزن کان سواءِ نفلي روزا ) روزا ضرور رکي. چوٿون هميشه قبلہ ڏانهن منهن ڪري ويهڻ پنجون با وضو رهڻ.

## معرفت 19:

### علم جو غرور

هڪ ڏينهن مالڪان عاليشان قدس سره جي حضور ۾ حاضر هيس تہ هڪ پنجابي مولوي ڪوٽ شريف جي پسگردائي جو نئون مولوي ٿيل آيل هو. علم جي غرور جي ڪري منجهس وڏو تڪبر هو. حقيقت ۾ سندس پڪو ارادو بحث مباحثي ۾ علم جو ظاهر ڪرڻ هو. ظهر جي نماز کان پوءِ جڏهن پاڻ سڳورن پنهنجو منهن مبارڪ جماعت شريف ڏانهن ڪيو، تڏهن ان پنجابي مولوي يڪدم سوال پڇيو تہ يا حضرت! حافظ (شيرازي) عليه الرحمه جي هن بيت جي معنيٰ ڇا آهي.

به مي سجاده رنگين کن گرتو پير مغان گويد
که سالك بي خبر نبود زراه و رسم منزلها

يعني پنهنجي مصلي کي شراب سان رنگين ڪر جيڪڏهن توکي مرشد ڪامل چوي. ڇوتہ سالڪ بي خبر نہ آهي. منزل تي پهچڻ جي واٽ کان.

حضرت قدس سره جن سندس سوال جي جواب ۾ هڪ مثال بيان فرمايو تہ: هڪڙو اهل الله اتفاقا هڪ ڏينهن تخت شاهي واري شهر منجهان اچي لنگهيو. جمعي جو ڏينهن هيو. سندس دل گهريو تہ وڏي شهر ۾ گهٽي

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

جماعت سان جمعہ نماز ادا ڪجي شهر جو بادشاھ ۽ قاضي ٻئي هن جا عقدتمند هئا يڪدم اعلان ٿي ويو تہ فلاڻو بزرگ شهر ۾ اچي ويو آهي. بادشاھ ۽ قاضي بہ زيارت ۽ نماز جمعہ پڙهڻ لاءِ مسجد ۾ آيا. شهر جي سموري مخلوق بہ آئي. نماز پڙهڻ کان پوءِ بزرگ هلڻ لڳو بادشاھ ۽ قاضي سندس گهوڙي جو رڪاب جهلي هلڻ لڳا. ۽ ساري مخلوق سندن پٺيان ڊوڙندي آئي. شهر مان نڪري ٻاهر ٿيا. بزرگ جي دل ۾ ڪتڪو پيدا ٿيو تہ اي فلاڻا! تون اهڙو درجو ٿو رکين جو بادشاھ پنهنجي سر ۽ قاضي بہ تنهنجي گهوڙي جي رڪاب ورتيون پياده اچن ٿا. ۽ ٻي گهڻي مخلوق بہ تنهنجي پٺيان ڊوڙندي اچي ٿي. انهيءَ ڪتڪي پوڻ سان هن دل ۾ چيو تہ ڪو اهڙو ڪم ڪريان جو هن پوري مخلوق جو اعتماد مون تان ختم ٿي وڃي. نفس ڪمينو پنهنجي حد کان نہ وڌي. اهو خيال ڪري پڇھ ڪيائين تہ جيئن تہ رمضان المبارڪ جو مهينو آهي، آءُ سيني جي روبرو پاڻي پيئان ٿو. يڪدم هڪ فقير کي حڪم ڪيائين تہ پاڻيءَ جو ڪوزرو کڻي اچ. فقير ڪوزرو آندو. بزرگ فقير جي هٿ مان ڪوزرو وٺي پاڻي پيئڻ لڳو. بادشاھ ۽ قاضي رڪاب منجهان هٿ ڪڍي ڪڍيا. ۽ سندس منڪر ٿي چوڻ لڳا تہ: اهڙي ماڻهوءَ کي بزرگ نہ چئبو جيڪو رمضان المبارڪ جي تعظيم نٿو ڪري. بادشاھ ۽ قاضي ٻئي ان جو ان وقت بزرگ جا منڪر ٿي واپس ٿيا. سڄي مخلوق بہ سندس پٺيان موٽي پئي. مگر اهل دل درويش بزرگ سان گڏ رهيا اڪيلائي ۾ تي انهن عرض ڪيو تہ يا حضرت! هيءُ ڪهڙو رنگ ۽ فن هو؟ بزرگ کين سمورو قصو ٻڌايو. ۽ هيءُ بہ چيائين تہ هاڻي قضا ۽ ڪفارو ٻئي مون تي لازم ٿيا. چوتہ جاڻي واڻي روزو ڀڳو اٿم. بس نفس ڪميني جي سزا ۽ جزا اها ئي آهي. حضرت مالڪن رحہ پوءِ فرمايو تہ "بہ مي" مان مراد ڪامل جو فن آهي، سجاده مان سالڪ جو وجود آهي. انهيءَ کان پوءِ مالڪن

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

سڳورن کي ان مولوي چيو ته يا حضرت! اوهان ته نقل بند آهيو. يعني پوري ڳالھ کي نقل ۾ بند تا ڪريو. اهو مولوي يڪدم وڏائي جي آسمان کان صبر جي زمين تي اچي ويو. ۽ ڪٽي چپ ڪيائين. اهڙا مشاهدا ۽ ڪرامتون ڪامل ولين جون هيون. جو الله جي خلق کي محبت واري چار سان قائل ڪري ڇڏيندا هئا. ليڪن هيءُ بي نصيب (مولوي) قائل نه ٿيو. سندن وصال ڪانپوءِ ساڳيو مولوي آيو ۽ پيشمان ٿيو ته مان ان وقت هن عارف ڪامل کي نه سمجهيو ۽ نه سڃاتو هو.

**معرفت 20:**

## ظاهري علم

هڪ ڏينهن مالڪن سڳورن هن بندي (جامع ملفوظات) کي مخاطب ٿي فرمايو: اي مولوي! جيڪو ظاهري علم (عربي) پڙهي ٿو. ۽ شرح ملا جامي تي جڏهن پهچي ٿو تڏهن اڌ ڪافر ٿي وڃي ٿو. ڪتاب مطول تي پهچڻ سان جنهن وقت تحصيل تو ڪري ۽ دستار سرفرازيءَ جي ٻڌي ٿو ته ان وقت مڪمل فرعون ٿي وڃي ٿو. سندس هستي ۽ هٺ ڪماليت کي پهچي ٿي. سندس نظر ڪنهن تي به نٿي پوي ۽ پاڻ جهڙو ڪنهن کي به نٿو سمجهي. (پر اهل الله جي صحبت سان ڪيس صحيح رهنمائي ملي ٿي)

**معرفت 21:**

## الله جو ٻانهون ڪير آهي

هڪ ڏينهن هي غلام (جامع ملفوظات) حضور ۾ حاضر هو صحبت عين رحمت هلندي فرمايائون ته: مولوي احمد صاحب ٽگ شريف وارو صاحب ذوق ۽ شوق هو. حضرت مظهر الولايات عين العنايات سيد السادت قدس الله سره (سيد محمد حسن شاهه صاحب جيلاني) جن جي


Scanned with CamScanner

حضور ۾ گڏ هوندو هو. هڪ ڏينهن مولوي صاحب هڪ ڪاري لونگي پٽ جي پلاندن ۾ ڇٽن سان پنهنجي سٽ منجهان تيار ڪرايل ڪلهن تي رکي قبله عالم قدس سره جن جي حضور ۾ با ادب گوڏا پيجي اچي ويٺو. پاڻ سڳورن زبان مبارڪ سان فرمايس ته اي مولوي! هيءَ لونگي ڪاري ڇٽن سان جيڪا پنهنجي سٽ منجهان تيار ڪرائي ڪلهن تي رکي اٿيئي. انهيءَ کان منهن ڪارو ڪرڻ بهتر هو. مولوي صاحب جيڪو صاحب العرفان والحال هو. تنهن عرض ڪيو ته يا حضرت! مان توبه ڪئي. ٿورن ڏينهن ڪانپوءِ عيد تي پاڻ سڳورن هڪ لونگي ساڳئي مولوي صاحب لاءِ موڪلي ته ڪلهن تي رکي الله جي خلق کي رمضان المبارڪ جي عيد پڙهائج. لونگي پهچڻ شرط مولوي صاحب يڪدم ڪلهن تي رکي وڃي عيد نماز پڙهائي. ڪنهن چئي ڏنو ته مولوي صاحب! تون پنهنجي پير صاحب جيَ حضور ۾ چڱيءَ طرح توبه ڪئي هئي. جواب ڏنائين ته اُها پنهنجي نفس جي خواهش هئي ۽ پاڻ ڪوشش سان تيار ڪري ڪلهن تي رکي هيم ان ڪان منع ٿي هئي. جهڙي طرح فقراءُ کي قرآن پاڪ مان ان جي منع صاف ظاهر آهي.

اَفَرَاَيۡتَ مَنِ اتَّخَذَ اِلٰهَهٗ هَوَاهُ.......... الخ الجاثيه: 23.

**ترجمو:** پلا ڏسو ته جنهن شخص پنهنجي نفس جي خواهش کي حاڪم بنايو.

مثنوي مولانا روم ۾ آهي ته:

**تو که در بند هر چيزے خدارا بنده چون باشی**
**که تو در بند هر چيزے که هستی بنده آنی**

(تون هر شيءِ جي خيال ۾ آهين تون خدا جو ٻانهو ڪيئن ٿي سگهين ٿو. تون جنهن شيءِ جي خيال ۾ آهين ان جو ٻانهو آهين).

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

جڏهن تہ هيءَ لونگي منهنجي رب جي طرف ڪان بنا گهرجي مون وٽ پهتي آهي. تنهن ڪري پائڻ مونکي جائز آهي.

## معرفت 22:

## نسبت جو احترام

هڪ ڏينهن هيءُ غلام ” مالڪان رحمت نشان“ جي حضور ۾ ويٺل هو خوش طبعي جي رنگ ۾ نقل فرمايائون تہ اسان جي قبله عالم حضرت جيلاني رحہ کان نقل آهي تہ: هڪ ڏينهن فقير صاحب ڏنو. سيد السادات جامع ڪمالات حضرت سائين قبله سيد محمد راشد رحہ درگاهہ شريف جن وٽ حاضر هو. هڪڙو سيد چوٽي نڪتل، گوڏن اگهاڙو آيو، پاڻ ڪريمن انجي وڏي تعظيم ۽ تڪريم ڪئي. فقير صاحب ڏني عرض ڪيو تہ يا حضرت! هيءُ دين ۾ ڪهڙو فتنو آهي؟ حضرت پير صاحب جن فرمايو تہ: اهل بيت آهي (وڌيڪ ڪجهہ نہ چئو) تنهن تي وري فقير عرض ڪيو تہ حضرت لائق تہ ائين آهي جو سائين جن، سيد جلال الدين بخاري اُچ وارن ۽ پير صاحب سوئي شريف وارن کي عزت ۽ فضيلت جي مسند تي ويهار جي. باقي ٻين سيدن کي جهاز تي چاڙهي عرب ڏانهن اماڻجي. جيڪو سندن ملڪ آهي اتي وڃي پنهنجي جاگير سنڀارين. هتي اسان کان پنهنجا لاڳ حساب بہ وٺن ٿا تہ بہ گوڏا اگهاڙا اٿن. خدا سندن حال تي رحم فرمائي.

## معرفت 23:

## دين اسلام جي تازگي

هڪ ڏينهن پاڻ سڳورن فرمايو تہ حضور ﷺ جي زماني ۾ دين اسلام شروع ۾ تازو هو اهڙيءَ طرح سيد السادات جامع ڪمالات (سيد محمد راشد رحہ) روضي ڌڻي جي زماني ۾ زياده ترو تازو ٿيو. ان وقت پاڻ سڳورن فرمايو تہ هاڻي اچ شريف وارا اڪثر رافضي ٿي ويا آهن. هيءَ

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

خانگاهه بابرڪت هئي. پرهائي منجهن فقيري جي بوءِ به ڏسڻ ۾ ڪا نه ٿي اچي.

**معرفت 24:**

## حضرت روضي ڌڻيءِ مهاري شريف وارا

هڪ ڏينهن هيءُ ٻانهو حضور ۾ حاضر هو. پاڻ سڳورن فرمايو ته:
حضرت سيد السادات (سيد محمد راشد رحه) درگاهه شريف وارن ۽ بزرگن مهاري شريف (خواجه نور محمد مهاروي رحه) وارن جو ساڳيو دور هو. سندس گفتار، رفتار به هڪ هئي. جيئن بزرگ مهاري شريف وارا گهڻي ڳالهائيندڙ کي چوندا هئا ته "باهڻ مون چا ٿيندو دل اندر منهن پاءِ" اهڙي طرح حضرت روضي ڌڻي عليه الرحمة فرمائيندا هئا ته. "پونڪڻ مون چا ٿيندو دل ۾ منهن پاءِ."

**معرفت 25:**

## سفري نماز بابت

هڪ ڀيري هيءُ مسڪين (جامع ملفوظات) مالڪن سڳورن جي حضور ۾ ويٺو هو پاڻ ڪريمن فرمايو ته: هڪ ڏينهن اسان جي قبله عالم رحه حضرت سوئي شريف وارن فرمايو ته درگاهه شريف (پير سائين پاڳارا) تي هميشه رمضان المبارڪ ۾ ڪلام پاڪ جو ختم قاضي حافظ محفوظ ۽ قاضي حافظ عبدالرحمن پڙهندا هئا. هڪڙو ڀيريئن اڌ ۾ ته ٻيو پوئين اڌ ۾ ختم پورو ڪندو هو. هنن ٻنهي حافظن جو دستور هوندو هو ته جڏهن به درگاهه شريف تي زيارت لاءِ ايندا هئا ته اتي نماز قصر ڪري نه پڙهندا هئا. حالانڪ هنن جي گهر ۽ درگاهه شريف جي وچ ۾ فاصلو شرعي سفر جو هو پر زيارت ڪري واپس ويندي قصر ڪندا هئا. يعني چئن (رڪعتن جي جاءِ تي ٻه رڪعتون).

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

مالڪان عاليشان فرمايو ته پير صاحب سوئي شريف وارن جي به عادت شريف هئي جو جڏهن به پنهنجي مرشد جي درگاهه ڏانهن ويندا هئا ته نماز قصر نه ڪندا هئا. فرمايائون ته سفر صلوٰة قصر جو حڪم دنيوي ڪم ڪار ۾ آهي. نه ڪار حق ۾ هن مان معلوم ٿيو ته جيڪو به ڪنهن دنيوي ڪم ڪار سان گهر کان پري وڃي ٿو ته پوءِ قصر ڪري. پر جي پير يا مرشد جي زيارت لاءِ وڃي ٿو ته قصر نه ڪري. ڇوته هيءُ سفر الله جي راهه ۾ خلوص دل سان آهي.

## معرفت 26:

## جهان جو نظام ۽ بندوبست

هڪ ڏينهن مالڪان عاليشان قبله مالڪان مسيح الزمان قدس الله سره فرمايو ته غوث هر زماني ۾ هڪ هوندو آهي. ۽ قطب چار ٿيندا آهن. اوتاد ڇهه هوندا آهن. ابدال چاليهه ٿيندا آهن. *اولياءالله* هر زماني ۾ ٽي سئو ٿيندا آهن. اهي سيئي خلفاء راشدين کان وٺي قيامت تائين رهندا. جهان جو نظام ۽ بندوبست انهن جي حوالي آهي.

## معرفت 27:

## فقير شهاب الدين جو قصو

هڪ ڏينهن هيءُ بندو حضور ۾ حاضر هو. پاڻ فرمايائون ته فقير شهاب الدين پنجابي منڪر به ڏاڍو هو ته معتقد به ڏاڍو هو. سندس انڪار هيءُ هو جو هڪ ڀيري چيائين ته حج تي ڇاجي لاءِ وڃان. اهي ڏينهن به پنهنجي پير ۽ مرشد جي حضور ۾ هجان ها ته "ففروا الى الله" جي سير ۾ وڌيڪ ٿيان ها ۽ فهم ۽ ادراڪ وڌي وڃي ها. ۽ سندس اعتقاد هيءُ هو جو هڪ ڀيري هندستان جي هڪ نواب کائونس پڇيو جو ان وقت هيءُ پنهنجي مرشد جي زيارت کان واپس پيو اچي ته اي فقير! ڪاڏي ويو هئين؟ فقير

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

جواب ڏنس تہ مدينہ منوره ڏانهن ويو هوس. نواب چيس تہ فقير پنهنجو ايمان ڇو ضايع ڪيوءِ؟ فقير نواب صاحب کي جواب ڏنو تہ: ايمان مديني شريف کان آيو هو. پوءِ خيال ڪيم تہ مديني شريف ۾ ان کي گم ڪريان پوءِ گم ڪيم (يعني پير جي شهر کي) ان تي نواب صاحب حيران ٿيو تہ فقير کان ڪهڙو نہ سٺو جواب مليو.

## معرفت 28:

## ڪرامت ڇا آهي

هڪ ڀيري هيءُ بندو درگاهہ والا جيڪا عرش جهڙي آهي جي حضور ۾ حاضر هو. پاڻ سڳورن هڪ نقل بيان فرمايو تہ: هڪ عورت (جيڪا حضرت جيلاني جي حضور ۾ ڪڏهن ڪڏهن حاضر ٿيندي هئي) جي عادت هئي جو پنهنجي پير جو قصو بيان ڪندي هئي ۽ چوندي هئي تہ منهنجي پير جي زماني ۾ هڪ وڏي جماعت آئي. انهن چيو تہ اي پيرا اسان کي ماني کڻ سان کاراءِ. پير صاحب يڪدم مسجد وٽ بيٺل وڻ کي وڃي ڏوڙو ڏنو تہ هيٺ کڻ ئي کڻ ٿي وئي. جماعت نسوري کڻ سان ماني کاڌي وري چيائون تہ پاڻي نہ پئنداسون پر کير هجي. منهنجي پير پاڻ کوهہ جي ائٽ کي وٺي گيڙيو تہ کوهہ منجهان کير نڪري وهڻ لڳو. سڀني اهو کير پيتو. پر اُوهان جي پير جي جماعت خالي ڪو هرن ۽ پاڻي تي ٿي هلي. اوهان جو پير ڇا آهي. جيڪي هيو تہ اسان جو پير هيو. اسان جي پير وٽان ڪيئي ڪرامتون ظاهر ٿيون. هن قصي مان عورت جو مطلب اسان جي حضرت ۽ جماعت تي طعنزني ڪرڻ هيو. ڪنهن فقير پاڻ سڳورن وٽ وڃي هيءَ حقيقت عرض رکي. پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ: اي سالڪو! ڪرامت وارو حيض واري عورت وانگر آهي. پوءِ اهڙي عورت تي نہ روزو لازم آهي نہ نماز بلڪ مٿس الله تعاليٰ جا ڪجهہ حق حقوق لازم ۽ واجب نہ آهن. اهڙي طرح

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ڪرامت وارو پڻ انهيءَ عورت وانگر موليٰ جي طلب کان فارغ آهي ۽ وچ دڳ تي حيران ۽ پريشان بيٺل آهي. پوءِ فرمايائون تہ مخدوم عبدالرحيم گروهوڙي فرمايو آهي تہ:

”جو ڪاني ۽ ڪرامت ڪاڻ مردودن پڇايو پنهنجو

پاڻ هو جو محبت جو مرهياڻ انهيءَ ڪون اڳنا تي“

يعني جيڪي ڪاني ۽ ڪرامت جي طلب ۾ پنهنجو پاڻ کي محنت ۽ مشقت ۾ پچائن ٿا سي عشق ۽ محبت ربانيءَ جي اعليٰ مقام تي نہ پهچي سگهيا آهن اها منزل اجا اڳتي آهي.

## معرفت 29:

## خلق جي خالق کي ياد ڪيو

هڪ ڀيري مالڪن سائين فرمايو تہ: رسول ڪونين ﷺ جي تابعداري پنهنجي پير ڪامل جي عين تابعداري آهي. اسان هن تابعداري سبب فرقہ پرستيءَ کان سلامت رهيا آهيون. پوءِ فرمايائون تہ: قيامت جي ڏينهن خدا تعاليٰ ائين ڪو نہ پڇندو تہ: ڪهڙو مذهب رکو ٿا. حنفي، شافعي، مالڪي يا حنبلي آهيو بلڪ پڇيو ويندو تہ خلق جي خالق کي ياد ڪيو هيو يا نہ؟ فرمايائون تہ: راه حق جا طالب ۽ سالڪ الله تعاليٰ کي خالص خدا ڪارڻ خلوص سان ياد ڪندا آهن. رياءَ ۽ عزت لاءِ هرگز نہ.

## معرفت 30:

## دنيوي گفتگو

هڪ ڀيري مالڪن سڳورن صحبت هلندي فرمايائون تہ: قال الله و قال الرسول جي گفتگو وقت، ميت جي لحد ناهڻ وقت ۽ جنازو ڪڍي هلڻ وقت دنيوي ڳالهہ ٻولهہ حرام آهي. هن کان پرهيز ڪجي ڇاڪاڻ تہ ايمان ختم ٿيڻ جو خطرو آهي.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# قلب سليم

پوءِ پنهنجي پير ڪامل جو نقل فرمايائون تہ: هڪڙو ملان ٻارن کي پڙهائيندو هو. هو سڄو ڏينهن انهن کي بند ڪيون ويٺو هوندو هو فقط ماني کائڻ لاءِ ڇڏيندو هون. باقي گهمڻ ڦرڻ بہ نہ ڏيندو هون. سيني ڇوڪرن گڏجي پنهنجي وڏن شاگردن کي هيءَ شڪايت ڪئي تہ استاد اسان کي سڄو ڏينهن بند ڪيو ويٺو آهي. هڪ شاگرد چين تہ مان هڪ اٽڪل ٿو ڪيڏان. سو چا ڪيائين جو استاد جي خدمت ۾ پهچي عرض ڪيائين تہ: يا حضرت اڄ اوهان جي شڪل ڦريل آهي، شايد تہ جسم ۾ گرمي وڌيل آهي. مُلان چيس هٿ ڏس هن هٿ ڏسي چيس تہ جسم ۾ بخار اٿوَ. مُلان چيو تہ سيني ڇوڪرن کي سڏ ڪر. سيئي حاضر ٿيا ۽ سيني يڪزبان چيو تہ استاد! اوهان کي بخار آهي مُلان حڪم ڪيو تہ بسترو وڇايو ۽ سوَڙ منهنجي مٿان وجهو. مان سمهي ٿو پوان مُلان سمهي رهيو شاگرد سڄو ڏينهن نينگ ٽپا ڏيندا رهيا شام جو واپس اچي ڏٺائون تہ اجا استاد سوَڙ ۾ سمهيو پيو آهي. ڇوڪرن عرض ڪيو تہ هاڻي اُٿو اوهان خوش آهيو. پاڻ فرمايائون: اي راه حق جا طالبو! توهان هن ملان وانگر نہ ٿيو يعني مشائخ نہ ٿيو. جماعت گڏ ٿيڻ ۽ خلق جي تعريف تي خوش نہ ٿيو بلڪ مسڪينن جي خدمت ڪريو ۽ محمدي اخلاق ڌاريو. جيڪي بہ ڪريو اهو خاص خدا ڪارڻ ڪريو. ان کان پوءِ مالڪن رحہ هي آيت مبارڪ پڙهيائون: **يوم لا ينفع مال ولا بنون الا من اتى الله بقلب سليم** (الشعراءِ 89) (ترجمو: جنهن ڏينهن نہ ڪم ايندو ڪوئي مال ۽ نہ اولاد مگر جيڪو الله وٽ ڪٺي آيو خالص دل يعني قلبِ سليم). سليم قلب اهو آهي جيڪو غير خدا جي محبت کان پاڪ آهي، ۽ جنهن کي مُحبت جو ڏنگ لڳل هجي جيئن نانگ ڪاڌل بي آرام ۽ بي قرار هوندو آهي. اهڙي طرح قلب سليم وارو بہ محبت الاهيءَ ۾ بي آرام ۽

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

بيقرار هوندو آهي. پوءِ مالڪن سائين فرمايو تہ جڏهن بہ پنهنجي رب کان دُعا گهرندو آهيان تہ هٿ منهن تي ڦيرائڻ ۾ حيا ٿيندو آهي. پر مخلوق لاءِ اڪثر و بيشتر دعا گهرڻ جي ڪري عادت ٿي وئي آهي. فرمايائون تہ درازن واري صاحب يعني حضرت سچل سرمست جا هٿ دعا گهرڻ وقت سڪي ويندا هئا. ڪيس توفيق ئي نہ ٿيندي هئي جو پنهنجا هٿ پنهنجي منهن مبارڪ تي واپس ڦيرائي. فرمايائون تہ حضرت ابراهيم عليه السلام کي حضرت جبرئيل عليہ السلام چيو تہ: جيڪڏهن تون چوين تہ توتي باهہ کي ٿڌو ڪريان. حضرت ابراهيم عليه السلام چيس تہ توکي خداوند ڪريم چيو آهي يا پنهنجي طرفان ٿو چوين؟ چيائين مان پنهنجي طرفان ٿو چوان. حضرت ابراهيم عليه السلام چيس تہ اي ڀاءُ جبريل! منهنجو خدا مون کي ڏسي ٿو مون لاءِ توکان وڌيڪ اهو ڪافي آهي.

**معرفت 31:**

## هڪ حديث شريف جي عجيب وضاحت

هڪ ڏينهن هي فقير (جامع ملفوظات) خدمت اقدس ۾ حاضر هيو تہ پاڻ سڳورن حديث **اذا اتحيرتم في الامور فاستعينوا من اهل القبور.** (يعني جڏهن توهان پنهنجن ڪمن ڪارن ۾ پريشان ٿيو تہ قبرن وارن کان مدد گهرو). جو بيان فرمايائون تہ هيءَ حديث هڪ ڪتاب ۾ آئي آهي جنهن جو نالو ذهن تان لهي ويو آهي. اسان پنهنجي قبلہ عالم (حضرت جيلاني رح) کان هن باري ۾ هن طرح ٻڌو آهي تہ جيڪڏهن طالب ۽ سالڪ کي ڪنهن ورد وظائف يا شغل شغائل ۾ ڪا مشڪلات يا رنڊڪ درپيش اچي تہ ان تي لازمي آهي تہ هو اهل قبور کان مدد گهري ۽ اهل قبور مان مراد اهي ماڻهون آهن جيڪي موتوا قبل ان تموتوا. (طبعي موت کان پهريون نفس ڪشيءَ جي ذريعي پاڻ کي ماري چڪا هجن) جي مقام کي

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

فائز ٿي چڪا هجن. يعني پير ڪامل جي صحبت ۾ وڃي ته ان جي صحبت ۾ سندس عقدو (مسئلو) حل ٿيندو. مگر مُلا ته هن جون بيون معنائون ڪيندا آهن. ليڪن اسان جيڪو پنهنجي مرشد جي زبان کان ٻڌو آهي اسان کي هن معنيٰ تي يقين ڪامل آهي. پوءِ فرمايائون ته هيءَ ڪتب خانو جيڪو ڪتابن سان ڀريل آهي اُن مان اسان کي ڪجهه نفعو يا طمعو ڪونهي پنهنجي پير جو شڪرگذار آهيان جو جيڪي به مليو آهي سو پنهنجي مرشد ڪامل کان حاصل ڪيو اٿم. اسان جو رهبر صاف صاف راه حق تي پهچائيندو هو. ڪڏهن به نه فرمايو هيائين ته اعتڪاف ڪريو يا چلو ڪيو. پر ظاهر ظهور پنهنجي اڳيان طالب کي هر ورد وظائف ڏسيندا هئا ۽ محنت ڪرائيندا هئا. ٻين مشائخن ۽ پيرن وانگر جو پاڻ معرفت جي طاقت رکن ڪين پر مريدن ۽ طالبن کان مختلف قسمن جا چلا ۽ رياضتن ۽ ڪيترن شغلن ڪرڻ جو ڪين حڪم ڪندا رهندا آهن.

## معرفت 32:

### اهل الله جي صحبت

هڪ ڏينهن پاڻ سڳورن فرمايو ته قبله ڪونين، سيد الثقلين، سرور ڪائنات، فخر موجودات صلي الله عله وسلم دار فنا کان دار بقا ڏانهن وڃڻ وقت پنهنجي يارن ۽ طالبن کي وصيت ڪئي ته جيڪڏهن مون کي ڳوليو ته پوءِ قبر واري مٽيءَ ۾ نه ڳولجو. بلڪ اهل الله ۽ فقراء باقي با الله جي سينن ۾ ڳولجو. ۽ هتُ ڪجو ۽ انهن جي صحبت ۾ مون کي لهندؤ باقيٰ ٻيو ڪو طريقو ڪو نه اٿوَ.

## معرفت 33:

### ڳاڙهن جو انن جو زمانو

هڪ ڀيري پاڻ سڳورن پنهنجي قبلهٔ عالم حضرت جيلاني

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

بادشاهہ ڪان بيان فرمايو تہ انهن پنهنجي مرشد ۽ پير روضي ڌڻيءَ کان نقل بيان ڪيو تہ: پاڻ ڪريم ﷺ عالم جاوداني ڏانهن وڃڻ وقت ظاهر ظهور فرمايو تہ: اي دوستو! فقيرن جو زمانو ويو هاڻي ڳاڙهن جوانن جو زمانو اچي ويو آهي. جيڪي پنهنجي وقت ۾ مخلوق کي خراب ڪندا.

## معرفت 34:

## الله تعاليٰ جي محبت

هڪ ڏينهن مالڪان عاليشان پنهنجي شيخ ڪامل جي حوالي سان بيان فرمايو تہ انهن حضرت روضي ڌڻي کان نقل فرمايو تہ: هڪ اسان جي مريد کي سندس مائٽ درگاهہ شريف جي سادگي ۽ غربت واري روش ڪوهرن ڪائڻ ۽ تڏي تي سمهڻ جا طعنا ڏيندا هئا. پنهنجي پير جي تعريف ڪري چوندا هئا تہ اسان جو پير پنهنجي مريدن کي بسريون گهٽي گيهہ ۾ پڪل وڏي عزت سان کارائيندو آهي ۽ کٽن تي سمهاريندو آهي. هن مان سندن ارادو هو تہ جيئن هو درگاہ شريف کان ارادو بدلائي اسان جي پير جو اچي مريد ٿئي. هيءُ ويچارو سادو مريد اچي منجهو ۽ عرض ڪٽي پاڻ سڳورن وٽ آيو. ڪين حقيقت حال پيش ڪيائين پاڻ فرمايائونس اي دوست! تنهنجي مائٽن کي فقط اها ماني بسري دنيا ۾ ڦبي. پر اوهان کي خدا جي محبت نصيب ۾ آئي. والمحبة احب الاشياء عندالله تعالىٰ يعني محبت الاهي تمام وڏيڪ پياري ۽ دل جي سڪون لاءِ مفيد آهي، دنيا جي سيني وٽندڙ شين کان.

## معرفت 35:

## حضرت روضي ڌڻيءَ جو مقام

هڪ ڏينهن مالڪن سڳورن فرمايو تہ حضرت جامع ڪمالات پير سائين روضي ڌڻي رحمه الله جو زمانو حضور مقبول عليه افضل الصلواة

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

جي زماني وانگر هو. هڪ ڏينهن هڪ صحابي حضور ﷺ جن کي ان وقت عرض ڪيو جنهن وقت پاڻ ﷺ جمعي جو خطبو پڙهي رهيا هئا. يا حضرت! مينهن نه وسي ڏاڍو ڏکر آهي. ڍور ڍڳا هلاڪ ٿين ٿا. دعاءِ لاءِ هٿ مبارڪ کڻو ته جيئن آسمان مان مينهن وسي. پاڻ سڳورن ﷺ هٿ کڻي، دعا گهري. يڪدم مينهن وسڻ شروع ٿي ويو ۽ ائين اٺ ڏينهن مينهن وسندو رهيو. ساڳي صحابي ٻيهر اچي عرض ڪيو ته قبلا! پاڻي تمام گهڻو ٿي ويو آهي. ماڻهون ۽ مال تمام تنگ ٿي ويا آهن. هاڻي مينهن بند ٿي. پاڻ ڪريم ﷺ جيئن دعا گهري ته مينهن بند ٿي ويو. ائين حضرت عمر رضي الله تعالىٰ عنه مينهن لاءِ دعا گهري ته مينهن وسڻ شروع ٿي ويو. گهڻي مينهن پوڻ سبب ڏاڍي پريشاني ٿي وري حضرت عمر رضي الله تعالىٰ عنه مينهن بند ٿيڻ لاءِ دعا گهري ته مينهن بند ٿي ويو. هو ٻهو ساڳيو مثال حضرت روضه ڌڻي يعني حضرت محمد راشد رحمت الله جي زماني ۾ پڻ هو ٻهو ساڳيو ئي مثال ٿيو. جيئن حضور ﷺ جن جي زماني مبارڪ ۾ ٿيو. ساڳيو ئي نموني مينهن پيو ۽ وري به ساڳيو مثال حضرت پير بنگلي ڌڻي جي دور مبارڪ ۾ به ٿيو. اهو سڄو داستان حضرت جيلاني بادشاهه پاڻ بيان ڪيو.

## معرفت 36:

## ڪنگ ويچارو ڪير جو رسي انهيءَ رمزڪي

هڪ ڀيري پاڻ سڳورن پنهنجي پير ڪامل رحه کان نقل فرمايو ته هڪ ڏينهن حضرت روضي ڌڻيءَ جي مجلس ۾ مثنوي جي بيان ۾ حضرت عيسىٰ عليه السلام ۽ بيبي مريم عليها السلام جو ذڪر نڪتو. وعظ نصيحت ۽ صحبت جي اثر جي ڪري جماعت ۾ روح راڙو، وجد ۽ شور پيدا ٿيو. ان وقت مولوي ذاڪر محمد، ڪين عرض ڪيو ته قبلا! هن ذڪر سان اجوڪي زماني ۾ ههڙو سوز ۽ گريو ٿئي ٿو. خبر نه آهي ته حضور ﷺ جن

جي زماني ۾ چاڻيو هوندو؟ حضرت روضي ڌڻي رحه فرمايو ته اي مولوي!
قديم قصا بيان ڪرڻ اسان جي عادت نه آهي پر حضرت عيسيٰ ۽ بيبي
مريم عليهما السلام اڄ به موجود آهن. عيسيٰ روح عارف ڪامل جو آهي
"ونَفَخْتُ فِيْهِ مِنْ رُّوْحِي" انهي مان مراد اها آهي ۽ مريم مان مراد عارف جي
دل پاڪ آهي پوءِ پاڻ هي بيت پڙهيائون

هنج هريو ئي پير چرچني سال تيا،
ڪنگ ويچارو ڪير جو رسي انهيءَ رموز کي

هتي هنج مان مراد عارف ڪامل آهي جيڪو وحدت جي نور سان
ترو تازو آهي ۽ چر مان مراد: ڪنت ڪنزا مخفيا فاحببت ان اعرف
يعني مان مخفي خزانو هيس پوءِ مان گهريو ته پنهنجو تعارف
ڪرايان پوءِ مان مخلوق پيدا ڪئي اهو اشارو آهي وحدت ازليه جي طرف
پوءِ فرمايائون ته.

"اوتاري عدم جي تي اڇي ڪن پيو"

يعني نه هجڻ جي جاءِ تي ڪن جو حڪم اچي ڪڙڪيو ڪنگ مان مراد
عالم ظاهري آهن، جيڪي عارف ڪامل جي رمزکي نٿا سمجهن.

**معرفت 37:**

## انڌن جو ٽولو ۽ هاٿي

هڪ ڏينهن پاڻ مالڪن عاليشان فرمايائون ته ڪنهن ماڻهو هڪ
انڌن جي ٽولي کي چيو ته فلاڻي هنڌ هڪ هاٿي مئو پيو آهي توهان کي
ڏسڻو آهي ته وڃي ڏسو. هي پاڻ ۾ صلاح ڪري ڏسڻ هلي پيا. هاٿي وٽ
پهتا هڪڙي ڪنن تي، ٻئي سونڍ تي، ٽئين ڏندن تي، چوٿين پڇ تي، پنجين
پيرن تي، ڇهين پيٽ تي، هٿ رکيا موٽي مڙيئي گڏجي ويٺا ۽ هڪ ٻئي کي

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هاٿي جا ڌار ڌار پتا ڏسڻ لڳا. هر هڪ کي جيڪي جيڪي هٿ ۾ لڳو ان کي هاٿي سمجهڻ لڳو. سڀئي حيران رهيا پر ڪين هاٿي جي جسم جي پوري ڪابه سڌ نه رهين. پاڻ فرمايائون ته ظاهري عالم انهن انڌن وانگر آهن جيڪي عقلي ۽ نقلي دلائل ۾ حيران پريشان. هڪٻئي سان جنگ وجدل ۾ رهن ٿا. ڪنهن به هڪ ڳالهه تي اتفاق نه اٿن. عارف ڪامل جي ارشاد بنا وحدت ذاتي تي نه پهچي سگهندا. پوءِ هيءُ بيت فرمايائون.

مئي هاٿي سندو مامرو اڇي پيو انڌن

مناڙين هٿن سين اکيئن ڪين ڏسن

في الحقيقت فيل کي سچا سڃاڻين

سندو دانائن بصارت بينا ڪيا

## معرفت 38:

## مرشد جي محبت

هڪ ڏينهن پاڻ مالڪن رح بيان فرمايو ته اسان جي قبله عالم حضرت جيلاني رحہ جو هڪڙو مولوي صاحب مريد هو جنهن جو سندن وصال کان پوءِ انتقال ٿيو. فوت ٿيڻ وقت پٽن کي وصيت ڪيائين ته اي ٻچڙو! توهان کي پنهنجي حياتيءَ ۾ رڳن جي چنبن کان بچايو اٿم. يعني دنيوي پيرن کان جيڪي پنهنجي رب کان بالڪل پري آهن. پوءِ اوهان تي لازم آهي ته منهنجي پير جي جماعت کي جتي به ڏسو اتي ادب تعظيم ۽ تڪريم سان صحبت ۽ خدمت ڪريو. جيڪڏهن زمانو بگڙي وڃي ۽ زماني ۾ تبديلي اچي وڃي ته پوءِ به حضرت مرشد ڪريم جي روضه مطهره تي وڃڻ ۽ ختمه ڏيڻ کان پٺي نه ڦيرائجو. ان کان پوءِ پاڻ رح هيٺيون بيان فرمايو.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

## معرفت 39:

### ٻہ شڪاري

حضرت مالڪن رحہ فرمايو تہ: ٻہ شڪاري شڪار جي خيال سان درياءَ جي ڪناري سان پئي ويا. پري کان درياءَ ۾ ڪاشيءِ لڙهندي ڏٺائون هڪ شڪاري ٻئي شڪاري کي چيو تہ تو هتي ويهہ تہ مان وڃي اها شيءِ ڪڍي اچان هو دريا ۾ لنگهي پيو اتفاقا اهو رڇ هو. شڪاري هٿ وجهي ان کي چڪيو جيئن رڇ جي نظر پيس تيئن هن کٽي قابو ڪيس. ڪڏهن هيٺ تہ ڪڏهن متي پيو اٿيس. ٻاهر نڪري دانهن ڪري پنهنجي سنگتي کي چيائين تہ وارو ڪر مون کي هن بلاءِ کان ڇڏاءِ. هن چيس تہ جيڪڏهن چڪڻ سان نٿي اچي تہ کڻي ڇڏيس. ويچارو شڪاري چوڻ لڳو تہ مان تہ ڇڏيانس ٿو پر هوءَ نٿي ڇڏي. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ دنيوي پير انهيءَ رڇ وانگر آهن. جيڪي پنهنجي ابن ڏاڏن جي ڪاني ڪرامت جا فريب ڏيئي مخلوق کي مريد ٻڌائي گذر سفر جي شڪار جو ارادو رکيو اچن ٿا. آخر ٻئي ڏريون غفلت جي کُن ۾ رهندي مري وڃن ٿيون. ۽ قيامت ۾ شرمساري جو منهن ڏسن ٿيون.

## معرفت 40:

### جتي بہ خدا هٿ اچي اتي هليو وڃجي

هڪ ڀيري حضرت مالڪان فرمايائون تہ اسان جي پير قبله عالم رحہ حضرت پير سائين روضي ڌڻي رحہ جو نقل فرمايو تہ حضرت روضي ڌڻي رحہ رحلت وقت وصيت فرمائي تہ "اسان پنهنجي مريدن کي بند نہ ڪيو آهي سيني کي عام اجازت آهي جتان بہ کين خدا هٿ اچي اتي هليا وڃن هتي بند نہ ٿين." هڪ ماڻهوءَ ان وقت حضرت پير سائين جن کي عرض ڪيو تہ يا حضرت! جيڪڏهن ڪنهن طالب جو رهبر وصال ڪري وڃي تہ پوءِ اهو طالب ڇا ڪري؟ فرمايائون تہ اهوپنهنجي طريقي ۾ ڪو ڪامل ڏسي تہ ان سان وڃي مشغول ٿئي ٻي صورت ۾ جتي ڪو عارف ملي ان وٽ هليو وڃي.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

## معرفت 41:

## الله وارن جا دڪان بند نہ ٿيندا

ڪريم بخش خان ڪوسي جو ياءُ دين محمد نقل بيان ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن مالڪن جي حضور ۾ عرض ڪيم تہ جيڪڏهن ڪو عارف ڪامل هن جهان مان لاڏاڻو ڪري وڃي ٿو تہ پوءِ سندس طالب ڇا ڪن. پاڻ فرمايائون تہ جيڪڏهن پنهنجي شيخ جا خليفا آهن تہ اهي طالب انهن ڏانهن وڃن، پر جي اهڙو ڪو خليفو نہ هجي تہ پوءِ پنهنجي طريقي جو جيڪو بہ عارف ملبيس ان ڪان فيض پرائجي. آخر ۾ جنهن بہ طريقي جو ڪو ڪامل ملي تہ ان سان تعلق ڳنڍجي خاموش ٿي نہ رهجي. فقير وري عرض ڪيو تہ قبلا! جيڪڏهن ڪوبہ مرشد نہ لڀي تہ پوءِ ڇا ڪجي. فرمايائون تہ دين محمد! موچين لوهرن، ڪنيرن جا دڪان آدم عليه السلام ڪان وٺي اڄ تائين جاري آهن ۽ بند نہ ٿيا آهن. باقي عارفن جا دڪان بند ٿي ويندا. اهي بہ قيامت تائين بند نہ ٿيندا.

## معرفت 42:

## عبادت اخلاص ڪان سواءِ بيڪار آهي

هڪ ڏينهن هيءُ بندو محفل اقدس ۾ حاضر هو. مالڪن سڳورن فرمايو تہ دل جي حضور ڪامل بنا عبادت ڪرڻ چاڪيءَ جي ڏاند وانگر هڪ جاءِ تي بيهڻ جيان آهي. اهڙي عبادت جو ڪوبہ فائدو نہ آهي. ان ڪان پوءِ پاڻ فرمايائون تہ عارف ڪامل جي صحبت سالڪن کي هزارين ميل پنڌ ڪرائيندي آهي. ۽ ڪي سالڪ تہ تمام تيزيءَ سان ڪيئي منزلون طي ڪري وڃندا آهن. هين لفظن ۾ لکين ميل طي ڪري وڃندا آهن. ڪي ماڻهو ذوق ۽ شوق سان پنهنجي مرشد جي مجلس جا قصا بيان ڪري ان جي مريدن مان مفت جون مانيون کائيندا رهندا آهن. ان ڪان پوءِ پاڻ رح فرمايائون تہ اسان جا

قبلہ عالم "محمد حسن شاھ جيلاني سوئي شريف وارا" مخلوق خدا جي هدايت لاءِ سفر جون صعوبتون برداشت ڪري خدا جي مخلوق کي هدايت جي راهہ اختيار ڪرڻ جي تلقين فرمائيندا هئا. هڪ ڀيري جماعت جي هڪ فقير عرض ڪيو تہ حضرت! سفر اختيار ڪرڻ گهرجي ڇو تہ سفر ۾ آمدني ٿيندي. جيڪي بہ سفر ۾ وصول ٿيندو اهو سفر دوران خرچ ٿيڻ بعد بچت لنگر شريف ۾ ايندي. پاڻ جنهن گهوڙيءَ تي سفر ۾ سواري ڪندا هئا فرمايائون تہ اها وڪرو ڪريو. اها گهوڙي وڪرو ڪئي وئي ان ڪانپوءِ فرمايائون تہ اسان هاڻي سفر نہ ڪنداسين، ائين ڇهہ مهينا گذري ويا. اتفاق سان هڪ سچو مريد جيڪو هر مهيني ڪين دعوت ڪندو هو. اهو آيو ۽ عرض ڪيائين تہ يا حضرت! منهنجي ماءُ تمام لاچار آهي ڪيس ذڪر حق (بيعت) لاءِ خواهش اٿس. مهرباني فرمايو پاڻ فرمايائون تہ اسان ايندا سون. پوءِ پاڻ تيار ٿيا ۽ هليا پين بہ عرض ڪيو تہ حضرت! فلاني شهر ۾ ذڪر جا طالب آهن. اهڙي طرح سندن سفر ٿيو انهي نيت سان تہ ڪنهن کي حق جي هدايت نصيب ٿئي.

## معرفت 43:

## امام جي نيت ڪافي آهي

هڪ ڏينهن مالڪن سڳورن پنهنجي مرشد جو بيان فرمايو تہ هڪ ڀيري درگاه شريف جي ڪولاچي ۽ تماچي فقيرن حضرت تجرڏٺي (جانشين قبلہ سيد محمد راشد رحہ) کي عرض ڪيو تہ مارواڙ جي سڄي خلق ڪفر تي آهي. جيڪڏهن اتي اسلام جي تبليغ ٿئي تہ بهتر آهي. پاڻ فرمايائون تہ انشاء الله موقعو ڏسي سفر ڪنداسين. وري ٻئي ڀيري بہ فقيرن اهوئي عرض ڪيو تہ يا حضرت! ڪنهن خليفي کي حڪم ڪريو تہ وڃي اتي حق جي وات ڏيکاري. پوءِ پاڻ خليفي ۾سوئي شريف وارن ڏانهن خط روانو ڪيو

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

۽ وچي مارواڙ ۾ حق جي واٽ سمجهائي. اسانجا قبلہ عالم سوئي شريف کان ۾ ٽي ميل ٻاهر هئا مرشد زادي جي خط پهچڻ سان اتان ئي حڪم جي بجا آوري لاءِ روانا ٿيا ۽ سفر جو سامان تيار ڪرائڻ لڳا. جنهن ۾ ساندارا (خرجينيون) ۽ پاٽيءَ جون مشڪون بہ هيون. جماعت مان ڪنهن فقير چيو ته: هن سفر ۾ هي ساندار يون ۽ خرجينيون سون ۽ چاندي سان پريندا سون. اتفاقن اها گفتگو حضرت جيلاني رح جن جي ڪن تي پهتي. فورن اتان ئي واپس ٿيا ۽ درگاه شريف (پير پاڳارا) تي آيا. واپس اچڻ جو سبب پڻ پيش ڪيائون ته جماعت جا پير ڪچا ٿئي پيا پاڻ فرمايائون ته جماعت جا يا امام جا؟ حضرت جيلاني فرمايو جماعت جا حضرت تجرڏٺي رح جواب ۾ فرمايو ته خليفا! امام جي نيت ڪافي ۽ معتبر آهي نہ جماعت جي ان ڪان پوءِ حضرت مالڪان رح فرمايو ته حضرت سجاده نشين صاحب ڪيتري بلند درجي جا مالڪ هئا.

## معرفت 44:

## ڏيندڙ کي ڏسجي يا موڪليندڙ کي

منهنجي (جامع ملفوظات جي) والد مولوي صاحب ٻڌايو ته هڪ وقت حضرت قبلہ مالڪان رح جي حضور ۾ وينو هوس ته اوچتو مولوي نور محمد بروهي آيو. ۽ حضور ۾ هڪ روپيہ نذرانو رکيائين مان عرض ڪيو ته يا حضرت هيءُ ته بخيل آهي سندس نذرانو نہ وٺڻ گهرجي. فرمايائون ته مولوي! ڏيندڙ کي ڏسجي يا موڪليندڙ کي هن جو موڪليندڙ ته خدا جل شانہ آهي.

## معرفت 45:

## جماعت جي سنگت ۾ اهڙا فقير هجن

ساڳيو ئي روايت ڪندڙ چوي ٿو ته هڪ ڏينهن مالڪن سڳورن

فرمايو تہ هڪ ڀيري درياءَ کان پار جو سفر رٿيوسون. هلندي وقت فقير عبدالرحيم چيو تہ يا حضرت دعاگهرو تہ حق تعاليٰ خالي هٿ هلائي ۽ خالي هٿ واپس ڪري. جنهن وقت سفر کان موٽياسون تہ ان فقير ٻڌايو تہ جماعت جي خرچ مان باقي ارڙهن روپيا بچيا آهن ڪجهہ ترسو تہ اهي بہ خرچ ڪجن. هڪ وڏي ڪشادي ميدان ۾ رهي پياسين فقير عبدالرحيم ڪاڏو ۽ سامان وٺي آيو. سموري جماعت کي کارايائين. جڏهن درياءَ تپڻ لاءِ ٻيڙيءَ ۾ اچي سوار ٿياسين تڏهن ايترو بہ نہ هو جو پتڻ ڏيئي سگهجي. اتفاقن هڪ "وڏيرو" جنهن کي هڪ سو روپيہ جي ضرورت هئي سو آيو هن سمجهيو تہ فقيرن سفر تان ڪافي مال جمع ڪيو هوندو سو انهيءَ لالچ ۾ اچي هڪ روپيہ "نذر رکيائين" ۽ پنهنجو مطلب بہ ٻڌايائين. اسان بہ انکي پنهنجو سڄو احوال ٻڌايو ڪائونس مليل هڪ روپيہ پتڻ ۾ ڏئي باقي رهيل ڪرايہ ۾ مهاڻن کي ڪپڙا ڏيڻا ڪياسين. ائين درياءَ ٽپي پار ٿيا سين پاڻ فرمايائون تہ جماعت جي سنگت ۾ اهڙا فقير هجن جيئن الله جي مخلوق کي دين حق جي تعليم ڏيئي سگهجي.

## معرفت 46:

## فقير جي ملڪيت ڪابہ نہ هوندي آهي

هڪ ڏينهن صحبت هلندي درويشن تي تنقيد ڪندڙ هڪ ماڻهو حضرت مالڪن کان سوال ڪيو تہ يا حضرت! اوهان جو اڪثر وعظ زڪوات جي باري ۾ هوندو آهي. اوهان وٽ زڪوات جو مال موجود آهي ۽ اوهان زڪوات اد انتا ڪريو. پرٻين کي سمجهايو ٿا. انهيءَ جو ڪهڙو سبب آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ هن بندي تي زڪوات نہ آهي. هن ٻيهر چيو تہ اوهان وٽ هيترو مال، اٺ، ڏاند، ڳئون ۽ ٻيون ڪيتريون شيون لنگر ۾ آهن. جيڪي اوهان جي ملڪيت آهن. فرمايائو ن تہ اهو مال هن بندي جي ملڪيت نہ

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ماڻهو سان چوائي موڪليو تہ: منهنجي پير مونکي نفعي نقصان جي اميد فقط خدا تعاليٰ کان رکڻ سمجهائي هئي. هر شيءِ انجي قدرت ۽ طاقت ۾ آهي. مون کي ائين ڪونہ چيو هئائين تہ منهنجي رحلت کانپوءِ اچي مون وٽ سوال ڪندو رهجانءِ فرمايائون تہ ابا! هيءُ حال علم وارن جو ٿي ويو آهي.

## معرفت 48:

### قبلو هڪڙوئي آهي

ساڳيو راوي چوي ٿو تہ: هڪ ڏينهن پاڻ رح فرمايائون تہ سڀ ڪجهہ ان جو آهي ۽ سڀ ڪجهہ ان کان آهي. اهل توحيد ۽ صادق طالب کي هر خوشي ۽ غم ۾ ان ڏانهن نظر رکڻ گهرجي............... پوءِ پاڻ فرمايائون تہ:

بادو قبلہ راه توحيد نتوان رفت راه
يا رضائي دوست بايد يا رضائي خويشتن

يعني توحيد رباني جي راهہ ۾ ٻن قبلن ڏانهن نہ وڃبو قبلو هڪڙوئي آهي يا رضائي يار يا رضا پنهنجي خواهش جي.

## معرفت 49:

### خلق پلجي ويئي آهي

خليفي سيد تاج محمود امروٽي رحہ کان نقل آهي تہ هڪ ڏينهن هن بندي سان مخاطب ٿي فرمايائون تہ: اي ابا! هي جيڪي بہ نظر اچي ٿو ان جو خالق رازق اهو خداوند آهي جنهن کين پيدا ڪيو آهي. هر شيءِ جو نفعو نقصان بہ انجي ئي هٿ ۾ آهي. خلق پلجي ويئي آهي حقيقي مالڪ کي ڇڏي نفعي نقصان جي اميد غيرالله ۾ رکي ٿي.

ويهي مٿي سير وضو ئي نہ سکيا

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ڏيئي وٺو ڪير ڏٽي ڏتاري ڇڏيا

## معرفت 50:

### اڻ گهريا موتي ملن

هڪ ڏينهن قبله عارفان فرمايو ته خلق ڪهڙي نقصان ۾ پئجي چڪي آهي جو سندس توجه خدا کان هٽجي ويو آهي حالانڪ اهوئي خلق جو خالق هر نفعي ۽ نقصان جو مالڪ آهي. گهرڻ کان سواءِ هر ڪنهن کي ڏيندو رهي ٿو سڄي دنيا تي سندس ڪروڙين انعام ۽ اڪرام آهن. پوءِ فرمايائون ته:

اڻ گهريا موتي ملن منگئي ملي نه بيک

(سواءِ گهرڻ جي موتي ملي ويندا آهن ۽ ڪڏهن گهرڻ سان خير به نه ملندو آهي)

## معرفت 51:

### امام جي عجيب تشريح

فقير احمد الدين جراپهوڙ وارو بيان ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن هيءُ بندو حضرت تاجدارين مربي تاج محمود امروٽي رحه جي خدمت ۾ حاضر هو فرمايائون ته هڪ رات جو مالڪن سڳورن عشاءِ جي نماز ۾ سورة بني اسرائيل پڙهي. نماز پڙهڻ کان پوءِ بندي عرض ڪيو ته يا حضرت! هن سورة جي آيت "**يَومَ نَدعُوا كُلَ اناس بِاَما مِهِم**" جي معنيٰ ڇا آهي؟ ۽ اهو امام ڪٿي آهي. فرمايائون ته اهو مام نفس آهي. جيڪڏهن ڪنهن جو نفس حضور نبي ڪريم ﷺ جن جي تابع ٿيو ته پوءِ اهو شخص نبي عليه السلام جي جماعت ۾ شامل ٿيو. پر جي گمراه ٿي شيطان جي تابع ٿي ويو ته پوءِ ان جو امام شيطان آهي ۽ هو انجي جماعت ۾ شامل هوندو.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## معرفت 52:

### پراون کي پنهنجو ڪري ڇڏيائون

فقير عمر الدين زنگيجو چوي ٿو ته سائين امروٽي رحه فرمايو: ته مالڪن سڳورن جي حضور ۾ هڪ هندو اچي مهمان ٿي رهيو. پاڻ جيڪي ڪاڏي پيتي جا ٿانو ڪيس ڏنا هئا. ڪجهه ڏينهن بعد اهي چورائي ڪٺي هليو ويو. فقير پٺيان لڳس ۽ ڏهرڪي مان ٿانون سميت پڪڙي مسجد جي دروازي وٽ ٻڌي ويهاريائونس. پاڻ اشراق جي نماز پڙهي ٻاهر آيا ته ان هندو کي ٻڌل ڏسي واڪي سان پڇيائون ته هن کي ڇو ٻڌو اٿو؟ فقيرن چيو ته قبلا! لنگر جا ٿانو چوري ڪٺي هليو ويو هو ۽ ڪيس فقير ڏهرڪي مان پڪڙي آيا آهن. حضرت جن فرمايو ته پيءُ جو مال هٿ ڪيائون پر هن غريب کي ڇو ٻڌائون. ڪهڙا فقير هن کي وٺي آيا آهن؟ حاضر جماعت وارن انهن فقيرن جا نالا پيش ڪيا. فرمايائون ته انهن کي جلد اسان وٽ پيش ڪريو. فقير انهن کي وٺي ويا .انهيءَ وچ ۾ هندو عرض ڪيو ته قبلا! مان مسلما ن ٿيان ٿو ان تي سندن غصو ۽ جوش فقيرن تان ڍرو ٿيو ۽ ڏاڍا خوش ٿيا. مولود شريف شروع ٿي ويا حجم گهرايو ويو جيئن هن جو طهور ڪرائجي. هيءَ هئي حضرت جن جي شفقت جوپراون کي پنهنجوڪري ڇڏيائون.

## معرفت 53:

### پير سُهري جو واقعو

فقير عمر الدين زنگيجو روايت ڪري ٿو ته حضرت امروٽي رحمت الله عليه فرمايو ته هڪ ڀيري مالڪن ناڙي (بلوچستان) جو سفر ڪيو رستي ۾ بروچن جو پير سهري نالي سان هو. جتي ڪجهه بروچن جون زالون اولاد لاءِ سوالي اينديون هيون. قدرت الهي سان جيڪڏهن ڪنهن عورت کي پٽ پيدا ٿي پيو ته پوءِ اها عورت پنهنجا وار سڳين سميت ڪوڙائي نذرانه طور

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

بلوچ چوڻ لڳا تہ اسان بہ علي جا حُر آهيون مڇون نہ وڍرائينداسين نيٺ ڪجھہ گفتگو کان پوءِ راضي ٿئي ويا ۽ عرض ڪيائون تہ اسان ۾ وڏ وجھو يعني سنت جي مطابق مڇون ٺاهيو پر اسان کي بہ اها واٽ ڏيکار جيڪا "کوسن" کي ڏيکاري اٿيئي. مالڪن سڳورن سيني کي ذڪر ڏنو دعوت عرض رکيائون، پاڻ قبول فرمائي اوڏانهن هليا. ۽ بلوچن جي پوري اهل و عيال کي پڻ ذڪر ڏنائون ڪجھہ ڏينهن بعد بلوچ پرچوندي شريف آيا. موڪلائي واپس ٿيا تہ سندن چادر حضرت جن جي چادر مبارڪ سان مٽجي ويئي. گھر پهچڻ تي معلوم ٿين تہ هيءَ چادر تہ مالڪن جي آهي لهذا ان چادر کي رومالن ۾ ويڙهي اٺ چڙھا پرچوندي شريف کڻي آيا. مالڪن کين فرمايو تہ اوهان پنهنجي چادر وٺو هيءَ اسان جي چادر بہ کڻي وڃو. جمع جي ڏينهن هن جي جماعت کي زيارت ڪرائيدا رهو. انشاالله هن چادر ذريعي خدا تعاليٰ جي محبت وڌندي.

## معرفت 54:

### حضرت جن جي جواني جو قصو

فقير عمر الدين زنگيجو نقل ڪري ٿو تہ حضرت امروٽي رحہ فرمايو تہ هڪ ڀيري مالڪن سڳورن پوري جماعت کي فرمايو تہ اوهان منجهان ڪو پنهنجي جواني ۾ ڪيل بهادريءَ جو ڪارنامو بيان ڪري. ڪنهن بہ جواب ڪونہ ڏنو مڙيئي ماٺ ۾ رهيا. پاڻ رح فرمايائون تہ مان پنهنجي جواني جو قصو ٻڌايان ٿو جو هڪ سياري جي رات ۾ اٿيس ڏٺم تہ دلي ۾ پاڻي ڪونہ آهي. دلو کڻي تلاءَ تي پهتس. ڏٺم تہ تلاءَ جي مٿان برفڄميل هئي. برف تي لٺ هڻي سوراخ ڪيم. اتان وضو ڪيم ۽ دلو ڀري غسل ڪيم. ڪپڙا ڌوئي دلو ڀري مسجد ۾ رکيم ان کانپوءِ سڄي جماعت اٿي ۽ وضو ڪيو.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

## معرفت 55:

### الله وارن جا قدم رحمت آهن

فقير عمر الدين زنگيجو نقل ڪري ٿو ته حضرت امروٽي رحه فرمايو ته هڪ ڀيري "ٻن عورتن" مالڪن سڳورن کي دعوت ڪئي. ٻئي پاڻ ۾ ڀينر هيون. موقعي موجب مرشد ڪريم (حضرت جيلاني) جن به اتي پهتا. انهن عورتن کان پڇيائون ته اسانجي سائين (حضرت جيلاني) جي به ڪڏهن دعوت ڪئي اٿو؟ عورتن چيو ته اسان توهانکي سڄاتو آهي توهان انهن کي سڃاتو، اسان توهان جي دعوت ڪئي آهي انهن جي دعوت توهان ڪيو. اها به اسانجي دعوت هوندي. مالڪن سڳورن ڪائڻ پڇيو ته گهر ۾ ان ڪيترو اٿو. عورتن چيو ته "ٽي دريون" پاڻ فرمايائون ته هڪ دري جو سيرو ۽ صلو باقي ٻن درين مان اٽو ڪري، مانيون پچايو. طعام تيار ٿئي ته اسان کي ٻڌائجو طعام تيار ٿيو عورتن اچي ٻڌايو. حضرت سائين پنهنجي چادر مبارڪ ڏني ته طعام تي چادر وجهي پوءِ تقسيم ڪيو وڃي. ٽن جڻن جي ٽولي هجي ۽ هر هڪ ٽولي کي ٽي مانيون ڏجن اهڙيءَ طرح به سوءَ ويهه ماڻهن ۾ ماني ورهائجي ويئي. جماعت ماني کاڌي فرمايائون ته پاڙي اوڙي کي به ڏيو. پاڙي وارن به کائي دوءَ ڪيو. فرمايائون ته هاڻي توهان کائو. عورتن چيو ته اسان رڳو به چٽيون آهيون اسان ٻن جو کائڻ خلاف سنت آهي. ايتري ۾ ڪجهه ماڻهو اچي ويا. جن ۾ هڪ عورت به هئي. پوءِ عورتن گڏ جي کاڌو پوءِ انهن عورتن پنهنجي شهر وارن کي چيو ته خرچ اسانجو هوندو اوهان به سائين کي دعوت ڪريو. هنن ائين ڪيو پاڻ حقيقت حال کان واقف ٿيا. عورتن کي چيائون ته اسان کي ايترو چو ٿا ترسايو. هنن چيو ته "قربان ٿيون"! جنهن زمين ۾ چار پهر ڪجهه رڍ ون ٻڪريون رهن ٿيون اتي پوک سٺي ٿئي ٿي. پوءِ جتي به ڪن خد اجي مقبول بندن جا قدم ايندا اتي

رحمت خداوندي وڏيڪ وسندي.

## معرفت 56:

## پلي ڪئي پوئرن جي واس وٺڻ آيا

فقير عمر الدين زنگيجو روايت ڪري ٿو تہ حضرت امروٽي رحہ فرمايو تہ ڪڏهن ڪڏهن مالڪان عاليشان وينٺي جماعت کي ايندي ويندي ڏسي فرمائيندا هئا.

پلي ڪئي پوئرن جي واس وٺڻ آيا
تنهن کي بہ ڪنورن جايون ڏنيون جيءَ ۾

## معرفت 57:

## فقير دريا خان ۽ خير محمد زنگيجي جي حاضري

فقير عمر الدين زنگيجو روايت ڪري ٿو تہ حضرت امروٽي سائين عليه الرحمت فرمايو تہ هڪ ڀيري فقير دريا خان ۽ (هڪ روايت ۾ صوفي خير محمد زنگيجو ڪندڙي وارا) ٻئي ڄڻا پرچوندي شريف جي پرسان پنهنجي مريدن ۾ آيا ۽ اتان وري مالڪن سڳورن سان ملڻ لاءِ آيا. نماز جو وقت هو مالڪن سڳورن کين نماز پڙهڻ جي دعوت ڏني. فقير دريا خان چيو تہ قبلا! اسان هميشہ نماز ۾ آهيون. مالڪن فرمايو تہ ٺيڪ هيءَ ڳالهہ صحيح آهي. پر اوهان جا سمورا عضوا هن نعمت کان محروم آهن. انهن کي بہ هيءَ نعمت نصيب ٿي وڃي. فقير نماز پڙهي ان ڪانپوءِ هڪ فقير کي حڪم ڪيائون تہ قينچي کٽي اچ پاڻ سڳورن دريا خان جي مڇن ڪٽڻ جو ارادو ڪيو دريا خان منهن ڦيرائڻ لڳو. ڪنهن فقير چيس تہ دُرو! انڌا ٿياهين ڪيا؟ هٽ نهين پيا سڃاڻيندا هين. هٽ ڪنهن داهي؟ دريا خان سڌو ٿي وينو مالڪن عاليشان سندس مڇون ڪتريون ۽ فرمايائون تہ توهان ماڻهن اسلام ۾ وڏي خامي وڌي آهي. جيڪڏهن منهنجي بادشاهي هجي

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

جي گهر ۾ بانگ ڏني ۽ تون هن کي چماٽ هڻي ڪڍي!

## معرفت 59:

### دعوت جي حق ادا ٿي ويو

حضرت امروٽي عليه الرحمت فرمايو ته هڪ ماڻهوءَ مالڪن سڳورن کي جماعت سميت دعوت ڪئي پاڻ ان جي دعوت تي ويا. هن جڏهن گهڻي جماعت ڏٺي ته نهايت حيران ٿيو. مالڪ سڳورا ڪجهه وقت ويهي دعا ڪري موڪلائي روانا ٿيا . دعوتي عرض ڪيو ته اسان وٽ ڪاڏو ڪائو پاڻ فرمايائون ته پڇا تون اسان کي ڪاڏي جي دعوت ڪا نه ڪئي هئي. تون دعوت ڏني هئي. اسان آياسون دعوت جو حق ادا ٿيو. هاڻي واپس ٿا وڃون.

## معرفت 60:

### تنهنجو ۽ اسانجو هار

خليفو حضرت امروٽي رحه هڪ ڏينهن حضور ۾ ويٺو هو هڪ عورت اچي حضرت جن کي عرض ڪيو ته منهنجي ڳچيءَ جو هار ڪنهن پاڙيسري چورايو آهي خدا واسطي دعا ڪريو ته واپس ملي. فرمايائون ته امان! تنهنجو ۽ اسان جو هار ته:

لا اله الا الله محمد رسول الله ئي آهي.

## معرفت 61:

### سادات جو احترام

فقير پير محمد نانگري چوي ٿو ته پهرين وقت ۾ هڪڙو مسڪين سيد گهوڙي سان گذ گذاري لاءِ مالڪن سڳورن جي حضور ۾ رهندو هو. اتفاقن لنگر ۾ گاه موجود نه هو. اهو سيد مالڪن سڳورن جي نالي تي گاه جي گدائي ڪري ايندو هو. انهي ڪري هي مسڪين سيد خليفي فيض الله

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

جي دل تي بار هو. هڪ ڏينهن هن شاهه صاحب جي گدائي جو احوال شڪايت طور حضور ۾ پيش ڪيو پاڻ سڳورن فرمايو ته هيءُ شاهه صاحب مسڪين ۽ مسافر آهي. هن بندي جي نالي تي گدائي ٿو ڪري اهو ڪيس جائز آهي چو ته هيءُ بندو ان (اهلبيت) جي درجو غلام آهي. قضا الهي خليفي فيض الله نفساني عداوت سان شاه صاحب کي لٺ هنئي. ڏک سان وات منجهان رت نڪري پيس. دانهون ڪندو حضور ۾ اچي فريادي ٿيو. حضرت جن ڪاوڙ سبب ماٺ ۾ اچي ويا. ڪنهن فقير خدمت ۾ عرض ڪيو ته يا حضرت هيءُ معاملو ڪهڙي طريقي سان آهي. جوش ۽ وڏي جرات سان فرمايائون ته هي ءُبندو هن ڏک جو خون فيض الله جي مقعد منجهان ڪڍي ها. پر چا ڪريان جو حضرت نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو ته تنهنجو هن ڳالهه سان ڪوبه واسطو نه آهي ۽ اسان يعني حضور اڪرم ﷺ جن قيامت جي ڏينهن پاڻ بدلو ۽ عيوض هن شاه صاحب جو فيض الله کان وٺنداسون انهيءَ ڪري ماٺ ڪئي اٿم.

## معرفت 62:

### ظاهر منجهه حضور باطن وصال ڪان دور

فقير خان محمد ٿو چوي ته هڪ دفعي مالڪ سڳورا پنهنجي قبلته العارفين (حضرت جيلاني بادشاهه) جي حضور ۾ ويٺل هئا. ڪنهن خدمت ۾ هديو آندو. هڪ فقير تقسيم ڪرڻ شروع ڪيو هر ڪنهن حصو پئي ورتو. جڏهن مالڪن سڳورن جو وارو آيو تڏهن پاڻ وٺڻ کان انڪار ڪيو. تقسيم ڪندڙ ڏيڻ جي ڪافي ڪوشش ڪئي پر پاڻ اهو حصو نه ورتائون ۽ مٿو مٿي نه ڪنيائون. نيٺ اُن فقير حضرت قبلته العارفين کي وڃي شڪايت پيش ڪئي. پاڻ سڳورن فرمايو ته: اي پياءُ! حقيقت هيءَ آهي ته مرشد جي اڳيان مڙيئي زماني جون سڏون بند ڪري ڇڏجن جيڪڏهن ائين نه ڪبو ته پوءِ

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مرشد کان خالي هٿين هليو وڃبو. جهڙيءَ طرح هڪڙو وزير پنهنجي بادشاه جي حڪم جو ايڏو تہ پابند هو جو سندس اڳيان بي دم ۽ بي جان نظر ايندو هو. ائين بادشاه جو عاشق ۽ شيدائي بڻجي ويو. هڪ ڏينهن بادشاه وزير جي امتحان لاءِ اٽڪل ڪري پڙهو ڦيرايائين تہ اڄ بادشاه شهر جي بازار مان لنگهندو. هر هڪ ماڻهو، امير خواه وزير پيرين پنڌ بادشاه جي حضور ۾ حاضر رهي ۽ با ادب چپ چاپ بيٺو رهي. هر هڪ ماڻهو هن حڪم جي بجا آوري ڪئي. بادشاه گهوڙي تي سوار ٿي شهر جي چوءُ سول ۾ اچي بيٺو. هيءُ عاشق وزير پڻ ساڳي حالت ۾ پنهنجي نظر بادشاه جي نظر ۾ وڌيون بيٺو رهيو. اتفاقن هڪ پٽ جي سوراخ مان هڪ وڏو نانگ وزير جي پيرن مان ٿي سندس سيني تائين وڃي پهتو. وزير دل ۾ خيال ڪيو تہ نانگ خطرناڪ آهي. هن جون اکيون بادشاه جي اکين ۾ ڪتل هيون. پر پنهنجي دل جي فڪر ۽ خيال سان نانگ جي مُنڍي کي هٿ ۾ پڪڙي اهڙو تہ سوگهو ڪٽي ڪيائين جو نيٺ نانگ جو ساه نڪري ويو. بادشاه هي سڀ ڪجهہ پئي ڏٺو جلدي ڪيس پاڻ کان پري ڪيائين (وزارت تان هٽائي ڇڏيائين) ۽ چيائينس تہ تون منهنجي عشق ۾ ڪوڙو آهين. اي ياءُ چا ڪجي ظاهر منجهہ حضور باطن وصال کان دور .پوءِ ڪهڙو فائدو ٿيندو.

## معرفت 63:

### حرص ۽ هوس

هڪ ڏينهن مالڪن سڳورن جي حضور ۾ زالن ۽ مردن جي حرص بابت بحث هلي رهيو هو. پاڻ سڳورن فرمايو زالن جي حرص جي اها حد آهي جو مردن ۾ انهن جو چاليهون حصو بہ نہ آهي. انهن کي مڪمل نعمت ۽ عيش و عشرت جا اسباب هجن تہ بہ هميشہ ناشاڪر، ناصابر، بي رحم، بي روزائت ۽ بي عبادت رهنديون آهن. پوءِ رسول مقبول ﷺ جن جي حديث


Scanned with CamScanner

بيان فرمايائون تہ حضور اڪرم ﷺ ۽ صحابہ ڪرام جي عادت هوندي هئي جو هميشہ وضو ۽ سنت جي ادائگي پنهنجي گهر مان ڪري رڳو فرض وڃي مسجد ۾ جماعت سان ادا ڪندا هئا. هڪ ڏينهن اتفاقن حضور ﷺ جن پنهنجي يار غار حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه سان گڏ وضو ۽ سنت جي ادائگي پنهنجي گهر مبارڪ ۾ ڪري فرض لاءِ مسجد ڏانهن هليا. راه ويندي هڪ هڏو حضرت يار غار حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي پير مبارڪ ۾ لڳو ۽ وضو ڀڄڻ جو گمان ٿين. اُن وقت الله لاءِ "نذر" پاڻ تي واجب ڪيائون تہ جيڪڏهن هن وقت نماز هن وضو سان حضرت سرور ڪائنات سان گڏ ادا ڪيم ۽ وضو نہ ڀڳو تہ پوءِ هن هڏي جو وزن جيترو "سون" فقيرن ۾ ورهائيندس. الله تبارڪ و تعاليٰ عام طور پنهنجي ڪرم سان "صحابہ ڪرامٰ" جون دعائون قبول فرمائيندو آهي. هتي بہ ائين ٿيو. حضر ت يار غار رضہ يڪدم وڃي هڏي جو وزن ڪيو مگر هڏو تمام ڳورو ٿيندو ويو. انهي جي تور سندس ظاهري جسم کان گهٽي پئي ٿي. نيٺ تور ڪرڻ وارو ۽ حضرت يار غار رضہ سڌا حضور انور ﷺ جن وٽ آيا ۽ پنهنجي ماجرا بيان فرمايائون. پاڻ ڪريم ﷺ اهو هڏو پنهنجي هٿ ۾ وٺي ترازيءَ جي پڙ ۾ وجهي اوتري اندازي جو سون ٻئي پُڙ ۾ وڌو ۽ ڪجهہ مٽي بہ هڏي تي ٻرڪيائون تہ خيال موجب جو تور پوري ٿي. اصحاب سڀُورا حيران ٿي پڇڻ لڳا. پاڻ ڪريم ﷺ فرمايو تہ هيءُ حريص عورت جو هڏو آهي، جنهن جو پورو جسم هڏا ۽ ڪل مڪمل حرص هئا. مطلب تہ نبي ڪريم ﷺ جي علم جي ڪري صحابہ ڪرام ان معاملي جي حقيقت پهتا.

## معرفت 64:

## هتي ماني نہ هوندي آهي فقط جوئر جي رب

• فقير خان محمد چوي ٿو تہ شروع ۾ مون کي قرآن شريف پڙهڻ جو

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

شوق ٿيو. انهي خيال سان حضور ۾ پيش ٿيس. پاڻ فرمايائون ته اي فقير! هتي ماني نه هوندي آهي فقط جوئر جي رب يا ڪڏهن سڪل ماني جا ٽڪر هوندا آهن. مان عرض ڪيو ته قبلا! قبول آهن. ڪجهه وقت بعد دل ماندي ٿي ۽ ٻاهر گهمڻ جو شوق ٿيو. هڪ فقير کي چيم ته مالڪن سڳورن کان مونکي موڪل وٺي ڏي. فقير موڪل جي گهر ڪئي پر موڪل نه ملي. هڪ ڏينهن مان سندن مجلس ۾ ويٺس فرمايائون ته اي فقير توکي پٽن مناره جا گوگڙو يا لڪڻ جي ڳوٺ جي لسي ٿي ياد اچي چا؟ سندن هي لفظ ٻڌي مون کي ڏاڍو شرم ٿيو ڪجهه جواب نه ڏنم. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ وري فرمايائون ته فقير خبر ڏي پٽن مناري جي گوگڙن جو خيال اٿي يا لڪڻ جي لسي جو. مان وري به ماٺ ڪئي ۽ جواب جي طاقت نه ٿي، ٽئين ڀيري وري به اها ساڳي ڳالهه ورجايائون. دل ۾ توبه جو ارادو ڪيم. منهنجي توبه ڪرڻ بعد ڪڏهن به هيءَ ڳالهه نه دهرايائون. فقير خان محمد جو ئي بيان آهي ته اتفاق الهي هڪ ڀيري وري پٽن مناره وڃڻ جو خيال ٿيو پاڻ سڳورن مخاطب ٿي فرمايو ته فقير! تون جيڪڏهن وڃي ته ٻڌائجان ته ڪٿي ويندي؟ سندن هن ڪلام جي برڪت ۽ نعمت سان دل مان وڃڻ جو خيال ئي نڪري ويو ۽ ماٺ ۾ رهيس سبحان الله! سبحان الله!

## معرفت 65:

## هر شيءِ جي مسڪينن لاءِ نيت ڪجي

فقير خان محمد بانگو چوي ٿو ته: رمضان المبارڪ ۾ دستور هوندو هو ته افطاري وقت هر هڪ فقير پنهنجي پيالي ۾ پنهنجي ڪاڏي جو حصو وٺي وڃي افطار ڪندو هو. اُن وقت صاحبزادو (حضرت شيخ ثاني حافظ عبدالله رحه) ڏهن سالن جي عمر جو هو. اهو به فقيرن جي رسم موجب پيالو هٿ ۾ رکندو هو. هڪ ڏينهن پاڻ صاحبزادي کان پڇا ڪئي ته

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هيءُ پيالو ڇو ڪنيو اٿئي؟ عرض ڪيائين ته پنهنجي افطاري جي سامان لاءِ پاڻ ڪريمن فرمايو ته اي عبدالله! پنهنجي ان پيالي کي ڀڃي پرزا پرزا ڪري ڇڏي جيڪو پنهنجي نفس لاءِ تيار ڪيو اٿئي. ميان عبدالله يڪدم حڪم جي تعميل ڪئي پوءِ پاڻ فرمايائون ته: واجب آهي ته هر شيءِ مسڪينن لاءِ نيت ڪري پوءِ اُن مان پاڻ به نفعو وٺجي. جيءَ نه ته نفعو وٺڻ حرام آهي ۽ ٻين کي پڻ نفعو نه رسندو.

**معرفت 66:**

## جماعت سان محبت

هڪ ڏينهن حضرت قدس الله سره حاجت واسطي جهنگ ڏانهن ويا ان موقعي تي فقير شفيع محمد ڳوٺ وڃڻ جي موڪل گهري ۽ ٻين فقيرن به موڪل وٺڻ لاءِ ارادو ڪيو. اُن وقت شفيع محمد کي فرمايائون ته تون موڪل ٿو گهرين ته ماءُ ڏانهن وڃين. هاڻي هن ننڍڙي ٻوٽي کي پٽي مون کي ڏي؛ هن ٻوٽو پٽي ڪڍي اڳيان پيش ڪيو. وري فرمايائون ته هي ڪنڊي جي لام پٽي ڏي. شفيع محمد حڪم موجب ڪوشش ڪئي پر پٽي نه سگهيو ۽ چوڻ لڳو ته حضرت! هن ۾ تمام گهڻا ڪنڊا آهن نٿو پٽي سگهان. ان کان پوءِ پاڻ فرمايائون ته جڏهن ڪو فقير مون کان واپس وڃڻ جي موڪل گهري ٿو مون کي اهڙوئي درد ٿئي ٿو جيئن توکي هن ڪنڊي واري لام جي پٽڻ سان ٿيو ۽ نه پٽجي سگهي. اسان جي دل پراڻن فقيرن سان ائين ئي آهي. جيڪي نوان فقير اچن ٿا ۽ وري وڃن ٿا اهي ائين آهن جيئن تون هن ٻوٽي کي جلدي ڪڍي ورتو.

**معرفت 67:**

## اُنَ جي نگهباني جت تي هوندي آهي

خان محمد فقير بيان ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن مالڪن رحمت الله

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

عليه پرچونديءَ شريف جي مسجد ۾ تشريف فرما هئا. معرفت ۽ سلوڪ جا طالب پروانن وانگر جمع هئا. پاڻ وحدت جا نڪتا طالبن ۽ شائقن جي دلين تي پئي پلٽيا ته انهيءَ وچ ۾ پير سائين روضي ڌڻي رحمت الله عليه جو هڪ عاشق ۽ حُر اچي حاضر ٿيو. پاڻ رحه ان جي موافقت مطابق پير سائين روزي ڌڻي رحه جي صفت ۽ منقبت دلپذير بيان ڪئي ته هڪ ڀيري پير سائين جيسلمير جي مسافري ۾ هڪ جاءِ تي منزل انداز هئا. اتي جا سڀ ماڻهو سندن مراد وند ۽ ارادتمند هئا انهن مان هڪ گروه رات جو سندن خدمت ۽ حاضري ۾ رهيو. انهن منجهان هڪ چڱي مڙس رات جو خدمت سگهوري ۾ عرض ڪيو ته يا حضرت! جماعت جا فقير اٺن جي ٻوجهن وانگر ڪاڏي سان پرجي پيا آهن. جڻ ته مثل آهن. ڪوبه پنهنجي نگهباني نٿو ڪري حضرت سائين جن فرمايو ته اي يار! ٻوجهن ۽ اٺن جي نگهباني سندن جت تي هوندي آهي. اٺ ۽ ٻورا پنهنجي نگهباني پاڻ نه ڪندا آهن. ۽ اهو جت اوهان سان گڏ آهي.

## معرفت 68:

## ماهوار پگهار

فقير خان محمد بانگو چوي ٿو ته هڪ ڏينهن هڪ سيٺ فقير عبدالرحيم کي چيو ته اوهان جماعت جا فقير جيڪي هميشه پنهنجي پير جي خدمت ۾ هر وقت حاضر رهو ٿا. اوهان جو ماهوار پگهار ڇا مقرر ٿيل آهي. فقير جواب ڏنو ته: اسان مان جيڪي سوار آهن. انهن جو ماهوار ڏهه لتر (روپيه) سندن منهن تي هنيا وڃن ۽ جيڪي پيادا آهن انهن جي لاءِ پنج لتر (روپيه) مقرر آهن ايترو فرق آهي. سيٺ فقير کي چيو ته هيءُ سچ ٿو چوين يا خوش طبعي ٿو ڪرين. فقير چيو والله. بالله سچ ٿو چوان. (سوار مان مراد رات جاڳندڙ ۽ پيا سڀ پنج وقت نماز پڙهندڙ)

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

## معرفت 69:

### مريد اولاد وانگر هوندا آهن

فقير خان محمد بانگو چوي ٿو تہ هڪ ٻاهراڙي جو ماڻهو حضرت مالڪن جي خدمت ۾ آيو ۽ پڇڻ لڳو تہ يا حضرت! پٽ ڪيترا اٿو؟ فرمايائون تہ هي سڄو ٽولو جيڪو ڏسين ٿو مڙيئي پٽ آهن. وري سائل پڇيو تہ هنن جي ماءُ جدا جدا آهي؟ فرمايائون تہ هائو. ان وقت سيئي فقير مالڪن سڳورن جي خدمت ۾ سرگرم ۽ مصروف هئا. اهو ماڻهو وري چوڻ لڳو تہ يا حضرت! اسان جا پٽ تہ اسانجو ڪم نٿا ڪن پر هي تہ مڙيئي پنهنجي ڪم ۾ مصروف آهن. پاڻ فرمايائون تہ ڪي پٽ صالح هوندا آهن تہ ڪي بدبخت. اسانجا هي سيئي پٽ نيڪ ۽ صالح آهن.

## معرفت 70:

### فقير پاڻ ۾ اهڙي محبت رکن

فقير خان محمد مالڪن سڳورن ڪان روايت ٿو ڪري تہ هڪ ڏينهن پاڻ فرمايو تہ پير سائين تنبو ڏٺي رحہ درويشن ۽ مسڪينن جي جماعت سان سانوڻي ۽ ٻوڏجي موسم ۾ ٻيڙي ۾ چڙهي دعوت تي وڃي رهيا هئا. وچ دريا ۾ مهاڻي کي حڪم ڪيائون تہ ٻيڙي هتي ٻيهار. ٻيڙي اتي جو اتي بيهجي ويئي. اتفاق الهيٰ هڪ وڻ جي لام تي ٻہ ماڪوڙيون ٻڏڻ جي خوف ڪان هڪ ٻئي ۾ ڳنڍيل لڙهنديون پيئون اچن. حضرت تنبو ڏٺي رحہ فرمايو تہ اي فقيروءُ! هنن ماڪوڙين جي باري ۾ ڇا ٿا چئو؟ هنن کي ٽي مهينا گذريا آهن جو هن حال ۾ آهن. هنن جو کاڌو پيتو ڇا هوندو، هنن جي چوگرد پاڻي ئي پاڻي آهي. ڪنهن ٻہ فقير جواب نہ ڏنو. آخر پاڻ فرمايائون تہ: اي درويشوءُ! هنن جو کاڌو پيتو پاڻ ۾ صحبت ۽ محبت آهي. جنهن جي ڪري پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن. کاڌي پيتي جو ڪوبہ خيال ڪونہ اٿن. طالبن تي لازم آهي تہ

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

هن مان نصيحت وٺن اهڙي صحبت ۽ محبت رکن جيئن ٻي ڪنهن وات جي حاجت ۽ خيال نہ رهي.

**معرفت 71:**

## قرأت سندن سچاڻ هئي

فقير خان محمد چوي ٿو تہ هڪ ڏينهن بيگاري واه جي پر ۾ هڪ موچي جي دعوت ۾ حضرت مالڪن تشريف فرما ٿيا. اتان ميان جو ڳوٺ فقط هڪ ميل پنڌ تي هو. زيارت ۽ ختمي جي خيال سان بزرگن جي خانقاه تي ويا. سانجهيءَ نماز جو وقت هو جماعت جي امامت ڪيائون. هڪڙو طالب العلم جيڪو سندن واقف هو. سو تلاوت ٻڌڻ سان ڪين سڃاڻي ورتو ۽ ڊڪندي وڃي بزرگن کي خبر ڏني تہ پير سائين پرچونديءَ شريف وارو خانگاهه شريف تي آيو آهي. بزرگ خبر ٻڌڻ شرط ۽ جماعت سميت مالڪن سڳورن جي استقبال لاءِ پهتا ۽ ڪين دعوت پيش ڪيائون. اتفاقن رات اتي پئجي ويئي جيڪا جماعت پنتي رهي هئي اها بہ گهرايائون اٽين ٻن ٽن ڏينهن تائين بزرگن جي صاحبزادن وٽ ترسيا.

**معرفت 72:**

## خدا وارن جي پيرن جي مٽي رحمت آهي

فقير خان محمد بانگو چوي ٿو تہ: هڪ ڀيري مالڪن سڳورن کي امام بخش خان مزاري جي دعوت ڪان پوءِ هڪ تمام پوڙهي مريدياڻي دعوت ڪئي پاڻ جماعت کي روانو ڪري فقيرن جي پٺيان هلڻ لڳا. اها سندن عادت مبارڪ هئي. هلندڙ رستي ۾ فقيرن جي پيرن جي مٽي مٿي اٿي. هڪڙي خليفي اشارو ڪيو تہ جماعت سڳوري رستي جو پاسو وٺي هلو مٽي جي دز حضرت جن تي پوي ٿي. ان تي پاڻ فرمايائون تہ هان هان! خدا وارن جي پيرن جي مٽيءَ رحمت آهي. هيءَ اسان جي دل کي وڻندڙ آهي. مان

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

بالڪل خوش ۽ راضي آهيان.

## معرفت 73:

## مرشد جي ڳوٺ جو احترام

فقير خان محمد چوي ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت جن جي حڪم سان ڪٽڪ جي لاباري تي وياسون. اتفاقن مون ۾ ۽ اسماعيل خان افغان جي وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو. ايترو جو هن مون کي ڏاڍو ماريو يار محمد افغان خدا ترسي سبب ساٽس منهنجي طرفان ڳنڍ جي پيو. ڏاڍو جهيڙو ٿيو جڻ تہ هاٿي ڳنڍ جي پيا آهن. جهيڙي جو آواز پاڻ پڻ ٻڌو ۽ پاڻ تشريف فرما ٿيا. واقعي کي ڏسي تحقيق ڪري حڪم ڏنائون تہ يار محمد ۽ خان محمد ٻنهي کي مار ڏيئي ڌڪائي ڪڍو. ائين ٿيو پوءِ جلدي يار محمد کي معافي ڏني ويئي. باقي بنده (خان محمد) کي ڪڍيو ويو. مون موٽي وري بہ جماعت سان اچي گڏيس ۽ فقيرن مون کي ڪجهہ بہ نہ چيو چو تہ ڪين فقط ڪڍي ڇڏڻ جو حڪم هو. آخر ڪار تي پيرا سندن نظر پئي پاڻ ڌڪائڻ جو حڪم ڏيندا رهيا. اتفاقن مالڪ سڳورا حضرت سوئي شريف وارن جي مزار تي سوئي شريف ڏانهن جماعت سميت زيارت لاءِ آيا. اتي هڪ سيد مجاور هو. مان (خان محمد) اُن کي عرض ڪيو تہ پاڻ رحہ مون کان رنج آهن هن چيو تہ سندن ظاهري ناراضگيءَ جو فڪر نہ ڪر، نيٺ هڪڙي فقير سان اِهو حال بيان ڪيم. جنهن پاسي ۾ ويهي عرض ڪيو تہ قبلا! فقير خان محمد معافي جو طلب گار آهي. پاڻ ڪلمو پاڪ زبان تي آڻي فرمايائون تہ” فقير خان محمد اسان جو پاڻ ۽ دوست آهي مان تہ سوئي شريف جي هندن کي بہ ناراض نٿو ڪري سگهان.“

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

## معرفت 74:

### دنياوي لالچ کان سواءِ قرآن پاڪ پڙهڻ جو درجو

حاجي خان محمد فقير بانگو چوي ٿو تہ حضرت والا جي عادت مبارڪ هئي جو هر ڪنهن کي خالص خدا ڪارڻ قرآت ۽ تجويد سان قرآن شريف حفظ ڪرائيندا هئا. طالبن ۽ حافظن کي فرمائيندا هئا تہ اوهان تي واجب ۽ لازم آهي تہ فقط خدا خاطر قرآن ڪريم پڙهو، پڙهايو ۽ ٻڌايو. ڪا بہ لالچ نہ رکو پائيءَ جي پيالي جي بہ لالچ نہ رکو ۽ قرآن شريف پڙهڻ جو ثواب ضائع نہ ڪريو. هڪ نقل بيان فرمايائون تہ هڪ بادشاہ پنهنجي ملڪ ۾ اعلان ڪرايو تہ قرآن جو هر هڪ حافظ بادشاہ جي روبرو هڪ رڪوع قرآن شريف جو ٻڌائي انعام اڪرام ۽ پوشاڪ وٺي واپس ٿيندو وڃي. ڪيئي حافظ دربار ۾ پهتا، رڪوع پڙهندا واري واري سان انعام ۽ اڪرام وٺندا واپس ٿيندا ويا. باقي هڪ حافظ وڃي رهيو جنهن چيو تہ جيڪڏهن بادشاہ پنهنجي زبان سان چئي تہ خدا خاطر رڪوع ٻڌاءِ تہ مان رڪوع پڙهندس نہ تہ نہ پڙهندس. گهڻي بحث مباحثي کان پوءِ بہ حافظ رڪوع نہ پڙهيو بادشاہ حڪم ڪيو تہ هن حافظ کي خوب ماري ڪُتي ڌِڪائي ڪيو. رات جو بادشاہ کي خواب ۾ آيو تہ محشر جو ميدان آهي جتي اُهي مزدوري وٺڻ وارا حافظ مزدوري پنهنجي مٺ ۾ ڪنيون بيٺا آهن باقي ان متقي حافظ جي اڳيان خزاني جو ڍير لڳل آهي. بادشاھ ڪائنس پڇيو تہ هيءُ ڇا آهي؟ چيائين تہ هيءُ منهنجو قرآن آهي جيڪو مان دنياوي لالچ لاءِ نہ پڙهيو هو. منهنجي مهربان رب اڄ مون کي هن طرح سان مالا مال فرمايو آهي.

## معرفت 75:

### اها مثنوي ۾ هئي جيڪا تون پڙهي

فقير خان محمد مالڪان عاليشان کان نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

پير سائين روزي ڏٺيءِ مثنوي شريف جو واعظ فرمايو. واعظ جي تاثير جي ڪري جماعت ۾ وجد ۽ روح راڙو پيدا ٿيو جوسوين درويش وجد ۾ اچي ويا. توحيد جي شراب طهور جي مستي جو هڪي عالم هيو جو ڪنهن کي پنهنجي تن من جي خبر نہ پوي پئي. ائين معلوم ٿئي پيو جو آسمان بلڪ چوڏهن طبق انهن درويشن جي اقتداءِ ۾ مست ۽ سرگردان آهن ۽ وحدت جو دريا ۽ انهن تي خاص مهرباني ڪري رهيو آهي. اتي هڪ عالم ظاهر بين جيڪو وحدت جي وات کان واقف نہ هو. سمجهيائين تہ پير سائين مثنوي شريف جي عبارت پڙهڻ ۾ غلطي ڪري ٿو. هن هڪل ڪئي ۽ ڪجهہ بي ادبي جا الفاظ بہ اُچاريائين حضرت پير سائين عليه الرحمت سندس گفتگو ڏانهن خيال نہ آندو پنهنجي واعظ پوري ٿيڻ بعد اُن ملا، درويشن جي منڪر کي سڏي پنهنجي پر ۾ ويهاري فرمايائون اي مولوي! مثنوي شريف پڙهيل آهين! چيائين نہ هائو چڱيءَ طرح پڙهيو اٿم. فرمايائون جڏهن تون استاد وٽ مثنوي پڙهندو هئين تڏهن تنهنجو استاد گريو (روئندو) ڪندو هو چيائين تہ نہ. پوءِ فرمايائون تہ ادا اها مثنوي ٻي هئي جيڪا تون پڙهي ۽ هيءَ مثنوي ٻي آهي.

**معرفت 76:**

## حق گو فقير ۽ بردبار امير

هڪ ڏينهن مالڪن رحمت الله عليه فرمايو تہ: هڪ درويش ڪعبت الله شريف جي حرم پاڪ ۾ ويٺو هو. اتي هڪ رئيس وڏي غرور ۽ لاپرواهي سان طواف ڪري پيو. درويش هن کي چيو تہ اي رئيس! خانه ڪعبه جو طواف حضور اڪرم ﷺ جن جي سنت ۽ درويشن ۽ عاجزن جي رسم مطابق ڪرڻ گهرجي نہ هن طرح جيئن تون ڪرين ٿو. رئيس سمجهيو تہ شايد مون کي نہ سڃاتو اٿس ۽ درويش کي چيائين تہ مون کي نہ سڃاتو اٿيئن. فقير

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

چيس ته مان توکي سجاڻان ٿو. امير وري به چيس ته نه مون کي ڪونه ٿو سڃاڻين. درويش وراڻيس ته مان توکي چڱي طرح سڃاڻان ٿو. پيٽ تنهنجي ۾ پليدي غليظي آهي. قبر تنهنجي ۾ ڪيئان ماڪوڙا آهن جيڪي توکي کائيندا. اي طالبان حق! عبرت وٺو جو گذريل دور ۾ اهڙا حق گو صوفي درويش هئا ته وري اهڙا دولتمند ۽ بردبار امير به هئا.

## معرفت 77:

### حيدرآبادي سيد جي حاضري

هڪ ڏينهن هڪ سيد سڳورو مالڪن سڳورن جي خدمت ۾ آيو ۽ چيائين ته يا حضرت! منهنجي نياڻي مسمات فلاڻي اوهان جي نڪاح ۾ پيش ڪريان ٿو قبول ڪريو. جو مان اوهان کي بخشش ڪئي. پاڻ سڳورن قبول ڪئي. فقير خان محمد کي چيائون ته منهنجي چادر ڪٽي اچ اها سيد سڳوري کي ڏنائون ته ڪلهي تي رکي. ۽ سيد جي وڃڻ وقت هڪ ململ جي چادر پرت پريل هڪ رومال ۾ ٻڌي کيس ڏنائون ته وڃي اُن بيبي سڳوري کي ڏڪائي. سيد صاحب جي وڃڻ کان پوءِ فرمايائون ته اي فقيرو! هن نڪاح واري کان سواءِ اڄ تائين بنده جي نسبت نڪاح جو تعداد اٺونجاهه آهي. هن سان پورو پنجاهه ٿي ويندو. نوٽ: سيد العارفين حضرت حافظ محمد صديق رح پوري زندگيءَ ۾ شادي نه ڪيائون. نڪاح جي هيءَ نسبت رڳو برڪت خاطر هئي. ائين به چئن کان وڌيڪ شادين جي اسلام ۾ اجازت نه آهي. هڪ اهڙي شخصيت جيڪا شريعت ۽ سنت جو مجسمو هجي اهڙي غير شرعي ڪم جو ڪئين ارتقاب ڪري سگهي. سبحان الله وبحمده ڪهڙي نه سندن عادت ڪريمه هئي جو هر ڪنهن کي هر حال ۾ هر طرح سان راضي فرمائيندا هئا.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

**معرفت 78:**

## انسان ظاهر ۽ انسان معنوي

ناقل فقير ولي محمد مولودي چوي ٿو ته هڪ ڏينهن حضور ۾ ٻه سائل آيا هڪ عرض ڪيو ته يا حضرت! دعا فرمايو ته ڪنهن جو به محتاج نه ٿيان. اُن کي فرمايائون ته ابا ڪنهن جو به محتاج نه ٿيندين. ٻئي عرض ڪيو ته قبلا! دعا فرمايو ته هميشه محتاج ٿيان. اُن کي فرمايائون ته ادا تون انسان جو محتاج ٿيندو رهندي. جڏهن ٻئي سائل هليا ويا ته حاضرين جماعت ۽ طالبن عرض ڪيو ته حضرت! سوال ٻنهي سائلن جو هڪ هيو محتاجي جو ۽ ٻيو غير محتاجي جي باري ۾ هو پاڻ ٻنهيءَ کي دعا فرمائي، انهيءَ جو سبب به بيان فرمايو. پاڻ فرمايائون ته سوال پهريون ظاهري ۽ واقعي انسان لاءِ هو. ان کي دعا ٿي ته معاشي معاملن ۾ ڪنهن جو به محتاج نه ٿئي ۽ ٻيو سوال انسان معنوي يعني عارف ڪامل لاءِ هو ته امور اُخروي معاملن ۾ هميشه ان جو محتاج رهان. ڇو ته ڪامل کان سواءِ هن وات ۾ ٻيو ڪو به وسيلو ڪونه آهي. اُن کي انهي نسبت جي ڪري مطمئن ڪيو.

**معرفت 79:**

## مولوين جي وستي جي علماء جو بحث

حاجي خان محمد چوي ٿو ته جڏهن پهريون پيرو پرچوندي شريف مان آفتاب هدايت اُبري مولوي نور محمد جي دعوت تي ساٽس سان گڏجي ”مولوي ڇهواڻن جي وستي“ تي طلوع ٿيو ته مولوين جي وستي ۾ مولوي جان محمد ۽ مولوي شير محمد جهڙا عالم ۽ فاضل به اتي هئا جن جي اوطاق تي پاڻ اچي لٿا. ايهي ٻئي مولوي فقيرن جي طريقي روش کان پاسيرا هوندا هئا. پرَ اچي مالڪن سڳورن جي حضور ۾ ويٺا. گفتگو هلندي جمعي نماز جو ڳوٺڙ ۾ ثابت هئڻ يا نه هئڻ بابت بحث هلي پيو ٻئي مولوي جمع

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نماز کي ڳوٺن ۾ ثابت نہ پيا ڪن ۽ پاڻ بہ جمعي جي نماز ڳوٺن ۾ ادا نہ ڪندا هئا ۽ ظهر نماز پڙهندا هئا. پرمالڪن رحہ نماز جمع جي حق ۾ هئا. مگر هٿي مولوي اختلافن ۽ تاويلن سان ضد تي قائم رهيا. آخر ڪار پاڻ واضع دليلن سان جمعي جو ڳوٺن ۾ واجب هئڻ ثابت ڪري ڏيکاريو. ٻنهي مولوين مڃيو ۽ جمعي جي نماز بہ ادا ڪئي ۽ پاڻ رحہ کي دعوت ڪري اوطاق مان وٺي پنهنجي حويلي ۾ وڃي رهايائون ۽ انهن پنهنجي سيني زائفن سميت ذڪر ورتو. سبحان الله ظاهري عالمن جو ارادوچا هو. ۽ عارفن جي رحمت وري ڪيئن ۽ ڪهڙي طرح ٿئي.

## معرفت 80:

## عجيب شڪاري

حاجي خان محمد فقير چوي ٿو تہ: مالڪن سڳورن جي طبيعت پراڻي تڪليف جي ڪري ڪجهہ ناساز هئي. هڪ هندوستاني طبيب علاج ٻڌايو تہ پاڻ جهنگلي (حلال) پکين ۽ جانورن جو گوشت يعني هرڻ، سيهڙ، تلور، تتر وغيره جيڪو بہ درويشن کي هٿ اچي اهو تيار ڪري حضرت جن کي کارائين. فقير عبدالرحيم جيڪو حضرت جن جو خاص خادم هو. هيءُ ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو، يڪدم شڪار جو ارادو ڪري بندوق کڻي جهنگل مان هڪ سيهڙ ماري خوش خورم واپس موٽيو پئي آيو تہ اوچتو هڪ گهٽي ۾ مالڪن سڳورن سان منهن ملاقي ٿي ويو. نظر پوڻ شرط فقير تي ڏاڍا ڪاوڙ جي ويا ۽ نهايت ناراضپي سان ڪيس فرمائڻ لڳا تہ اي عبدالرحيم! جيڪڏهن هن بيڪار شڪارجي بجاءِ مولا پاڪ جي وحدانيت (معرفت) جو شڪار ڪرين ها تہ بهتر ٿئي ها ۽ اهڙي شڪار جو تجربو هٿ ڪرڻ تمام پلو آهي. جهڙيءَ طرح شڪاري شڪار جي تمنا ۾ محو ۽ فنا ٿي ويٺو رهي ٿو. اهڙيءَ طرح طالب حق کي گهرجي تہ دل جي آئيني ۾ نظر رکي متوجہ

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

محبوب حقيقي سان رهي. پنهنجي ذات کي ان جي ذات ۾ مخفي رکي ته پوءِ هن جي وسيلي گوهر مقصود هٿ ڪري ۽ گوهر مقصود ديدار الهي آهي.

**معرفت 81:**

## هنج پکي

خان محمد فقير چوي ٿو ته هڪ ڏينهن ڪوري واري تلاءَ ۾ ٻه پکي هنج جي قسم جا ڪنهن آسماني آفت ڪان اچي ڪريا. فقيرن کي خبر پئي حضور ۾ اطلاع ڪيائون فرمايائون ته پڪ ڪري اچو ته ڪهڙي قسم جا پکي آهن. فقيرن عرض ڪيو ته يا حضرت هنج پکي آهن. پاڻ بذات خود عبرت وٺڻ لاءِ اوڏانهن هلي پيا. سندن پهچڻ ڪان اڳ ئي فقير عبدالرحيم ٻنهي پکين کي پڪڙي حضور ۾ اچي پيش ڪيو. پاڻ سڳورن پکين جي سهڻي صورت ڏسي فرمايو ته اي عبدالرحيم! تون ڪڏهن ته اهو جيڪو تنهنجي دل ۾ هوندو. پر مان چوانءِ ٿو ته هنن مسڪين مسافر پکين کي ڇڏي ڏي. جيڪي قضا الهي سان هتي اچي پيا آهن. فقير جواب عرض ڪيو ته قبلا! هنن کي باز جو صدمو پهتل آهي. سندن ڪنڀ به ڪٽل آهن. جي مان ڇڏيندس ته مري ويندا يا ٻارڪٽي ويندا يا گدڙن جو قوت ٿي ويندا.

**معرفت 82:**

## جيڏانهن ڪرين نگاهه تيڏانهن سڄڻ سامهون

هڪ ڏينهن پاڻ سڳورا امام بخش خان مزاري جي دعوت تي آيا. خان جو بنگلو ڪائي ۽ بلوري شيشي جو جڙيل هو. اندر لنگهڻ سان هڪ صورت مان سوين صورتون ٿي ونديون هيون. پاڻ سڳورا هن جاءِ ۾ اندر داخل ٿيا ته هڪ صورت مان سوين صورتون ظهور ۾ اچي ويون. طالبن کي هنن جي مشاهدي سان اهڙو ته حال اچي ٿيو جو بيان نٿو ڪري سگهجي. جماعت سڳوري کي افاقه ٿيو ته شيخ جي صورت ڪان منڪرن جي گفتگو

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

هلي پيئي. اتي هڪ مُلان درويشي حال جي منڪر پنهنجي عادت ۽ تعصب نفساني موجب مالڪن سڳورن کان هن بيت جي معنيٰ پڇي.

همچو سبزه با رها روئيده ام

هفت صد هفتاد قالب ديده ام

مالڪن سڳورن هن بيت جي تشريح ۾ فرمايو ته هڪ ملڪ ۾ ڪنهن برهمڻ فقير دعويٰ ڪئي جيڪو پنهنجي صورت مان ڏه صورتون پيدا ڪندو هو. بادشاه کي خبر پئي. اهو به هن جو ارادتمند ٿي ويو. هيءُ واقعو مشهور ٿيو عارفن ۽ ڪاملن کي بادشاه جي هن خيال بدلائڻ جو فڪر ٿيو. هڪ ڪامل درويش بادشاه وٽ آيو. کيس ڪجهه وعظ و نصيحت ڪيائين. چيائين ته اڄ رات حڪم سلطاني جاري ٿئي ته: هن شهر جو هر هڪ ماڻهو پنهنجو منهن ڍڪي جدا جدا ماني کائي ۽ صبح جو سوير اچي بادشاهي دربار ۾ پنهنجو حقيقت حال پاڻ بيان ڪري. ائين ٿيو صبح جو سڀ شهري دربار پهتا. ۽ چيائون ته ماني کائڻ وقت اسان مان هر هڪ سان هيءُ درويش کائڻ ۾ گڏ هو. هن واقعي سبب بادشاهه جو ارادو ۽ خيال بدليل درست ٿي ويو ۽ هن بيان سان هر هڪ. سياڻي، اياڻي کي هن بيت جي معنيٰ سمجهه ۾ اچي وئي.

## معرفت 83:

## هڪ طريقت جي طالب تي مهرباني

مولوي امين الله چوي ٿو ته هڪ ڏينهن مالڪ سڳورا محمد پور شهر ۾ دعوت تي آيا، اتي ڪنهن ٻئي بزرگ جو مريد موجود هو. اهو به اچي حاضر ٿيو. پاڻ هن کان پڇيو ته اي ڀاءُ! پنهنجي شيخ کان ضرور فائديمند ٿيو هوندي؟ فقير چيو ته الحمد لله هن بندي کي سٺو فائدو پهتو آهي. فرمايائون ته اجازت به ڏني اٿئون يا نه؟ چيائين ته اجازت نه ڏني اٿن. باقي لطيفا

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

مڪمل طي ڪرايا ائن. ان وقت پاڻ رحه پنهنجي هٿ مبارڪ ۾ تسبيح ڪنئي ۽ فقير کي دم بند ڪرڻ جو حڪم ڪيائون. پاڻ تسبيح جا داڻا ڦيرائيندا رهيا ائين هڪ هزار ٿيو. پر فقير پنهنجي حال تي رهيو. مالڪن سڳورن تسبيح ڪٽي رکي ۽ هن تي مهرباني ڪري ڪيس اجازت جو ارشاد فرمايائون.

## معرفت 84:

## مرشد پنهنجي مريد جي حال کان واقف ٿئي سگهي ٿو

مولوي شمس الدين احمد پوري روايت ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن مالڪن جي حضور ۾ اڪيلو حاضر هوس. سوال ڪيم ته حضرت! شيخ پنهنجي طالب (مريد) جو احوال ڪيترن ڏينهن کان پوءِ لهندو آهي. پاڻ فرمايائون ته هڪ گهڙي بلڪ اک چنب ۾ اوير کان اولهه تائين هر هڪ جو احوال معلوم ڪري ٿو ۽ مدد به ڪري ٿو.

## معرفت 85:

## مان گهران ٿو ته اوهان جو مرتبو بين کان مٿاهون ٿئي

مولوي شمس الدين چوي ٿو ته جڏهن منهنجي شادي جو سامان وغيره گڏ ٿيو ته مالڪن جي حضور ۾ اچي عرض ڪيم ته يا حضرت! بذات خود ۽ جماعت سڳوري هن غلام جي شاديءَ تي اچڻ فرمائيندا ۽ نڪاح به پاڻ اچي پڙهندا. ته هي احسان، شفقت ۽ عنايت مالڪن ڪريمن جي سمجهندس، پاڻ رح فرمايائون ته اي مولوي! مان گهران ٿو ته اوهان جو مرتبو بين کان مٿاهون ٿئي (يعني روحاني مرتبو بلند ٿئي) ۽ اوهان چاهيو ٿا ته نڪ متي ٿئي ۽ ماڻهن ۾ سرخرو ٿيون.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

**معرفت 86:**

## مائيءَ جي گارين جو احوال ته نه ڏنو اٿئي

هڪ ڏينهن حضرت مالڪان رح سفر تي هئا فقير يار محمد مالڪن سڳورن جي پنيان ڳولها ۽ جستجو ۾ هلي پيو. هلندي هلندي رستي ۾ رات پيس ۽ ويراني ۾ هڪ جاءِ ڏسي اتي رهڻ جي نيت ڪري ويهي رهيو. اتي هڪ عورت هئي جيڪا پنهنجي مڙس ۽ مائٽن کان بيزار ۽ نڪتل هئي. ان واڪو ڪري چيس ته اي فقيرا هتان پڇي، پري ٿيءُ جي نه ته ڏاڍو ڏکيو ٿيندين. تون الائي ڪو چور آهين يا ساڌ؟ فقير عورت جي گفتگو ٻڌي ماٺ ڪري ويهي رهيو. عورت پيهر تمام بدشد ڳالهائي فقير کي چيو ته هتان هليو وڃ. نه ته مان اچانڪ ٿي. فقير مايوس ٿي چيو ته مائي مان هلان ٿو، پر بزرگ پرچوندي شريف وارا هن طرف آيل آهن. ڪا خبر اٿيئي؟ اهو ٻڌي مائي يڪدم فقير جي دل وٺڻ لاءِ آئي ۽ اچي پڇيائينس ته اي فقير نيڪ بخت ڇا چيوءِ؟ فقير پورو احوال بيان ڪيو. اتي مائي کي عقل اچي ويو ۽ چيائين ته مان به مالڪن سڳورن جي مريد ۽ طالبه آهيان. ان کان پوءِ فقير کي دعوت ڪري پاڻ وٽ رهائي سندس خدمت ڪيائين. صبح جو فقير موڪلائي هلي پيو. جڏهن اچي حضور ۾ حاضر ٿيو. تڏهن ڪائونس پورو احوال پڇيائون ته فقير سمورو احوال ڏنو پر مائي جي گارين وارو معاملو مخفي رکيائين. مالڪن فرمايو ته يار محمد! احوال سڀ ته نه ڏنوءِ. چيائين قبلا! پورو احوال عرض رکيو اٿم فرمايائون ته مائيءَ جي گارين جو احوال ته نه ڏنو اٿئي. پوءِ هر هڪ ذرو پرزو سڀ ڪجهه بيان ڪيم پوءِ پاڻ کلڻ لڳا.

**معرفت 87:**

## دل جي روشني

هڪ ڏينهن پاڻ سڳورا مسجد شريف جي تعمير ۾ مصروف هئا.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

انهن ڏينهن ۾ مسجد جي ميناري جي تعمير ٿي رهي هئي ان وچ ۾ هڪ سائل آيو پاڻ ڪائونس پڇيائون تہ ادا ڪيئن آيو آهين؟ چيائين تہ يا حضرت اکين ۾ روشني نہ آهي. پا ڻ شفقت طور سندس اکيون کولي ڏٺيون ۽ فرماياٿون ادا! تنهنجون اکيون تہ روشن آهن. سائل عرض ڪيو تہ قبلا دل جي اکين جي حقيقي روشني گهران ٿو نہ ظاهري. ان وقت وحدت جو درياءُ جوش ۾ اچي ويو مسجد جي تعمير جو ڪم بند ٿي ويو ۽ سالڪن جي دلين جي تعمير جو ڪم جاري ٿي ويو. هر هڪ مستري، نقاش، فقير ۽ طالب اهڙي تہ جوش ۽ مدهوشي ۾ اچي ويو جو ڄڻ تہ قيامت قائم ٿي ويئي. ان ڏينهن جا ٻہ پهر ائين گذري ويا.

## معرفت 88:

### الله وارن جي نظرن کان نہ ڪرجي

مولوي غلام محمد چوي ٿو تہ مالڪن سڳورن هڪ ڏينهن فرمايو تہ هڪ بادشاه اميرن وزيرن سان دربار ۾ ويٺو هو. تہ اوچتو هڪ ٻانهي بادشاهہ جي حرم مان ڊوڙندي اچي چوڻ لڳي تہ اي بادشاه! تنهنجو شاهزادو ڪري پيو آهي. بادشاه کي پدري شفقت سبب پٽ لاءِ جوش پيدا ٿيو پر پوءِ يڪدم پڇڻ لڳو تہ ڪٿان ۽ ڪيئن ڪري پيو. ٻانهي چيو تہ جاءِ جي ڇت تان ڪري پيو آهي بادشاهہ يڪدم چوڻ لڳو اي ٻانهي ڪوبہ فڪر ڪونهي مان سمجهيو تہ منهنجو پٽ شايد اهل الله جي دل تان ڪري پيو آهي پر نہ هو ڇت تان ڪريو آهي. هاڻي جيڪڏهن ڪو عضوو ڀڄل هوندس تہ ٺهي ويندس، جي مري ويو تہ شهيد سڏبو پر جيڪڏهن اهل الله جي دل تان ڪري پيو تہ پوءِ قيامت تائين پشيمان ۽ محروم رهندو. ان واقعي جي مطابق طالب حق کي گهرجي تہ "فَاسْتَقِمْ كَمَآ أُمِرْتَ" جي پيروي ڪندي اولياءُ الله جي فرمان تي استقامت اختيار ڪري جيئن انهن جي نظرن کان نہ ڪري.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪرڻ کان مراد هيءَ آهي تہ الله وارن جي حڪمن جي پرواهہ نہ ڪري ۽ انهن
کي وساري ڇڏي وما علي الرسول الا البلاغ المبين.

## معرفت 89:

## مريد تي مرشد جي نظر

مولوي غلام محمد نقل ڪري ٿو تہ فقير ڏٽي ڏنو سيٺار ويٺل
مريد ڳوٺ. ڳالهہ ڪندو هو تہ مان شروع ۾ وڏو زاني هيس. اڳتي هلي
حضرت جن جو مريد ٿيس. موٽي ڳوٺ آيس ورد وظائف ۾ مشغول رهيس.
هڪ ڏينهن پراڻي معشوق درد ڀريو پيغام موڪليو تہ دل ڏاڍي ماندي ٿي
آهي ڪافي ڏينهن گذريا آهن مگر ديدار نہ ٿيو آهي. مهرباني ڪري صبحاڻي
منجهند جو فلاڻي ڪسي ۾ اچي ويهنجاءِ تہ جيئن وصال سان مالا مال
ٿجي. فقير چيو تہ پيغام پهچڻ سان بيتاب ٿيس. انجام موجب مقرر جاءِ تي
پهتس. ٻئي ويجها ۽ بيتاب ٿيا سون ڀاڪر وڌوسين تہ اچانڪ هڪ ڇهنبدار
پٿر پٺي ۾ اچي لڳو ٻئي ڏڪي وياسون هڪ ٻئي کان پري ٿياسون. ڪسي
مان ڏٺوسون تہ متان ڪنهن ڏٺو تہ ڪونهي، وري ويهي رهياسون. اجان هڪ
ٻئي جي ويجهائي نہ وياسون تہ ٻيهر پٿر اچي ٺڪاءُ ڪيو. نيٺ تي ٻيرا هيءَ
حالت ٿي. منهنجي دل ۾ خيال آيو تہ هي پٿر ۽ ڏڪ منهنجي مرشد ڪريم
جو آهي جيڪو مون کي هن بري ڪم کان نجات ٿو ڏياري. مان اٿيو هليو
ويس اهڙي طرح شيطان جي ڦندي مان نڪري پارٽيس. گهڻن ڏينهن کان پوءِ
حضور ۾ پهتس. پيرن تي ڪري پيس منهنجي هٿ کان ڇڪي جهڙڪ سان
چيائون تہ اڙي سڪ! پري ٿيءُ ۽ لانگري کي حڪم ڏنائون تہ هن ماٺهوءَ کي
ماني نہ ڏجو. نيٺ ٽن ڏينهن تائين بک تي رهيس ٽن ڏينهن کان پوءِ شفقت
سان نهاريائون. سڏي پنهنجو برڪت ڀريو هٿ منهنجي دل تي ڦيرايائون ۽
چيائون تہ اي ڪمينا! جيڪڏهن الله جي رحمت توتي نہ پوي ها تہ ٻئون

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

خراب ٿي وڃين ها. هاڻي توبه ڪريو (عبادت الهيٰ ۾) ڪوشش ڪر جيئن وري حق جي واٽ کان رهجي نه وڃين.

## معرفت 90:

## اصل شيءِ حڪم جي فرمانبرداري آهي

هڪ ڏينهن هيءُ فقير جامع ملفوظات محفل اقدس ۾ حاضر هيو. پاڻ هي نقل بيان فرمايائون ته هڪ پيري هڪ بادشاهه پنهنجي هٿ ۾ چمڪدار قيمتي هيرو ڪٽي ويٺو هيو ته بين درٻارين سان گڏ سندس وزير به سائس گڏ هو. وزير عرض ڪرڻ لڳو عالم پناهه! هيرو ته تمام خوبصورت آهي. پر ان ۾ هڪ وڏو عيب آهي. يعني هن ۾ اندر جيت آهي. بادشاه جي دل ڪاوڙ ۽ ڏک سان پرجي ويئي. بادشاه حاضر مجلس کي چيو ته مان هن لعل کي پيچان ٿو. جيڪڏهن وزير سچو نڪتو ته ٺيڪ نه ته جيڪا اسان جي مرضي هوندي سا وزير سان ٿيندي. سيني اميرن وزيرن جي روبرو هڪ ماڻهوءَ کي حڪم ڪيائين ته لعل کي پڃ. هن جواب ڏنو ته بادشاهه! خوامخواهه اهڙو لعل نه پڃڻ گهرجي. وري بادشاهه ٻئي کي چيو هن به انڪار ڪيو آخر مجلس ۾ موجود سيني لعل پڃڻ کان انڪار ڪيو. آخر ۾ ان وزير جو وارو آيو. هن بادشاهه جي هڪ ئي چوڻ سان لعل کي پڃي وڌو بادشاه چيس ته لعل ۾ جيت ڪونهي .هاڻ ڇا ٿو چوين؟ وزير چيو ته اي بادشاه! سيني تنهنجي حڪم کي پٺي پويان اڇلايو. پر مان معمولي غلام بادشاهه جي زبان جو حڪم اکين تي رکيو ۽ حڪم پورو ڪيو. پوءِ لعل جو نقصان سولو آهي. ۽ بادشاهي زبان جو نقصان وڏيڪ آهي. بادشاه کي وزير جو هيءُ نڪتو تمام پسند آيو ۽ وزير کي انعام سان مالا مال ڪري ڇڏيائين.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

## معرفت 91:

### ميرڻ مسخري جو واقعو

ميرڻ نالي مشهور مسخرو هڪ ڏينهن حضور ۾ آيو. پاڻ سڳورن ڪيس فرمايو ته اي ميرڻ! مسخرائپ ۾ جيڪي ٻول چوندو آهين. اهي ته اچ ٻڌاءِ ته مان به ٻڌان. هن انڪارڪيو ته قبلا! مان هاڻي مسخرائپ کان توبهه ڪئي آهي وري فرمايائون ته ميرڻ! چوءُ چيائين ته قبلا ملائڪ گناه مون تي لکندا. چيائون ڪير لکندو تون چوءُ. ميرڻ اٿي بيٺو ۽ چيائين:

پپل تنهنجا پن سڀ مڙهائيندس
سون سان ٻارو چل هيڏي آءُ

عارف ڪامل جي هن بيت چوڻ سان ميرڻ تي اِستغراق جي ڪيفيت طاري ٿي وئي. ۽ ساري محفل تي هڪ پهر تائين شور وغل پئجي ويو ۽ هڪ چوندڙ وري وري ساڳيو بيت چوندو رهيو.

## معرفت 92:

### خدا هر جاءِ تي موجود آهي پير جي ڪهڙي ضرورت آهي؟

فقير محمد قاسم کوسو ويٺل ڳوٺ پيارو خان کوسو چوي ٿو ته هڪ ڏينهن مالڪن سڳورن جي زيارت لاءِ وڃي رهيو هوس ته هڪ ماڻهو پڇيو ته ڪاڏي ٿو وڃين؟ چيم ته پنهنجي مرشد جي زيارت لاءِ وڃان ٿو. چيائين ته ڇا لاءِ؟ چيم ته خدا پڇڻ ٿو وڃان. چيائين ته خدا هتي موجود نه آهي ڇا؟ هتي ڇو نه ٿو خدا کي ياد ڪرين؟ مان هن کي ڪوبه جواب نه ڏنو ماٺ ڪري هليو ويس. مالڪن جي حضور ۾ پهچي پورو احوال رستي وارو عرض رکيم. جواب ۾ فرمايائون ته: اي يار! پاڻي زمين ۾ هر جاءِ تي موجود آهي. پر پوءِ به هر هڪ کوهه تي پاڻي لاءِ وڃي ٿو ۽ کوهه جو محتاج رهي ٿو. پوءِ پاڻ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو هيءُ بيت پڙهيائون.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪوڙا سامي ڪوڙا سامين پنڌ
هوت آهي هر هنڌ چو وڃن هنگلاج

جواب

سچا سامي سچا سامين پنڌ
هوت آهي هر هنڌ هنن ڏٺو هنگلاج ۾

## معرفت 93:

## حياتي توڙي مماتيءَ ۾ عبادت

فقير عبدالله اچ وارو روايت ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن مالڪن رحہ فرمايو ته هڪ شخص بصري شهر ۾ فوت ٿي ويو تنهن. ڪفن ۽ نماز جنازه بعد وارثن هن کي دفن ڪرڻ لاءِ قبرستان ۾ آندو لحد ۾ لاهڻ سان اوچتوئي اوچتو لاش غائب ٿي ويو. هيءَ خبر بادشاهه جي ڪن تي پهتي. بادشاهه بتيون ٻاري يڪدم قبر تي آيو ڏٺائين ته برابر لاش قبر ۾ ڪونهي ڪيس يقين ٿيو. ميت جي اولاد بابت پڇا ڪيائين، معلوم ٿيس ته فقط هڪ ڌيءَ اٿس. بادشاهه صبح جو تعزيت لاءِ هن جي گهر پهتو. ٻاهران ويٺو هو ته امام حسن بصري رحہ به اتان اچي لنگهيو. ۽ بادشاهه سان ويهي رهيو ايتري ۾ مرڻ واري جو هڪ پاڙيسري به اتي پهچي ويو. هيءُ فوتي کي چڱي طرح سڃاڻيندو هو. هن بادشاهه کان پڇيو ته هتي ڇا لاءِ ويٺا آهيو. بادشاهه چيس ته فلاڻي ماڻهو جي تعزيت لاءِ. ان ماڻهوءَ چيو ته اهو مان هاڻي ٻاهران ميدان ۾ ڏٺو اٿم ۽ نماز پڙهي پيو. بادشاهه فوتيءَ جي ڌيءَ کان پڇيو ته تنهنجو پيءُ ڪهڙو عمل ڪندو هو. چيائين ته ڏاڍو نيڪ هو .هر گهڙي گهر ۾ نفل پڙهندو هو ۽ هيءَ دعا گهرندو هو ته اي الله! هن پنهنجي ٻانهي کي حياتي توڙي مماتيءَ ۾ پنهنجي عبادت ۾ رک. ائين الله تعاليٰ ان جي دعا قبول ڪئي آهي.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

## معرفت 94:

### هلڻ ۽ ويهڻ جا ادب

هڪ صحبت هلندي مالڪن رحہ فرمايائون تہ اي يارو! هلڻ ۾ وانگر هجي ۽ ويهڻ اٺ وانگر.

## معرفت 95:

### ٿورو پڙهيل بہ هن فقير وٽ مولوي آهي

هڪ ڏينهن هڪ فقير سوال ڪيو تہ يا حضرت! اوهان ٿوري پڙهيل کي بہ مولوي لقب سان سڏيندا آهيو. انجو ڪهڙو سبب آهي؟

فرمايائون تہ قرآن شريف ۾ ننڍڙيون سورتون انا اعطينا ۽ سوره اخلاص آهن. توهان هنن ٻنهي کي ڪلام پاڪ کان ڌار ڪري سگهندؤ؟ سوال ڪندڙ حيران ٿي ويو. فرمايائون تہ ٿو روپڙهيل بہ هن فقير وٽ مولوي آهي.

## معرفت 96:

### دُعا گهرڻ جا ادب

هڪ ڏينهن پاڻ رحہ نماز کان بعد دعا گهرڻ لاءِ هن طرح فرمايائون تہ جيڪو بہ دعا گهرڻ وقت پنهنجي نظر پنهنجي هٿن کان پري ٿو ڪري پوءِ اهو ماڻهو الله تعاليٰ جي رحمت کان مايوس رهي ٿو. جڏهن تہ رک منهن تي ملي ٿو ۽ جيڪو الله تعاليٰ ڏانهن متوجه ٿئي ٿو. الهي رحمت ان تي نازل ٿئي ٿي.

## معرفت 97:

### يارهين بابت فرمان مبارڪ

هڪ ڏينهن هڪڙي شخص "يارهين" بابت سوال ڪيو جواب ۾ فرمايائون تہ اي ياءِ مان يارهين کي ٻارهين نٿو چوان. مون وٽ ڪير واري

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ڳڻون ڪانهي جو مهيني ۾ هڪ رات خيرات ڪريان. باقي يارهن ڀيرا قل هو الله پڙهي حضرت پير سائين کي ختمو ڏيندو آهيان ۽ ان کان سواءِ الله تعاليٰ جو ذڪر به ڪندو آهيان.

## معرفت 98:

## پاڻ فقيرن جي دعوت ڪيئن ڪندا هئا

فقير خان محمد موذن چوي ٿو ته مالڪن سڳورن جي هميشه عادت هوندي هئي ته جڏهن به جماعت کي دعوت ڪندا هئا ته سيني کي اندر گهر ۾ وٺي ويندا هئا. پاڻ ڪونئرو ۽ تغار کڻي جماعت کي هٿ ڌورائيندا هئا. هڪ ڀيري دعوت جي موقعي تي فقير ادب جي ڪري هٿ ڏگها نه ڪرن پيا. پاڻ فرمايائون ته اي مومنن جي جماعت حضرت پير سائين روضي ڌڻي رحه جي وقت ۾ به اهڙو اتفاق ٿيو ۽ فقيرن ادب جي ڪري هٿ ڌوئڻ لاءِ نه ڏگهيريا. جماعت مان هڪ طالب مولا اٿيو ۽ پير سائين اڳيان هٿ اچي جهليائين ۽ چيائين ته يا حضرت! هن غلام جا گناهه ڌوئو. پوءِ هر ڪنهن سمجهيو ۽ پير سائين اڳيان هٿ اچي ڌوتائون. پوءِ هيءُ واقعو ٻڌي ساري جماعت اٿي ۽ حضرت جن جي آڏو اچي پنهنجا هٿ ڌوئڻ لڳا.

## معرفت 99:

## باهه جي چُلهي ۾ پاڻي نه هارجي

فقير خان محمد چوي ٿو ته پاڻ سڳورا جماعت کي هميشه حلقي ۾ ويهڻ جو حڪم فرمائيندا هئا. هٿ ڌورائڻ وقت تغار ۾ ڪجهه گاهه وجهي پاڻ ڪونئرو کڻي جماعت جا هٿ ڌورائيندا هئا. ۽ اهو پاڻي گهر جي چئني ڪنڊن تي هارڻ جو حڪم ڪندا هئا ۽ فرمائيندا هئا ته رسول الله ﷺ جن به جماعت جا پاڻ هٿ ڌورائيندا هئا ۽ ان پاڻي کي خدائي رحمت لاءِ چئني


Scanned with CamScanner

ڪندڻ تي هاريو ويندو هو. معلوم هجي ته باهه جي چلهي ۾ پاڻي نه هارجي جيڪو به پاڻي هاريندو قيامت جي ڏينهن تنگدست هوندو. پوءِ باهه جي چلهي ۾ نه هٿ ڌوئجن ۽ نه پاڻي هارجي.

## معرفت 100:

### پُٽ جي دُعا ڪنهن ستن پڻن واري کان گهراءِ

هڪ ڏينهن هڪ سائل مالڪن جي حضور ۾ اچي سوال ڪيو ته يا حضرت! مان پٽ جو سوالي آهيان پٽ نٿو ٿئي. پاڻ رحه فرمايائون ته هن بندي کي به پٽ ڪونهي اها دعا ڪنهن (ست پٽئي) ستن پڻن واري کان گهراءِ ۽ نپٽئي کان نه گهراءِ. (ياد رهي ته پاڻ رحه شادي نه ڪئي هئائون)

## معرفت 101:

### ڪال ڪٽڇي ڪري سڏيندا هئا

جڏهن به مالڪن رحه جي نظر فقير عنايت الله. علي محمد ۽ فقير علي تي پوندي هئي ته کين ڪال ڪٽڇي جي لقب سان سڏيندا هئا ۽ هيءُ بيت به پڙهندا هئا.

ڪلهي ڦاٽو ڪنجرو مٿو اگهاڙو
منهنجو ڪڄاڙو پينر هن پنيور ۾

## معرفت 102:

### ٽن ماڻهن کي بي شمار اجر ٿيندو

هڪ ڏينهن مالڪن رح فرمايائون ته ٽن ماڻهن کي بيشمار اجر حاصل ٿيندو. پهريون جنهن جي گهر ۾ پڪل شهتير آهي. ٻيو جنهن جي پهراڻ ۾ چتيون لڳل آهن. ٽيون اهو جيڪو پاڻ پهريون نه کائي ۽ ٻڪايل کي کارائي.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## معرفت 103:

### الله تعاليٰ پنهنجي قدرت سان سڀ ڪجهه ڏنو

هڪ ڏينهن مالڪن رحہ فرمايائون تہ بنده کي ياد آهي جنهن وقت طالب علمي جي دور ۾ اُيي ۾ هيس. هڪ پيري پهراڻ ڏاڍو قاتل تتل هو پاڻ سڀي ڪري پاتم. ان ڪان پوءِ الله تعالي پنهنجي قدرت ڪريمه سان سڀ ڪجهه ڏنو. چاڪاڻ تہ ان محبوب حقيقي کي پنهي هٿن سان ورتم. ان مالڪ حقيقي بندي کي وڏيڪ رزق ڏنو. بلڪ سموري جماعت ۽ فقيرن کي بي حساب عطا ڪري ٿو. ڪيترا بہ مهمان اچن تا پر هن بندي جي دل ۾ ڪوبہ خيال نہ هوندو آهي تہ هي ڪتان کائيندا پل انهن جو تعداد سون بلڪ هزارن تائين چونہ هجي چوتہ خود رازق موجو دآهي.

## معرفت 104:

### نفساني خيالن جو علاج

حافظ شير محمد مشوري چوي ٿو تہ هن بندي کي شادي ڪرڻ کان پوءِ نفساني شهوت جو غلبو ٿي پيو. جيڪو گهٽ نہ پئي ٿيو. دل ۾ خيال ڪيم تہ مالڪن وٽ وڃي عرض ڪريان پاڻ دعا فرمائيندا يا ڪا دوا تجويز ڪندا. هن خيال سان حضور ۾ پهتس. پاڻ مسند تي سمهيا پيا هئا. منهنجي اچڻ سان اٿي ويٺا ۽ فرمايائون تہ تهجد جي نماز پڙهڻ کان پوءِ هڪ سوءُ ڀيرا هيءَ دعا پڙهندو ڪر "بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ. رَبِّ اغۡفِرۡلِيۡ وَتُبۡ عَلَيَّ اِنَّکَ اَنۡتَ الۡعَفُوُّ الۡغَفُوۡرُ."

انشاالله سڀ ڪجهه ٺيڪ ٿي ويندو هن ورد شروع ڪرڻ سان دل مان نفساني شهوت نڪري ويئي.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ڪيائون ان وقت بہ عورتون اتان اچي لنگهيون. هڪ عورت ہي کي چيو تہ تنهنجو ڇا حال آهي. چيائين تہ سڄي گهر طرفان مون تي ڪم جي ڏاڍي تڪليف آهي. ان عورت چيس تہ ٻين جو زور بار ڇا ڪندو تون پنهنجي همت ڪر. انهيءَ ٻول ٻڌڻ سان منهنجي شيخ جو عقدو حل ٿي ويو. پوءِ رات آئي تہ ٻندي کي فرمايائون تہ حافظ! تهجد لاءِ اٿڻ وقت وضو ڪري تحية الوضو پڙهي ان بعد تسبيح الله اڪبر ڏهہ ڀيرا. اَلْحَمْدُلِلّٰهِ سُبْحَانَ اللّٰهِ وَبِحَمْدِهٖ ڏهہ ڀيرا سُبْحَانَ الْمَلِكِ الْقُدُّوْسِ ڏهہ ڀيرا. اَسْتَغْفِرُ اللّٰهَ ڏهہ ڀيرا. لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ ڏهہ ڀيرا. اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَعُوْذُ بِكَ مِنْ ضَيْقِ الدُّنْيَا وَضَيْقِ يَوْمَ الْقِيَامَةِ ان کان پوءِ دعا گهرجي. جيڪو بہ مطلب هوندو انشاالله خدا مقبول فرمائيندو.

## معرفت 106:

## عارفن جا ڪن هر وقت کليل آهن

حافظ شير محمد چوي ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت مالڪن رحہ جن فرمايائون تہ خليفي لقمان رحہ کي اچي خيال پيدا ٿيو تہ لنگر ۾ فقط سڪل ماني آهي جيڪڏهن ڳئون. ٻڪريون لنگر لاءِ وٺجن تہ پوءِ فقيرن لاءِ کير لسي گهڻو ٿي پوندو. هن خيال سان سمهي پيو پاڙي مان ڪنهن هاري ڪنهن ٻئي کي چيو "کلي ٿي پڙوا" هن آواز ٻڌڻ سان "فقير لقمان" وڏيڪ خبردار ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو تہ اي مولا! منهنجي توبهہ آهي هن مان اهو مطلب نڪتو تہ عارفن جا ڪن هر وقت کليل آهن.

## معرفت 107:

## خليفي محمود ڪڙيہ واري جو خواب

حافظ شير محمد چوي ٿو تہ هڪ ڏينهن مالڪن سڳورن فرمايائون تہ خليفو محمود رحہ ڪڙيہ وارو خواب ۾ ڏسي پيو تہ هڪ کوهہ کير سان ڀريل آهي ان ۾ هڪ گدڙ ڪري پيو آهي. اهو خواب خليفي لقمان رحہ وٽ پيش

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ڪري تعبير جي پڇا ڪيائين. جنهن ٻڌايس ته ڪوهه مان مراد سالڪ جي دل آهي. کير مان علم وحدت ۽ گدڙ مان مراد دنيا آهي پوءِ خليفي محمود رحه سمجهيو ته مون وٽ چاچي جو مال آهي. ۽ ڳڻيائين ته ٻارهن هزار ٿيا. يڪدم ڪنيائين ۽ اچي حضرت روضي ڌڻي رحه وٽ پيش ڪيائين. پاڻ فرمايائون ته خليفا! هي ڪهڙي ماجرا آهي؟ سڄي ماجرا پنهنجي خواب ۽ خليفي جو ٻڌايل تعبير بيان ڪيائين. حضرت پير سائين فرمايس ته مان سمجهان ٿو ته توهان ڄاڻي واڻي هيءَ پليد شيءِ مون وٽ کڻي آيا آهيو. جلدي ڪر هتان کڻي گم ڪر ۽ جماعت ۾ به تقسيم نه ڪر. ڇوته اهي اهل حق آهن ۽ انهن کي پليدي ۾ ملوث نه ڪر. خليفي محمود رحه اها رقم کڻي ۽ اچي پنهنجي ڳوٺ جي غريبن ۽ مسڪينن ۾ تقسيم ڪئي.

**معرفت** 108:

## ڦيٽا ۽ ڦوڪ عام لاءِ آهن

حافظ شير محمد چوي ٿو ته مالڪن سڳورن جو مائٽ ابراهيم هڪ ڏينهن واري آڻي عرض ڪيو ته يا حضرت! پوک ۾ جيت پيو آهي، واري پڙهي ڏيو. سندس مالڪن سڳورن سان ويجهو تعلق ۽ گهاٽي نسبت هئي. پاڻ حڪم ڪيائون ته پنج لتر هنجي مٽي تي هڻو، فرمايائونس ته ابراهيم! ڦيٽا ۽ ڦوڪ عام لاءِ آهن. توهان جي لاءِ ته منهنجي دل دعا ڪندي آهي. وڃ جيت هليو ويندو. ان ڏينهن ئي پوک مان جيت هليو ويو ۽ پوک تمام سٺي ٿي.

**معرفت** 109:

## هرڪو ڪلندو اچي ٿو ۽ ڪلندو وڃي ٿو

حافظ شير محمد چوي ٿو ته هڪ ڏينهن پاڻ فرمايائون ته: فقير محمد الياس ڪامارو شريف جي پير محمد اشرف رحه جي طالبن مان هو. ان

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

پير وفات ڪئي ۽ گاديءَ تي پير جان محمد ويٺو. فقير محمد الياس اهو ٻڌي آيو ۽ چيائين سبحان الله! اڳي اهو وقت هو جو هر زيارتي روئندو ايندو هو ۽ روئندو ويندو هو، هاڻي وري هيءُ وقت آيو آهي جو هر ڪو کلندو اچي ٿو ۽ کلندو وڃي ٿو. فرمايائون ته هيءُ واقعو هر اهل الله سان ٿيندو آهي پوءِ پاڻ هيٺيون بيان فرمايو.

## معرفت 110:

## اهو انگريز اسانجي اڳيان ڇا آهي؟

حافظ شير محمد چوي ٿو ته عبدالمجيد پنهنجي پيءُ جي وفات ڪانپوءِ درگاه شريف تي ويو ۽ وڏي پڳ ٻڌي واپس آيو. پنهنجو لباس به بدلائي فرنگن واري پوشاڪ ڪري آيو. مالڪن ڪيس هن حالت ۾ ڏٺو يا ٻڌو فرمايائون عبدالمجيد! تون پنهنجون عادتون، اخلاق توڙي پوشاڪ جو طريقو بدلاءِ. هن بي سمجهيءَ سان جواب ڏنو ته هي ذڪر فڪر ۽ جماعت ڇا آهي؟ پاڻ ڪاوڙ ۾ فرمايائون ته اي ڇوڪرا! تون ڇا ٿو پڇين؟ تنهنجو پيءُ پڇي ها ته مان انکي جواب ڏيان هان. ان جلاليت ۾ فرمايائون ته! اهو انگريز اسانجي اڳيان ڇا آهي؟ پر اسان الله جي رضا تي راضي آهيون.

## معرفت 111:

## مٿي جا وار چڱانه ٿيندا آهن

حافظ شير محمد بيان ڪري ٿو ته هڪ ڀيري وار رکرايا هيم. هڪ ڏينهن حضور ۾ آيس اتفاقن اهو ڏينهن جمعي جو هو. پاڻ فرمايائون ته شيرو! مٿي جا وار ڇڏيا اٿيئي؟ چيم يا حضرت! حجم ڪونه هو تنهن ڪري مٿو نه ڪوڙايو اٿم. ان وقت هڪ حجم اچي ويو فرمايائون پهرين شيرو جي حجامت ڪر. ان ڪانپوءِ اڄ تائين بي آرامي ٿيندي آهي جيستائين مٿو نه ڪوڙائيندو آهيان. ڪيترا پيرا صاحبان گادي وارن (حضرت هادي سائين)

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ڪي بہ گهرائي سندن متو ڪوڙائيندا هئا چوندا هئا تہ متي جا وار چڱا نہ ٿيندا آهن.

## معرفت 112:

### نماز نہ پڙهڻ وارن جي ماني بند ڪريو

ميان گل محمد ڳڙهي اختيار خان واري چيو تہ هڪ ڏينهن مالڪ سڳورا منهنجي دعوت تي تشريف فرما ٿيا. اتي جي جماعت ڪي ڏنائون تہ نماز ۾ سستي ڪري پئي. پاڻ رحہ سجاده نشين کي اشاره ملامت ڪيو تہ ميان صاحب پنهنجي جماعت لاءِ نماز با جماعت جو بندوبست ڪر. جواب ۾ عرض ڪيائين تہ حضرت! ڪيتري بہ ڪوشش ڪريان ٿو پر سستي ڪن ٿا. مالڪن فرمايو تہ جيڪي نماز ۾ سستي ڪن انهن جي ماني بند ڪريو. چيم تہ سائين! هي چند فقير آهن. مگر الله تعاليٰ جي درگاه ۾ هيترا مشرڪ ۽ ڪافر بہ هميشه رزق کائين ٿا. پر الله تعاليٰ انهن جي روزي بند نٿو ڪري. باقي هنن بي نمازين جي ماني ڪهڙي طرح بند ڪئي وڃي مالڪن رحہ جواب ۾ فرمايو تہ: اهو مالڪ الملڪ ۽ احڪم الحاڪمين، اڪرم الاڪرمين ۽ ارحم الرحمين آهي. ان کان ڪو بہ حساب ڪتاب نٿو گهري سگهي. مونکان ۽ اوهان کان حساب ڪتاب ڪيو ويندو. (يعني پڇيو ويندو تہ توهان بي نمازين کي چوکارايو).

## معرفت 113:

### فقيرن جي جماعت تي اعتراض

مولوي ميان حامد الله روايت ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت مالڪان عاليشان جماعت سان دعوت تي وڃي رهيا هئا. هي بندو بہ علم جي طلب لاءِ وڃي رهيو هو. جماعت ۾ ڪجهہ عورتون ڪارو لباس پهريل بہ فقيرن سان گڏ هيون. انهيءَ ڪري بزرگن جي قدمبوسيءَ کان ڪنارو

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪيم. ايتري ۾ هڪڙو گڏهه ڏنم جيڪو جڪڙيل هئو پر رسو گهليندو ڊڪندو اچي مالڪن جي قدمبوسي ڪرڻ لڳو. هيءَ حال ڏسي مان حيرت ۾ پئجي ويس ڊوڙندو اچي قدمن تي ڪريس ۽ آئنده جي لاءِ جماعت جي عيب جوئي کان توبه ڪيم.

## معرفت 114:

### هٿ سپ مفت ۾ ڪائڻ پين ٿا

هڪ ڏينهن ڪنهن سوال ڪيو ته يا حضرت! هيءُ ڪهڙو سبب آهي جو ماڻهو محنت ۽ مشقت ۽ روزگار لاءِ پريشان آهن ۽ هتي جماعت جا ماڻهو جنهن جو ڪوبه ڪم ڪار نه آهي پر گذران به سٺو ٿا ڪن. فرمايائون جيڪڏهن ڪو مرندو آهي ته بيا ماڻهو اچي ان تي ڪنا ٿيندا آهن ۽ خدمت ڪندا آهن. هتي به هڪ مرده آهي ان ڪري مڙيئي گڏ ٿيل مفت ۾ ڪائڻ پين ٿا ۽ ميت تي ايئن ئي ڪافي ماڻهو گڏ اچي ٿيندا آهن.

## معرفت 115:

### سپ ڪجھ ان جي حڪم سان ٿئي ٿو

هڪ ڏينهن فقير محمد نانگري پٽ جو ٿالهه پري دستور موجب هڪڙي امير اڳيان اچي رکيو. ان امير پٽ کي ڏسي دل ۾ ڪراهت محسوس ڪئي چيائين ته اي فقير محمد! هيءُ پٽ پنهنجي خيال سان آندو اٿيئي يا مالڪن جي حڪم سان؟ نانگري چيو ته نه مالڪ سڳورن جي حڪم سان ۽ نه پنهنجي خيال سان بلڪ فرمان الهيٰ سان آندو اٿم. پاڻ سڳورن هيءُ جواب ٻڌي ڏاڍو پسند ڪيائون: فرمايائون ته طالبن کي هميشه هن طرح سان قوت قلبي جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## معرفت 116:

## دين الله وارن جي صحبت سان حاصل ٿيندو آهي

هڪ ڏينهن صوبدار خان ڏاريجو ٺهري جو مالڪن جي حضور ۾ ويٺو هو. هڪڙو حق جي واٽ جو طالب آيو ۽ با ادب گوڏا پيچي اچي تلقين جي ارادي سان ويٺو. مالڪن سڳورن انکي تلقين ڪئي. مولوي صوبدار چوڻ لڳو تہ يا حضرت! هيءَ تلقين (ذڪر) ڪهڙو فائدو ڪندي پهرين هن کي توبه ۽ ايمان جون سورتون سيکارجن پوءِ اوهان هن کي تلقين ڪيو. فرمايائون اي مولوي صاحب! ڪلمي جي تلقين ٿي وئي هاڻي ايمان جي تلقين اوهان هن کي سمجهايو مولوي صاحب خاموش ٿي ويو. فجر نماز بعد پاڻ جماعت ڏانهن منهن ڪري واعظ فرمايو تہ تلقين جي وقت پهرين مرشد مريد کان نفي ٿو ٺئي پوءِ اثبات. جنهن وقت نفي ٿي اچي ٿي تہ ايمان جي ضرورت نہ ٿي رهي جڏهن شيخ جي صورت مريد جي اندر جاءِ وٺي ٿي تڏهن مريد نٿو رهي. اثبات جي آئي نماز روزي جي حاجت نہ رهي. ظاهري حال کان باطني حال ڏانهن منتقل ٿي وڃجي ٿو ۽ تلقين جي حاجت نٿي رهي. ڪوبہ سوين ڪتاب پڙهي پر جيڪڏهن ڪامل جي صحبت ۾ نہ آيو آهي تہ واقف رموز نہ ٿيندو ۽ حقيقي نعمت کان محروم رهندو.

## معرفت 117:

## فقير خير محمد جو واقعو

خير محمد صوفي سيراني قلندرا نہ حالت ۾ رهندو هو. نماز نہ پڙهندو هو. نهن ۽ وار بہ ڊگها هوندا هئس. هڪ ڏينهن هو مالڪن سڳورن جي حضور ۾ آيو پاڻ ڪريمن ڪيس فرمايو تہ اي خير محمد صوفي اڄ تماشو ڏيکارياءِ! چيائين يا حضرت ها فرمايو پاڻ ارشاد فرمايو تہ ذات حق وحدت ۾ هئي. ڪهڙي طرح ڪثرت ۾ بصورت احمد عرب ۾ آئي خير

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

چوريءَ جي تهمت هنئي. هر ڪنهن کان پڇي پيو ته تون چٽا ڪاڏا آهن؟ جڏهن منهنجو (شيخ فتح الدين جو) وارو آيو تڏهن مالڪن سڳورن فرمايو ته شيخ صاحب! تون نه ڊڄ بي فڪر رهه. اوچتو منهنجي اندران آواز نڪتو ته يا حضرت! سيئي چٽا مان گڙ ۾ کپايا آهن. فرمايائون ته شيخ کي لنگر مان روزانه هڪ آنو مقرر ڪري ڏيو (جيئن گڙ خريد ڪري سگهي) ۽ منهنجو عيب ظاهر نه ڪيائون. مطلب ته مون سميت هر ماڻهو تي سندن احسان ڳڻڻ کان وڌيڪ هئا.

### معرفت 124:

## نبي الله نمائندو هوندو آهي

خليفي فيض الله بيان ڪيو ته هڪ ڏينهن مالڪن سڳورن "ترڪ" جي باري ۾ حديث ارشاد فرمائي ته هڪ وقت حضور اڪرم ﷺ جن مسجد جي منبر جي پير ۾ آرامي هئا. تڏي جا نشان سندن جسم مبارڪ تي ظاهر هئا. حضرت عمر فاروق رضہ ڏٺو ۽ افسوس ۾ اچي عرض ڪيائين ته پنهنجي جهانن جا بادشاهه هن حال ۾ آهن. پاڻ ڪريمن ﷺ جواب ۾ فرمايو ته اي عمر! آءٌ الله جو وڪيل (نمائندو) آهيان. ڪجهه ڪم پورا ڪيا اٿم. ڪجهه باقي آهن. جيڪي ادا ڪريان ٿو. جيئن ئي اهي باقي رهيل ڪم پورا ٿيندا ته مان واپس هليو ويندس. آءٌ هتي ويهڻ لاءِ نه آيو آهيان.

### معرفت 125:

## پنهنجي هستي کي مٽائڻ اصل ايمان آهي

هڪ ڀيري احمد فقير حُر حضرت مالڪن سڳورن کي وضو ڪرائي رهيو هيو ته هڪ بلوچ ان جي خدمت ڪرڻ جي ڪيفيت ڏٺي ته چوڻ لڳو ته هيءُ ماڻهو يا ته حضرت جن جو غلام آهي يا ڪفر کان اِسلام ۾ آيو آهي. حضرت مالڪن هيءَ ڳالهه ٻڌي ته فرمايائون احمد! ٻانهو جيتري تائين

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پنهنجي هستي مٽائي ڇڏيو اِيستائين ڪامل مسلمان ٿي نٿو سگهي. ڪامل مسلمان ٿيڻ ڏاڍو مشڪل آهي.

## معرفت 126:

### هڪ مريد کي عجيب نصيحت

هڪ ڏينهن هڪ اڇي ڏاڙهي واري اچي ذڪر ورتو. ان بعد حضرت جن کي عرض ڪيائين ته يا حضرت! هيءَ ڪراڙو اوهان جي حوالي آهي. يعني آخرت ۾ سفارش جي اميد رکان ٿو. فرمايائون توکي به هن اڇي ڏاڙهي جو خيال ڪرڻ گهرجي. (يعني نيڪ عملن ڪرڻ جي طرف توجه ڏيڻ گهرجي)

## معرفت 127:

### پوري مزدوري ۽ محنت ادا ڪيائون

فقيرنٿو معمار (رازو) روضه مقدس حضرت مرشد ناقدس الله سره چوي ٿو ته هڪ ڏينهن منهنجي دل ۾ خيال آيو ته اسان کي فقيرن مان پوري مزوري نه ملندي ڇو ته انهن وٽ ڪجهه به نه آهي. پوءِ ڪيئن مزوري ادا ڪندا. رات گذري صبح جو سوير مون کي قبي ۾ سڏيائون پائي پائي تي چاڙهي پوري مزدوري ۽ محنت ادا ڪيائون. پئسا ڪيسي منجهان نڪرندا مون نه ڏٺا يعني بحروحدت جي هٿ سان هاريائون نه ڪيسي مان نه ڪنهن ڳنڍ مان ڪڍندا ڏٺم ۽ چيائون ته وَاللّٰهُ الغَنِي وَأَنتمُ الفقرآءُ:

## معرفت 128:

### ڪٽڪ جي ماني يا جُور جي ماني ٻئي الله جي هٿ ۾ هيون

نٿو فقير جو بيان آهي ته هڪ ڏينهن مونکي جور جي ماني ملي دل ۾ ڏاڍي ڪاوڙ لڳي. صبح جو وقت هيو. ٿوري دير کان پوءِ حضرت مالڪان عاليشان ڪٽڪ جي ماني کڻي آيا ۽ فرمائڻ لڳا جور جي ماني يا

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ڪٽڪ جي ماني ٻئي الله تعاليٰ جي هٿ ۾ هيون. جور جي ماني ان تو ڏي موڪلي جو ان ۾ هدايت هئي ۽ ڪٽڪ جي ماني دولتمندن جي حوالي ڪئي جو ان ۾ گمراهي هئي. مونکي ته ڪٽڪ جي ماني ڏيڻ ۾ ڪوبه اعتراض نه هيو. وڌيڪ ڪاوڙ نه ڪر. مان دل ۾ ڏاڍو شرمسار ٿيس. ۽ آئنده جي لاءِ مان اهڙي قسم جي خيالن کان توبه ڪيم. مون سان اهو واقعو حضرت جن سان بيعت ڪرڻ کان پهريون پيش آيو.

## معرفت 129:

## طالب المولىٰ مذڪر (مرد) آهي

هڪ ڏينهن مخدوم پير محمد کهڙن وارو پنهنجي پٽ سان حضرت مالڪن جي حضور ۾ آيو. عرض ڪيائين ته يا حضرت! نڪاح سنت آهي اوهان چو نٿا نڪاح ڪريو. حضرت مخدوم صاحب جو پٽ ان وقت راند روند ۾ مشغول هو. پاڻ سڳورن فرمايو ته پنهنجي پٽ کي سڏيوس ته!. مخدوم صاحب ٽي ڀيرا پٽ کي سڏ ڪيو. پر هو نه آيو.ان کان پوءِ مالڪن هڪ فقير کي سڏ ڪيو جنهن کي ٽوڪري به مٿي تي هئي. انهيءَ حال ۾ ئي هٽ ٻڌي اچي اڳيان بيٺو. ٿوري دير کان پوءِ فرمايائونس ته وڃ. هو هليو ويو. پوءِ مالڪن رح مخدوم صاحب کي چيائون ته: شادي ۽ نڪاح مان مراد ۽ مقصد اولاد آهي. منهنجي اولاد اهڙي آهي جيئن فقير کي ڏٺئہ. تون پنهنجي پٽ کي ٽي ڀيرا سڏ ڪيو پر هو نه آيو هاڻي ٻڌايو ته اولاد توهان جي ڀلي يا منهنجي؟ وري مخدوم صاحب عرض ڪيو ته اوهان جي پيڻ ڀلا چو ڪنهن سان نڪاح نه ڪيو آهي. فرمايوئونس ته وڃي پاڻ در تي هن فقير جي ڀيڻ کي نصيحت ڪريو. مخدوم صاحب حڪم موجب درتي ويو ۽ واعظ شروع ڪيائين اندران لکت ۾ جواب آيو ته: طالب الدنيا مخنث، طالب العقبىٰ مؤنث، طالب المولىٰ مذڪر (طالب دنيا کدڙو آهي، آخرت جي طالب عورت

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آهي ۽ طالب مولىٰ مرد آهي) يعني مان طالب مولىٰ آهيان ۽ مذڪر (مرد) آهيان. مونکي شادي جي ڪهڙي ضرورت آهي مخدوم صاحب لاجواب ٿي واپس ٿيو.

## معرفت 130:

## پنهو خان ڏهر کي نصيحت

هڪ ڏينهن پاڻ سڳورا ابو الخير (ڏهر قبيلي جي زميندار) جي تعزيت تي پنهو خان وٽ ويا طالبن کي خيال ٿيو تہ مالڪ سڳورا ڪيئن تعزيت ڪن ٿا. تڏي تي پهتا پنهو خان کي واعظ طور فرمايائون تہ هڪ بادشاہ جي ٻن شين سان تمام گهڻي محبت هئي انهن کي هميشہ پاڻ وٽ حاضر رکندو هو. هڪ تازا ميوا ۽ وڻندڙ مشروبات ٻيو هر وقت تيار لشڪر جيڪو بادشاہ جي جان جي سنڀال ڪندو رهي هن حالت ۾ هڪ فقير صاحب ولايت بادشاہ وٽ آيو تلقين جي طريقي سان کيس چيائين تہ بادشاہ! پنهنجي اکين کي منهنجي اکين ۾ بند ڪر. بادشاہ ائين ڪيو فقير هن کي تقلين ڪئي ۽ چيائين تہ هن شيخ جي صورت کي ياد رک. ۽ اسم الله زبان سان ڪندو ڪر. الله کان سواءِ ڪو بہ وسيلو ڪونہ آهي. فقير لاڏاڻو ڪيو. ڪجهہ وقت کان پوءِ بادشاهہ کي بہ اچي اجل پهتو. سڪرات ۾ ڏسڻ لڳو تہ جيڪو لشڪر هن جو محافظ هو. اهو پڃي پاسي ٿيو آهي. عضوا جيڪي جان جا همراہ هئس اهي بہ بيڪار ٿي ويا ۽ ميون مان ڪٿي ۽ کائڻ جي طاقت نہ رهي. اتي کيس ان بزرگ ولي الله جي صورت ياد آئي. هر شيءِ کان مايوس ٿي الله جي طرف مائل ٿيو. ۽ جان مالڪ جي حوالي ڪيائين. اي پنهو خان! الله کانسواءِ ڪا بہ شيءِ پائدار نہ آهي پوءِ لازمي آهي تہ پاڻ کي مولا جي يادگيري سان هلائجي. اسان بہ الله الله ڪيون تہ تون بہ الله الله ڪر.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

## معرفت 131:

### مڙيئي شيون فقيرن جون آهن

هڪ ڏينهن حضرت مالڪن طالب نالي فقير کي فرمايو تہ اي فقير! هن بندي کي بک گهڻي لڳي ٿي. پر ڇا ڪجي جو ڪابہ شيءِ هن بندي جي ملڪيت نہ آهي. مڙيئي شيون فقيرن جون آهن. جيڪڏهن منهنجي ملڪيت ۾ ڪجھ هجي ها تہ ڪجھ ڇٽا وٺي ڪنهن ٿانو ۾ رکان ها. بک وقت ڪجھ کاوان ۽ جيڪو سفر تي وڃي تہ ان کي بہ ڏيان تہ جيئن سفر ۾ ڪم اچنس. اتفاقن ان فقير مزدوريءَ مان پنج آنا ڪمائي آندا هئا اهي اچي حضور ۾ حاضر ڪيا. مالڪن سڳورن اهي ورتا ۽ ان جا ڇٽا وٺي پنهنجي ڪم آندائون.

## معرفت 132:

### حضرت ابوبڪر صديق رضہ جو شان

الهو سايو خان بهاولپوري بيان ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن حضور ۾ ويٺو هوس. مون کان ڪي اهڙا الفاظ نڪتا جيڪي مريدا نہ ادب کان دور هئا. يڪدم پشيمان ٿيس. نيٺ حضور ۾ پنهنجي غلطي ظاهر ڪيم ۽ چيم تہ قبلا! منهنجي خطا معاف ٿئي پاڻ فرمايائون تہ شرعي مسئلہ ۾ هر ڳالھ معاف آهي. اها بي ادبي ناهي. ۽ فرمايائون تہ پنهنجي هٿ سان پنهنجي جسم ۾ زور سان چهنڊي پاءِ ضرور ايذاءُ ٿيندءِ. پوءِ اسان جي جماعت بہ اسان جي جان وانگر آهي. انهن کي ڪيئن رنجائيندس ڇوتہ ايذاءُ ٿيندو آهي. ان کان پوءِ مالڪن رحہ هيءَ حديث شريف بيان فرمائي. هڪ ڏينهن وحي جي نازل ٿيڻ وقت حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه حضور ۾ ويٺو هو. حضرت جبرائيل عليہ السلام سندن استقبال لاءِ اٿي بيٺو. ٿوري دير کان پوءِ ٻيو خليفو، وري ٽيون خليفو، آخر ۾ چوٿون خليفو بہ آيو. مگر

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جبرئيل عليہ السلام ڪنهن جو استقبال نہ ڪيو. حضور اڪرم ﷺ
ڪائونس ٽنهي خليفن جي استقبال نہ ڪرڻ بابت پڇا ڪئي. چيائين تہ يا
حضرت! خليفہ اول منهنجو استاد آهي جنهن وقت حضرت آدم عليه
السلام جو قالب ٺهيو پئي مڙني ملائڪن چيو تہ يا مولا آدم کي پيدا نہ
ڪر. مان بہ ائين چوڻ تي گهريو ايتري ۾ حضرت صديق اڪبر رضہ جو
همت وارو هٿ پيدا ٿيو ۽ مون کي تعليم ڏنائين تہ اوهان مولا جي رضا ۾
راضي رهو جيڪي ڪري اهو مالڪ آهي. ڪنهن کي چاڻ نہ آهي تہ هو چو ۽
چا لاءِ ڪري ٿو ان وقت کان هو منهنجو استاد آهي مان ان ڪري سندس
ادب ڪريان ٿو.

## معرفت 133:

## سوال جو حل ٿي ويو

مولوي ميان محمد اسحاق ۽ ملا محمد عيسيٰ ساڪن تعلقو مير
علي مراد ۽ انهن سان گڏ بہ ٽي آزاد خيال سنگتي بہ مالڪن سگهورن جي
حضور ۾ زيارت لاءِ آيا. هڪ ڏينهن آيت ثم استويٰ علي العرش، جي گفتگو
هلي پئي. مولوي صاحب هن باري ۾ مالڪن کان پڇيو پاڻ رحہ فرمايائون تہ
مان عالم نہ آهيان. اوهان عالم آهيو. اوهان هن باري ۾ ڇا ٿا فرمايو؟ مولوي
صاحب چيو تہ مون وٽ هن بابت ڪافي تحريرون ۽ وڏا بيان آهن. ۽ مون
وٽ مڪان ثابت آهي. پوءِ مالڪن جواب ۾ فرمايو تہ خدا جي ذات قديم
آهي يا حادث مولوي صاحب چيو تہ ذات خداوندي قديم آهي. وري چيائون
تہ عرش حادث آهي يا قديم مولوي صاحب چيو تہ عرش حادث آهي. پاڻ
فرمايائون تہ سوال جو حل ٿي ويو. مولوي صاحب هن باريڪ نڪتہ کي
سمجهي ويو ۽ بيعت ڪيائين ۽ ان جا ساٿي بي تميز فرار ٿي ويا.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

**معرفت 134:**

## ڪعبہ حڪمي کان ڪعبہ حقيقي ڏانهن منهن ڪرڻ

فقير خان محمد موذن روايت ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت قدس سره مصلي تي ويٺا هئا. واعظ ٿي فرمايائون ڪنهن فقير سوال ڪيو تہ يا حضرت امام جو ڪعبي کي پٺي ڏيڻ ۽ جماعت ڏانهن منهن ڪري ويهڻ جو ڪهڙو مطلب آهي. جواب ۾ فرمايائون تہ ڪعبت الله حضرت ابراهيم عليہ السلام جي بڻايل جڳهہ آهي ۽ مومنن جون دليون الله تعاليٰ جون ناهيل آهن ۽ دليون عرش الرحمٰن ثابت آهن. پوءِ ڪعبي حڪمي کان ڪعبي حقيقي ڏانهن هن طرح منهن ڪرڻ افضل ۽ اعليٰ آهي. مطلب تہ امام کي واجب آهي تہ ڪعبہ حڪمي کان ڪعبہ حقيقي ڏانهن منهن ڪري ويهي. مومنين طالبان حق خنجر جا ڪٺل آهن. تڪبير الله اڪبر سان **موتوا قبل ان تموتوا** يعني مرڻ کان اڳ مري چڪا آهن. ان حالت کان رجوع ڪري شريعت نبوي ﷺ جي تابع يحي الموتيٰ جو لباس پائي ڪري پنهنجي مرشد جي صورت جا منتظر هوندا آهن اها صورت جيڪا دراصل انساني شڪل ۾ نورالهي هوندي آهي. ائين ٻنهي پاسن ڏانهن حقيقي محبت جوش ماريندي آهي. مطلب تہ امام جي لاءِ ضروري آهي تہ ڪعبہ حڪمي کان ڪعبہ حقيقي جي طرف پنهنجو منهن ڦيري.

**معرفت 135:**

## وفات کان پوءِ مرشد جو فيض

حافظ ميان عبدالله (شيخ ثاني) بيان ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن حضور ۾ حاضر هيس پاڻ فرمايائون تہ عارف ڪامل جي نظر ٽن شين تي هوندي آهي. شريعت تي، وحدت تي، طالب جيّ حالت تي. جڏهن شيخ دنيا منجهان

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

لڏي وڃي ٿو تہ شريعت جي پابندي جي تڪليف ختم ٿي وڃي ٿي. تڏهن باقي بہ نظرون رهن ٿيون وحدت تي ۽ طالب جي حالت تي. هتان معلوم ٿئي ٿو تہ شيخ پنهنجي طالب کي حياتي کان وڌيڪ مماتيءَ ۾ فيض رسائي ٿو. بشرطيڪ طالب جي شيخ سان نسبت دائم ۽ پڪي هجي.

## معرفت 136:

## حق جي رضا صورت ۽ لباس سان نہ آهي

فقير ڪيچي بيان ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن مالڪ سڳورا آرام ۾ هئا اوچتو ننڊ مان اٿيا ۽فقير الله بخش کي گهرائي حڪم ڪيائون تہ اٺ تيار ڪر ۽ اسٽيشن (ڏهرڪي) تي وڃ ۽ ريل منجهان هڪ فقير لهندو جنهن جي پوشاڪ پنڊت وانگر گيڙو هوندي سندس ڏاڙهي ۽ وار تمام ڊگها هوندا ڳچيءَ ۾ عقيق جا مٽيا پيل هوندس. ۽ خاڪي رنگ جو پهراڻ ڍڪيل هوندس. اُن کي اٺ تي ڪٺي اچ فقير الله بخش حڪم موجب جلدي جلدي اٺ ساڻ ڪري اسٽيشن تي پهتو ڏٺائين تہ ملپل نشانين وارو فقير بيٺو آهي. فقير الله بخش کيس سلام ڪيو پر هن ڪوبہ جواب نہ ڏنس ۽ ماٺ ڪيو بيٺو هو. ٿوري دير بعد فقير کان پنڊت پڇيو تہ تون مون وٽ ڇو بيٺو آهين؟ فقير الله بخش پنهنجي مرشد جو پورو احوال بيان ڪيس. يڪدم پنڊت اٺ تي سوار ٿيو ۽ اچي حضور ۾ پهتو. ڪجهہ ڏينهن رهي پيو پوءِ جڏهن بہ پنڊت سان صحبت هلندي هئي تہ جماعت ۾ روح راڻ پئجي ويندو هو. جڏهن فيض وٺي روانو ٿيو تڏهن بہ ٽن ڏينهن تائين جماعت ۾ شوق ۽ ذوق رهيو. پاڻ فرمايائون تہ فقيرو! حق جي رضا صورت ۽ لباس سان ناهي ذَالِكَ فَضْلُ اللهِ يُؤْتِيهِ مَنْ يَّشَآءُ وَاللهُ ذُوالْفَضْلِ الْعَظِيْمِ هيءُ الله جو فضل آهي جنهن کي هُو چاهيندو آهي ان کي عطا ڪندو آهي.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

## معرفت 137:

### جيئن تون ريجهل رهين پيارا

فقير ڪيچي بيان ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن هڪ فقير پولي ساڻ ڪري حضرت جن جي خدمت ۾ آيو ۽ پولي پئي گهمايائين جيڪي به اُن کي سيکاريو هئائين جهڙوڪ: هٿ ٻڌڻ، نياز ڪرڻ، سجدو ۽ سلام ڪرڻ وغيره مطلب ته سڀ ڪجهه فقير جي اشاري سان ظاهر پئي ڪيائين. مالڪن سڳورن پنهنجي حال ۾ مشاهدو غيبي پئي پروڙيو. ان وقت فقير ولي محمد قوال کي سڏي هن ڪلام ۽ ڪافي جو حڪم فرمايائيون:

اسان اينوين ڪرون جيوين تون ريجهه رهين
ريجهه رهين پيارا ريجهه رهين پيارا

## معرفت 138:

### مڙئي زالن جا طالب آهن

فقير نُور محمد مست چوي ٿو ته هڪ ڏينهن مالڪن سڳورن عصر جي نماز جي نيت ڪرڻ بعد ۽ تڪبير لڳڻ کان اڳ پنهنجو منهن مبارڪ ڦيرائي فرمايائون ته مڙئي زالن جا طالب آهن منهنجو طالب ڪوبه نه آهي.

## معرفت 139:

### ڪوڙن جو منهن ڪارو ٿيندو

شيخ عبدالرحمان بيان ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن پاڻ سڳورا ٽيپهري جي وقت باغ جي ڇپري ۾ ويٺا هئا. مان اچي سندن حضور ۾ حاضر ٿيس. هن بندي ڏانهن متوجه ٿيا. منهنجي دل مان آواز آيو هذا رسول الله (جي مثال يا شبيه) آهن. ايتري ۾ اُتان نماز لاءِ اٿيا مسجد جي ڏاکڻي دروازي وٽ ٿلهي تي بيهي فقير ڦالو سان مخاطب ٿيا ۽ فرمائڻ لڳا:

ڪوڙن جو منهن ڪارو ٿيندو. مير مکي جو ايهو

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

شڪر ڪيوسي پير ڏنو سي مير مڪي جو ايهو
ائين اتي هن بندي جو مسئلو حل ٿي ويو ۽ يقين پڪو ٿيو

## معرفت 140:

### يا حضرت مان نه سمجهيو هو مونکي معاف ڪريو

فقير نور محمد مست چوي ٿو ته هڪ ڏينهن پاڻ نقل فرمايائون ته هڪ طالب پنهنجي مرشد جي حضور ۾ هر وقت هيءُ سوال ڪندو هو ته سائين! دعا خير ڪريو. جواب ۾ مرشد چوندو هو ته خدا توکي ماڻهو ڪري. ڪجھ ڏينهن بعد هن دل ۾ خيال ڪيو ته ماڻهو ته آهيان جانور ته ناهيان. مرشد هيءَ ڪهڙي دعا ڪري ٿو؟ مرشد ڪيس چيس ته جمعي جي ڏينهن منهنجي جتي جهلي ويهجاءِ. جنهن وقت بادشاه وزير سڀ مخلوق اچي گڏ ٿئي پوءِ جُتي کڻي پنهنجيءَ مٿي تي رکجاءِ ته سڀ ڪجھ نظر ايندءِ هن ائين ڪيو ڇا ڏسي ته سڀ مخلوق جي شڪل صورت بدليل آهي. بادشاه شينهن جي شڪل ۾ وزير توڙي ٻي مخلوق هر هڪ ڌار ڌار جانورن جي صورت ۾ آهن مگر هڪ مرشد ماڻهو جي صورت ۾ نظر آيس. درد پري دانهن ڪري چيائين ته يا حضرت مان نه سمجهيو هو. مون کي معاف ڪريو.

## معرفت 141:

### دين اسلام جو احياءُ

فقير محمد هاشم ماڙي جو روايت ڪري ٿو ته: هڪ ڏينهن پاڻ رحہ نقل فرمايائون ته هڪ ڀيري حضرت روضي ڌڻي رحہ (قبلہ سيد محمد راشد رحہ) سفر جو ارادو ڪيو. سوار ٿيڻ وقت چيلهه ۾ ريشمي لونگي ٻڌي رهيا هئا. اُن وقت ڪنهن ٽالپر سوال ڪيو ته يا حضرت! رسول خدا ﷺ دنيا ۾ ڪيترا ڀيرا آيا آهن. فرمايائون ٽي ڀيرا هڪ ڀيرو مڪي معظم ۾ ٻيو ڀيرو بغداد شريف ۾ ٽيون ڀيرو هتي آيا آهن سائل پڇيو ته ڪٿي؟ فرمايائون ته

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اهو جيڪو ڪمر بند ٿو ٻڌي پوءِ سوار ٿيا ۽ سفر تي هليا. ( ان مان مراد حلول آهي نہ اتحاد ۽ نہ حضورﷺ جي آمد. بلڪ حضورﷺ جي برڪت جي طفيلي سندن پيغام جو مڪمل ۽ هر پهلو مان دين جو احياءُ مراد آهي. حضرت روضي ڌڻي رح وٽ هيءُ احياءُ يا نشاة ثانيہ غوث الاعظم ۽ پوءِ سندن پنهنجن هٿن سان ٿيو.

## معرفت 142:

## ميت جي بخشش لاءِ خاص دُعا

فقير پير محمد پنجابي نانگري چيو تہ هڪ ڀيري مالڪن سڳورن فرمايو تہ جڏهن بہ ڪو مومن لاڏاڻو ڪري تہ سندس دفن ڪان پوءِ پهرين رات جوميت جو قبر تي يا ڪٿي بہ بہ رڪعتون نفل هن طرح ادا ڪجن جو پهرين رڪعت ۾ سورة التڪاثر ڏهہ ڀيرا پڙهي ۽ ٻي رڪعت بہ انهيءَ ريت ادا ڪري. ان جو ثواب ميت جي روح کي بخشي الله سبحانه و تعاليٰ هن نماز جي برڪت ۽ پنهنجي فضل ۽ مهرباني سان ان جي قبر تي چار هزار ملائڪ قيامت تائين سندس مغفرت لاءِ مقرر فرمائي ٿو ۽ اهو مومن بخشجي وڃي ٿو ۽ هن نماز پڙهندڙ لاءِ بہ ملائڪ مغفرت گهرن ٿا.

## معرفت 143:

## قبرن جي زيارت لاءِ دُعا

ساڳيو راوي تہ مالڪن سڳورن کان هن طرح ٻڌو ويو تہ جيڪو ميت جي قبر مٿان اشهد آگر سان قبر ڏانهن اشارو ڪري هيءَ حديث شريف ٽي ڀيرا پڙهندو تہ الله سبحانه و تعاليٰ ان ميت کي مغفرت نصيب فرمائيندو حديث شريف هيءَ آهي: اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَسْئَلُكَ بِحَقِّ مُحَمَّدٍ وَّآلِ مُحَمَّدٍ اَنْ لَّا تُعَذِّبَ هٰذَا الْمَيِّتَ ترجمو: اي الله مان محمد مصطفيٰ ﷺ ۽ سندس آل جي وسيلي دُعا گهران ٿو تہ هن ميت کي عذاب کان بچاءِ. هن فقير ڪيترا ڀيرا

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ڏنو تہ حضرت قبلة العارفين (حضرت جيلاني) رحہ اهل قبور جي زيارت وقت ائين ئي چوندا هئا.

**معرفت 144:**

## شڪر ڪيوسي پير ڏنوسي

فقير الله آندو چوي ٿو تہ هڪ ڏينهن مالڪن سڳورن جي زبان مبارڪ مان ٻڌو تہ هيءَ ڪافي پئي چيائون:

شڪر ڪيو سي پير ڏنو سي
ناهي ٻاهر محمد ٻيو

**معرفت 145:**

## شاهزادي جو زنده ٿيڻ

حافظ شيخ عبدالرحمان بيان ڪري ٿو تہ: هڪ ڏينهن مالڪن سڳورن فرمايو تہ ماڻهو چوندا آهن تہ حضرت شمس تبريز مئل زنده ڪيا هئا. اهو هن طرح آهي جو هڪ بادشاه جو پٽ فوت ٿي ويو هو. بادشاهہ شمس تبريز کي گهرائي عرض ڪيائين قبلا! منهنجو پٽ زنده ڪر. شمس تبريز مرده مٿان بيهي ٻہ ڀيرا قم باذن الله چيو پر ان سان مرده نہ اٿيو. وري چيائين "قم باذني" شاهزادو زنده ٿي ويو. جنهن وقت "قم باذن الله" چيائين اُن سان پنهنجي هستي قائم هئي. يعني شمس تبريز ۾ خدا صورت خيالي ۾ ٻئي موجود هئا. انهيءَ ڪري اثر نہ ٿيو. وري پاڻ کي نفي ڪري حق جو اثبات ڪيائين ۽ "قم باذني" چوڻ سان شاهزادو زندگي ۾ اچي ويو. اهڙي طرح هر طالب کي گهرجي تہ شغل حق ۾ پاڻ کي وساري ۽ محض ذات حق سان متوجہ رهي.

**معرفت 146:**

## ڪلام الله شريف ٽي ڀيرا نازل ٿيو

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

شيخ عبدالرحمان چوي ٿو تہ هڪ ڏينهن پاڻ رح فرمايائون تہ ڪلام الله ٽي پيرا نازل ٿيو. پهريون ڪلام عربي. جيڪو حضور سرور ڪائنات ﷺ جي زبان سان شامل ۽ موافق آهي. ٻيو فارسي زبان ۾ جيڪا مثنوي مولانا رومر جي آهي. ٽيون سنڌي زبان ۾ جيڪو رسالو شاھ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جو آهي. (ان مان مراد مثنوي ۽ رسالي شاھ عبداللطيف ڀٽائي جي عظمت ۽ قرآني فڪر جي بهترين تشريح هجڻ آهي).

## معرفت 147:

### حضور ﷺ حيات النبي آهن

شيخ عبدالرحمان فرمائي ٿو تہ: هڪ ڏينهن عصر جي نماز ۾ نيت ڪان پوءِ حضرت مالڪن رحہ منهن ڦيرائي فرمايائون تہ حضور اڪرم ﷺ حيات النبي آهن هن ۾ ڪوبہ شڪ ناهي.

## معرفت 148:

### ٽن ماڻهن ڪان نفرت

فقير عبدالرحيم فرمائي ٿو تہ: هڪ ڏينهن مالڪن سڳورن فرمايو تہ ٽن شخصن جي ڏاڙهي پٽيان. (1) جيڪو ٻئي جي زال کي دين جي ڀيڻ ٻڌائي. (2) جيڪو پنهنجي عمر ڪيمياگري جي بيڪار هوس ۾ وڃائي ۽ (3) جيڪو دنيا پليد جي حصول لاءِ ورد وظائف پڙهي.

## معرفت 149:

### حضرت سانول سائين لاءِ خط

پير محمد لانگري فرمائي ٿو تہ: هڪ ڏينهن سوئي شريف جا فقير مالڪن وٽ اچي عرض ڪيائون تہ پير سانول سائين (حضرت ميان ابوبڪر عرف سانول سائين شيخ ثالث سوئي شريف) کي ڪافي ڏينهن ٿيا آهن جو

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

پنهنجي گهر واپس نہ ٿيا آهن. مهرباني فرمائي خط ڪين روانو ڪريو تہ جيئن ٽر جي مسافري تان موٽي اچن. مالڪن سڳورن هيءُ بيت لکرائي روانو ڪيو.

لاکا لڄ سند ياءُ لڄا آءُ اوڏ اڳلي آهيان
پکا سي پرتاءِ آڏيم ٿنهنجي آسري.

حضرت سانول سائين جواب ۾ هي بيت لکي موڪليو تہ:

وڏو ڪين وٺاهہ، پهڻ اُوچا نہ ٿيو
ٿموم نيٺاهہ پير نهاريان پرين جو

**معرفت 150:**

## ڪچا بہ قبول آيل آديسين جا

مذڪوره فقير چوي ٿو تہ هڪ ڏينهن هڪ عقيدتمند ڪچا بير نذراني طور پيش ڪيا. ٻئي عقيدتمند وري پڪن بيرن جي ٿيلهي آندي. پهرين سمجهيو تہ منهنجا ڪچا بير شايد پسند نہ پيا ۽ هو لڄي ٿيو اُن وقت پاڻ هيءُ بيت فرمايائون:

ڪچا بہ قبول آيل آديسين جا،
آيا منجهہ حضور لتا حق حساب جا.

**معرفت 151:**

## اصل شيءِ توڪل آهي

فقير اڪبر علي چوي ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت مالڪن رحہ فرمايو تہ هڪ پيري "پورل سائين"، (حضرت ميان محمد حسين شيخ ثاني سوئي شريف) هڪ امير ماڻهو ۽ ٽيون هڪ درويش گڏ ويا هئا. سندن ماني ننگر مان آئي. فقير کي بہ گڏجي کائڻ جي صلاح هنيائون. فقير ادب جي ڪري آهستي آهستي کائي پيو. پورل سائين ڏٺو ۽ فرمايائون تہ ايّ فقيرا! همت

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

مبارڪ تي هيءَ ڪافي جاري ٿي وئي.

ميري ماهي جيها نہ ڪوئي هور آ،

عرش منور بانگان مليان سٽيان تخت لاهور

پاڻ رح ڪجھ پيرا چوندا رهيا. ۽ مونکي فرمايائون تہ هن مصرعي جي معنيٰ ڪر. مان چيو قبلا! خبر نہ آهي چيائين تہ بادشاه جو مرشد لاهور ۾ هو. عرش عظيم جي آواز مان مراد الهام آهي ۽ صاحب لاهور مان مراد مرشد آهي. بُلي شاه جو مرشد ذات جو آرائين هو. مان چيو تہ سائين بلا شاه جو مرشد آرائين هو؟ فرمايائون تہ تون نہ ٻڌو تہ بُلي شاه ٻئي ڪلام ۾ چيو آهي تہ:

نوڪر ڪڙ سان باغباني دا

## معرفت 153:

### قصن پڙهڻ جو ڪهڙو فائدو

فقير عبدالرحيم چوي ٿو تہ حضرت مالڪن جي حڪم سان ڳوٺ صالح خان ۾ رهائش اختيار ڪئي هيم. منهنجي عادت هئي تہ ڪتاب "قوة العاشقين" جو مطالعو ڪندو هيس. هڪ ڏينهن حضور ۾ آيس فرمايائون تہ قصن جي پڙهڻ مان ڪهڙو فائدو؟ باطني شغل ۾ همت ڪجي. ان سان قصن ڪهاڻين ٻڌڻ جو شوق بہ پورو ٿي ويندو وآهي.

## معرفت 154:

### همت ڪرنہ تہ رهجي ويندين

فقير عبدالرحيم چوي ٿو تہ هڪ ڏينهن هن بندي ۽ فقير علي محمد منڻ ڪوٺي جي درميان گفتگو هلي تہ ڪافي شغل اشغال ڪيا ويا آهن پر فائدو ڪونہ ٿيو آهي. پوءِ ڪاڏي ٻاهر هليو ويس ائين ڏينهن واپس ٿيس. فجر جو وقت هو ڪنهن ٻئي ماڻهو جي ذريعي اها ڳالھ حضور ۾

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

عرض رکيم. علي محمد منڻ ڪوٺي ڪجيءَ جي پاسي ۾ لڪي پئي ڏٺو. مان به اتي بيٺو هيس پاڻ فرمايائون ته هيڏي اچ با ادب ٿي وڃي ويٺس فرمايائون فاتحه الڪتاب (الحمد شريف) توکي ياد آهي چيم هائو قبلا! چيائون ته الحمد کي فقط الحمد نه سمجھه نماز ۾ پڙهين يا ٻاهر هڪ جهڙو آهي. پنهنجي ورد وظيفي کي به فقط ورد وظيفو نه سمجھه توکي مولوي يارمحمد راڄينوري جي چوڻ سان اتي ويهاريو اٿم. جي نه ته تنهنجو ڪوبه حال نه آهي به ڪم هٿ ۾ نه ايندا. آهن پڙهائڻ ۽ باطني شغل ڪمائڻ. پوءِ فرمايائون ته گفتگو ڪرڻ بيڪار آهي. اول قال گهرجي پوءِ حال قال جي نه آهي ته حال ڪيئن ايندو نيٺ نماز جو وقت تنگ ٿيو جوش ۾ چند الفاظ چيائون جيڪي منهنجي ناقص سمجھه ۾ نه آيا. مولوي ڪمال الدين ڇهه پيرا صلواة پڪاريو ٿورو ٿڌا ٿيا ڏکهو ساه کڻي نماز لاءِ هلي پيا. اشراق کان پوءِ وڻن ويس فرمايائون وڃ همت ڪر پوءِ هر رات ايندو هوس. ۽ سيارو هو پاڻ رح باه ٻارائيندا هئا. هڪ رات پاڻ باه ٻاريائون فقير سيئي ننڊ ۾ هئا هڪ موقعي تي پڇيائون ته رستي ۾ ڳوٺ ۽ وستيون آهن ڪنهن توکي ڪڏهين ايندو به ڏٺو آهي؟ چيم ته نه قبلا! مان اجازت وٺي هليس پنيان محمد هاشم کي خرمو ۽ ڪجھه گرم شيون ڏنائون ته فقير (مونکي) کي ڏئي اچ متان ڪيس سردي لڳي. وري هڪ رات جو اچي قدمبوس ٿيس. فرمايائون همت ڪر ٿورا ڏينهن رهيل آهن. مان نه سمجهيو ته ڪامل جو مطلب ڇا آهي. ٻئي پيري رات جو ساڳيو ئي ڪلام وري ورجايائون. پر منهنجي ناقص سمجھه ۾ نه آيو ٽئين پيري فرمايائون وقت اهو اٿيئي جيڪڏهن ڪجھه ڪندين ته بهتر ۽ جي نه ته رهجي ويندي.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

## معرفت 155:

## سچي نيت رکي تعلق رکجي ته خدا ڪافي آهي

مولوي صاحب غالبا مولوي عبيدالله جو والد جو بيان آهي ته هڪ ڏينهن مالڪن سڳورن فرمايو ته هڪڙي رن زال پنهنجي پٽ کي سيکاريو ته پٽ! جنهن وقت بک لڳئي وضو ڪري مراقبي ۾ ٿي ويهه خدا تعاليٰ توکي رزق عطا ڪندو. اهو ننڍڙو ٻار ائين ڪندو هو. ماڻس لڪائي سندس ڪڇ ۾ ڪٽي ماني رکندي هئي. هو منهن مٿي ڪري ماني ڏسي کائيندو هو. اهڙيءَ طرح ڪافي عرصو انهيءَ تي عمل ڪيائين. اها سندس عادت ٿي ويئي، هڪ ڏينهن ڳوٺ جي ٻارن سان گڏجي ڪانيون ڪرڻ ويو سڀ ڪانيون ڪٽي واپس ٿيا. رستي ۾ هڪ تلاءَ تي ساهي پٽڻ لاءِ ويٺا سيني ٻارن کي سندن مائرن مانيون ڏنيون هيون جيڪي هر هڪ ڪڍي کائڻ ويٺو. هن يتيم کي ٻه چيائيون ته تون به کاءُ پر هن وٽ ته ماني ڪانه هئي جو کائي. يڪدم عادت موجب وضو ڪري ۽ مراقبي ۾ مشغول ٿي ويو ڇوڪرا هن تي ٺٺوليون پيا ڪن ته ماڻس ماني ڪانه ڏني اٿس تنهن ڪري لڄ کان منهن هيٺ ڪيو اٿس. الله تعاليٰ ملائڪن کي حڪم فرمايو ته هن ٻار کي بهشت منجهان ماني ڪٽي ڏيو. ملائڪن بهشتي طعام ڪٽي ماءُ وانگر سندس بغل ۾ رکيو. ٻيا ٻار هن جو عجيب طعام ڏسي عجب ۾ پئجي ويا، پاڻ رحه فرمايائون ته اي طالبو! جيڪو به سچي نيت رکي پنهنجي رب سان تعلق رکي ٿو. پوءِ ان کي خدا ڪافي آهي ۽ هوائي ڪنهن جو به محتاج نه ٿيندو.

## معرفت 156:

## ڪامل جي ڳالهه مڪمل حق آهي

مولوي صاحب (گهٽو ڪري مولوي عبيد الله جو والد) چوي ٿو ته بندو ۽ فقير محمد هئي ڄڻا اچي جي سفر ۾ مالڪن سڳورن سان گڏ

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

هئاسون. واپسي تي خميس جي ڏينهن تي فرمايائون تہ انشاءَ الله صبحاڻي جمعو پنهنجي گهر(پرچونديءَ شريف) هلي پڙهنداسون. ان ڏينهن هڪ سيد مسيڪن اچي سوال ڪيو تہ يا حضرت! منهنجي شهر ۾ سڀ ماڻهو بيدين آهن نماز نٿا پڙهن. دعوت قبول ڪريو تہ بهتر آهي پاڻ دعوت قبول ڪري اُن ڳوٺ ۾ تشريف فرما ٿيا ڪوبہ ماڻهو زيارت لاءِ نہ آيو اتفاقن اُن ڏينهن ڳوٺ جا سڀ مرد ۽ عورتون حضرت موسيٰ نواب رحمت الله عليه جي عرس تي ويل هئا. جمعي جي ڏينهن سڀ واپس آيا پر زيارت لاءِ ڪوبہ نہ آيو. توڙي جو جماعت ۽ فقيرن کي ڏسي بہ رهيا هئا. جمعي جي نماز جو ڦت ويجهو ٿيو تہ حڪم ڪيائون تہ زمين صفا ڪري ميدان ڪشادو ڪريو ۽ گاهہ بہ وجهو. رب تعاليٰ اسان کي وڏي جماعت سان جمعو نماز ادا ڪرائيندو. فقيرن ائين ڪيو پاڻ اول وقت ۾ غسل ڪري اندر ننڍڙي مسجد ۾ وڃي ويهي رهيا. مون کي دل ۾ خيال آيو تہ هيڏي محنت ڪرائي اٿن. زيارت لاءِ ئي ڪونہ ٿو اچي باقي نماز لاءِ ڪيئن ايندا. مان فقير محمد سان گڏ اُس کان مسجد جي پاڇي ۾ تي وينس پاڻ ڪريمن نفل تحيتہ المسجد پڙهي ٿوري دير کان پوءِ هڪ ڳوٺاڻي کي فرمايائون تہ ادا! جنهن بہ پڳ جو پيچ ورايو آهي اُن کي چئي اچ تہ نماز پڙهڻ اچي اُهو نہ اٿيو هئي کي چيائون پر اهو بہ مسجد جي دروازي تائين وڃي وري اچي ويهي رهيو قدرت الاهي سندن هيءُ سڏ جهٽڪ سڄي ڳوٺ ۾ پکڙجي ويو ۽ هر ڪنهن جي ڪن تي پهتو. يڪدم ايترا تہ ماڻهو آياجو مسجد ۾ اندر ٻاهر پير رکڻ جي جاءِ نہ رهي. اندر مسجد ۾ 9 صفون ۽ ٻاهر ڏهہ صفون هيون ۽ تقريبن پندرهن سو ماڻهو هئا هن ٻانديءَ کي عبرت آئي ۽ يقين ٿيو تہ ڪامل جي ڳالهہ مڪمل حق آهي منجهس ڪوبہ فرق نہ هوندو آهي.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

## معرفت 157:

## ڏاچي مون وٽ فريادي آئي هئي

فقير اڪبر علي محمود جت کان بيان ڪري ٿو تہ: هڪ رات هڪ ڏاچي بيمار، ڏاڍي ڏٻري، جيتن سان پريل، مسجد جي وڏي دروازي تي پنهنجو مٿو اندر ڪري ٿوري دير بيهي وري موٽي وئي. گهڙي ڪن کان پوءِ پاڻ فرمايائون تہ ڏاچي جيڪا هتي آئي هئي اها ڪاڏي وئي، جلدي لهي اچو. ڏاچي کي تلاش ڪري ڪيس واپس آندائون پاڻ فرمايائون تہ هن جي خدمت ڪريو ۽ ڪنهن ڊاڪٽر کي ڏيکاريو. دوا هتي نہ ملي تہ سکر مان ئي وٺي اچو ڏاچي ڏاڍي ڏٻري هئي ڪاڻ جي طاقت بہ ڪانہ هيس ڪيس جوئر جو ڏارو پُسائي کارايو ويو ۽ علاج بہ ڪيو ويو نيٺ هوءَ خوش ٿي ويئي. ان کان پوءِ سندس مالڪ آيو اُن کي تنبيه ڪيائون. هن عرض ڪيو تہ يا حضرت! هيءَ ڏاچي گم ٿي ويئي هئي ڪنهن ڏَس ڪونہ پئي ڏنو. پڇندو هتي پهتس. هو ڏاچي ڪاهي ويو فرمايائون تہ هيءَ ڏاچي مون وٽ فريادي آئي هئي.

## معرفت 158:

## چورکي توبہ جي تلقين

فقير عبدالرحيم چوي ٿو تہ: هڪ ڀيري لنگر جو اٺ چور ڪاهي ويا مالڪن سگهورن حاجي خان مهر ڏانهن چورايو تہ هنن پارن سان لنگر جو اٺ چور ڪاهي ويا آهن؟ اهو لهي موڪليو. حاجي خان بهاول خان ڏانهن نياپو ڪيو. بهاول خان هڪ وڏو آفيسر هو ۽ چور هن کان ڏاڍو ڊڄندا هئا جو ان جي پيغام يا نشاني تي ئي چوري وارو مال چور واپس ڪندا هئا. پيغام ملندي ئي بهاول خان چڙهي چور جي پيرن ۽ نشانن تي ان جي پويون لڳو ۽ وڃين چوٿين منزل تي ان چور کي هٿيڪو ڪري منهن تي ٿپ وهائي

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

مسجد جي منارن لاءِ فرمايائون تہ بيت الله شريف جي منارن وانگر آهن. ٻي روايت تہ جيڪڏهن ڪنهن مدينو منور (مسجد نبوي) نہ ڏٺو هجي تہ هنن منارن کي ڏسي. اشهد آگر سان اشارو مسجد جي منارن ڏانهن ڪيائون. پاڻ ان وقت مسجد جي صحن ۾ ويٺا هئا.

## معرفت 161:

### پاڻ جانورن جي بہ داد رسي ڪندا هئا

هيءُ بندو (جامع ملفوظات) روايت ڪري ٿو تہ هڪ ڀيري مالڪن سڳورن نقل فرمايو تہ هڪ ڏينهن اسان جا قبلہ عالم (حضرت جيلاني رحہ) شهر کان ٻاهر نڪتا. ڏسن تہ گڏه جو ننڍڙو ٻچو پاڻ جي ڊيرتي بيٺو آهي پاڻ سڳورن ڏانهن منهن مٿي ڪري پر درد دانهن ڪيائين. فرمايائون تہ هن جي ماءُ کي چور ڪاهي ويا آهن فقيرن کي حڪم ٿيو تہ هن جي ماءُ جلدي تلاش ڪريو ڏکڻ طرف ڀڄو. چور گڏه ڪاهي ٿو وڃي فقير پڳا. چور کي گڏه سميت وٺي آيا. پاڻ سڳورن چور جي ڪن مهٽ ڪئي. ۽ ڪيس توبہ ڪرائي فرمايائونس تہ ڪمينا! تون ائين پئي سمجهو تہ هن جو ڪوبہ همدرد ڪونهي ۽ توکي ڪوبہ نہ پڪڙيندو. هن نقل کان پوءِ مالڪن سڳورن ارشاد فرمايو تہ منهنجي مرشد حضرت جيلاني رحہ جي داد رسيءَ جو هيءُ عالم هيو تہ پاڻ جانورن جي بہ داد رسي ڪندا هئا. ان وقت ٽالپرن جي حڪومت هئي. مان بہ چاهيان ٿو تہ ائين ڪيان. پر چاڪيان وقت نازڪ آهي. (انگريزن جو دور شروع ٿي ويو هيو).

## معرفت 162:

### مولانا همايوني سان حضرت جن جي هڪ فقير جي ڳالهہ ٻولهہ

مولوي صاحب عبدالله چوي ٿو تہ: هڪ ڏينهن همايون شهر ۾ ويس. ميان عبدالغفوّر جي مامي ملا ڏني پڇيو تہ اي مولوي! "حافظ

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

صاحب" جو مريد ٿيو آهين ڇا؟ چيمر هائو چيائين ته اهو فقط قرآن جو حافظ آهي. عالم ته نه آهي .ميان صاحب جو مريد نه ٿئين جيڪو علم جو بادشاه آهي. مان چيو ته منهنجي پير کي خدا تعالىٰ وڏو علم ڏنو آهي. ميان عبدالغفور ڇا ڄاڻي! چيائين ته ائين نه چئُ. مان چيو ته ڪنهن درويش جو بيت پڙهان ٿو ميان عبدلغفور کان صاحب کان هن جي معنيٰ ڪراءِ ڏيکار.

سر برہنہ نیستم دارم کلاہ چار ترک
ترک دنیا، ترک عقبیٰ، ترک مولیٰ، ترک ترک

. هڪ شخص مٿي اگهاڙو نماز پئي پڙهي ڪنهن چيس ته فقير نماز درست نه ٿيندءِ فقير هن بيت سان جواب ڏنو. ملا ڏنو ويو ۽ ميان صاحب کي وجي چيائين ته هن بيت جي معنيٰ ڪر مان هڪ فقير سان بحث ڪيو آهي ميان عبدالغفور چيو ته ماما! هن جي معنيٰ فقيرن کي معلوم آهي. مون کي سمجھ ۾ نٿي اچي. چيائين ته تنهنجون هيتريون ڪوئيون ڪتابن سان پريل آهن هن بيت جي معنيٰ نٿو ڄاڻين. چيائين نه هيءَ ڳالھ مشهور ٿئي وئي "ڪتنه" وڃڻ جو اتفاق ٿيو شرارتي طالبن ميان عبدالغفور کي چيو ته هيءُ مولوي هر ڪنهن کي چوي ٿو ته ميان صاحب کي هن بيت جي معنيٰ نٿي اچي. ميان صاحب چيو ته مولوي صاحب کي مون وٽ وٺي اچو مان ان وقت اڪيلو وينو هيس مون کي ان وٽ وٺي ويا. ميان صاحب چوڻ لڳو ته هن بيت جي معنيٰ ڇا آهي؟ ترڪ دنيا ترڪ آخرت ڪرڻ. مان چپ رهيس ۽ سوچيو ته جيڪڏهن چوان ته توهان جي گهر ۾ چڱي طرح ترڪ دنيا آهي(مذاق ۾) ته فتنو ٿئي پوندو. ان کان پوءِ مان ان جي فقيرن کي چيو ته مولانا صاحب رڳو لفظي بحث جو سهارو ورتو آهي باقي ترڪ دنيا ته اها ڳالھ پنهنجي جاءِ تي آهي (يعني اها نه آهي) ملا ڏنو شرمندو ٿيو مان پنهنجي شيخ جي صورت ۾ متوجه رهيس.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## معرفت 163:

### هڪ راڳڻي کان بچي ويس

مولوي صاحب چوي ٿو ته هڪ ڏينهن همايون شهر ۾ ملا محمود جي شادي تي آيس. هڪ راڳڻي راڳ پئي ڪري ۽ ماڻهن کان پئسا به پئي وٺي نيٺ مون وٽ به آئي پنج روپيه گهربائين مان پنهنجي مرشد ڪريم کي ياد ڪيو ته هن بلاءِ کان جان ڇڏاءِ .راڳڻي کي ڏسي مون کان دانهن نڪتي ته ڏسو ته سهي هيءَ رن سونن زيورن سان پريل آهي اهو ٻڌي هوءَ يڪدم واپس ٿي ۽ ماڻهن کي چوڻ لڳي ته مولوي مون کي بد دعا ڪئي آهي الائي مان مري نه ويندس سبحان الله! ڪائنس پئسا وٺڻ وسري ويس ۽ ان تي پوءُ چائنجي ويو. پوءِ ڪجهه خيرات به ڪيائين مان به ڇٽس ۽ وري پئسا نه گهربائين.

## معرفت 164:

### قافلي جو سردار اهو آهي جيڪو ٻين جي خدمت ڪري

جامع ملفوظات چوي ٿو ته مالڪن سڳورن نقل فرمايو ته اڳين زماني ۾ هڪ عورت پنهنجي پٽ کي هميشه تعليم ڏيندي هئي ته جڏهن به قافلي سان هلندي ڪٿي منزل ڪرين ته اتي قافلي جو سردار ٿجانءِ چو ته تنهنجو پيءُ به ائين ڪندو هيو. هڪ ڀيري هيءُ نينگر قافلي سان ويو. قافلو منزل انداز ٿيو ماءُ جي نصيحت ياد ڪري ڪٽ تي چڙهي ويهي رهيو ۽ ٻين تي وينو حڪم هلائي، سڄي سفر ۾ هن ائين ڪيو. سفر کان واپس ٿي ماءُ وٽ پهتو. ماءُ پڇيس ته پٽ! قافلي جو سردار ٿيو هئين؟ چيائين ته هائو. ڪهڙي طرح؟ ماءُ پڇيس. هن سمورو حال بيان ڪيس. ماڻس ٽپ هڻي چيس بي ادب! قافلي جو سردار اهو آهي جيڪو سنگتين جي خدمت ڪري جيڪو ڪم هيا ڪن اهو هوّ پاڻ ڪري.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

## معرفت 165:

### بندي جي گناهن جو بار کڻو

حافظ صاحب ڏني افغان بيان ڪيو ته هڪ ڏينهن مالڪن سڳورن پنهنجي قبله عالم (حضرت جيلاني رحه) کان نقل آندو ته حضرت پير سائين روضي ڌڻي رحه پنهنجي جماعت کي فرمايو ته مسجد شريف ۾ وچائڻ لاءِ گاهه وڍي اچون. هر ڪنهن کي سنو ڏاٽو ڏنائون ۽ پاڻ پڳل ڳن وارو ڏاٽو ڪنيائون. هر ڪو پنهنجي ڪم ۾ لڳي ويو منهنجا قبله عالم رحه (حضرت جيلاني رحه) حضرت پير سائين رحه جن جي ويجهو بيٺا هئا. سندن هٿ مبارڪ به نازڪ هئا. پير سائين کين فرمايو ته: مان اوهان لاءِ گاهه وڍيان ٿو اوهان ويهي رهو. هر ڪنهن پنهنجو بار ڪنيو. پر قبله عالم جو ۽ پنهنجو بار حضرت پير سائين جن خود ڪنيو. اڌ رستي تي پهتا ته هڪ فقير کي حڪم ڪيائون ته تون پنهنجو بار به منهنجي مٿان رک ته ڪٺان فقير چيو ته قبلا! اوهان پنهنجو بار مون کي ڏيو ته مان کڻان. ٻيو فقير جيڪو صاحب نسبت هو تنهن چيو ته: يا حضرت! بنده جي گناهن جو بار کڻو جو مان نٿو کڻي سگهان پاڻ فرمايائون ته: ائين ڪرڻ گهرجي پنهنجو بار مرشد تي رکڻ گهرجي (زندگيءَ جي سمورن معاملن جو بار) پاڻ کي وچ ۾ نه آندو وڃي.

## معرفت 166:

### فقيرن جي ملڪيت

فقير عبدالرحيم چوي ٿو ته:هڪ ڀيري لنگر جي ڏوهر (ڪمبل) گم ٿيڻ ڪري لانگري عبدالرحيم وٽي شور هل ڪيو. مالڪن رحه مسجد ۾ هئا. ٿوري دير بعد ٻاهر آيا ته به پير محمد ادب جو لحاظ نه ڪيو ۽ گوڙ ڪندو رهيو جو ڏوهر گم ٿي وئي آهي. پاڻ رحه جي چوڻ تي به هن گوڙ بند نه ڪيو. هن تي مالڪن کي ڪاوڙ آئي. پير محمد جي منّهن تي ڪٺي چنبو


Scanned with CamScanner

هنيائون ۽ فرمايائون تہ خراب ٿئين مون کي ڇو ٿا پريشان ڪريو؟ مان تہ لنگر جي هر شيءِ تان هٿ کڻي ڇڏيو آهي. منهنجي هٿ ۾ ڪجهہ بہ نہ آهي هر شيءِ اوهان جي حوالي آهي. پوءِ بہ منهنجي جان نٿا ڇڏيو پوءِ مون کي اشارو ڏنائون. حجري ۾ هليا دربند ٿيو فرش تي ويٺا مون کي تعليم فرمايائون پوءِ مٿي پلنگ تي ويٺا ملا واحد بخش پنهنجي مرضي سان در تي بيٺو هو ڪنهن کي بہ اندر نٿي ڇڏيائين ان وقت عورتن جو هڪ ٽولو زيارت لاءِ آيو ملا واحد بخش هنن کي اندر وڃڻ کان روڪيو. تڪرار ٿي پيو عورتن ملا کي چيو تہ ڏاڙهي هجيئي تہ توکي شرم اچي ڏاڙهي ڪانہ تي تنهنڪري لڄ بہ ڪانہ اٿئي مالڪن اهي لفظ ٻڌا ۽ کليا. چيائون تہ درکول غريب ملا مصيبت ۾ ڦاٿل آهي. خدا ڄاڻي حضرت جن جي پهرين ڪاوڙ ڪاڏي وئي سبحان الله! ڪيڏا نہ اعليٰ اخلاق جا مالڪ هئا ۽ ڪهڙيءَ ريت ماڻهن جي دلين کي پاڻ ڏانهن متوجہ ڪري وٺندا هئا. مونکي حضرت جن جي منهن مبارڪ مان هرگهڙي مختلف ڪيفيتن جو اظهار معلوم ٿيندو هو. ڪاوڙ جي وقت هڪ انداز ۽ ورد وظيفن جي تعليم جي وقت ٻيو انداز پلنگ تي ويهڻ وقت ٽيون انداز مطلب تہ جهڙيءَ طرح بهار جي موسم ۾ ننڍن ڪڪرن جي ڪيفيت ۽ صورت هرگهڙي جدا جدا هوندي آهي اهڙيءَ طرح حضرت جن جي صورتِ مبارڪ جو حسن ۽ جمال بہ هرگهڙي جدا جدا شان رکندو هو. ۽ حضرت جن جي اها خصوصيت سمورن مريدن ۽ زيارت ڪندڙن ۽ اتي موجود خدمت گذارن کي چڱيءَ طرح معلوم هوندي هئي ۽ اها ڳالهہ ڪنهن کان بہ ڳجهي نہ هوندي هئي.

## معرفت 167:

## الله تعاليٰ ۾ اميد آهي تہ اسان کي حلال ڪارائيندو

ڪريم بخش خان چوي ٿو تہ هڪ ڏينهن مالڪن نقل فرمايو تہ هڪ

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مسافر حضرت تنبو ڏٽي رحہ (حضرت جيلاني رحہ) جي زيارت لاءِ آيو جڏهن لنگر هليو تہ هن کي حصي جا ڪوهر ۽ رب ڏنائون. پر هن نہ ورتو. اهڙيءَ طرح هن کي ٽي ڏينهن گذري ويا. ڪنهن فقير حضرت قبلہ عالم (حضرت جيلاني رحہ) جي حضور ۾ خبر ڪئي تہ فلاڻو مسافر لنگر نٿو کائي خبر نہ آهي تہ ڇا ٿو کائي. ان کي گهرائي پڇيائون تہ تون لنگر مان ماني ڇو نہ ٿو وٺين؟ چيائين تہ يا حضرت! اوهان وٽ جيڪو نذراني جو مال اچي ٿو خبر نہ آهي تہ اهو حرام جو هجي يا مشتبه مال هجي فرمايائون تون ڇا کائيندو آهين؟ چيائين پڳڙا هندوڪان وٺي کائيندو آهيان پاڻ رحہ فقيرن کي حڪم ڪيو تہ وڃي هندوڪان پڇن تہ هي پڳڙا ڪٿان آندا اٿئہ؟ هندو ٻڌايو تہ خيرپور شهر (ڏهرڪي جو پراڻو نالو) جي فلاڻي هندو وٽان. فرمايائون تہ اي فقيروءُ! چڱيءَ طرح سان تحقيقات ڪريو. پوءِ فقيرن خيرپور وڃي ان هندوڪان پڇيو. جنهن چيو تہ فلاڻي پوڳڙيءَ کان فقير پوڳڙي وٽ ويا جنهن چيو تہ مان انهن پڳڙن جا چڻا فلاڻي شڪاري کان آندا هئم. فقير سڌا ان شڪاري وٽ ويا. ان کان پڇيائون تہ تون چڻا ڪٿان آندا هئا. شڪاري ڏڪي ويو. فقيرن دلداري ڏيئي چيس تہ سچ ٻڌاءِ شڪاري ڳالهہ ڪئي تہ هڪ رات جو چڻن جي ديري جي حفاظت پئي ڪيم. هڪ سوئر چڻن جي ڍڳ تي چڙهي کائڻ بيٺو. مان چيو تہ ڀلي چڱيءَ طرح کائي پيٽ ڀري جڏهن هلڻ لڳو تڏهين بندوق جي هڪ ٺڪاءَ سان ڍيري ڪيو مانس پوءِ هن جو پيٽ چيري ان مان ثابت چڻا ڪڍي اهي ڌوئي سڪائي وڪرو ڪيم ڇو تہ مون کي معلوم هو تہ هيءُ نامراد ڇپاڙڻ بنا ان کي اڳرندو آهي. فقير آيا ۽ اچي حضرت قبلہ عالم رحہ کي خبر ڪيائون. پاڻ فرمايائون تہ اي شخص! خدا جي رزق کي ڇڏي نفس جي خواهش مطابق کائين ٿو. ان جو نتيجو ڏٺوءُ؟ اسان کي الله تعاليٰ ۾ اميد آهي تہ حلال کارائيندو ڇو تہ ان ڏي توجہ رکون

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ٿا. هن گفتگو ۾ هئا ته هڪ ماڻهو هڪ دنبو ۽ ڪٽڪ جي ڳوڻ آندي هن کان پڇيائون ته ڪيئن آندا اٿيئي! چيائين ته: يا حضرت! مان نذر مجي هئي ته جڏهن منهنجو ڪم ٿيندو ته پنهنجي مال مان فلاڻو دنبو ۽ پنهنجي ان مان ڳوڻ ڪٽڪ جي لنگر ۾ پهچائيندس پر منهنجي ذهن تان اها ڳالهه لهي وئي هئي پر پوءِ جيئن هيءَ ڳالهه يادآئي ته سامان کڻي حاضر ٿيو آهيان. پاڻ رحه فرمايائون ته اي شخص! هي مال حلال آهي يا حرام؟ هن ماڻهو يڪدم توبه ڪئي.

## معرفت 168:

### الله جو گهٽو ئي رزق آهي

مخدوم ميان دين محمد جو بيان آهي ته جنهن وقت به پاڻ سڳورن جي حضور ۾ ويندو هوس ته پاڻ رحه بي حد تعظيم ۽ تڪريم ڪندا هئا خاص طعام ڏيندا هئا. هڪ ڏينهن طعام منهنجي طبيعت موافق نه هو پنهنجي پئسن سان هڪ ڪڪڙ وٺي لڪي ڪُهين جلدي رنڌي کائڻ لاءِ تيار ٿيس ته مالڪ سڳورا به مٿان پهچي ويا عرض ڪيم ته يا حضرت کائو. فرمايائون ته مخدوم صاحب هيءَ تڪليف چو ڪئي اٿو جيڪڏهن موافق طعام نه هو ته چئو ها. الله جو گهٽو ئي رزق آهي ۽ ڪڪڙ به گهڻا آهن پاڻ رحه مون سان گڏ وينا ۽ منهنجي دل وٺڻ لاءِ ڪجهه کائڻ فرمايائون اتي ئي هڪ ماڻهو ڪارو ڪڪڙن جو پيري کڻي آيو! فرمايائون ته مخدوم صاحب! اوهان جي لاءِ آيا آهن سڀ ڪڪڙ منهنجي حوالي ڪيا. ٻئي ڏينهن طبيعت جي تقاضا تي ۽ پنهنجي ماڻهو کي موڪلي به ٽي گدرا خيرپور (ڏهرڪي) مان گهرايم. گدرا ٽڪرا ٽڪرا ڪري نيت ڪيم ته ورهائي کائوا اجا انهيءَ خيال ۾ هيس ته مٿان اوچتو مالڪ سڳورا اچي ويا فرمايائون ته مخدوم صاحب! گدرا آندا اٿو؟ اسان کي چئو ها ته گهرائي ڏيون ها. چو تڪليف

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ڪيو خدا وٽ گدرا جام آهن. جيڪو پاڻ ئي ڏئي ٿو. مان عرض ڪيو ته قبلا! معاف ڪريو منهنجي غلطي آهي. پوءِ گدري جو قارون سندن اڳيان رکيم ته جماعت ۾ تقسيم ڪن سيئي قارون تقسيم ڪيائون. قدرت الاهي ان ڏينهن هڪ شخص ٻورو گدرن جو ڀري ڏاند تي ڪٽي آيو فرمايائون ته مخدوم صاحب اوهان جي لاءِ گدرا آيا آهن. جيڪڏهن چئو ته روزا نه پيو آڻي مان ڪجهه نه ڪڇيو.

سبحان الله مان جيستائين اتي هيس ته اهو ماڻهو گدرا آڻيندو هو.
جنهن وقت تياري ڪري موڪل وٺڻ چاهي ته پاڻ سڳورا ڪنهن دعوت تي جماعت سان گڏ هلي پيا پوءِ ته ڪافي دعوتون هيون دعوتون ڪائيندي ڪائيندي وچي درياءَ جي ڪناري تي پهتاسون مان عرض ڪيو ته هاڻي موڪل ڏيو موڪلائڻ مهل نذر نذرات جيڪي به لانگري وٽ هئا اهي وٺي منهنجي حوالي ڪيائون. زيور ڳاڙها اڇا وڳا وغيره سيئي مون کي ڏناڻون عرض ڪيم ته يا حضرت! ماڻهن اوهان کي خيرات ڏني آهي اوهان پاڻ ڪٺي وجو فرمايائون مخدوم صاحب! اوهان جي ڪري مليا آهن. اهڙو "محسن دلربا" جيڪڏهن اڄوڪا پير هجن ها ته ٻنهي هٿن سان ميڙين ها. ٻئي کي ڪٿي ڏين ها.

## معرفت 169:

## قبلي بابت سندن تحقيق

منهنجي والد مولوي محمد شريف جو بيان آهي ته مالڪن رحمته الله عليه اسانجي مسجد ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ ٿوري دير تائين قبلہ ڏانهن منهن ڪري ويٺا رهيا پوءِ فرمائڻ لڳا ته توهان جي مسجد جو منهن قبلي جي طرف صحيح نه آهي. نماز جي وقت پاڻ مصلو ٿورو ڦيري ڪري نماز پڙهيائون. پوءِ فرمايائون ته جيڪو ماڻهو نئين مسجد ٺاهڻ چاهي ته ان کي


Scanned with CamScanner

گھرجي تہ پھريون رات جو پھرين حصي ۾ چئني ڪنڊن تي چار ڪاٺيءَ جا قلعا هڻي انهن تي رسو ٻڌي. هي قطب ستاري کي سامهون رکي ڪيو ويجي پوءِ اسر جي وقت اٿي ڪري غور سان ڏسي ۽ اندازو ڪري تہ قطب ستارو رات جي پهرين حصي کان پنهنجي جاءِ تان ڪيترو هٽي ويو آهي. ٽي راتيون لڳاتار اهو عمل ڪري پوءِ جيترو فرق نڪري ان کي اڌ ڪري ۽ ان جي مطابق مسجد جي بنيادن جي کوٽائي شروع ڪري. ان وقت ميان حافظ فيض الله عرض ڪيو تہ قبلہ مان ان بابت گھڻي ڪوشش ڪئي آهي ۽ تجربو ڪيو آهي. قطب اول رات کان آخري رات تائين هڪ گراٺ هٽندو آهي. پوءِ اڌ گراٺ گھٽي ڪري مسجد جي تعمير ڪرڻ گھرجي.

## معرفت 170:

### نحوي ۽ محوي جو قصو

مولوي منٺار نقل ڪري ٿو تہ مان مالڪن سگھورن جو دست بيعت تي گھر واپس ٿيس. هڪ ڏينهن ميان عبدالغفور همايوني رحہ سان ملاقات ٿي. چيائين تہ اي مولوي! فلاڻي بزرگ (حضرت مالڪن رح) جو دست بيعت ٿيو آهين؟ چيم تہ هائو. چيائين تہ توکي ڪهڙا ورد وظيفا ٻڌاياائيئن؟ چيم ذڪر لااله الاالله چيائون تہ هن طرح جيڪو ذڪر اوهان ڪريو ٿا اهو سراسر غلط بلڪ ڪفر آهي مان کو بہ جواب نہ ڏنو. چيائين تہ جڏهن بہ پنهنجي مرشد وٽ وڃين تہ سوال ڪجانءِ تہ اهڙيءَ طرح ذڪر جائز آهي يا نہ؟ جيڪو جواب بزرگ ڏين تہ مون کي اچي ٻڌائجانءِ. ڪجھ ڏينهن کان پوءِ حضور ۾ حاضر ٿيس ميان عبدالغفور جي گفتگو مون کان وسري ويئي. ملاقات وقت فرمايائون تہ مولوي صاحب! اوهان سان جيڪي مولوي ميان عبدالغفور ڳالھہ ٻولھہ ڪئي هئي، اها ٻڌاءِ. سندن ياد ڪرائڻ تي مون کي ياد آئي ۽ سڀ ڪجھ بيان ڪيم. پوءِ نقل فرمايائون تہ اي مولوي! هڪ

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هو نحوي (علم نحو جو عالم) ۽ ٻيو هو محوي (الله جي ذات ۾ محو يعني عارف) اتفاقن ٻئي ڄڻا ساموندي جهاز تي سوار ٿيا. جهاز هلڻ لڳو واٽ، ۾ ڳالهين ڪندي نحوي، محوي کان پڇيو ته ڪجهه عربي علم پڙهيو اٿئي؟ چيائين ڪجهه به نه. نحوي چيس ته افسوس تون ضروري علم کان رهجي ويو آهين. محوي ماٺ ٿي ويو. اتفاقن ان ڏينهن ڏاڍو طوفان آيو محوي نحوي کي چيو ته علم شناوري (ترڻ جو علم) ايندو اٿيئي؟ چيائين ڪجهه به نه. محوي چيس ته افسوس توتي هلاڪت هجي جو تون علم شناوري نه سکيو آهين. محوي (بزرگ) پنهنجي چادر وڇائي ان تي سوار ٿي هليو ويو. طوفان شروع ٿي ويو. جهاز چولين ۽ موجن ۾ هيٺ مٿي ٿي ويو. پوءِ فرمايائون اي مولوي! نحوين جو علم ٻيو آهي ۽ محوين جو علم ٻيو آهي. پوءِ گهر آيس. هڪ ڏينهن ميان عبدالغفور سان ملاقات ٿئي. چيائين ته مولوي بزرگن کان منهنجي ڳالهه پڇي هيئو؟ چيم هائو پوءِ بزرگن وارو پورو نقل بيان ڪيم. ميان عبدالغفوريڪدم چيو ته بزرگن صحيح فرمايو آهي.

## معرفت 171:

## حضرت مالڪان جو علمي مقام

مولوي عطاء الله پاٽيجو مولوي عبدالرحمان سڪر وارو چوي ٿو ته صاحبان سجاده نشين (حضرت هادي سائين رحہ) فرمايو ته مالڪن قدس الله سره پنهنجي وصال وقت فرمايو ته جنهن وقت حضور مقبول ﷺ جن معراج جي رات مٿين عالم ۽ عرش عظيم تي سير فرمايو. آواز آيو ته ”قِفْ يَا مُحَمَّدِ فَاِنَّ اللهَ يُصَلِّيْ“ (محمد صہ بيهو الله تعاليٰ نماز پڙهي رهيو آهي) هيءُ بيان فرمائي پاڻ رحہ پڇيائون ته هي سڌ ڪنڌڙ ڪير هو؟ ڪافي علماءُ موجود هئا مگر مڙيئي ماٺ ۾ رهيا پر هڪڙي مولوي جواب ڏنو ته حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جو روح مبارڪ هو. فرمايائون ته جواب

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

عقلي ڏنئو نقلي نہ آهي. عقل کي هتي گنجائش نہ آهي.

## معرفت 172:

### حضور ﷺ هڪ گهري درياءَ وانگر آهن

مولوي عطاء الله حضرت سجاده نشين(حضرت حافظ عبدالله المعروف هادي سائين) جي حوالي سان نقل ڪري ٿو تہ مالڪن جي حضور ۾ ڪنهن مولوي عرض ڪيو تہ يا حضرت! جنهن خدا کي سڃاتو پوءِ اهو عارف آهي ؟فرمايائون "من عرف الله فليس الله" مولوي عطاء الله چيو تہ ڪنهن بزرگ پنهنجي رسالي ۾ لکيو آهي تہ ذات پاڪ حضور مقبول انتهائي گهري درياءَ وانگر آهي ۽ " لا اله الا الله محمد رسول الله" ان درياءَ مان هڪ قطرو آهي يعني جملہ موجودات ان عظيم درياءَ جي هڪ معمولي قطري وانگر آهي.

## معرفت 173:

### مرشد جي صورت جو ڪرشمو

حافظ عبدالرحمان. دودي فقير کان نقل ڪري ٿو تہ حضرت پورل سائين (حضرت ميان محمد حسين رحہ شيخ ثاني سوئي شريف) نقل فرمايو تہ هڪ ڏينهن درگاه شريف (پير ڳوٺ) جي شهر مان ٻاهر نڪتس تہ هڪ هندو عورت صاحب حسن و جمال کي ڏٺم. متس عاشق ٿي پيس حضرت پير سائين روضي ڌڻي رحہ کي خبر ڪيم فرمايائون تہ عشا جي نماز کانپوءِ مراقبي ۾ ان جي صورت کي پنهنجي اڳيان رک. جنهن وقت مرين تہ پوءِ مون کي ياد ڪر. مان ائين ڪيو گهر ٿي ويس ڏسان تہ هڪ وسيع بيابان آهي مان ان ۾ آهيان ۽ هڪ وڏي گپ ۾ وڃان پيو. نيٺ آهستي آهستي وات تائين وڃي گپ پهتي. مان سمجهيو تہ هاڻي غرق ٿيندس حضرت روضي ڌڻي رحہ کي ياد ڪيم آهستي آهستي هن مصيبت مان آزاد ٿيم. نصيحت

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

حاصل ڪيم ۽ توبه ڪيم تہ وري هن عورت جي پنيان نہ لڳندس.

## معرفت 174:

### ٻن لفظن جي معنيٰ نہ سمجهي اٿم

حضرت پورل سائين هيئو نقل فرمايو تہ ٻن لفظن جي معنيٰ نہ سمجهي اٿم. هڪ اهو تہ صاحبان درگاه شريف مون کي فرمايو تہ ٻہ شير هڪ جاءِ تي نٿا رهي سگهن. پوءِ واپس آيس ۽ حضرت تنبو ڏٽي رحه (حضرت جيلاني رحه) کان موڪل ورتم فرمايائون تہ پير تو ٿئين؟ عرض ڪيم هائو. پوءِ پڳ لٿ ۽ لونگي ڏيئي رخصت ڪيائون پاڻ ڪلام پاڪ جي تلاوت ۾ هئا. مان ادب سان مسجد جي دروازي تائين پهتس پوئتي ڏٺم تہ خود حضرت شاه صاحب تلاوت ڇڏي مون ڏي نهاري رهيا آهن. يڪدم سڏ ڪيائون پير سائين هيڏي اچ ٻيو لفظ جيڪو ڪڏهن ڪڏهن مون کي لفظ "حُر" سان سڏيندا هئا اهو مان نہ سمجهيو.

## معرفت 175:

### هت هتي اوهان ئي آهيو

نور محمد مست چوي ٿو تہ هڪ ڏينهن مالڪن سڳورن ارشاد فرمايو تہ: جبرئيل عليه السلام پيغام خدا وندي (وحي) پهچائڻ ۾ نهايت چست ۽ چالاڪ هو ڪڏهن بہ سستي نہ ڪيائين ڪجهہ ڏينهن جي وقفي بعد هڪ ڏينهن پيغام ڪٺي آيو پر پاڻ ڪريم ﷺ ان وقت وحي ڏانهن خيال بہ نہ آندائون. حضرت جبرئيل عليه السلام خيال ڪيو تہ مان الله تعاليٰ جي طرف کان پيغام آندو آهي پر پاڻ ڪريمن مون ڏانهن توجہ نہ فرمايو.

حضور ﷺ جن فرمايو اي جبرئيل ڀاءُ! تون جيڪو پيغام آڻين ٿو اهو ڪهڙي طرح ڪٺي ٿو اچين؟ چيائين يا حضرت! اتي هڪ نوراني گنبذ آهي. ان جي ويجهو وڃي بيهي ڪن ٿو ڏيان تہ اندران آواز ايندو آهي تہ اي

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

جبرئيل وچ منهنجي دوست کي جلدي وڃي هيءُ پيغام پهچائي اچ. مان پيغام ٻڌي ڪري جلدي حاضر ٿيندو آهيان ۽ اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪندو آهيان حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو ته هاڻي جنهن وقت نوراني گنبذ وٽ پهچين ته دروازي جي ويجهو ٿي ڪري اندر ڏسجاءِ ۽ مونکي ٻڌائجاءِ. پوءِ وري جڏهن جبرئيل عليه السلام وحي وٺي لاءِ ان گنبذ وٽ پهتو. حضور جن جي حڪم موجب دورازي مان ڏٺي نظر ڪيائين ڏسي ته سبحان الله اهو ئي سرور ڪائنات فخر موجودات عليه الصلواة والسلام پاڻ تخت نوراني ته جلوه افروز آهن. جمال محمدي جي دهشت سان بيهوش ٿي ويو. سجاڳ ٿيو تمام تڪڙو نزول فرمائي آيو. اچي ڏسي ته پاڻ ڪريم ﷺ پنهنجي جاءِ تي ساڳئي نموني ويٺا آهن. عرض ڪيائين يا حضرت! هتي هتي اوهان ئي آهيو بيو ڪونه آهي بي ادبي معاف ڪريو. اڳ مونکي خبر نه هئي.

**معرفت** 176:

## بگ ۽ نانگ جو علاج

محمود فقير جت چوي ٿو ته هڪ ڏينهن مالڪن جي حضور ۾ عرض ڪيم ته هن بندي جي هٿ تي بگ جو نشان ٿي پيو آهي دعا ڪريو. پاڻ سڳورن پنهنجو هٿ مبارڪ اُن تي مليو پوءِ اُتي ئي بيهي رهيو وڏيڪ بگ نه ٿيو پوءِ فرمايائون ته: جيڪڏهن اُٺ جي ليڏڻ جو نڪتل تيل بگ جي مٿان هڻبو ته نشان بہ مٽجي ويندا ۽ وڌيڪ فرمايائون ته جيڪڏهن اُٺ جي ليڏڻ کي ساڙي نسوار وانگر رکي ڇڏجي ۽ جيڪڏهن ڪنهن کي وڇون ،نانگ يا ڪوئي زهريلو جانور ڏنگي ته اها نسوار ان کي ڏني وڃي ته ان جي مٿان زهر اثر نه ڪندي .


Scanned with CamScanner

## معرفت 177:

## دهل ۽ سازن خلاف ڪاملن جي حڪمت عملي

مولوي صاحب چوي ٿو ته هڪ ڏينهن مالڪن جي حضور ۾ چاندومل هندو اچي عرض ڪيو ته يا حضرت! جنهن هندو مون سان سڳابندي ڪئي آهي اهو اڄ شادي ڪرڻ ٿو اچي. مان هن کي چوايو آهي ته: دهل دماما، شرنايون نه آڻجو. جو پاڙي ۾ فقير رهن ٿا. متان ڪاوڙ ڪن پر هنن ضد ڪيو آهي. ته اسان اهي شادي جا (ڳائڻ وڄائڻ جا) ساز ۽ سامان ضرور آڻينداسون. فقير ناراض ٿين ته پلي ٿين پاڻ رحہ فرمايائون ته چاندومل توکي شاباس آهي جو تون اسان کي اطلاع ڪيو آهي. ان وقت حڪم ڪيائون ته فقيرو! هڪ ڏاند ڪاهي صفا پڌر تي وڃي جهليو. ٻه تي ڪاتيون ٻه هٿن ۾ رکو. جيڪڏهن هندو پڇن ته هي ڇا ٿا ڪريو. چئجو ته اوهان جي شادي آهي ته اسان جي به شادي آهي! هندو پنهنجي رسم لاءِ پهتا ته فقيرن جي هيءَ حالت ڏٺائون سندن خوشي ختم ٿي ويئي. پڇي وڃي پوليس ۾ فريادي ٿيا ته فقير اسان سان دشمني ٿا ڪن. ڪجهه پوليس وارا هندن سان گڏجي آيا. اهي ته سيئي مالڪن سڳورن جا معتقد هئا. هندن کي چيائون ته اسان اوهان جي حفاظت تي بيٺا آهيون. هاڻي هڪ به فقير اوهان ڏي نه ايندو. هوڏانهن فقير پنهنجي جاءِ تي تيار بيٺا هئا هندن کي پڪ ٿي ته پوليس وارا فقيرن کي ڪجهه به نه ڪندا نيٺ سيئي هندو گڇين ۾ ڳارو وجهي اچي حضور ۾ پيش ٿيا. عرض ڪيائون ته قبلا! فقيرن کي روڪيو اسان کي خراب نه ڪن اسان سيئي دهل شرنايون بند ٿا ڪريون خالي پنهنجون رسمون ڪيون ٿا.مالڪن حڪم ڪيو ته اي فقيروءَ! توهان اڄ شادي نه ڪريو پلي اڄ هندو شادي ڪري وڃن .سبحان الله! ڪامل پنهنجي حڪمت عملي جو اهڙو مظاهرو ڪيو جتي ٻين جو عقل جَواب ڏي ٿو.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

## معرفت 178:

### جيڪڏهن دعوت قبول ڪندس ته گهٽن جي روزي بند ٿيندي

فقير عبدالرحيم چوي ٿو ته جنهن وقت خان صاحب (گهٽو ڪري نواب صادق محمد خان صاحب عباسي بهاولپور جو حڪمران) جا اڪثر اهلڪار جج وغيره مالڪن سڳورن ڏانهن اچڻ لڳا ۽ بيعت ۾ داخل ٿيا. غريب ماڻهن کي آسرو ٿيو ته اسانجا ڪم هاڻي هنن کان جلدي ٿيندا. ڪيئي ماڻهو حضور ۾ حاضر ٿيندا رهيا. هڪ ڏينهن خان آف بهالپور جا ماڻهو آيا ۽ اچي عرض ڪيائون ته يا حضرت! خان صاحب جي دعوت قبول ڪريو گهڻي منت ڪيائون پاڻ فرمايائون ته: جيڪڏهن دعوت قبول ڪندس ته گهٽن جي روزي بند ٿيندي. ائين فقيرن به عرض ڪيو ته صادق خان جي دعوت ضرور قبول ڪريو، ان وقت فرمايائون ته:

هنج نه هيٺي ذات جو چلڙ ۾ چهنب هٽي

**مونکي هن ماڻهو جو منهن نه ڏيکار**

هڪ ڏينهن خبر پهتي ته خان آف بهالپور مالڪن سڳورن جي زيارت لاءِ اچي ٿو ۽ خانپور ۾ پهتو آهي .پاڻ سڳورا عصر نماز کان پوءِ مسجد ۾ ويٺا هئا. هي بندو به حضور ۾ حاضر هو. هيءَ خبر ٻڌندي يڪدم پنهنجا هٿ مبارڪ دعا لاءِ کڻي چوڻ لڳا اي بار خدايا! هن شخص جو مونکي منهن نه ڏيکار اهي لفظ ٻڌاسون. پوءِ ٻن ٽن ڏينهن ۾ خبر آئي ته خان ڪنهن سبب جي ڪري اتان ئي واپس هليو ويو.

## معرفت 179:

### حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه ۽ هڪ بدوي

مخدوم دين محمد کان روايت آهي ته هڪ ڏينهن پاڻؒ فرمايائون ته هڪ بدوي اچيّ حضرت علي رضہ جي پير ۾ نماز شروع ڪئي. حضرت

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

علي رضہ ڏٺو تہ بدوي تمام تڪڙي نماز پڙهي ٿو. نماز مان فارغ ٿيو تہ حضرت علي رضہ فرمايس تنهنجي نماز ۾ ايڏي تڪڙ ۽ وضو ۾ بہ تڪڙ ثابت ڪري ٿي تہ "لايجوز صلوٰتڪ" تنهنجي نماز نہ ٿي. بدوي چيو تہ مون کي نماز ۽ وضو سيکاريو. حضرت علي رضہ کيس سڀ ڪجهہ سکياريو ۽ ان سان گڏ ٻہ رڪعتون نفل بہ پڙهايوس پوءِ حضرت علي رضہ چيس تہ هاڻي اٿي پنهنجي نماز اهڙي طرح پڙهہ جيئن مان توکي سيکاري آهي، بدوي ائين ئاهي نماز پڙهي نماز مان فارغ ٿي عرض ڪيائين تہ يا حضرت! مون جيڪا هاڻي نماز پڙهي اها تہ نہ ٿي منهنجي پهرين نماز درست آهي. حضرت علي رضہ چيس تہ ڪهڙو سبب آهي؟ چيائين مان نماز ۾ هيس تہ خيال ۽ خوف توهان جو رهيو تہ الائي حضرت علي رضہ چا چوندو ۽ اڳ، ۾ مون کي ڪوبہ خيال ڪونہ هو .تنهن تي حضرت علي فرمايس تہ مان وقت اجايو وڃايو، تون پلي اڳين عادت تي عمل ڪر.

## معرفت 180:

## ڪنهن کي ايذاءُ نہ ڏجي

ڪريم بخش خان بيان ڪيو تہ هڪ ڏينهن پاڻ سڳورا ايي جي مسافري ۾ هڪ جهنگل مان پئي ويا. ڏٺائون تہ جماعت گهٽو پنتي ٿي ويئي آهي. پوڙهن ۽ پيادن جي پهچڻ لاءِ لتا. ڪنڌي جي وڻ هينان چانو ۾ ويهي رهيا جماعت بہ حلقو ڪري ويهي رهي. مون لاءِ جاءِ نہ هئي تنهن ڪري ٻري اُس ۾ ٿي ويٺس ڏينهن بہ گرم هو. مون ڏي نهاري هڪ فقير کي چيائيون تہ خان کي هيڏي سڏ ڪر فقير جي چوڻ سان نہ ويس وري هٿ مبارڪ سان اشارو ڪيائون مان عرض ڪيو تہ سائين مان هتي سنو ويٺو آهيان فرماياڻون تہ منهنجي ويجهو اچي ويهہ مان اٿي سندن ويجهو ويٺس. ڪنهن فقير چيو تہ هيتري سڏڻ تي بہ نہ پئي آئين؟ مان جوابّ نہ ڏنو چپ رهيم. پاڻ

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

فرمايائون تہ ماڻهن کي ايذاءُ پهچائي ها؟ ائين ڪرڻ گهرجي (يعني ماڻهن جي متن جي متان گذري ڪري نہ اچجي.

## معرفت 181:

## اوهان جو پنهنجو طريقو آهي اسان جو پنهنجو

فقير عبدالرحيم چوي ٿو تہ هڪ وڏو عالم (احتياطي ظهر جمعي ڪان پوءِ) ظهر بابت بحث ۽ مناظري ڪرڻ لاءِ مالڪن سڳورن وٽ آيو. گهڻي گفتگو ڪيائين وڏا دليل دلائل پيش ڪيائين پاڻ ويني ٻڌائون. مولوي صاحب گهڻو ڳالهائي ڳالهائي نيٺ ٿڪي پيو. پاڻ فرمايائون تہ اي مولوي! "لڪم دينڪم ولي دين" اوهان جو پنهنجو طريقو آهي اسان جو پنهنجو. مولوي صاحب موڪلائي هليو ويو.

## معرفت 182:

## مولوي محمد عثمان جو علمي بحث

فقير عبدالرحيم چوي ٿو تہ هڪ ڏينهن مولوي محمد عثمان راڄنپوري جمعي جي نماز (ڳوٺڻ ۾) جائز هجڻ بابت پڇڻ آيو. چوڻ لڳو تہ يا حضرت! هتي جمعي جي نماز جي جائز هجڻ جا شرائط نٿا ملن. شرط پورا نہ آهن تہ پوءِ مشروط ٿي نٿو سگهي پوءِ تہ اوهان وٽ بہ جمعي جي نماز جائز نہ آهي. مالڪن سڳورن فرمايو مولوي صاحب! جمعو منهنجو ۽ توهان جو نٿو ٿئي. چو تہ اوهان جو ڳوٺ بہ فقهي شهر جي تعريف ۾ نٿو اچي هاڻي پاڻ اتفاق ڪريون تہ اوهان جمعي جي نماز اوٻاوڙي شهر ۾ پڙهندا ڪريو چو تہ اوهان کي ويجهو وڏو شهر اهو ئي آهي ۽ اسان خيرپور (ڏهرڪي) وڃي پڙهنداسين. مولوي صاحب اوهان سنو مشورو ڏنو آهي مونکي منظور آهي. مالڪن سڳورن جڏهن مولوي صاحب کي ائين چيو مولوي صاحب چپ ٿي ويو. چو تہ اوٻاوڙي وڃڻ ڏکيو پئي لڳس. پاڻ وري فرمايائون تہ مولوي

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

صاحب! اوهان کي هيءَ سٺي صلاح آهي ته اهو شهر "مصر" آهي جاڪاڻ ته اتي هندو گهڻا آهن (واپار جو وڏو مرڪز آهي) ۽ اتي وڃي نماز ادا ڪريو.

## معرفت 183:

## مخدوم دين محمد جو بحث ۽ سندس شڪست

مخدوم ميان دين محمد جو بيان آهي ته پهريون ڀيرو مان حضرت جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيس نوجواني ۽ علم جو غرور هيو. هڪ ڀيري مالڪن سڳورن جي حضور ۾ جمعي جي جائز هجڻ بابت بحث شروع ٿيو. مان چيو ته جمعي نماز ۽ آخرظهر ٻئي پڙهيا وڃن اذا فات الشرط فات المشروط (جڏهن شرط ختم ٿئي وڃي ته مشروط خودبخود ختم ٿئي ويندو) قاعدو ڪليه آهي. فاضل ۽ فقه جا ڪتاب هن ڳالهه تي متفق آهن. گهڻي بحث مباحثي کان پوءِ فرمايائون ته مخدوم صاحب پنهنجي هن ڳالهه کان موٽندين يا نه؟ چيم ته نه مخدوم محمد هاشم ٺٽوي مخدوم عبدالواحد سيوستاني ۽ مخدوم عبدالخالق جو تحريرون مون وٽ موجود هيون مڙيئي ڪڍي مالڪن عليه الرحمت جن جي اڳيان ڪٽي رکيم چيم ته يا حضرت! ڏسو سڀئي عالم هن ڳالهه تي متفق آهن. وري چيائون ته مخدوم صاحب تون انهيءَ ڳالهه کان مڙندين يا نه؟ مان چيو نه. منهنجا وڏا به هن ڳالهه تي مڙيئي متفق رهندا آيا آهن ۽ ٻيئي نمازون پڙهندا آيا آهن. چوڏهن ڀيڙهيون گذريون آهن. مان پندرهين پيڙهي ۾ آهيان پوءِ پنهنجي وڏن جو طريقو ڪيئن ڇڏيان؟ پاڻ رح ٽيهر فرمايائون ته مخدوم صاحب نه "مڙندين" مان چيو ته قبلا! هرگز نه مڙندس. پاڻ رح ان وقت شفيع محمد کي فرمايائون ته ڪتابن جي قبي ۾ فلاڻي ڳوٿري اٿيئي اها کڻي اچ شفيع محمد ڳوٿري کڻي آيو ان مان ني ڪتاب ڪڍيائون. ٽيئي مڪه معظمه جا عربي خط ۾ هئا۽ مٽياري شريف جي خاندان مان ڪنهن هديه طور آڻي ڏنا هئا. تنهي

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آهي ان کي ضرور ڏسجو. اچو پنهنجو باغ هلي ڏسون ۽ ان باغ جون نشانيون اوهان کي ٻڌايان. ٻين کي اچڻ کان منع ڪيائون ڪجهي جي وڻ هيٺان پيل پتر ۽ گاهه تي اڪيلا ٿي ويٺا مان به ادب سان گوڏاڀر ويهي رهيس. پاڻ رحه فرمايو مخدوم صاحب! خدا کان خدا گهرجي، ٻي ڪا به شيءِ نه گهرجي منهنجا حواس بند ٿي ويا. پاڻ اٿي ٻاهر آيا حڪم ڪيائون ته اٺ تيار ڪريو اٺ تيار ٿيا. مون کي اٺ جي پهرين خاني ۾ ويهاريائون مان عرض ڪيو ته اوهان ويهو. چيائون ته اوهان عالمن جا سردار آهيو. مطلب ته پاڻ رحه پويون ويٺا "رانوتي" ڏانهن رخ ٿيو سموري جماعت هلڻ لڳي گهڻو پنڌ ڪيو سين اتي فرمايائون ته مخدوم صاحب جيڪڏهن مرضي هجيو ته اوهان کي ڪنهن کان به هزار روپيه قرض حسنه طور وٺي ڏيان يا وري واٽ ۾ آهستي آهستي اوهان کي مدد ڏيان عرض ڪيم ته يا حضرت! جيڪڏهين هڪ جاءِ تي ڏيندوءَ ته دل تي بار ٿيندو. گر ٿيڻ ۽ چورن جو به خوف رهندو تنهن ڪري آهستي آهستي ملندا رهن ته ٺيڪ آهي. فرمايائون ته مخدوم صاحب "يٰسٓ وَالْقُرْآنِ الْحَكِيمِ، إِنَّكَ لَمِنَ الْمُرْسَلِينَ" فقط اهي لفظ يارهن ڀيرا پڙهندو رهه اتان رخصت ڏنائون مان رات جو اچي سيد ميان شهباز علي شاه وٽ رهيس. شاه صاحب ڏاڍو ڪشاده دل هو رات جو حڪم مطابق وظيفو پڙهي سمهي رهيس، صبح جو اٿي هلڻ لڳس ته شاه صاحب نقد به سوءَ روپيه ڳٽي اچي ڏنا. چيم ته شاه صاحب اوهان ته هميشه فقط ڏهه روپيه ڏيندا آهيو هن ڀيري به سؤ روپيه ڏنا اٿو ان جو سبب ڪهڙو آهي؟ ٿورو گس گساءُ ڪري چيائين اڄ رات هڪڙي سفيد ريش قد آور شان شوڪت واري انسان حڪم ڪيو ته مخدوم صاحب کي به سؤ روپيه ڏيو مجبورا ڏنا اٿم، پوءِ مير واحد بخش دڙي واري وٽ وڃي مهمان ٿيس. حڪم ٿيل الفاظ پڙهي سُمهي رهيس صبح جو موڪلايم. مير صاحب به ٽي سؤ رپيا ڏنا. اڳي هيءُ به فقط

ويهہ رپيا ڏيند وهو پڇيم چيائين تہ را ت خواب ۾ پير موسيٰ شاه گهوٽڪي وارا ۽ حضرت حافظ صاحب پرچونديٰ شريف وارا گڏ ويٺل ڏٺم حضرت حافظ صاحب پير موسيٰ شاه کي چئي پيو مير واحد بخش اوهان جو مريد آهي ان تي مان تي سوءُ روپيہ رکيا آهن. اهي وٺي مخدوم صاحب کي ڏيو پير صاحب حڪم ڪيو مان اهي پئسا اوهان کي ڏنا. ائين جيڪو ڏهہ روپيہ ڏيندو هو اتان ہ سوءُ جتان ويهہ اتان تي سوءُ چار سو ملندا ويا ۽ ائين مالڪن رح جا فرمايل ہ هزار روپيا پوراٿيا. اتان هڪ ماڻهو ذريعي حضرت مالڪن کي چورائي موڪليم تہ يا حضرت! ہ هزار روپيہ پورا ٿيا آهن اڳتي پڙهان يا نہ؟ لکي موڪليائون تہ: بس ڪريو چو تہ اوهان کي ايتري جي اجازت هئي. پوءِ حج جي تياري ڪري روانو ٿي ڪراچي پهتس جده جي ٽڪيٽ ورتم ۽ بمبئي نہ ويس جو مالڪن سڳورن منع ڪيو هو هت مڪي معظمہ جون سموريون زيارتون ڪري مديني منوره پهتس. اتي جا سڀ ارڪان پورا ڪري وري مڪي شريف پهتس سامان سفر صفا ختم ٿي ويو. پريشاني ٿي دل ۾ خيال آيو تہ بيت الله شريف ۾ ميزاب رحمت جي هيٺيان نفل پڙهي دعا گهران. ڏينهن جو ماڻهن جي گهڻائي سبب جاءِ ڪانہ ملي ان جاءِ تي رات جو ويس اوچتوئي مڪي شريف جون معزز عورتون اچي نفل پڙهڻ لڳيون هڪ عورت تہ اصل عين ان جاءِ تي نفل پڙهي رهي هئي. اجا ٿورو پر پرو ٿي تہ مان يڪدم اتي ڪپڙو وڇائي نفل شروع ڪري ڏنا فاتحہ کان پوءِ سوره ايس شروع ڪيم جيڪي الفاظ حضرت ڏسيا هئا. ان کان اڳتي زبان بند ٿي وئي پوءِ وري منڍ کان شروع ڪيم اتي پهچي وري ہ زبان بند ٿي وئي ڳچ دفعا ڪوشش ڪيم پر ان کان اڳتي هڪ حرف ہ نہ پئي آيو حيرت ۾ پئجي ويس ائين ننڊ جو غلبو ٿيو ڏسان تہ مان پرچونديٰ شريف ۾ مالڪن سڳورن سان گڏ ويٺو آهيان چون پيا تہ مخدومؒ صاحب خير سلامتي سان پهتا آهيو چيم

نہ قبلا! پھتس پر سفر جو سامان ختم ٿي ويو آهي فرمايائون تہ مخدوم صاحب! دلجاءِ ڪر اسان توهان کي وٺڻ لاءِ اچون ٿا. اوچتو بيدار ٿيم اچي پنهنجي رفيقن کي تسلي ڏنم. ايتري ۾ هڪ مومن ماڻهو آيو، جنهن چيو تہ حضرت! اوهان هلو تہ مان اوهان کي بمبئي جي طرف کان ورتيون هلان. مان چيس تہ سنگتي گهڻا آهن. چيائين تہ مڙيئي هليا هلو مان چيومانس تہ اسان کي چا لاءِ ٿا وٺي هلو. چيائين تہ هلو تيار ٿيو. وڏيڪ توهان جو چا وجي مان چيومانس تہ اسان بمبيءَ کان نہ هلنداسون جو اسان کي حضرت مالڪن جي منع ٿيل آهي تہ انهيءَ طرف کان تماش بين ويندا آهن. مومن ماڻهو چيو تہ تون ڪو چريو ٿو ڏسجين مان توکي مفت ۾ ٿو وٺي هلان. مان چيم تہ مان انهيءَ طرف کان هرگز نہ هلندس پوءِ پنهنجي دوست کي چيائين تہ هن سان گڏجي وڃي سندس جاءِ تي چڙي اچ. هو ويو ۽ پنهنجي نوڪر سان وڃي ڪراچيءَ جي ٽڪيٽ موڪليائين نيٺ ڪراچي پهتاسون. اتان سڌو ڏهرڪي اسٽيشن تي لٿس ڏٺم تہ ڪجهہ اٺ فقيرن جي هٿن ۾ آهن ۽ انتظار ۾ بيٺا آهن وٺن وڃي پڇيم تہ ڇو بيٺا آهيو. چيائون تہ توهان جي لاءِ مان پڇيو تہ ڪنهن اوهان کي ڀڏايو چيائون تہ عشاءَ جي نماز کان پوءِ مالڪن حڪم فرمايو تہ اسان جو دوست اچي ٿو اٺ ڪاهي وڃي اسٽيشن تي بيهجو سوار ٿي هلياسون ڏسان تہ مالڪن سڄورا جماعت سان استقبال لاءِ اچي رهيا آهن. مان يڪدم لهي قدم بوس ٿيس پوءِ ساڻن گڏ پياده مسجد شريف تائين ويس وڏو اعزاز ۽ اڪرام فرمايائون احوال پورو عرض رکيم سڀ خوش ٿيا گهڻي محبت فرمايائون.

## معرفت 185:

## خليفي هارون الرشيد جا ٽي عُقدا ۽ ان جو حل

مخدوم دين محمد جو بيان آهي تہ هڪ ڏينهن مالڪن رحہ

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

فرمايائون تہ خليفي هارون الرشيد کي ٽي اچي عَقدا پيا يعني ٽن ڳالهين بابت وڏيڪ پريشاني پيدا ٿئي. (1) هر شيءِ جو خالق الله تعاليٰ آهي پر الله تعاليٰ کان اڳ ۾ ڇا هيو؟ (2) الله جو منهن ڪيئن ۽ ڪاڏي آهي (3) الله ڪهڙي عمل سان راضي ٿئي ٿو؟ هارون الرشيد ملڪ جي سڀني عالمن ۽ فاضلن کي گهرائي چيو تہ هي ڳالهيون مونکي مثالن سان سمجهايو. سڀني عالمن تقرير ڪئي تہ آسمان، زمين، حياتي، مماتي، بهشت، دوزخ، هر شيءِ جو خالق هڪ الله آهي. الله کان اڳ ڪابہ شيءِ ڪانہ هئي الله منهن کان پاڪ آهي ۽ ڪو مثال نٿو رکي. ۽ هو نيڪ عمل ۾ راضي رهي ٿو. خليفي هارون الرشيد چيو تہ اهو مان بہ ڄاڻان ٿو. واضح مثالن ۽ ظاهر مثال سان سمجهايو جيئن جلد سمجھ ۾ اچي. جي نہ تہ ٽي سگهي ٿو تہ منهنجي ايمان ۾ گهٽتائي ٿئي. مڙيئي عالم مثال ڏيڻ ۾ منجهي پيا. بادشاه چين تہ اجوڪي رات اوهان کي مهلت آهي جيڪڏهن صبحاڻي تائين واضع مثال سان نہ سمجهايو تہ اوهان کي قيد ڪندس. سيئي عالم گڏجي حضرت امام جعفر صادق رضہ وٽ آيا تہ هن مسئلہ جو حل ڪڍي ڏيو حضرت امام صاحب چيو تہ هن جو حل تمام آسان آهي. اوهان حضرت امام ابو حنيفه رحہ کي ننڍي عمر جو ٽا ڏسو ۽ پاڻ کي وڏو ٽا ڄاڻو اوهان کي انهن سوالن جو جواب امام ابو حنيفه رح ڏيندو. اهي حضرت امام ابو حنيفه رحہ وٽ ويا. ۽ احوال ڪيائون امام صاحب چيو تہ اوهان منهنجا وڏا ۽ استاد آهيو اوهان جي اڳيان هي جواب ڏيڻ ۾ مون کي عار ٿو ٿئي چيائون تہ اسان سڀ وڏي پريشاني ۾ ڦاٿل آهيون. امام ابو حنيفہ رحہ سائڻ گڏجي هليو. هارون الرشيد بادشاهي تخت تي ويٺو هو. يڪدم ڪائونس سوال ڪيائين تہ اي امام! هن مسئلہ جو ڪهڙو جواب آهي. امام صاحب جواب ڏنو تہ اي بادشاه! شرعي مسئلو هن طرح نہ پڇبو آهي. جو سائل مٿي ۽ مسئول جنهن کان سوال

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پڇجي اهو هيٺ هجي يڪدم خليفو هيٺ تي هٽ ہڏي بيٺو ۽ امام صاحب متي تخت تي ويٺو. پوءِ پاڻ پهرين سوال جي جواب لاءِ چيائون تہ اي هارون رشيد! توهان کي حساب ڪرڻ اچي ٿو. چيائين تہ هائو امام صاحب ڇيس تہ ڳڻڻ شروع ڪر. هارون الرشيد هڪ بہ ٽي چار پنج ڳڻيندو ويو امام صاحب فرمايو تہ اي هارون الرشيد سيئي انگ هڪ جي وجود ۾ اچڻ کان بعد ظهور ۾ آيا. هڪ کان اڳ ۾ ڇا آهي؟ چيائين تہ ڪجھ بہ نہ پاڻ رحہ فرمايو تہ جهڙي طرح انگن ۾ هڪ کان اڳ ڪجھ بہ نہ آهي. اهڙي طرح الله بہ هڪ آهي ۽ ان کان اڳ ڪجھ بہ نہ آهي. هارون الرشيد جو يقين امام صاحب ۾ پڪو ٿي ويو ۽ عرض ڪيائين تہ باقي مثال واضح طور سمجهايو. وري امام صاحب حڪم ڪيو تہ هڪ وڏي شمع دان کي ڪڪڙن جي بچ ۽ ڪوڙي تيل سان پري ڪٽي اچو. حڪم مطابق ڪٽي آيا ان کي باھ ڏئي روشن ڪيائون سڄي مجلس ۾ روشني پکڙجي ويئي امام صاحب فرمايو تہ اي هارون الرشيد شمع جو منهن ڪيڏانهن آهي؟ خليفو هارون الرشيد حيران ٿي ويو. فرمايائون تہ جيئن هن شمع جو منهن چوءُ طرف آهي عين ائين رب العالمين جو منهن بہ هر طرف آهي. وهو بڪل شيءِ محيط. (اهو الله هر شيءِ کي گهيرو ڪندڙ آهي) ٽين مسئلي جو جواب هي آهي تہ خدا تعاليٰ جو رضامندو هن ۾ آهي تو تون جاهل آهين توکي هيٺ ڪري ۽ مان عالم آهيان ۽ علم جي ڪري مون کي تخت تي ويهاريائين. حضرت علي رضہ جو مقولوهن تي دليل آهي :

**رضينا قمسة الجبار فينا، لنا علم وللجهال مال • فان المال يفنى عن قريب وان العلم باق لايزال**

اسان رب جي تقسيم تي راضي آهيون جو اسان کي علم ۽ جاهلن کي مال ڏنو اٿس پوءِ بيشڪ مال جلد ختم ٿيڻ وارو آهي. ۽ بيشڪ علم

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

باقي رهڻ وارو ۽ نہ ختم ٿيڻ وارو آهي.

## معرفت 186:

## صحابہ اڪرم جو حڪومت ڪرڻ جو طريقو

مخدوم دين محمد چيو تہ هڪ ڏينهن مالڪن سڳورن نقل فرمايو تہ حضور اڪرم ﷺ جي صحابہ ڪرام جي مثالي حڪومت ڪرامت جي ڪري هئي. مالڪن سڳورن فرمايو تہ پهرين دور جا سمورا حاڪم حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي قدم بقدم هليا تي آيا ڪابہ تغير يا تبديلي دين ۾ نہ آئي. جڏهن حضرت علي رضہ مسند خلافت تي ويٺا تہ حضرت سلمان فارسي رضہ کي خراسان جو گورنر مقرر ڪري حضرت حارث رضہ کي هٽايائون. سلمان فارسي رضہ پنهنجي ملڪيت رڳو هڪ گڏهہ، چادر ۽ رنبو ساڻ ڪري روانو ٿيو. تخت گاهہ جي ٻاهران پنهنجي گڏهہ لاءِ گاهہ ڪرڻ لڳو. حضرت حارث رضہ کي جيئن خبر پئي تہ منهنجي جاءِ تي حضرت سلمان فارسي رضہ گورنر ٿي آيو آهي پنهنجي پوري عهديدارن ۽ لشڪر کي ٻڌايائين تہ منهنجي هاڻي حڪومت ختم ٿي وئي آهي ۽ هاڻي ٻيو گورنر آيو آهي ۽ شهر جي ٻاهران پهتو آهي سيئي نذرانہ لاءِ مصريون، تحفا ۽ مٺايون کنيون دل ۾ خيال ڪندا هليا تہ حاڪم سان گڏ ضرور لشڪر بہ هوندو شهر مان نڪري چوگرد ڳولهي ڏٺائون مگر ڪوبہ گورنر نظر ڪونہ آين سمجهيائون تہ اجا نہ آيو آهي فقط هڪ فقير ڏٺائون جنهن جو گڏهہ بہ ٻڌل هيو. ڪٿو ۽ رنبو هٿ ۾ اٿس ۽ گاهہ پيو پٽي حضرت حارث رضہ وٽ واپس وڃي عرض ڪيائون تہ هتي تہ ڪوبہ اهڙو گورنر ڪونہ هو اوهان هرو ڀرو ائين نہ ڪريو ۽ حڪومت ڪندا رهو حضرت حارث رضہ چيو تہ هڪ فقير هنن پار پٽن سان ڏٺو؟ انهن چيو تہ ها اهڙن پارپتن وارو تہ واقعي فقير موجود هيو حضرت حارث رضہ کين چيو تہ ملڪ جو حاڪم اهو ٿيندو مونکي اچي

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

حضرت سلمان فارسي رضہ کي عرض ڪيائون تہ اسانجي حاڪم اسان کي حڪم ڪيو آهي تہ منهنجي حڪومت ختم ٿي آهي ۽ اڳتي ملڪ جو حاڪم حضرت سلمان فارسي رضہ هوندو. حضرت سلمان فارسي رضہ چيو تہ ان کي اٺ ڏينهن حڪومت ڪرڻي آهي جيستائين مان ڪاٿونس سڄو حساب ڪتاب وٺان. هنن چيو تہ اڳيون حاڪم ڇڏي ويو آهي هاڻي اوهان هليحڪومت سنڀاريو حضرت سلمان چيو تہ چڱو اڄ رات مون کي هتي ڇڏيو ماڻهن عرض ڪيو تہهتي چورگهڻا آهن. هيءَ عام خبر آهي تہ حاڪم بدلي ٿيو آهي ۽ هيو ايندو را ت ۾ چورلٽ مارڪري سڄو شهر تباهہ ڪري ويندا چو تہ هنن اهڙي صلاح ڪئي آهي. پاڻ فرمايائون تہ قلم مس آڻيو تہ اوهان کي ڪجھ لکي ڏيان چيائون تہ سائين! هتي قلم مس ڪٿي آهي اها تہ شهر ۾ ملندي حضرت سلمان فارسي رضہ فرمايو تہ ٺڪري ۽ اڱر (ڪوئلو) لهي اچو. ٺڪري ۽ ڪوئلو ڪٿي آيا. ان تي ڪجھ اکر حضرت سلمان فارسي لکي ڏنن ۽ فرمايائون تہ قلعي جي دروازي وٽ جيڪو بہ اوهان کي پهريون ملي. ان کي هيءَ ڏجو. واپس شهر ڏي هليا اتفاقن دروازي تي پهريون هڪ ڏهرو ڪتو جيتن سان پريل ملين چيائون تہ پهريون هيءُ مليو آهي اچو تہ لکت هن کي ڏيون. پراڻو ڪپڙو لهي ان ۾ اها ٺڪري ٻڌي ڪٽي تعويذ وانگر ڪتي جي ڳچيءَ ۾ ٻڌائون. ڪتو يڪدم تندرست ٿي ويو. سندس مرض ختم ٿي ويو. انهن ماڻهن وڏيڪ هيئن ڪيو جو چورن کي ٻڌايو تہ اڄ رات ملڪ ۾ حاڪم ڪونهي اڄ اوهان آزاد آهيو. مڪان دڪان سيئي ڪليل ڇڏيائون سڀ ڪجھ ٻڌري پٽ رکيو رهيو. هر هڪ بي خوف وخطر سمهي رهيو. تہ جيئن پلي چور چوري ڪن ۽ نئين حاڪم جي بدنامي ٿئي تہ سڀڳيو حاڪم واپس اچي. اتفاق الاهي اهو ڪتو رات جو جبل جي چوٽيءَ تي چڙهي وٺي روئڻ ڪرڻ لڳو. سندس دانهن ۽ ڪوڪن تي شهر جا

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

سپ ڪتا هن جي چوگرد اچي گڏ ٿيا سيني ڪتن کي هن ڪتي چيو تہ خبردار ٿجو جيڪڏهن ڪنهن بہ اڄ رات ڪا شيءِ ڪنئي يا ڪنهن جي ڪا چيز گم ٿي. صبحاڻي ملڪ جو حاڪم اسان سيني کي مارائي ڇڏيندو. سيني ڪتن چيو تہ تون اسان جو حاڪم آهين ۽ اسان تنهنجا تابعدار وڏيڪ ڪتي چين تہ بازارين گهٽين ۽ دروازن تي وڃي ويهو هر طرف پهرو ڏيو. جيڪڏهن ڪو چور اچي تہ ان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو. چورن بہ پڪو واعدو ڪيو تہ اڄ رات بعد قلعي کي ڦري ختم ڪنداسون. اڄ رات ڪان پوءِ شهر ۾ پهچي پکڙجي ويا. ڪتن ۽ چورن جي جنگ لڳي ويئي. ائين صبح تائين سيني چورن کي ڪتن ٽڪر ٽڪر ڪري ڪٽي اڇلايو. ڏينهن ٿيو دڪاندارن واپارين ڏٺو تہ هر جاءِ چورن کي ڪتن پرزا پرزا ڪري ڪٽي سٽيو آهي ڪافي چور مري چڪا هئا. مڙئي ماڻهو ڳچيءَ ۾ ڳارو پائي حضرت سلمان فارسي رضہ وٽ پهتا. ۽ عرض ڪيائون تہ اسان جي خطا معاف ڪريو. اسان تابعدار آهيون. اوهان جو هر حڪم اکين تي آهي. حضرت سلمان فارسي رضہ اُن ملڪ تي ۾ مهينا حڪمراني ڪئي. هڪ اصحابي اچي ڳالهہ ڪئي تہ حضرت علي رضہ دين رسول ﷺ ۾ ٻہ رخنا وڌا آهن. حضرت سلمان پڇيو تہ ڪهڙا؟ ان صحابي ٻڌايو تہ (1) رسول خدا ﷺ ۽ ٽي خليفا راشد بستري ڪانسواءِ تڏي تي سمهندا هئا. پر حضرت علي رضي الله عنہ چادر وڇائي سمهي ٿو. (2) ٻہ طعام گڏ ٿو کائي حالانڪ حضور اڪرم ﷺ ۽ ٽئي خليفا راشد هڪ وقت ۾ هڪ ئي ڪاڌو کائيندا هئا. حضرت سلمان رضہ چيو تہ اهڙي شخص جو تابع نہ ٿيڻ گهرجي .حڪومت ڇڏي ان صحابي سان گڏ واپس ٿيو. ۽ اچي حضرت علي رضہ وٽ حاضر ٿيو. حضرت علي رضہ کيس ڏسي حيران ٿي ويو تہ الائي ڇو جلدي موٽي آيو آهي. احوال پڇيائونس هن سڄو احوال ٻڌايو. حضرت علي رضہ پڇيس

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

۽ توکي ڪنهن ٻڌايو ڇيائين ته هن شخص. حضرت علي رضہ فرمايو ته هي بالڪل سچو آهي. پر اُن ڏينهن مون کي تپ آيو هو. بيهوشي ۾ مٿان وڏيل چادر هيٺان ٿي وئي هئي. ٻيو هيءَ ته مان بيمار هيس حڪيم چيو هو ته آني جي زرداڻ ۽ سفيدي ڏار ڏار ڪري کاءُ اُن ڏينهن پنهنجي مانيءَ تي ڏار ڏار ڪري کاڌم پر آنو هڪ ۽ رنگ ٻہ هئا اها ئي ڳالهہ آهي. مالڪن فرمايو ته دين رسول ۾ اصحاب ڪرام جي غيرت اها هئي جو حضرت سلمان فارسي رضہ حڪومت ڇڏي هليو آيو. جيئن دين ۾ رخنو نہ پوي مخدوم صاحب! دين اهو آهي.

## معرفت 187:

## مولوي ۽ فقير ٿيڻ آسان آهي

بنده عبيدالله چوي ٿو ته هڪ ڏينهن مالڪن رحہ زبان مبارڪ سان فرمايو ته مولوي ٿيڻ، سيد ٿيڻ، مشائخ ٿيڻ ۽ فقير ٿيڻ آسان آهي. پر رسول خدا جو دين هٿ ڪرڻ ڏاڍو مشڪل آهي. اُن بعد مزاح جي طريقي سان چيائون ته:

لئي ڪون لٺ ڪنير ڪون ڪاسو آهيان فقير خاصو

## معرفت 188:

## حضرت امير حمزه رضہ جي قتل جو بدلو

مخدوم دين محمد چيو ته هڪ ڏينهن مالڪ سگهورا حضرت سوئي شريف وارن جي ختم جي ارادي سان هليا. هي غلام بہ ساڻن گڏ هو. ختم ڇٽي فارغ ٿيا. پاڻ سگهورا ڪجهه دير اندر رهيا مان ٻاهر نڪري آيس. ڏٺو ته هڪ هندو پنهنجي رسم ۽ طريقي مطابق ڪجهه اُن جا داڻا بزرگن جي کوه ۾ سٽي ويو. مان موٽي وڃي مالڪن کي عرض ڪيو ته قبلا! هڪ هندو فقيرن جي کوه ۾ پليدي اڇلائي فقيرن جو پاڻي خراب ڪيو آهي. حڪم ڏيو ته

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ٿي آيا. يا حضرت! اسان اسلام به آندو آهي پوءِ به حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه جنگ بند نٿو ڪري. حضورﷺ جن سلمان فارسي کي سخت تاڪيد ڪري موڪليو ته وڃ وڃي حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه کي هيڏي وٺي اچ. حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه جڏهن پهتو ته پاڻ ڪريمن پڇيس ته اي علي! ڇو تون جنگ بند نه ڪئي. عرض ڪيائين ته يا رسول الله! مون کي حضرت سلمان رضہ چيو ٿي ڪونهي هن صحابي چيو ته يا رسول الله! مان ٿي پيرا اوهان جو حڪم پهچايو آهي. پاڻ سڳورن ﷺ ٿورو صبر ڪيائون ۽ وحي جو انتظار ڪيائون. حضرت جبرئيل عليہ السلام آيو ۽ چيائين يا رسول الله ﷺ! حضرت علي سچ ٿو چوي ۽ حضرت سلمان به سچو آهي ٻئي حق تي آهن. مان حضرت علي رضہ جي صورت ۾ ٿي ٻنهي جي وچ ۾ ٽيئي پيرا قبول دارٽيس. رب پاڪ جي حڪم هو ته جيتري تائين ٻاهتر ڪافر قتل نه ٿين تيستائين جنگ بند نه ٿئي. اهو تعداد پورو ٿيو ۽ جنگ به بند ٿي.

## معرفت 189:

## لال شهباز قلندر جو هڪ عالم دين جو استقبال

مخدوم دين محمد صاحب روايت ڪئي ته هڪ ڀيري مالڪ سڳورا جيڪب آباد شهر ۾ تشريف فرما ٿيا. اتفاقن منهنجي ساڻن ملاقات ٿئي مون کي مير علي مراد خان ٽالپر هڪ روچي گهوڙو زين ۽ ريشمي جُهل سان ڏنو هو. جنهن تي مان سوار هيس. مان مالڪن کي هن گهوڙي تي سوار ٿيڻ جي گذارش ڪئي. ۽ ڪين زور سان گهوڙي تي سوار ڪيم. ۽ پاڻ مون کي لنگر جي گهوڙي تي سوار ڪيائون. فرمايائون ته مخدوم صاحب نون پنهنجو گهوڙو اڳيان ڪر. الامر فوق الادب (حڪم ادب کان مٿي آهي) مان اڳيان ٿيس. هزارين مخلوق اڳيان پنيان هئي. ماڻهن مان هيءُ آواز ٻڌڻ

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

۾ پيو اچي تہ پيءُ آخر پيءُ آهي ۽ پٽ نيٺ پٽ آهي( مون کي ماڻهن حضرت مالڪن جو پٽ ٿي سمجهيو) اُن وقت مون کي ڏاڙهي ڪانہ آيل هئي. شهر جي بازار منجهان گذ ر ٿيو. پاڻ پنهنجي منهن مبارڪ کي ڍڪيائون. وڏي مخلوق ديدار لاءِ ٻنهي طرفن کان بيٺي هئي. هڪ فقير عرض ڪيو تہ يا حضرت! هزار ها ماڻهو مسلمان توڙي ڪافر پنهنجا ڪم ڇڏي اوهان جي ديدار ۽ زيارت لاءِ بيٺا آهن. جواب ۾ فرمايائون تہ اهي فقير ڪي نٿا ڏسن پر پنهنجي اميرڪي ڏسن ٿا. اهي پنهنجي حقيقت ۽ اصليت ڪي ڏسن ٿا جيڪا وحدت آهي. مان عرض ڪيو تہ منهنجو ڏاڏو وڏو مفتي ۽ بزرگ هو. هڪ ڀيري هڪڙي هندو عورت جي مسلمان ٿيڻ سبب ڪافرن ۾ وڏو شورو ۽ هَل پيدا ٿيو. ٽالپر مير محمد خان مخدوم صاحب جي فقيرن سان دشمني رکندو هو منهنجو ڏاڏو مدد لاءِ قلندر لال شهباز جي مزار تي ويو. جيئن ويجهو پهتو تيئن قبي ۾ چرپر پيدا ٿي. هٿ سان اشارو ڪيائين تہ چرپر ختم ٿي ويئي پوءِ ختمو چئي واپس موٽيو هڪ فقير ڏاڏي سائين کان پڇيو تہ سائين! قبي جي چرڻ جو سبب ڪهڙو هو؟ چيائون تہ لال شهباز قلندر منهنجي استقبال لاءِ اُٿيو مان اشارو ڪيو تہ اوهان پنهنجي جاءِ تي رهو. مان پاڻ اوهان ڏي اچان ٿو. پوءِ چرپر ختم ٿي. لال شهباز قلندر ڏاڏي کي چيو تہ هن ڪم جي لاءِ چڪلي جي فلاڻي ڪيريءَ کان وڃي مدد وٺو. مخدوم صاحب سوار ٿي اُن بازار منجهان لنگهيو. سيئي ڪيريون ڍڄي ويون تہ هيڏو سارو شريعت جو مالڪ ۽ بزرگ الائي اسان کي ڇا ڪندو. سيئي اچي قدمبوس ٿيون. جنهن ڪيري لاءِ حڪم ٿيل هو اُها بہ هنن ۾ گڏيل هئي. مخدوم صاحب اُتي بيٺي ئي فرمايو تہ اوهان سيئي فقيرن جي جماعت ۽ محمدي دين جي فتح لاءِ دعا گهرو تہ جيئن اسلام جي مقدمي کيّ فتح حاصل ٿئي. سيني چيو تہ اوهان دعا گهرو ۽ اسان سيئي آمين

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

چئون ٿيون. مخدوم صاحب دعا لاءِ هٿ کنيا. هنن سيني آمين چئي. پوءِ پاڻ روانا ٿيا. اجا گهر ئي نه پهتا ته نور محمدخانُ ٽالپر کي نانگ ڏنگي وڌو. اُن وقت ئي اها هندو عورت مخدوم صاحب ڏانهن واپس ڪئي ويئي جيڪا اڳ هن وٽ قيد هئي ۽ معافي به ورتائون هن قصي جي ٻڌڻ کان پوءِ مالڪن سڳورن فرمايو ته مخدوم صاحب! ائين آهي پوءِ پاڻ هيئيون واقعو بيان فرمايائون.

## معرفت 190:

## شيخ الاسلام بهاؤ الدين زڪريا رح جو واقعو

مالڪن سڳورن نقل فرمايو ته حضرت شيخ الاسلام بهاؤ الدين زڪريا ملتاني رحہ هر روز ظهر جي نماز مڪي معظمه ۾ پڙهندا هئا. هڪ ڏينهن خادم کي چيائون ته ڪونرو پري اچ ته وضو ڪري پوءِ وڃان ايتري ۾ هڪ عورت آئي جيڪا شڪل ۽ پوشاڪ مان ڪجري پئي لڳي. عرض ڪيائين ته اي شيخ الاسلام ٿورو ترسو ته وضو ڪري وٺان ۽ اوهان سان گڏجي هلي مڪي ۾ نماز پڙهان. حضرت ملتاني رحہ جن ترسيا عورت وضو ڪيو ۽ چوڻ لڳي ته يا حضرت! هاڻي اوهان جي مرضي يا اوهان مون کي مڪي پهچايو يا مان اوهان کي پهچايان. حضرت ملتاني رحہ فرمايو ته اچ تنهنجو وارو آهي. عورت چيس ته يا حضرت! تون پنهنجا ٻئي پير منهنجي پيرن تي رک ۽ اکيون پنهنجون بند ڪر. حضرت بهاوالدين ملتاني رحہ ڪمال تقوي ۽ ادب شريعت جي ڪري پنهنجي پيرن کي چڱيءَ طرح ڪپڙو ويڙهيو ۽ عورت جي پيرن تي به ڪپڙو وڌائون. ٿوري دير کان پوءِ ڪجري چيس ته اکيون کول. ڏسي ته مڪي معظم ۾ آهيون. ان وقت مڪي معظمه ۾ تڪبير اوليٰ ٿئي چڪي هئي رڳو ايترو وقت لڳو.

مخدوم دين محمد چيو ته هڪ ڏينهن مالڪن سڳورن هن بيت

جي تشريح فرمائي.

سربرهنه نسيتم دارم ڪلاه چار ترڪ
ترڪ دنيا، ترڪ عقبىٰ، ترڪ مولىٰ ترڪ

## معرفت 191:

### پاڻ رح غوث ۽ مغيث هئا

مالڪن رح فرمايو ته ترڪ دنيا آسان آهي ترڪ عقبيٰ سولو آهي. ترڪ موليٰ به بالڪل آسان آهي. پر ترڪ ترڪ تمام ڏکيو آهي. ائين چئي ماٺ ڪري ويا مان عرض ڪيو ته قبلا! ٿوري وضاحت واري تقرير فرمايو ته اسان سمجهون. اوچتو سندن رنگ ۽ صورت بدلجي ويئي. اسان حاضرين تي هيبت ۽ دهشت طاري ٿي وئي. ڪافي اسرار غيبي زبان مبارڪ تي آندائون پر اسان جا حواس ظاهري خواه باطني بند ٿي چڪا هئا ۽ حيرت ۾ مستغرق هئاسون سندن ڪامل گفتگو ڪجھ اسان جي ناقص سمجھ ۾ نه آئي. جڏهن حضرت جن جي هيءَ ڪيفيت ختم ٿئي ته حاضرين مجلس ڪان پڇيم ته حضرت جن جي ارشادات مان ڪا ڳالھ اوهان ڪي سمجھ ۾ آهي سيني نه ڪئي. ائين هيءَ نوراني مجلس ختم ٿئي. مخدوم صاحب چوي ٿو ته اهڙي قسم جا ارشاد نه مان ڪڏهن ٻڌا ۽ نه ڪتابن ۾ پڙهيا. سبحان الله وبحمده. پاڻ اهڙا غوث ۽ مغيث هئا. جو سمنڊن ٿاٺ هٺنڊڙ وانگر هئا. جيڪي اسرار الهيٰ جو اڻ کٽ موجون هر طالب کي پنهنجي وت آهر سيراب ڪرن پيون ۽ هر ماڻهو انهن پنهنجو حصو وٺي پيو. الحمدلله عليٰ ڪل حال من الاحوال.

## معرفت 192:

### مخدوم دين محمد صاحب جو واقعو

مخدوم دينؐ محمد صاحب چوي ٿو ته منهنجي مرشد جي ڪرامتن

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

مان هيءَ بہ ڪرامت هئي تہ جڏهن بہ مالڪن جي زيارت لاءِ اچا خيرپور (ڏهرڪي) اسٽيشن تي لهندو هوس تہ فقير اُٺ سان بيٺو هوندو هو. هزار حيلا ڪيم تہ پيادو وڃان پر نہ ٿي سگهيو. هڪ ڀيري "جمعي" جو ڏينهن هو مان ان فقيرڪي چيو جيڪو اسٽيشن تان مونکي وٺڻ آيو هيو تہ مان پاهران جهنگل ۾ ٿي ويهان ٿو. جڏهن پاڻ رحہ خطبه لاءِ منبر تي ٿي ويهن تڏهن اچي ٻُڌائجانءِ فقير اچي ٻڌايو مان آخري صف ۾ اچي ويٺس پاڻ خطبو پڙهي رهيا هئا. نظر مون ۾ هين واندا ٿي هڪ فقيرکي فرمايائون تہ مخدوم صاحب کي اڳتي وٺي اچ. مان سندن اڳيان ٿي ويٺس. نماز پڙهڻ بعد فرمايائون تہ اچ واعظ ڪريو. پر ڪرسي تي ويهي مان خيال ڪيو تہ هيترن عالمن جي موجودگي ۾ مان ڇا واعظ ڪري سگهندس. اتفاق الاهي ان ڏينهن هند سنڌ جا ڪافي علماءِ ڪرام موجود هئا ۽ ماڻهو بہ گهڻا هئا. فرمايائون تہ گهڻو واعظ ڪر. ڪرسي تي ويهي واعظ شروع ڪيم. ڪو بہ ڪتاب نہ ڪنيمَ ڏسان پيو تہ مخلوق ۾ منهنجي وچ ۾ هڪ ديوا رآهي. ڪوبہ نظر نہ پئي آيو. فقط حضرت صاحب. هزارين حديثون پيون اچن خلق ۾ روج راڙو پئجي ويو. علماءِ ڪرام حيران ٿي ويا. مخدوم صاحب جي متين قصي جي بقايا تہ: مالڪن سڳورن ترڪ ترڪ جي تقرير بيان ڪندي فرمايو تہ حق تعالي جي صفات جو پانهي جي صفات سان تعلق آهي. جهڙي طرح الله تعاليٰ سميع آهي جيڪو هر وقت هر آواز کي ٻڌي ٿو. پر هي تعلق مقرر وقت تائين آهي. جيئن تہ بنده تي حق تعاليٰ جي صفت سميع جوعڪس پوي ٿو. پر جڏهن اهو پتو نہ ٿو پوي تہ ان جو سميع هئڻ بہ برطرف ٿي وڃي ٿو. الله تعاليٰ جي صفات جي ڪا حد نہ آهي ۽ جميع اجزاءِ العالم تي محيط آهي . پر "عبد محيط العالم" نہ آهي. بلڪ محيط الافراد آهي: الله تعاليٰ بصير (ڏسندڙ) آهي ۽ پانهو پڻ بصير آهي. مڙيئي شيون ڏسي سگهي ٿو پر

پنهنجي انداز سان اهڙي طرح سيني صفتن جو اهو ئي حال آهي.

## معرفت 193:

### قسمت ڪوشش سان حاصل ڪجي ٿي

مخدوم صاحب چيو ته بنده ۾ غلام محمد راڄڙي ۾ هن مصرعي تي تڪرار ٿيو. (مصرعه) "عمر چون رزق مقدر است گرديدن چيست." غلام محمد چيو ته هاري ناري ڇهه مهينن جي محنت ۽ مشقت ڪري ان بعد فائدو وٺن ٿا. جڏهين رزق مقدر آهي تڏهن تڪليف ۽ ڪوشش ڇا جي؟ مان چيو ته هر ڪو پنهنجي قسمت ڪوشش سان حاصل ڪري ٿو. پوءِ ٻيو مصرعه پڇيو مانس چيائين مون کي معلوم نه آهي. توهان کي معلوم آهي ته ٻڌايو. مان چيو ته مون کي به معلوم نه آهي. اسانجي اها ڳالهه ٻولهه مالڪن سڳورن ٻڌي پئي فرمايائون ته ٻيو مصرعو هن طرح آهي:

"رزاق بگر داند پر سيدن چيست"

## معرفت 194:

### قرآن پاڪ مان ڳالهائيندڙ عورت

احقر عبيدالله نقل ڪري ٿو ته پاڻ رحه نماز عشاءِ جي نماز کان پوءِ ڪڻ تي وڃي سڏا ٿيا. مان به سندن پاسي ۾ وڃي ويٺس مالڪن سڳورن جي ماني فقير محمد هاشم آندي. مان اٿي هليس. فرمايائون مولوي! ڪاڏي ٿو وڃين؟ اچ گڏجي ماني کائون. سندن عادت مبارڪ هوندي هئي جو هن بنده کي ماني کائڻ ۾ شريڪ ڪندا هئا. پر جيڪڏهن غير حاضر هوندو هوس ته اٽ جي کير جو حصو ضرور موڪلي ڏيندا هئا. ماني کائڻ شروع ڪئي سون پاڻ نقل بيان فرمايائون ته حضرت بهاؤ الدين رحه جي ڪتاب ۾ حضرت عبدالله ابن عباس رضه کان معتبر سند سان منقول آهي ته هڪ ڀيرو مان حجاز مقدس جيّ سفر ۾ هيس. رستي ۾ هڪ آواز ٻڌم ان ڏانهن متوجه

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ٽيس. ڏسان ته هڪ عورت برقعه ۾ باپرده آهي ۽ هيءَ آيت ڪريم پڙهي ٿي:
امن يجيب المضطر اذا دعاه (النمل: 62) مان هن جو استقبال ڪيو ۽
سلام ڪيو چيائين: سَلَامٌ عَلَيْكُمْ طِبْتُمْ فَادْخُلُوهَا خَالِدِيْنَ (الزمر: 73)
سَلَامٌ عَلَيْكُمْ كَتَبَ رَبُّكُمْ عَلٰى نَفْسِهِ الرَّحْمَةَ (الانعام: 54) وَسَلَامٌ
عَلَى الْمُرْسَلِيْنَ ه وَالْحَمْدُلِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ. (الصافات: 182- 181)

چيم: اي سيده ڪٿان اچين ٿي؟

چيائين: يَخْرُجُ مِنْ بَيْنِ الصُّلْبِ وَالتَّرَائِبِ. (الطارق: 7)

چيم: (حضرت عبدالله) ڪيڏانهن ٿي وڃين؟

چيائين: مِنْهَا خَلَقْنَا كُمْ وَفِيْهَا نُعِيْدُ كُمْ وَمِنْهَا نُخْرِجُكُمْ تَارَةً اُخْرٰى (طٰهٰ: 55)

چيم: مان پڇان ٿو ڪهڙي شهر مان اچين ٿي؟

چيائين: مِنَ الْمَسْجِدِ الْاَقْصَى الَّذِىْ بٰرَكْنَا حَوْلَهٗ (بني اسرائيل: 1)

چيم: ڪاڏي ٿي وڃين؟

چيائين: وَلِلّٰهِ عَلَى النَّاسِ حِجُّ الْبَيْتِ مَنِ اسْتَطَاعَ اِلَيْهِ سَبِيْلًا. (آلعمران: 97)

چيم: يا سيده تنهنجو ساٿي ڪير آهي؟

چيائين: وَهُوَ مَعَكُمْ اَيْنَمَا كُنْتُمْ (الحديد: 4)

چيم: توسان ڪو سفر جو سامان يا توشو آهي.

چيائين: وَفِي السَّمَاءِ رِزْقُكُمْ وَمَا تُوْعَدُوْنَ. (الذاريات: 22)

چيم: اي سيده توکي ڪاڏي جي ضرورت آهي.

چيائين: وَمَا جَعَلْنَا هُمْ جَسَدًا لَّا يَاْ كُلُوْنَ الطَّعَامَ. (الانبياءِ: 8)
سمجهيم ته بکايل آهي جيڪي مون وٽ هو حاضر ڪيم، ڪاڌائين.

چيم: پاڻي پيئڻ جي ضرورت اٿئي؟

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

چيائين: وَجَعَلْنَا مِنَ الْمَآءِ كُلَّ شَيْءٍ حَيٍّ (الانبياء: 30) پاڻي ڏنو مانس پيتائين.

چيم: تنهنجي مرضي هجي تہ مان توکي اُٺ تي سوار ڪريان؟

چيائين: اِنْ اَحْسَنْتُمْ اَحْسَنْتُمْ لِاَنْفُسِكُمْ وَاِنْ اَسَاْتُمْ فَلَهَا (بني اسرائيل: 7) ۽ جڏهين سوار ٿيڻ لڳي.

چيائين: قُلْ لِلْمُؤْمِنِيْنَ يَغُضُّوْا مِنْ اَبْصَارِهِمْ. (الانعام: 54) مان پنهنجون اکيون بند ڪيون هوءَ سوار ٿي.

چيائين: سُبْحَانَ الَّذِيْ سَخَّرَلَنَا هٰذَا وَمَا كُنَّا لَهٗ مُقْرِنِيْنَ. (الزخرف: 13) مان سمجهيو تہ سوا رٿي آهي مان بہ سوار ٿيس ۽ گڏجي هلياسين.

هلندي هلندي چيم نالو ڇا اٿيئي؟

چيائين: اِرْجِعِيْ اِلٰى رَبِّكِ رَاضِيَةً مَّرْضِيَّةً (الفجر: 28) سمجهيو تہ راضيہ نالو اٿس.

چيم: مون کي پنهنجي پائيڻي ۾ قبول ڪر.

چيائين: اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ اِخْوَةٌ (الحجرات: 10)

چيم: رستي ۾ هلندي ڪيترا ڏينهن ٿيا اٿيئي؟

چيائين: اَرْبَعَةَ اَيَّامٍ سَوَآءً لِّلسَّآئِلِيْنَ. (حم السجده : 10) سمجهيم تہ چارڏينهن

چيم: توکي ڪيترا پٽ آهن؟

چيائين: يَقُوْلُوْنَ ثَلٰثَةٌ (الكهف : 22)

چيم: نالا ڪهڙا اٿن؟

چيائين: وَاتَّخَذَ اللّٰهُ اِبْرٰهِيْمَ خَلِيْلًا (النساء: 125). وَكَلَّمَ اللّٰهُ مُوْسٰى تَكْلِيْمًا (النساء: 164). يَا يَحْيٰى خُذِ الْكِتَابَ بِقُوَّةٍ (مريم : 12) يعني ابراهيم، موسيٰ ۽ يحيٰ.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

چيم: مون کي ڪا نصيحت ڪر.

چيائين: مَنْ اَعْرَضَ عَنْ ذِكْرِىْ فَاِنَّ لَهٗ مَعِيْشَةً ضَنْكًا وَّ نَحْشُرُهٗ يَوْمَ الْقِيَامَةِ اَعْمٰى. (طه : 124) ايتري ۾ هڪ وڏو ڏاڍو نظر آيو فرمايائين.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِىْٓ اَذْهَبَ عَنَّا الْحَزَنَ اِنَّ رَبَّنَا لَغَفُوْرٌ شَكُوْرُ الَّذِىْٓ اَحَلَّنَا دَارَ الْمُقَامَةِ مِنْ فَضْلِهٖ (فاطر: 35)

چيم: اڻ ڪاٿي تي هلايان يا ساڄي تي.

چيائين: اَصْحَابَ الْيَمِيْنِ مَآ اَصْحٰبُ الْيَمِيْنِ. (الواقعه: 27) ان وچ ۾ هڪ خيمو ڏٺم ان مان ٽي جوان نڪتا آخرڪار ان نيڪ عورت فرمايو ته: تَزَوَّدُوْا فَاِنَّ خَيْرَ الزَّادِ التَّقْوٰى (البقره 197) ٽنهي جوانن ڪاڏي جو سامان آندو. مان چيو ته هن جي ضرورت نه آهي.

چيائين: كُلُّ الطَّعَامِ كَانَ حِلًّا لِّبَنِىْٓ اِسْرَآئِيْلَ (آلعمران: 93) پوءِ ان طعام منجهان ڪاڌم ڏٺم ته گهر ۾ به اهڙي طرح پئي ڳالهائي سندس پٽن کان پڇيم چيائون ته ڇهه مهينا ٿيا آهن جو ڪلام الله کان ٻاهر گفتگو نه ڪئي اٿس. موڪلائڻ وقت ڪائونس نصيحت طلبيم.

چيائين: اِقْرَاْ كِتَابَكَ كَفٰى بِنَفْسِكَ الْيَوْمَ عَلَيْكَ حَسِيْبًا (بني اسرائيل 14) پوءِ ڪائونس موڪلائي روانو ٿيس.

هيءَ نقل فرمائيندي هڪ ڪراڙي ٻلي اچي پر سان ويٺي دانهون ڪري ماني پئي گهري. مالڪن سڳورن به مانيون چار حصا ڪري ٽي حصا مون کي ڏنا ۽ هڪ حصو پنهنجي اڳيان رکيو. ٻوڙ گوگرن جي ڪچرين جو هو. مان آهستي آهستي واري سان گراهه ٿي کنيا. دل ۾ ٻليءَ جي دانهن جو خيال ٿيو. ۽ چيم ته مالڪ سڳورا ته هن کي ڪجهه به نه ٿا ڏين مان گراهه کي ٻوڙ ۾ پريم ۽ ڪٽيءَ هٿ ڏگهيري ٻلي اڳيان رکڻ لڳس ته ٻلي اهڙو ته چنبو هنيو جو هٿ جي کل ئي لهي ويئي پنهنجي بيوقوفي جو اعتراف ڪيم ۽

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

چيم ته پاڻ مالڪ هن جي عادت کان واقف هئا. جنهن جي ڪري ڪامل جي عطا کان محروم هئي. ماني اتيئي رهي هٽ جي سور ۾ اضافو ٿيندو ويو. حضرت جن جي صحبت بابرڪت ختم ٿئي وئي. مان سوچيو منهنجي هن حرڪت جي ڪري حضرت جن جو ڪمال توجه ۾ جيڪو خلل پيو ان جي سزا ملي.

## معرفت 195:

## چئن خليفن سان محبت جو اظهار

فقيرمحمد هاشم چوي ٿو ته مالڪن سڳورن جي هميشه عادت هوندي هئي ته ماني جا پورا چار ٽڪر ڪري پوءِ کائڻ جو حڪم ڪندا هئا. هڪ ڏينهن ارشاد فرمايائون ته: ماني جا پورا چار حصا ڪري پوءِ کائو ۽ اها هميشه عادت ڪري ڇڏيو. چو ته هيءَ ترتيب چئني خلفائي راشدين کي ظاهر ڪندڙ آهي. جيڪڏهن اتفاقن اوهان جي سنگت ۾ ڪورا فضي آهي ۽ اوهان کي انجي خبر نه آهي ته اهو کائڻ وقت هن نموني کان پرهيز ڪندو ڇو ته رفض "ترڪ مودت يعني محبت کي ڇڏڻ" کي چوندا آهن.

## معرفت 196:

## پٽ کي هي ڪنگڻ تو وڏا آهن؟

هڪ ڏينهن سفر ڪندي مالڪن رح هڪ شهر ۾ پهتا ماڻهو زيارت لاءِ آيا. ان شهر جو قاضي پٽ سميت آيو سندس پٽ کي ٻانهن ۾ چاندي جا ڪنگڻ پيا هئا. مالڪن سڳورن فرمايو ته قاضي صاحب! پٽ کي هي ڪنگڻ تو وڏا آهن. چيائين قبلا! سندس ناني هيءَ رسم ڪئي آهي. فرمايائون ته قاضي صاحب ڪلمو رسول خدا ﷺ تي پڙهيو اٿيئي يا زال جي ماءُ تي. قاضي منجهي ويو ۽ عرض ڪرڻ لڳو ته گهر وڃي ڇوڪري جا ڪنگڻ لاهي ڇڏيندس ۽ آئينده نه ٿيندو.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

## معرفت 197:

### الله تعاليٰ سان تعلق جو مٿاهون مقام

خليفي سيد تاج محمود امروٽي جو بيان آهي ته هڪ ڏينهن مالڪن سڳورن فرمايو ته حضرت غوث العالم بهاؤ الدين زڪريا ملتاني رح وينا هئا ته هڪ خادم اچي ٻڌايو ته قبلا! لنگر جي سامان سان ڀريل ٻيڙو دريا ۾ ٻڏي ويو آهي. پاڻ فرمايائون ته الحمدلله! وري ٿوري دير بعد ٻئي ماڻهو اچي ٻڌايو ته حضرت! ٻيڙو سلامت نڪري اچي ڪناري تي پهتو آهي. پاڻ فرمايائون الحمدلله! حاضرين عرض ڪيو ته قبلا! ٻنهي حالتن ۾ الحمدلله چوڻ جو ڪهڙو سبب آهي. فرمايائون ته پهريائين ٻيڙي جي غرق ٿيڻ تي الحمدلله نه چيو هيم پر ڏٺم ٻيڙي ۾ غرق ٿيل سامان سبب دل خدا سان لڳل آهي يا پريشان ٿي وئي آهي. جڏهن ڏٺم ته دل جو تعلق اهو ئي آهي. تڏهن ان تي الحمدلله چيم. وري سلامتي واري خبر تي به هن حالت تي نظر ڪندي چيم الحمدلله. تارڪن (الله وارن) جي اها حالت آهي ۽ هيءُ ئي ترڪ دنيا آهي.

## معرفت 198:

### ماني جوئر جي هجي يا ڪڻڪ جي انهيءَ مالڪ الملڪ جي هٿ ۾ آهي

حضرت مولانا سيد تاج محمود امروٽي روايت ڪئي ته هڪ ڏينهن جوئر جي ماني موڪليائون دل ۾ ڪاوڙ آئي. صبح جو ڪڻڪ جي ماني آندائون ۽ فرمايائون ته ماني جوئر جي هجي يا ڪڻڪ جي انهيءَ ملڪ الملڪ جي هٿ ۾ آهي. جوئر تو ڏانهن موڪليائين انهيءَ ۾ هدايت آهي. ڪڻڪ دولتمند ڏانهن گمراهي آهي. هن بندي کي ڪوبه اعتراض ڏيڻو آهي ڪاوڙ نه ڪر. شرمندو ٿيس دل ۾ چيم ته هن ڪانپوءِ توبهه آهي گهرڻ ۽

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

خيال ڪرڻ ڪان هيءُ حال ذڪر وڻڻ ڪان اڳ جو هو.

## معرفت 199:

## حضرت امروٽي حضرت جن جي شفقت ۽ مهرباني تي قربان ٿيندو رهندو هو

خليفي سيد تاج محمود امروٽي صاحب جو بيان آهي تہ مونکي 1301هجري ۾ پهريو ڀيرو حضرت جن جي خدمت اقدس ۾ حاضر ٿيڻ جو شرف حاصل ٿيو تہ مونکي هر وقت پنهنجي سامهون ويهاريندا هئا ۽ منجهند جو منهنجي حجري ۾ تشريف فرما ٿيندا هئا. هڪ ڏينهن منهنجن وڏن بابت پڇندا رهيا ۽ هيءُ بہ پڇيائون تہ توهان جا وڏا ڪهڙي طريقي ۾ بيعت هيا؟ مان عرض ڪيو تہ حضور! قادري سلسلي ۾. منهنجن وڏن مان هڪ بزرگ حضرت غوث الثقلين رح جو خليفو هيو. ان ڪان پوءِ منهنجي هڪ ڏاڏي ڪي خليفي مخدوم صاحب ڪان اجازت حاصل هئي. حضرت مالڪن رح ارشاد فرمايو تہ جنهن وقت مان پنهنجي مرشد حضرت جيلاني رح جي خدمت ۾ رهندو هيم ان وقت ات هڪ مجذوب فقير بہ ات رهندو هو. حضرت جيلاني ان ڪا پڇندا هئا تہ توهان جي وڏن جا ڪير پير هئا؟ هو چوندو هو تہ اسان جي مريدن ۾ تہ امروٽي سيد بہ شامل آهن.

حضرت جيلاني ان ڳالهہ تي مسڪرائيندا هئا. ان ڳالهہ تي منهنجي حضرت جن بہ مسڪرائي فرمايو تہ الحمدلله اسان جو تعلق بہ امروٽ وارن سان نڪري آيو. هيءُ فقير (حضرت امروٽي) حضرت جن جي ان انتهائي شفقت ۽ رحمت تي دل ۽ جان سان قربان ٿيندو رهندو هو.

## معرفت 200:

## ترڪ دنيا ڇا آهي؟ ۽ تارڪ دنيا ڪير آهي؟

خليفيؒ صاحب حضرت مولانا سيد تاج محمود امروٽي جو بيان

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

آهي ته هڪ ڀيري مان حضرت جن جي خدمت اقدس ۾ حاضر هئس ته مان حضرت جن کان پڇيو ته حضورا ترڪ دنيا ڇا آهي؟ ۽ تارڪ دنيا ڪير آهي؟ ان وقت حضرت جن ۽ مان اڪيلا هئاسين. پاڻ فرمايائون پٽ! ٻن ماڻهن حج ڪرڻ جو ارادو ڪيو ۽ پاڻ ۾ گڏجي سفر ڪرڻ جو پڪو پهه ڪري هلي پيا. شهر کان ٻاهر نڪتا ته. هڪ ٻئي کي چوڻ لڳو ته ٿوري دير ويهه ته مان ڇري ۽ سُئي ڪٽي اچان. ان جو سنگتي ان کي چوڻ لڳو ته تون سنگت ۽ سفر جو لائق نه آهين ۽ نه مان تو سان سفر ڪندس. ان ڇيوته ڇو؟ ان چيو ته الله ۽ سندس رسول صلي الله عليه وآله وسلم جي واٽ ۾ سفر توکي سوئي ۽ ڇري جي خيال توکي روڪي ڇڏيو آهي. تون اجان ڪچو آهين. ڪچي ماڻهون سان سنگت صحيح نه آهي. حالانڪ ان ڇري حج جي موقعي تي قرباني ۽ سُئي نماز لاءِ ڪپڙن سنبڻ لاءِ ڪٽڻ گهري هجي ته به طريقت ۾ هيءَ دنيا آهي. الله تبارڪ و تعاليٰ جيڪڏهن قرباني جي لاءِ جانور عطا فرمائيندو ته ڇري به ڏيندو. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن ڪپڙا ڏيندو ته سُئي به ڏيندو. پوءِ ترڪ هيءُ آهي ته دل ۾ دنيا جو خيال به نه اچي توڙيجو اهو خيال ڪنهن ديني نفعي جي لاءِ ڇو نه هجي؟ دل جو تعلق هر وقت خدا جي ذات سان هجي ۽ تارڪ اهو آهي جيڪو دنيا جي ڪنهن به شيءِ ۾ نفعي ۽ نقصان جي اميد نه رکي ۽ نه ئي اهڙو دل ۾ خيال آڻي.

## معرفت 201:

## سُجاڻ ان کي چئبو آهي

فقير محمد ابراهيمؒ جو چوڻ آهي ته هڪ ڀيري حضرت مالڪان رح حاجي خان مهر جي دعوت تي ويا. حاجي خان سواري جي لاءِ اٺ پيش ڪيا ته جيئن پاڻ روهڙي ۾ حضور صلي الله عليه وسلم جن جي وار مبارڪ جي زيارت ڪرن. حضرت جن سان ٻيا اٺ ماڻهو هئا. مان به انهن ۾ شامل

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

هيس. اسان سوار ٿي درگاه وار مبارڪ تي روهڙي ۾ پهتا سون. درگاهه ۾ هڪ نابينو ماڻهو ويٺو هيو. ان پڇا ڪئي ته اوهان ڪٿان آيا آهيو. حضرت جن جواب ڏنو ته خيرپور ڏهرڪي کان .ان نابيني چيو ته مان الله تعاليٰ کان دُعا گهرندو رهيو آهيان ته مون کي حضور صلي الله عليه وسلم جن جي زيارت نصيب ٿئي. الحمدلله مون کي زيارت نصيب ٿئي آهي. هاڻي مان الله تعاليٰ ۽ حضرت صلي الله عليه وسلم کان رات ڏينهن هيءَ دُعا گهران پيو ته پرچوندي شريف واري حافظ صاحب جي زيارت نصيب ٿئي. الله تعاليٰ منهنجي هيءَ به دُعا قبول فرمائي جو اوهان پاڻ آهيو. حضرت جن ان سان پاڪرپائي مليا ۽ اسان کي فرمائڻ لڳا ته سچاڻ ان کي چئبو آهي.

**معرفت 202:**

## غير شرعي رسمن کان نفرت

خليفه صاحب (حضرت مولانا سيد تاج محمود) امروٽ واري بيان ڪيو ته هڪ ڏينهن قبله عالم فقير عبدالرحيم مهر جي باري ۾ فرمايو ته ابتدائي دور ۾ عبدالرحيم اٺ ۽ پاڪڙا خريد ڪري آندا. اسان هن کي مار ڪڍي ته مسڪينن جو مال بيجا خرچ ڇو ڪيو اٿيئي؟ چيائين ته قبلا! ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن دعوت تي نابينن ۽ مريضن کي به ڪٽي هلبو آهي. ان لاءِ اٺ ۽ پاڪڙا ورتا اٿم. اتفاقن راڄنپوري مولوين چوايو ته اسان ڪنهن ڪم سان ويندا سون سو به پاڪڙا موڪليو. مولوي انهن پاڪڙن تي سوار ٿي حضرت موسيٰ نواب رحه جي ميلي تي با اهل و عيال ويا ۽ واپس . ني پاڪڙا واپس ڪيائون. فقير عبدالرحيم بئي پاڪڙا ڪٽي جهنگ ۾ وڃي ساڙي ڇڏيا. اها خبر مون کي پئي وري به فقير کي مار ڪڍيم چيم مانس ته اول خرچ ڪري وري ڇو ختم ڪيو؟ چيائين قبلا! مان خدا کي ياد ڪرڻ وارن لاءِ ورتا هئا. پر جڏهن غير حق جي راهه ۾ استعمال ٿيا نه پوءِ خيال ٿيو ته هاڻي ناس ڪرڻ گهرجن ڇو ته هي هاڻي خدا پرستن جي سواري جي هرگز لائق نه رهيا.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# حروفِ عقيدت

جڏهانڪو ٿيام ساجاهہ سپرين سين
تڏهانڪو تر جيترو وير نہ وسريام
اندرروح رهيام- سڄڻ اوطاقون ڪري

دين صدقِ دل سان خير خواهي جو نالو آهي. اهڙي خوب تر خير خواهي، دل آويز دليري، دل پذير دلداري روبحق رهبري جي نشابرنشاني مخزن مشهودِ الاهي، منبع جود لامتناهي، مفتاح حق اليقين، برجيس برج معرفت انوار هدايت اسرار عنايت مخدوم العارفين سيد الڪاملين حضرت حافظ الملت رح ۽ سندن ورثاءِ حقيقي جي اطوار زندگي ۽ طريقہ عمل ۾ نمايان نظر ايندي. خالقِ ڪائنات جل جلاله ۽ سرورِ ڪائناتﷺوٽ مقبول ۽ بهتر عبادت آهي. مظلوم جو فرياد ٻڌڻ، حاجتمندن جي حاجت روائي ڪرڻ، بيڪسن جو پرجهلو بڻجڻ، بلاشبه ابتدا ڪان اڄ تائين خانقاه عظيم، مينار صراطِ مستقيم درسگاهہ نورانيہ پرچوندي شريف جي هاديانِ لامثال جون زندگيون مذڪوره بالاقول جو عڪس جميل، منور مصداقِ لازوال دليل پيئي رهيون آهن.

صحبت شان خاڪ را اڪسير ڪرد
لطف شان در هردلِ تاثير ڪرد
سبز مي سازند چوبِ خشڪُ را
بوئِي مي بخشند رنگِ مسڪ را

هن برگزيده باڪمال منبع فيض و فضل خانواده حق نما جي اڄ بہ دلين تي حڪمراني نظر ايندي.

نہ حرفي ڪہ گيتي زيادش برد
نہ باران بشويد نہ بادش برد

سجاده نشين خانقاه عاليہ فخرالمشائخ قبله مخدومي پير عبدالخالق مدظله العالي جي قيادت ۽ رهنمائي ۾ درگاه ۽ جماعت تہ قرونِ اولي جي ياد تازي ڪرائي رهي آهي، پر سندن علم و ادب دوستي پڻ معراج ارتقا تي آهي. حافظ الملت رح اڪيڊميءَ جو قيام بہ سندن احسن اقدام منجهان هڪ آهي.

الا جُنگ جيئن جي اجهي گهاريان
شال مَ سُڪي ويئڙي جتان پيءُ پيئن
مرڪڻ اڪڙين تو ڏني مون سڪ ٿئي

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

سندن ڪاوشن ۽ ذوقِ دلربائي جي نمايان نتائج ۾ حضرت مالڪان رح جي پارسي ملفوظات شريف جو سنڌي ترجمو منظرِ شهود تي آيو آهي، جنهن ۾ معروف انڍڙ قبيلي جي مايه ناز عالم فاضل ۽ اعليٰ اديب ڪامل ڊاڪٽر عبدالوحيد صاحب ساڪن گلشن حماد رح تعلق پنوعاقل ضلعو سکر (حال حيدرآباد) جي محنت ۽ عرق ريزي جو عمل و دخل آهي.

حضرت پير صاحب دامت برڪاتهم جن جي فرمان جي بجاآوري ڪندي ڊاڪٽر صاحب موصوف هيءَ شهره آفاق خدمت سرانجام ڏيئي پاڻ کي دارين ۾ سرخرو ۽ عشاقِ پرچوندي شريف جي سهڻي سٽ جو ساٿاري ثابت ڪيو آهي.

مي نداني عشق و مستي از ڪجا است
اين شعاعِ آفتابِ مصطفيٰ هست
زنده تاسوز اودرجان تُست
اين نگه دار نده ايمانِ تست

ڊاڪٽر انڍڙ صاحب بنيادي طرح عالمن، عارفن ۽ صاحبِ ڪرامت اولياء الله خاندان جو هڪ منڍو ۽ ممتاز فرد آهي. سندن پيڙهين کان نسل درنسل هن متبرڪ گهراڻي ۾ ناميارا درويش، عالي مرتبت علماء معدن فيض مرشد ٿيندا اچن ٿا. اڄ به تر خواه پر ۾ هن خاندان جا ڪافي ارادتمند ۽ معتقد نظر ايندا. سندن ستين پيڙهي ۾ حضرت علامہ محمد حسن رحمة الله عليہ وڏو عالم، بزرگ، عارف ۽ اديب ٿي گذريو آهي ان جون ڪافي تصانيف هيون جنهن مان سندن هڪ تاليف خزينة الابرار (فقهي مسائل) (منظوم) 1267هه قديم قلمي ابوالحسن جي سنڌي ۾ مرجع فضل و فهم عارف بالله حضرت ميان عبدالحليم صاحب ادام الله فيضه (ڊاڪٽر صاحب جي والد محترم) وٽ موجود آهي.

ڊاڪٽر صاحب بذاتِ خود ڪنهن تعريف و تعارف جو محتاج نه آهي خداوند ڪريم ڪيس هر طرح اعليٰ صلاحيتن ۽ شاندار قابليتن سان نوازيو، سنواريو ۽ سينگاريو آهي.

سي پوڄارا پُرٿيا سمنڊ سيويوجن
آنداؤن عميق مان جوتي جواهرن
لڌاؤن لطيف چئي لائون مان لهرن
ڪانهي قيمت تن، ملهه مهانگو اُن جو

مخزنِ علم سان گڏ معروف اهلِ قلم، تقريباً پنجاهه ڪتابن جو مصنف، سنڌي، اردو، پارسي، انگريزي، عربي، پنجابي، سرائيڪي زبانن

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

۾ اعليٰ ادراڪ دانستگي ۽ دانشوري جو بحربي ڪنار، دوران تڪلم عربي انگريزي سندس مادري زبان پئي معلوم ٿيندي ڊاڪٽر صاحب ابتدائي طور آرمي ۾ رهيو. اُن بعد ايجوڪيشن سان منسلڪ رهندو اچي. هڪ اعليٰ منتظم، مدبر مدارالمهام طور چاتل سڃاتل هر اداري ۾ ڪامياب ڪامران نامور ۽ نمايان شخصيت، سدابهار، هر گاهه هر طرح خوش و خرم ڪلمڪ خندان فرحان انڊڙ قبيلي جي عيسائي پاڙي جو هي آدرشي انسان هن وقت حيدرآباد انسپيڪٽر ٽيچر ٽريننگ انسٽيٽيوشن سنڌ جي اعليٰ عهدي تي فائز آهي. هتي هي به واضح ڪجي ٿو ته عيساڻي انڊڙ پاڙو عالمن، عارفن ۽ درويشن جي ڪري نهايت معروف ۽ مشهور حيثيت رکي ٿو. درگاهه هاليجي شريف جو باني فاضلِ دوران حضرت علامہ ميان حماد الله هاليجوي پڻ هن پاڙي مان آهي. ياد رهي ته هاليجي شريف جي روحاني نسبت مجاهد اعظم تاج الاولياء حضرت تاج محمد امروٽي رح جي وساطت ۽ عنايت سان پڻ مرڪز فيض و فقر والا پرچوندي شريف سان آهي. آخر ۾ وري به دهرايان ٿو ته:-

مسند سجادگيءَ جي مور، بافيض مرشد حضرت پير عبدالخالق مدظله العالي جن جي انفرادي انتخاب ۽ عنايت مطابق انڊڙ قبيلي جي بي بدل عالم، دانشور استاذ ۽ بي مثال اديب اهلِ قلم ڊاڪٽر عبدالوحيد صاحب ملفوظاتِ مالڪان رح پارسي جو صاف سهڻو ۽ سگهڻ وارو سهڻو سنڌي ترجمو ترتيب ڏيئي پاڻ کي آفتاب عالم تاب جيان نشابر ۽ نمودار ڪيو آهي. خداوند ڪريم پنهنجي محبوب منڙي، ولهن جي وارث، ابوجهن جي آڌر، شفيع محشر، مختارِ بحروبر امام المرسلين سيد الثقلين صلي الله عليہ وسلم جي صدقي ڊاڪٽر عبدالوحيد صاحب کي جزائي خير، باصحت و سڪون زندگي عطا فرمائي آمين.

سڌر سين سنگت ڪري پرڪندين پياس
هند نہ سنڌ سياس پرين ڪيس پڌري

حرفِ دعا از قلم

**محمد حسن مشتاق انڊڙ**

مصنف تاريخ قبيلہ انڊڙ سنڌي، اردو
۽ تذڪره نواب الاولياء رح
رهنمائي راه تحقيقي قبيلہ انڊڙ

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# پاڳو ٽيون

# بيت

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

وڏيو هُئين تان ويهه اڻ وڏيو آهين تان واٽ تي
هيءُ تنين جو ڏيهه ڪاتي جن هٿ ۾

عاشق زهر پياڪ وهه پَسي وهسن گهٽو
ڪڙي ۽ قاتل جا هميشه هيراڪ
لڱين لنو لطيف چئي فنا ڪيا فراق
توڙي چڪنن چاڪ ته به آهه نه سَلين عام سين

سڄڻ ساوڻ مينهن جئن آگم ڪيو اچن
پاسي تن وسن جي سپ ڄماندر سڪيا

هَل هينئين سين هوت ڏي پيرين پنڌ وسار
قاصداٽي ڪار ڪيئن رسندين ڪيچ کي

ڪاڪل ڪني جا ڪفن تنهن ڪين ٿئي
منجهه شهادت سا لڌي ۽ لاڏ ڪري

ڪن تي ڪيچين ڪُچيو ڪُڇُ مَ تا ڪُڇن
اِشار ٿُون اُنِ جون سِڪو تا سمجهن
وٺان ويهي تن سُڻ ته سوز پرائين.

ڪن تي ڪيچين ڪڇيو ڪڇ مَ ڪڇائئون
رهي نرهه تي جيترو اُن وٽ آئون
وڏي وڏاؤن هو جو وڻ هئڻ جو

پاٽيهي ايندءُ هوت، تون پڻ ٿج اڳيري
متان چوي بلوچ ڪميني مان ڪين ٿيو
ڪلهي ڦاٽو ڪنجرو، مٽو اگهاڙو
منهنجو ڪجاڙو هاٽي هن پنيور ۾.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪڏهن ڳُلن در دوستن جا ڪڏهن طاقيون ڏين
ڪڏهن ڳُلن در دوستن جا ڪڏهن ڪوئيو نِين
ڪڏهن سڪان سڏ ڪي ڪڏهن ڳُجهه اندر ڳرهين
اهڙائي آهينِ صاحب منهنجا سپرين

ڪڏهن درڪشا دلبر جا، ڪڏهن پوريو ڏين
ڪڏهن وجان وجي نہ سگهان ڪڏهن سجڻ پاڻ سڏين
ڪڏهن ڪچن ڪينڪي ڪڏهن ٻاجهہ منجهان ٻولين
ڪڏهن قول ڪرين ڪڏهن حرف نہ سُجهي هيڪڙو

جان جان آهين اوطاقن ۾ تان ڪي ساٽن اور
ڏهہ ڏهہ ڀيرا ڏينهن ۾ پاڻُ متانئن گهور
وياجي هنگلور سي ڪرم ملنڍِ ڪاپڙي

نہ گندي نہ گودڙي نہ لانگوٽي لينگ
پونگا هنين پينگ، صآحب تنين سامهون

عين شرڪ ايءُ جيئن جي شرڪ پانئين پاڻ ڪي
وڃائي وجود ڪي پاٽان پاسي تيءُ
هَڏِهن ڪونهي هيءُ، هو پڻ ڪونهي هن ريءَ

اڪيون سيئي ڏار جن سين پسين پرينءَ ڪي
مُئي هاتي تي مامرو اچي ڪيو انڏن
مَناڙين هٿن سين، اڪئين ڪين پسن
في الحقيقت فيل ڪي سچا سڃاڻن
سندي سردارن، بصيرت بينا ڪري.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

سُرمون سياهي جو رَنن ڪي رهاءِ
ڪاني ڪارائي جي مڙس ٿي مَ پاءِ
اکين ۾ اٽڪاءِ لالائي لالن جي

سرمون سفيدي جو جُنبي پاتو جن
تڏهن ڏٺي تن اڄائي عالم جي

سرمون سرخي جو جڏهن پاتو جن
تڏهن ڏٺي تن رونق ريٽي جهڙي

لاسين لاٿائون توکي توڙائون
اڄا پڻ اورائون وارو وڃهين وچ ۾

دلبر منجهه درياءَ پکي پسي آئيا
منجهه ڪرنگر ڪاٺ جو متي پکن چاءُ
ويچارن وِيساه متي پکن آئيو

شريعت شهر سندون رهن حقيقي راڄ ۾
ڪفر ۽ اسلام کان ٻاهر پير پَيون
اتي وَاهيرون جتي رات نه ڏينهن آ.

مٿيو منڌ هٽان پئي پَٽِ پٽون ٿيو
سڄو هو سيد چوي لهي لک سوا
ٻيگي پڇاڙا پَدمن کان پري ويو

پڙهين کان ٻيچ پري متان ڪائي وڄن تڙي ڪڙي

ٻلي ڪئي ٻنورن جو واس ونئُ آئيا

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

تنهين ڪي ڪنورن ڏنا هنڌ هِنئين ۾

ڪين هُئين ڪين ٿيءُ وجي ڪين ڪماءِ
لاڳاپا هن لوڪ جا لاسين سپ لُڙهاءِ
تنهان پوءِ سلنداٰ سچي ڳالهه پريان جي ڳُجهه جي

از عدم آمديم درعدم خواهيم ما
اين تماشائي جهان را مفت مي بينم ما

قوله قدس الله سره العزيز: المجاز قنطرة الحقيقة
مراد از مجاز تصور صورت عارف ڪامل هست نه
تصور صورت غيران

توکي توڙائون لاسين لاٽاون
اڄا پڻ آئون واريون وجهي وچ ۾

اگڻ اجيبن جي ڪتوٽي پيو گهار
ڪن ڪپي ڪين ڪُڇ ڪتن پارا پار
صبح ويندا شڪار ورتيون ويندءِ پاڻ سين

لااله وڏيا الا الله ڪيا اڏ
سي ڏر پسي سڌ اجل ڪي عجب ٿيو

اونهو ڏيهه الله جو اڳيئون ٻوليون سُڄ
ٻنڊڻ ڀائي ڪونڌ ڪو هر ڪو ڀائي جُڄ
ساڄي لنگهي سُڄ وَسُنوءِ ڪي ويجها ٿيا

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جن جو نہر نيهن سي اولي اورن پرسان
سہر سارو ڏينهن پٽر اورن پرسان

جهنگ سڙي لوٽ ٿيو پڳي چورن لِڳ
هڪ سڄڻ هيو سڪ گهوري گهرجي چاهيو

نامرادي جي نجهري پيهي پس الله
چٽو رباني راهہ مرادن مخفي ڪيو

پکي سي پسجن جنهين هڏ نہ ماه هي نہ سندن ڏيهہ
هت مسافر هنجڙا موتين پريون ڳچيون ڏسڻ آيا پرڏيهہ
ولر تنين جي ويهہ متان اڏامي وڃن اوچتو

جان ڪي اوطاقن ۾ تان ڪي ساٿن اور
سؤ سؤ پيرا ساعت ۾ ساهہ متائُون گهور
ويا جي هنگلور ڪرم ملنديءَ ڪاپڙي

هلن تان "هو" ويهن تہ وڄائن سنگيون
سامي متاهون وڄائي سنگيون واٽ ٿيا

زبانا زاري ڪرين دل نہ چوي الله
اهي اوري اوجهو رهيا روح نہ لڌو تنجي راهہ
انهيءَ ڪان متاهُ ڪا ڳجهي آهي ڳالهڙي

علم پڙهيوسين عربي نالو جنهن جو نيڪ
پڙهندي پڙهندي عمر گذري ڪونہ آيو ڪو سيڪ
جڏهن حرف پڙهيو سي هيڪ تنهن ورق سڀ وساريا

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

تڏي ڪوسي ڪاهه ناهي ويل ويهڻ جي
متان ٿئي اونداهه پيِر نه لهين پرين جو
وينا نه ٿي آهين هتان ڪالهه لڏي ويا.

مقولہ:- ناهي حاجت پڙهڻ پڙها وڻ دي سڪ رمز وجود وسارڻ دي

مقولہ:- العلم حجاب اڪبر هَذا عند الفقراء
العشق نار يحرق ماسوي المحبوب
العشق حجاب سوي المحبوب

مدار هن ڪلام جي سمجهڻ جو هر شخص جي فهم ۽ حال مطابق آهي. ٻيو اي ادا ميدان ۾ دم هڻڻ جي مجال نه آهي.

مقولہ: الله لا يفهم الا بالله

مقولہ: اسان لُٽ لٽي اسان لُٽ لُٽي اسان لڙدي چوڙيو
ڪفر ۽ اسلام ڏونهين

مقولہ: فقير تنهن کي چئجي جنهن سڀ ريءَ سري
گهر در وڃي ڪينڪي گهرؤن ڪين گهري
جيڪو ماني ڪاڻ مري سامي نه سڏجي تنهن کي

فقيري دور هي جيسي لمبي کجور هي
چڙهه جاوي تہ موجان ماڻي کري تہ چکنا چور هي

مقولہ: بقول حضرت علي رضہ عرفت ربي بربي

هنج هريو ٿي پير چرچني سال ٿيا
گنگ ويچارو ڪير جو رسي انهيءَ رموز کي

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ملڪ دنيا تن پرستان را حلال
ما غلام عشق ملڪ لا يزال

مذهب و ملت عشق الاِهي
تقوي طاعت زهد خرابي

توڙي پني لڳي سارو جڳ تہ پي چا ٿيو
حج پڙهين توڙي طاعت ڪرين ساري شب تہ پي چا ٿيو
جيتر نہ پوي من ۾ محبت رب۔ پوي توڙي سڀ تہ بہ چا ٿيو

مقولہ: ڪوڙ ماتا ڪوڙ پتا ڪوڙ ڪل سنسار
ڪوڙ سونا ڪوڙ رپا ڪوڙ پهرڻ هار
ڪوڙ ڪوڙيان نيهن لايءِ وسرڳيءِ ڪلتار
جنهان نال لاوان دل هي جڳ چلن هار

مقولہ: مکڻ ڏجي ماڪرن ڪُتي ڏجي ڪوڙن
بُسريون ڏجن تن کي جيڪي تعويذ لکن
رڀ نہ ڏجي تن کي جيڪي رب گهرن
سک ۾ سيد چوي مر تہ سڏکي ساهہ ڏين

پنيوران ٻئي ٽوڪ هن پرنجَن پاڻ سين
ماس ڏجي کي ماٺهوئين هينئون ڏجي کي هوت
پنيوران ٻئي ٽوڪ هن پر نِجَن پاڻ سين

ساسِڻ سارياؤن الف جنهن جي اڳ ۾
لا مقصود في الدرين ائين اُتائون
سَگِرُ سونائون ٿيا رسيلا رحمان سين


Scanned with CamScanner

سا سِٽ نہ سارين الف جنهن جي اڳ ۾
ناحق نهارين پنا ٻيا پرينءَ لئي

مقولہ: چيتو ڪري چري متان چني ڪني ڏاري؟
جواب: جتان چني ڪندا ڏاري اُتان گهري لٿم گهير
يعني: جنهن وقت مون ڪي وحدت مان ڪثرت ۾ آڻڻ گهريائون هيءَ بعينہ منهنجي مراد آهي چوتہ ڪثرت جي سوراخ مان وحدت جي باغيچي ۾ پهتوهيس وري موٽي ڪثرت مان وحدت ۾ وڃڻ گهران ٿو.
هي بيت ظاهري پير جيڪي فنا جي فنون ۽ علم کان خالي آهن تن لاءِ دوستانہ طور مالڪان رح خود فرمايو آهي.

پيري پري ڪيا شيخي وڏِن شڪ
جاڏي آهي حق تاڏي منهن نہ موڳن جو

پيري پري ڪيا زادائي ڪيا ضايع
انهن سندي ڳالهڙي هِت نہ هُتي آهِ

خلق خدا جي ملڻ مان هڪڙن هيڪڙائي ٻين ٻيائي

نڪي ويهہ پنيور ۾ نڪي هاڙهي هل
ڪوڙ ڳالهائج ڪينڪي سچ ساک مَ سَل
جانب ڪاڻ مَ جَلُ سک پيي مَ وساج سنئي

مارُنِ پکا پَنِ جا عُمَر ٿنيا چيلَ
پٽ پهريندس ڪينڪ آئي اباڻون اِيل
مِٺا ڏينديون سپ جيڏيون سرتيون سبيل
ڏُٽ پلو ڏيل جو زيب نہ مٺيان ذات جو


Scanned with CamScanner

آيون مينهون ميهار جو لُڙ لڳڻ تي لائي
ڪارا ڪانهن ڪنڌن تي پُورَنِ ۾ پائي
ميهر ملهائي مينهون آيون ياڻ تي

لڏي ويا لَڏ ڪٽي ڪاهي ڏڻ ڏنار
نڪا ٻيڪ ٻڪري جي نڪا تڙ متي تنوار
ويچارا پنهوار ڪنوڻن پاسي ڪٽي ويا

اوجهڙوَ تان آءُ ٻي سڳر ساري سات سان

ساتي ڏياڻءِ سنيهڙو ٻبر ۾ ٻتو
منهنجي ماروئڙن کي چوڻون چنڊ ڏنو
ڦلو چيٺ ڦٽو منهنجي مارن جو ملهير ۾

تون چوُ الله هڪ وائي ٻي مَ سک
سوئي لکيو لک سچو اکر مَنَ ۾

وحد تان ڪثرت ٿي ڪثرت وحدت ڪل
حق حقيقي هيڪڙو وائي ٻي مَ ٻُل
هو هلا چوهل يا الله سندو سڄڻين

تون چوُ وائي هيڪڙي ٻي وائي وساري ڇڏ
اُوتان توسين گڏ سڄڻ ساهه پساهه ۾

تون چوُ الله هيڪڙو ٻي وائي ڪُل وسار
تن ۾ تند تنوار سدا سپرين جي

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

پاٽيهي جل جلاله پاٽيهي جان جمال
پاٽيهي صورت پرين جي پاٽيهي حسن و ڪمال
پاٽيهي پير مريد ٿئي پاٽيهي پاڻ خيال
سڀ سپوئي حال منجهان ئي معلوم ٿئي

پاٽيهي ڏي سنيهڙا، پاٽيهي أو سلطان
پاٽيهي ڪر پاڻ لهي، پاڻ سجاڻي پاڻ

پاٽيهي پسي پاڻ کي پاٽيهي ايءُ محبوب
پاٽيهي خلقي خوب پاٽيهي محبت تن جو

سوهِي سوهُو سو اجل سو الله
سوپرين سو پساهه سو ويري سو واهرو

أيي عاشقن کي تي سُوري سڏ ڪري
جي أٿي سَڏ سگهڻ جي تہ کڻ مَ پير پري
سِسي ڌار ڌري کڄ پوءِ پريتڻو

اصل عاشقن جو سُوري آهه سينگار
مُڙڻ موٽڻ ميهڻو نظاري نروار
کُسڻ جو قرار اصل عاشقن کي

سوري چڙهڻ سيج پسڻ اي ڪم عاشقن
پانهُون ڪين پسن ساؤ هلن سامهون

اصل عاشقن جو سر نہ سانڍڻ ڪم
سر سِسِئان اگرو سندو دوسان دم
هي هڏو ۽ چم پڪَ پريان جي نہ پڙي

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

وڄن ويل سڀ ڪنهين رڳون ٿيون رباب
لُڇڻ ڪڇڻ نہ ٿئي جانب ريءِ جباب
سوئي سنڌيدم سپرين ڪَيَس جنهن ڪباب
سوئي عين عذاب سوئي راحت روح جي

سوئي راهہ رد ڪري سوئي رهنماءِ
وتعز من تشاء وتذل من تشاء

حبيبين هيڪار منجهان سڪ سڏ ڪيو
سو مون سڀ ڄمار اورڻ اهوئي ٿيو

سدا آهي سور جي واڍوڙن وائي
جيڪا آهين جان ٻرسلِن نہ سائي
اوڙڪ اهائي ڳولي لهن ڳالهڙي

پيالي پرين جي مون ڪي پُر ڪيو
ساقي اُن شراب مان پري ڏي ٻيو
تہ وتان مست ٿيو اڳيان دوست جي

صوفي سير سين ٻہ جئن رڳن ٻہ ساهہ
سا نہ ڪري ڳالهڙي جئن پويون پروڙي پساهہ
آهيس ايءُ گناهہ جي ڪا ڪري پڌري

صوفي چائين سَڏ ڪرين صوفين اي نہ صلاح
ڪاتي رک ڪُلاهہ وِجُهہ اُچلي آڳ ٻہ

جي ڪلاهہ رکين ڪنڌ تي تہ صوفي سالم ٿيءُ
وِهہ وَٽي هٿ ڪري پُر پيالوپيءُ
هنڌ تنين جو هيءُ جن حاصل ڪيو حال کي

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

صوفي صاف ڪيو ڏوئي ورق وجود جو
تهان پوءِ ٿيو جيئري پسڻ پرين جو

صوفيءَ لاڪوفي ڪونہ ياڻيس ڪير
منجهيان ئي منجهہ وڙهي پڏرناهس پير
جَنِين سالس ويرُ ٿئي تنين جو واهرو

فڪر ۾ فنا ٿيا ظاهر ۾ زاني
تن ڪي تسليم جي ڪڙهہ اندر ڪافي
حرف حقاني دور ڪيائون دل ۾

جن ڪي دور درد جو سبق سور پڙهن
فڪر ڦر هي هٽ ۾ ماٺ مطالع ڪن
پنو سو پڙهن جنهن ۾ پسن پرين ڪي

وسريو ۾ سبق پهرُ سِٽ نہ سنبران
ان مان هيءُ ورق هيءُ هيءُ مطالعو نہ ٿيو

عاشق عزازيل پيا مڙيئي سڌڙيا
منجهان سڪ سبيل لعنتي لال ٿيو

لوڪان نحو صرف مون مطالع سپرين
سوئي سو حرف پڙهيو پڙهان من ۾

تهڙا نہ چاليها چاليهہ جهڙو پسڻ پرين جو
ڪاتب ڪچاڙئا ڪري مٿي پنن پيهہ
جي ورقَ وارين وِيهہ تہ بہ اکر اهو ئي هيڪڙو

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مُلا مريئي ماءُ پتو قسنه بيٽ ۾
سجائي الله نبي ڏنئه ڏوڙ ۾

احد احمد پاڻ ۾ وچان ميم فرق
آهي مستغرق عالم انهيءَ ڳالهه ۾

سڪ نه آهي سُتري ڪڻ پروڙي پير
ڪسڻ ڏاران ڪير ڪري سَڌَ سڪڻ جي

جان عاشق مٿي ماسِ تان دعويٰ ڪري نيهن جي
ساؤ منهن سونهن ڳئي لڳن چڏيو لاس
اُپي پريان پاس مٿان سر سوداگري

جان درد نه تي دل ۾ ته سڪڻ ڪرَمَ سَڌَ
پئي پريان جي نه ٿئين اگڻ مٿي اڌ
اي تان ٿوري سڌ جو ڪليو. ڪايو. سمهين

سڪڻ سوري - ٻئي اڪر هيڪڙو
وهڻ واٽن وچ تي گهارڻ ضروري
ٻنهي جي پوري جيءَ ڏني نه جُڙي

عاشق معشوقن جو وني ويهج سِيرُ
اچي پڇندءِ پاڻيهي پرين پري پير
پلن سندو پير رهبر ٿيندءِ راهه ۾

عاشق معشوقن جو وني ويهه دڪان
پئج پيش پرين جي پني وجي پاڻ
ته تون تن ساڻ سدا هجين سرخرو

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

عاشق چَوَمَ ان کي مَ ڪي چؤ معشوق
خالق چؤ مَ خامَ تون نڪي چؤ مخلوق
سلج تنهن سلوڪ جو نا قصيان ئي نگيو

گِهري گهڙو هٿ ڪري چيلهه ٻڌي چوتو
منهنجو من ميهار کي پار وڃي پهتو
غوطي ۾ غوطو مون کي محب ميهار جو

گهڙي گهڙي هٿ ڪري سانگو چڙي ساهه
ويچاري وڏيون ڪيون دانهون منجهه درياهه
ٻرو ٻانهن چڙيو واءُ چڪي سپ واهه
مددري‌ءَ ميهار جي غرض سپ گناهه
نوري ڪر نگاهه تہ ساهڙ لنگهان سير مان

پاڻ مَ ڪڇج پاڻ سين واهون سپ وڄاءِ
محبت سين ميهار جي هيءُ هيءُ ڪجي ٿي هاءِ
ساهڙ تن جي لاءِ عشق جن کي آڪرو

پاڻ مَ ڪڇج پاڻ سين چڙ هينئين جا حيلا
سرهي رکج سوهڻي ساهڙجي سيلا
ويا جنهن وسيلا ميلو تنهن ميهار سين

هوت تنهنجي هنج پچين کوهه پئي
وفي انفسڪم افلا تبصرون سوجهي ڪر صحيح
ڪڏهن ڪانہ وئي هوت پچڻ ڪا هٿ تي

هوت تنهنجي هنج ۾ پچين کوهه پرياڻ
ونحن اقرب اليه من حبل الورید تنهنجو ئي تو ساڻ

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پنهنجو آهين پاڻ آڏو آريچن ڪي

ووڙيم سڀ وڻاڻ يار ڪارڻ جت جي
والله بکل شيءِ محيط اي آري جا اهڃاڻ
سڀ ۾ پنهون پاڻ ٻيو ناهه ٻروچ ري

جان پيهي ڏنم پاڻ ۾ ڪري روح رهاڻ
تہ نڪو ڏونگر ڏيهه ۾ نڪا ڪيچين ڪاڻ
پنهون ٿيس پاڻ سسئي تان سور ويا

وجين چو وڻڪار هت نہ ڳولين هوت ڪي
لُڪو ناهه لطيف چئي ٻاروچو ٻئي ٻار
سَتي ٻَڌُ سندرو پرت پنهون سين پار
نائي نيڻ نهار تو ۾ ديرو دوست جو

هيڪر هئڻ چڏ تہ اوڏي ٿئين اُميد ڪي
مارايت شيا الا رايت الله اجها اوڏنهن اڏ
تہ هوت توڪان هڏ پرين پراهون نہ ٿئي

قوله العشق نار تحريق ما سوي المحبوب
العشق حجاب بين العاشق والمعشوق

ستي ملن نہ سپرين ويني وَرَ نہ پسن
ساجن تن ڪي ملي جي مٺي رند رَوَن

ڪتو ڪر ٿي هڏيون جڏهن مرد جگر ڪاءِ
الدنيا جيفة طالبها ڪلاب اي هينئن سين لاءِ

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

قوله: من لا شيخ له فشيخ الشيطان
من يمشي بلا شيخ في الطريق كمن يمشي في البحر بلاسفينة

حقيقت هن حال جي - جي ظاهر ڪر يا ن ذري
لڳي ماٺ مرن کي رسي سور شبان
تاڪر ٽڪي ڪانه هوند جبل سپ جلي وڃي

چرخو آتڻ وچ مان وڃي آڻ ڪيم جنهن جي ڪاڻ
سو ڪو هيارو هلي ويو

امڙ منهنجي آسري ڀِهي ڪامَ پڃاءِ
ڏيئي لت چرخي پونڻيون پانهين پاءِ
ڪتيم جنهن جي لاءِ سوڪوهيارو ڪيچ ويو

امڙ منهنجي آسري پهچي ڪامَ پڃاءِ
ڏيئي ڪين ڪتاءِ مون کي نيهن نهوڙيو

سڪي مون سگ ڪيو لکي وچالوڪ
متان چڙي هوت بلوچ سُيسِ منجهه سرتيين

مونڻ تن ميهٽو سجڻ ڏنو جن
ايءُ مرڪ معذورين جي مَرن پريان جي پير تي

سجڻ ڏنو جن تن ڳچي سرگهه ڪيو
ڀيون ڪوهه پڇن قدر اُن ڪيميا جو

مرنا مرنا هرڪوئي ڪهي مري نہ ڄاڻي ڪوئي
ايک وار ايسا مرئيي جو ڦر نہ مرنا هوئي

دو دعوي ڇوڙ دي تہ هو وي خير ڪا خير
نہ ڪسي ڪي دوستي نہ ڪسي ڪا بير

دو دعوي ڇوڙ دي بن دعوي دن ڪاٽ
ڪتني سودي ڪر گئي اس پاساري ڪي هاٽ

ساڌ وملا تو برملا انتر نہ رهي نريک
رام دهائي سچ ڪهو ساڌو آپ انيک

ساڌو سڏائڻ ڪٺن هي مت ڪوئي ساڌو سڏاءِ
ساڌو تب سڏاءِ جب جيتا هي مرجائين

اچين جي هيڪار مون سارينديي سپرين
پيرين ڏريان پنبڻيون ٻيا وڇائيان وار
ساجن سپ ڄمار هوند گولي ٿي گذاريان

مون سارينديي سپرين اچين جي توڻ هاڻ
ڪريان روح رهاڻ هوند لکن منجهه لطيف چئي

آءُ سپ ڏينهن گهران سپرين ماڻهو گهرن مان
دنيا تنهن دوست تان فدا ڪيان في الحال
ڪيم نام نهال پسڻ تان پرين ٿيو

جڏهن ياد پوي صحبت سپرين جي
فريادون فرياد ناگهه وڃي نڪري

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

فاني ڙي فاني دنيا دم نہ هيڪڙو
لتي لوڙهہ لتن سين جوڙيندءِ جاني
حرف پڇندءِ هيڪڙو ظاهر زباني
ڪوڙ ۽ ڪاني آهي سِرِ سپ ڪنهين

راڻا رسڻ ڇڏ وار ڪر هر ڪاڪ تي
حب هينئين سين گڏ تہ وجن سور سنڌا ڪري

راڻو رات رسي ويو ماريس تنهن مذڪور
جانب جي جدائي جا پل پل پون پور
ويهڻ مون ڪي وهہ ٿيو وجان تي وهلور
اندر آگيون لائيون سوڍا تنهنجي سور
طعنا ڏيندِ تور آءُ تہ پرچون پاڻ ۾

راڻا تنهنجي راهہ ويني ريليان رو
دوست دلاسو تہ جاني جيڏو جوَ
راڻا سَؤ هَن سَو تہ پي ماڙ منهنجي مينڌرو

ويني نت نهاريان راڻا تنهنجو راهہ
موٽائي ماڳن ۾ آڻيندءِ الله
سوڍا توڳر ساهہ نہ تہ راڻا گهٽا هن راج ۾

جي ڄاڻئين جوڳي ٿيان تہ سڱ سيپئي ڇڏ
اوڏو تي الف ڪي من ميم سين گڏ
هتان لاهو تي لڏ تہ ڳر سيني ڳڏجين ڪاپڙي

جي ڄاڻئين جوڳي ٿيان تہ منهن رکي منجهہ مَرُ
تن ڳُڏي من حجرو ڪري ڳولهہ پنهنجو ڳر
در تي پورج در ڳولا ڪجي مَ ڳوٺ ۾

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

جي پانئين ٿيا تہ سگ سيئي چن
وجي در دوستن جي نانگا ڪيم نِنُ
پٽ تنين جي پن جنين ٻجهي ڪونہ ٻيو

جي پانئين جوڳي ٿيان تہ طمع ڇڏ تمام
گولا جي گولن جاتن جو ٿيءُ غلام
صبر جي شمشير سان ڪر ڪيني کي قتلام
تہ نانگا تنهنجو نام لک جي لاهوتين ۾

جي پانئين جوڳي ٿيان تہ تہ ترڪ طمع کي ڪر
وڃي وهم وجود جا ڏيان خاصو ڏر
تہ ڪنهن پهچي پرِ لڪجين لاهوتين ۾

مُونا طور سينا سندا ستاسين
سجدي ۾ سيد چوي گوڏا گودڙين
فڪان قاب قوسين او ادنيٰ نانگا ايئن نمِن
ڪل من عليها فان باقي ڪين بچن

الله ولي الذين آمنو يخرجهم من الظلمت الي النور اهڙي پر پرن
خر موسيٰ صعقا جوڳي جُنگ جلن
ما زاغ البصر وما طغي اهڙي روش رون
مشاهدو محبوب جو اتي آديسين
بي يبصرو بي يسمع بي وصال ويهن
بي يمشي بي ينطق اهڙي چال چلن
سيد چوي سندين ڪل پڇين تن کهڙي

مونا جن محراب جُسو جامع تن جو
قبلو خاص قلب ڪري تنجو ڪياؤن طواف

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

تحقيق تڪبير چئي جسمؤن ڪياؤن جواب
تن کهڙو ڏوهه ثواب هادي جني حال ٿيو

منهن محراب پرين جو جامع سڀ جهان
ڦرهي تان فرقان جي ڪاٺياؤن قرآن
اڏامي أت ويو عقل ۽ عرفان
سپوئي سبحان ڪيڏانهن ڪري نيتيان

پايو منهن مونن ۾ وينائي وهسن
جوڳي جاتا ڪن آيا الوهيت ۾

آيا الوهيت ۾ لاهوت لنگهيو جن
منجهان تن جن حرف نه سجي هيڪڙو

راهه شريعت هليا تفڪر طريقتون
حال حقيقت رسيا معرفت ماڳون
ناسوت ملڪوت جبروت اهي انعامون
پسي لاهوت لنگهيُون هاهوت متي هليا

وچينءَ وينا رهن سانجهي رهن سمهي
بک مرندي بکيا ڪنهن کان ڪين گهرن
پيٽ نه هيرياؤن پانهنجا چوري ساڻ چَسَن
ڦڪي فقيرن ماڳيان پني ماڻ جي

گسن سان گسي ڏيل ڪياؤن ڏٻرا
پيٽ نه هيرياؤن پانهنجا چوري ساڻ چسي
ويراڳن وسي رب سدائين روح ۾

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پوجا ڪر ۽ پاٺ ڪي سمجھ ڪي سامي
ٿي سور سين سنرو ويھ ۽ وسامي
خطرا ڇڏ خامي تہ نانگا رسين ناٿ کي

جوڳي ڪندا جُڳ ٻک وڏائون ٻگري
طلب نہ رکن طعام جي اوتيون پيئن اُڄ
لاهوتين لطيف چئي من ماري ڪيو مُڄ
سامي جهاڳي سڄ وسنؤ کي ويجھا ٿيا

نہ گندي نہ گبري نہ لانگوٺي لڪ
جيڏانهن پرين وڪ تيڏانهن صاحب سامهون

مرڻ مسلم جن واحدتن نہ وسري
مٿي سڳرڪاپڙي نانگا نند نہ ڪن
نيڻ سدائي تن اوجاڳي اُجاريا

راتيان رڻ چڻ رام ڏينهن ڪن سنان
جوڳي سي انان وٺيون جن وراهيون

دلق ڍڪائج دل کي لاهج ڪوڙ لباس
پوري ڪائج پانهنجو مڙهہ اندر ماس
تہ ويراڳي تو واس بر ۾ بوئيون موڪلي

جي ڀانئين جوڳي ٿيان تہ وڃائي ڇڏ وجود
محبت سندو مَنُ ۾ دکائج تون درد
الفت رک الک سين اندر ۾ افزود

وحدت جو وجود ۾ نانگا ڪر نمود
نفي ڪر تون نفس کي ذلت ڏيئي زود
ٿيءُ خفي خوشنود تہ نانگا رسين ناٿ کي

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

سامي چئجي اُن کي جو کھي سڳو پاءُ
ڏيئي طلاق جوءِ سمھي سو وٽ ماءُ
اُن پَرِ اُٿي آءُ تہ سچو سامي تون ٿئين

ڪيھي گام ڪاپڙي ٽا ڪيھي روش رَوَنِ
نڪا دل دوزخ ڏي نڪي بھشت گھرن
نڪو ڪم ڪفارسين نڪا مسلماني من
اُپا ايئن چوَن تہ پرين ڪجانءِ پانھنجو

چيتاري چونڊياس ڳالھيون سڀ ڪي سڄڻين
جو مقابل ٿياس تہ سڀ وڃنم وسري

ستا اُٿي جاڳ ننڊ نہ ڪجي ايتري
سلطاني سھاڳ ننڊون ڪندي نہ ملي

سمھوڪي جاڳو ننڊ نہ ڪجي ايتري
اي مانجھاندي جو ماڳ

چرخو پنھنجي چت ۾ پئي پينرو جن
توٽي ڪين ڪتن تہ بہ ڪانڌ اُن جو ڪو ڏيو

ٻن ٻيائي سپرين پاٽان مون کي پل
آءُ اوراھون جھل توکي رسي تون ڏٺي

توکي رسي تون ڏٺي سيوئي جمال
ڪونھي ٻيو خيال جي شارڪ شڪ وڃائيين

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

آءُ اوريان جهل چڏيم پاڻ پچار
شرڪ ساڻ ستار گهٽا گهاريم ڏينهڙا

عين شرڪ ايءُ جي بي شرڪ پاڻ کي
وڃائي وجود کي پاڻان پاسي ٿيءُ
هَڏِ هن ڪونهي هيءُ هو پڻ ڪونهي هن ريءَ

هو پڻ ڪونهي هن ريءَ هي نه هن ڪان ڏار
الانسان سري وانا سره پرور جي پچار
ڪندا ويا تنوار عالم عارف اهڙي

نڪا ابتدا عبد جي نڪا انتها
سي وڃڻ کي ويا جن سڄاتو سپرين
وڃي اُت پيا جت نهايت ناهه ڪا
العبد معبود تون اِت شرڪ نه ڪو شڪ

پچارون پرين جون محبتين مرڪ
سو سيوئي حق جنهن ۾ پسين پرينءَ کي

جان جان پسين اُن کي تان تان ناهه نماز
سڀ وڃائي ساز تهان پوءِ تڪبير چؤ

جان جان پسين پاڻ کي تان ناهه سجود
وڃائي وجود تهان پوءِ تڪبير چؤ

وِرد وظيفا وسريا نڪا رهي نماز
هينئڙو بحري باز چوري ڪيو چنبن ۾
سر نايو سجدا ڪرين تن راضي تو نه

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

هو جو مٺڪو من جو سنهي سوري سو نہ
ڪوڙا ٿيندءِ ڪونہ توکي ڏوتي فائدو

نابودي نيئي عبد کي اعليٰ ڪيو
مورت ۾ مخفي ٿيا - ت پڻ سيئي
ڪجي ات ڪيهي ڳالھ پريان ڳجھ جي

ڳالھ پريان جي ڳجھ جي ڳالھ مڙيائي ڳجھ
هينئڙا اُجھ نہ مُنجھ تہ پرينئون پري نہ ٿئين

سجا پي نہ صورت ريءَ صورت هَذَ مَ سوجھ
ٿي ٻاراٽي ٻوجھ وڃائي وجود کي

جن وڃايو وجود کي سي فاني ٿيا فِي اللّٰهِ
نہ تن قيام نہ قعدو نڪي ڪن سجود
جيلانھ ٿيا نابود تيلانھ رسيا بود کي

سو هِي سو هُو سو اجل سو الله
سو ٻرين سو پساھ سو ويري سو واهرو

وَسن ۾ وهسن ڏيهاڙي ڏسڻ لئي
جئن جئن پرين پسن تئن تئن نشانيهن جا

وسن ۾ وهسن ڏيهاڙي ڏسڻ ليءَ
ڏسي آئيون توءِ تلاشيون ڪن
ڊايون نہ ڊاپن پسڻ منجهان پرين جي

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ساھ سان سجاڳان پساھ سان پسان پرين
اھي ٻه ڳاڳان اڄي رهيا آهن روح ۾

اکين مون کي اوچتو اتي اڙايو
نيئي تت لڙايو جت ڪچڻ ٿئي ڪونه ڪو

حقيقت هن حال جي جي ظاهر ڪريان ذري
ته وڃڻ وڻ ٻري اوپڙ اُپري ڪينڪي

حقيقت هن حال جي جي ظاهر ڪري زبان
ته ٺاڪر ٽڪي ڪانه لڳي ماٺ مِڙن کي

سپ ڪا ڪا مَنُ منجهائي
طلب ۽ تحصيل سپ اوريائين آهي
من تن تت لائي جت آھ نه ناھ ڪا

جت آھ نه ناھ ڪا ايءُ خاڪي جو خيال
جانب جو جمال اڃا پسڻان ئي پري ٿيو

آهي نه ناهي ڪا ايءُ خاڪي خيال
خاڪي پرين جي پاڪي پسڻائي پري ٿيو

سڪ سڪائي سڪ سڪ نه آهي سٽري
لڪ لڪوڻي لڪ نه ڪرن کي خبر نه ٿئي

جي خبر ٿي ڪرن کي ته مون کي ڪندا ڪوھ
صورت سپرين جي ڏٺي ڪونهي ڏوھ
لوري لڳم لوھ جنهين رت رواريو

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ڪر جا ڪڏ ڪنئي پوڻ ڪارڻ پرينءَ جي
تنهن ۾ پاڻ پئي غيباٽو غار ٿيو

الله ڪر جيئن ڪر نہ مري هيڪڙو
اسان ۽ پرين جون اميدون پڇن
تهان پوءِ مرن سڙي انهيءَ سور ۾

الله ڪر جِيئن جي پاڙي رهن پرينءَ جي
پنيون مانءُ پسن أميدون سين سڄٽين

سڄڻ سنئيون ڪن لوڪان ليڪي ونگيون
سندي سپرين پر پروڙڻ ڏاڪڙو

جا پَرِ پرين جي سا سُئي نہ ٻڌي ستيون
سيپئي منجهن اهڙي ڏني قضئي

حوصلو حيرت ۾ ڪري ڪونہ دَرڪ
جو حسن سندو حق انڌو پروڙي ڪينڪي

ڪافي:منهن منجهه خليل اندر آذر آهين
سڌ مڪر صحت جي اجا تون عليل
نالو ناهه نفاق جو جتي رَب جليل
منهن ۾ مسلمان تون قلب تان قليل
والي جي وصال ۾ دوئي ناهه دليل
الا عبداللطيف چئي سچو رڪائج سيل

ترڪ ڪر ترڪ کي وڃڻ ڪنان وڃ
آهي اي‍ءَ اهنج سٽي سٽائج تون

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# حافظ الملت اڪيڊمي جا ڇپايل ڪتاب

- ملفوظات مالڪان يعني گنجينه عرفان ملفوظات مالڪان ترجمو
- جامِ عرفان (ملفوظات مالڪان جو اردو ترجمو)
- رسالو سلوڪ جو (سلوڪ الي الله جي مدراج تي حافظ الملت جي تصنيف ڪيل سنڌي زبان ۾ منظوم رسالو ۽ ان جي تشريح)
- عبادالرحمان (مشائخ پرچونڊي شريف جي احوال تي ٻهريون تذڪرو)
- نفحات الرحمان (احوال ۽ آثار مجاهد اسلام، ناصر تحريڪ پاڪستان، حضرت پير عبدالرحمان)
- پير عبدالرحيم شهيد رح (سندن زندگيءَ جا حالات، اصلاحي ۽ تبليغي ڪوششون ۽ تحريڪ پاڪستان ۾ سندن ڪردار جو جائزو)
- ذڪرِ ميلاد النبي ﷺ جون مقدس محفلون (عربي مان اردو ترجمو)
- تحفه مرسله (عربي مان اردو ترجمو، غوثِ اعظم جي مرشد جي تصنيف ٿيل رسالو)
- شمس الحقيقت والطريقت حافظ الملت (سنڌ يونيورسٽي کان منظور ٿيل پي ايچ ڊي جو مقالو)
- سيد حسن شاهه جيلاني، مرشد مالڪان جو احوال (اردو)
- تذڪره مشائخ پرچونڊي شريف (اردو) (زير اشاعت)
- رد رافضيت و شيعيت ۽ فرقہ باطلہ (زير اشاعت)
- برصغير جا مشهور مشائخ (1) مجدد طريقت حضرت السيد محمد راشد (2) حافظ الملت محمد صديق رح پرچونڊي شريف (زيراشاعت)

---


## حافظ الملت اڪيڊمي

خانقاه عاليہ قادريہ پرچونڊي شريف
ڏهرڪي ضلعو گهوٽڪي (سنڌ)
فون: 0723-641566 ,0723-641466



www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner